رهاڻ

ساليانو رسالو

2001-2002



راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

سنڌو سنسڪرتي شوڌ سنستا اجمير ۾ شروع ٿيڻ جون واڌايون

رهاڻ

2001-2002

مکيه سمپادڪ

ڊاڪٽر لعل ٿداڻي

سمپادڪيه منڊل

سندر آگناڻي

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

لڇمڻ يمياڻي

راجستان سنڌي اڪادمي

جي - 7، سياش مارگ، سي - اِسڪيم،

جئپور - 302001   فون ۽ فئڪس : 0141-381399

E-mail :rajsindhi@datainfosys.net

Website :www.sindhiacademy.com

हार्दिक स्वागत



राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर راجستان سنڌي اڪاڊمي

Alfa Computers & Prints, AJ. Ph.621032 (R)

Rajasthan Sindhi Academy, Jaipur

2001-2002

Jewels of the Academy

Dr. Lal Thadani
Chairman - Ajmer

Harish Bherwani
Vice-Chairman - Jodhpur

Deepchand Tanwani
Secretary -Jaipur

Laxman Purswani
Treasurer -Jaipur

Executive Committee
Dr. Kamla Goklani - Ajmer
Dr. Kishanchand - Tonk
Dr. Rajkumar Moolchandani -Jaipur
Dr. Neelam Raisinghani - Bikaner
Arjan Nathani - Kota

General Members
Smt. Ritu Advani-Udaipur
Sunder Agnani-Jaipur
Ghanshyam Mohta-Jaipur
Satish Bhatia-Jaipur
Sunder Khemani-Ajmer
Harish Varyani-Ajmer
Laxman Nainani-Kota
Suresh Hindustani-Bikaner

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

2001-2002

اڪادميءَ جا ناياب رتن

ڊاڪٽر لعل ٿداڻي
صدر - اجمير

هريش ڀيرواڻي
نايب صدر - جوڌپور

ديپچند تنواڻي
سيڪريٽري - جئپور

لڇمڻ پرسواڻي
خزانچي - جئپور

ڪاريہ ڪارڻي
ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي - اجمير
ڊاڪٽر ڪشنچند - ٽونڪ
ڊاڪٽر راجڪمار مولچنداڻي - جئپور
ڊاڪٽر نيلم رائسنگهاڻي - بيڪانير
ارجنداس ناٿاڻي - ڪوٽا

ساڌارڻ ميمبر
شريمتي رِتوُ آڏواڻي - اُديپور
سندر اگناڻي - جئپور
گنشيام موهتا - جئپور
ستيش ڀاٽيا - جئپور
سندر کيماڻي - اجمير
هريش ورياڻي - اجمير
لڇمڻ نئناڻي - ڪوٽا
سريش هندستاني - بيڪانير

RIHAAN

Yearly Lit. Magazine
Stories, Articles, Drama, Poems

رھاڻ

سالیانو ادبي رسالو
ڪھاڻیون، مضمون، ناٽڪ، رچنائون

March 2002

مارچ 2002

Copies 500

ڪاپیون 500

Published By :
Deepchand Tanwani
Secretary
Rajasthan Sindhi Academy
J-7, Subhash Marg, C-Scheme,
JAIPUR-302001
Ph. & Fax. 0141-381399
E-mail : rajsindhi@datainfosys.net
Website :www.sindhiacademy.com

پرڪاشڪ
دیپچند تنواڻي
سیڪریٽري
راجستان سنڌي اڪادمي،
جي - 7، سڀاش مارگ، سي - اِسڪیم،
جئپور - 302001
فون ۽ فئڪش: 0141-381399
E-mail :rajsindhi@datainfosys.net
Website :www.sindhiacademy.com

Printed By:
Bhagwan Raichandani
ALFA COMPUTERS & PRINTS
Sindhi Gali, Hathi Bhata,
AJMER-305001.
Ph. 0145-621032.

ڇپیندڙ:
ڀڳوان رائچنداڻي
اَلفا ڪمپیوٽرس اَئنڊ پرنٽس،
سنڌي گلي، ھاٿي ڀاٽا،
اَجمیر - 305001
فون 621032 (گھر)



دل جي صدارت.......

راجستان سنڌي اڪاڊميءَ جي هلندڙ سال ۾ ”ساليانو رسالو- رهاڻ“ توهانجي سامهون پيش ڪندي بيحد خوشي ٿي ٿئي. سمپادڪيہ منڊل پوري ايمانداريءَ سان ڀهرتين ۽ مشهور اُڀرندڙ ليکڪن ۽ شاعرن جون عمدا ڪهاڻيون، مضمون، ناٽڪ، رچنائون چونڊي پاٺڪن تائين پهچايون آهن. مان سمجهان ٿو تہ توهان پنهنجي راءِ کان اسانکي واقف ضرور ڪرائيندا.

هي سنڌ ڀومي !

عشق حقيقي جي شاعرن جي ڀولي

شاهہ، سچل، سامي، بيدل، ڪُتب، مُراد،

نولراءِ، هيرانند ۽ رشي ديارام جي ڀُومي.

انيوي سنتن جي سشڪت واڻي ساڌو واسواڻي جا مٺيان اکر اڄ بہ هرهڪ سنڌيءَ جي من کي ٽُونڊاري ڇڏيندا آهن. وشوَ جي پراچين ۽ مهانتم سروَگُڻي سمپن ڀرين سنسڪرتي جا ڏٽي سنڌي سماج اڄ پنهنجي منڙي ٻولي ۽ ڀاشا جي ٻچاوَ ۽ واڌاري لاءِ جيترو هنويندنشيل آهي اوترو گنڀير نٿي ڏسڻ ۾ اچي. ڪاريہ شيلتا ۽ واپار کي يهودي قوم وانگر وڏيڪ مهتوَ ڏيڻ وارو اسانجو سماج ڇا وري پنهنجو شانُ مانُ حاصل ڪري سگهندي؟ اِها سوچڻ ۽ ڏسڻ جهڙي ڳالھ آهي.

حالانڪ سنڌ کان وڇڙڻ جي پيڙا هنن 54 سالن ۾ ڪجهہ بہ گهٽ ڪونہ ٿي آهي. دنيا جي ڪابہ طاقت، لاهيون چاڙهين اسانجي هن ڪَسڪ کي گهٽ ڪونہ ٿي ڪري سگهي. آخر اسانجي رڳ رڳ ۾ ويدن کي سِرجن ڪرڻ وارن رشين مُنين جو رَتُ آهي. اهڙي مهان سنسڪرتي ۽ اونچي جاتي جڏهن پوري رنگ ۾ ايندي، پنهنجو هوش حواس سنڀاليندي ۽ پنهنجا پَرَ پکيڙيندي تہ اهڙو وراٽ سوَروُپ ڌارڻ ڪندي جو ديس ۽ دنيا کي ڀاوَن ڪري ڇڏيندي. اسين سنڌي جات پات ۽ سمپردايڪتا جي ڪنهن بہ جهڳڙي ۾ وير ڀاوَ سان پوري وشوَ بنڌتوَ ۽ مانوَ ڌرم کي پنهنجو مڃين ڪري پوري ايمانداريءَ سان جتي جتي وَسيا آهيون، پوري جي پوري سنڌ اُتي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پريم ڀائيچارو اسانجو سڀاءُ آهي تہ آدرش آهي سم ڀاوَ. ڪرم جنهنجي شڪتي ۽ شانتي جنهنجي ڀڳتي آهي، اهڙي مهان سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جا گڻ ۽ جهلڪ رهاڻ ۾ شامل رچنائن ۾ نظر ايندا.

هلندڙ سال 9 جولاءِ تي شروع ٿيو. اڪاڊميءَ کي ويب سائيٽ ۽ اِنٽرنيٽ سان جوڙي هڪ سپني کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي سافٽوير (فلاپي) بہ گهرائي آهي ۽ گرميءَ جي موڪلن ۾ سنڀاڳيہ اِستر تي ٽريننگ جي يوجنا آهي. مانَ وارو منتري سنڌين جو شتابدي پرش سدا حيات شري ڪشن موٽواڻي جي انمول يادين کي سنڌوُ سنسڪرتي شوڌ سنستا ذريعي اسانجيدلين ۾ هميشهہ رهي، اِها چاهنا رهندي. ساهتيہ نگري اجمير ۾ ”سنڌوُ سنسڪرتي شوڌ سنستا“ 10 مارچ 2002 کان شروع ٿي آهي. توهان سڀني کيروُن لهڻيون ۽ ايندڙ سال ڀاوي يوجنائن جي ڦلدائي يوجنا سان گڏوگڏ ٿئي. اِنهن ڪلپنائن ۽ آشائن سان گڏ توهانجي سهيوگ، پريم ۽ مارگ نرديشن جي ڪامنا ڪندي مان مانَ واري مکيہ منتري شري اشوڪ گهلوت جي ناري کي ساڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن کي آهوان ڪريان ٿو.

ٻجلي ٻچايو، پاڻي ٻچايو

سنڌي پڙهو ۽ ڳالهايو،

تڏهن پرديش اُجوَل ٿيندو، سنڌي ڦوُلندا ڦلندا.


سدائين گڏ.

ڊاڪٽر لعل ٿداڻي

صدر

راجستان سنڌي اڪاڊمي، جئپور

25-3-2002



1. साईं सतरामदास साहिब (सिन्धु)
2. भगत कंवरराम साहिब (सिन्धु)
3. भगत साधराम साहिब (सिन्धु-पाकिस्तान)
4. साधू टी. एल. वासवाणी (पूना)
5. दादा जशन वासवाणी (पूना)
6. स्वामी पुरसनाराम साहिब (हथुंगे वारा-सांभरलेक)
7. स्वामी परमानन्द साहिब (खार बम्बई)
8. स्वामी लीलाशाह जी महाराज (गांधीधाम)
9. स्वामी अद्वैतानन्द जी महाराज (पुष्कर रोड, अजमेर)
10. स्वामी माधवदास जी महाराज (खारी कुई, अजमेर)
11. स्वामी चेतनकृष्ण जी महाराज (खारी कुई, अजमेर)
12. स्वामी हिरदाराम जी महाराज (पुष्कर)
13. स्वामी मनोहरदास जी महाराज (आशा गंज, अजमेर)
14. स्वामी हंसराम जी महाराज (भीलवाड़ा)
15. स्वामी पंजूराम जी महाराज (कोटा)
16. स्वामी ब्रह्मानन्द जी शास्त्री (देहली गेट, अजमेर)
17. स्वामी बसन्तराम जी महाराज (देहली गेट, अजमेर)
18. स्वामी भगत प्रकाश जी महाराज (अमरापुर, जयपुर)
19. स्वामी हरिदास जी महाराज (अमरापुर, जयपुर)
20. स्वामी शान्ति प्रकाश जी महाराज (उल्हासगनर)
21. स्वामी सर्वानन्द साहिब (हरिद्वार)
22. स्वामी टेऊंराम साहिब (सिन्ध)

1. سائين سترامداس صاحب (سنڌ)
2. ڀڳت ڪنوررام صاحب (سنڌ)
3. سائين ساڌرام صاحب (سنڌ - پاڪستان)
4. ساڌوُ ٽي. ايل. واسواڻي (پونا)
5. دادا جشن واسواڻي (پونا)
6. سوامي پرسنارام صاحب(هٿونگي وارا-سانڀر ليڪ)
7. سوامي پرمانند صاحب (کار ممبئي)
8. سوامي ليلاشاه مهاراج (گانڌيڌام)
9. سوامي ادويتانند جي مهاراج (پشڪر روڊ، اجمير)
10. سوامي ماڌوداس جي مهاراج (کاري کئي، اجمير)
11. سوامي چيتن ڪرشن مهاراج (کاري کئي، اجمير)
12. سوامي هردارام جي مهاراج (پشڪر)
13. سوامي منوهرادس جي مهاراج (آشاگنج، اجمير)
14. سوامي هنسرام جي مهاراج (ڀيلواڙا)
15. سوامي پنجورام جي مهاراج (ڪوٽا)
16. سوامي برهمانند جي شاستري (دهلي گيٽ، اجيمر)
17. سوامي بسنترام جي مهاراج (دهلي گيٽ، اجيمر)
18. سوامي ڀڳت پرڪاش جي مهاراج (امراپور، جئپور)
19. سوامي هريداس جي مهاراج (امراپور، جئپور)
20. سوامي شانتي پرڪاش جي مهاراج (اُلهاس نگر)
21. سوامي سروانند صاحب (هرداوار)
22. سوامي ٽينئورام صاحب (سنڌ)

سنمان

راجستان سنڌو رتن | دادا سي. جي. جئسنگهاڻي، بيڪانير | -/21000، شال، سِمرتي چنهه ۽ سنمان پتر

جاري ڪتاب چٽاڀيٽي

سامي پرسڪار	شري لڇمڻ ڀمياڻي، جئپور	-/15000، سِمرتي چنهه
گوبند مالهي پرسڪار	شري ارجن ڪرپلاڻي، بياور	-/10000، سِمرتي چنهه
منگهارام ملڪاڻيپرسڪار	شري هريش ديوناڻي، جوڌپور	-/10000، سِمرتي چنهه
نارائڻ شيام پرسڪار	شري راڌاڪرشن لعلواڻي، اُدئپور	-/10000، سِمرتي چنهه
تيرٿ سڀاڻي پرسڪار	شري ڪشن رتناڻي، ڪوٽا	-/10000، سِمرتي چنهه
رام پنجواڻي پرسڪار	شري ڪنعيو اگناڻي ، جئپور	-/10000، سِمرتي چنهه
ساڌو هيرانند پرسڪار	شري هريش مينگهاڻي، جئپور	-/7000، سِمرتي چنهه

لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ

سنڌي ساهتيه گؤرو	شري سندر اگناڻي، جئپور	-/11000، سِمرتي چنهه
سنڌي سنگيت گؤرو	شريمتي ڪملا ڪيسواڻي، جئپور	-/11000، سِمرتي چنهه
اُڀرندڙ ساهتيڪار	ڪماري وينا پريدرشنا، ٽؤنڪ	-/5000، سِمرتي چنهه
اُڀرندڙ ناٽڪڪار	شري سريش هندستاني، بيڪانير	-/5000، سِمرتي چنهه
ڪشن موٽواڻي اُڀرندڙ سماج سيوي	شري موهن چيلاڻي، اجمير	-/5000، سِمرتي چنهه
ڪشن موٽواڻي اُڀرندڙ سماج سيوي	شري ڪشور جهامياڻي، اُدئپور	-/5000، سِمرتي چنهه

اکل ڀارتيه ڪهاڻي ليک چٽاڀيٽي

پهريون	شري ڪشن ٻجاج، اُدئپور	ڄامرو	-/1500 ، سِمرتي چنهه ۽ پتر
ٻيون	ڪماري وينس، ڪوٽا	بدلاو	-/1000 ، سِمرتي چنهه ۽ پتر
ٽيون	ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، احمدآباد	اڄان ٻه	-/750، سِمرتي چنهه ۽ پتر



1. सिन्धुपति राजा ड़ाहरसेन (सिन्ध)
2. शहीद हेमूं कालाणी (सिन्ध)
3. प्रोफेसर राम पंजवाणी गायक (मुम्बई)
4. मास्टर चन्द्र (मुम्बई) सुरनि जो ताजु
5. भगुवन्ती नावाणी (मुम्बई) कोकिला कंठ
6. बाबा गोबिन्ददास (हालाणी दरबार, अजमेर)
7. बाबा साधूराम (हालाणी दरबार, अजमेर)
8. किशन मोटवाणी (काबीना मंत्री राज., अजमेर)
9. हरि मोटवाणी (साहित्यकार, मुम्बई)
10. परसराम जिया (साहित्यकार, मुम्बई)
11. हशू आदुवाणी (साहित्यकार, मुम्बई)
12. बूलो सी. राम (साहित्यकार, मुम्बई)
13. प्रिन्सीपाल कुन्दनाणी (साहित्यकार, मुम्बई)
14. नारायण श्याम (साहित्यकार, मुम्बई)
15. गोबिन्द माल्ही (साहित्यकार, मुम्बई)
16. सामी (शाइर, सिन्ध)
17. सचल (शाइर, सिन्ध)
18. शाह (शाइर, सिन्ध)

1. سنڌوُپتي راجا ڏاهرسين (سنڌ)
2. شهيد هيمون ڪالاڻي (سنڌ)
3. پروفيسر رام پنجواڻي (ڳايڪ)
4. ماستر چندر (ڳايڪ) سُرن جو تاج
5. ڀڳونتي ناواڻي (ڳايڪ) ڪوڪلا ڪنٺ
6. بابا گوبندداس صاحب (هالاڻي دربار، اجمير)
7. بابا سادرام صاحب (هالاڻي دربار، اجمير)
8. ڪشن موٽواڻي (ڪابينيٽ منتري راڄ، اجمير)
9. هري موٽواڻي (ساهتيڪار، ممبئي)
10. پرسرام ضيا (ساهتيڪار، ممبئي)
11. هشون آڏواڻي (ساهتيڪار، ممبئي)
12. بلو سي. رام (ساهتيڪار، ممبئي)
13. پرنسيپال ڪندناڻي (ساهتيڪار، ممبئي)
14. نارائڻ شيام (ساهتيڪار، ممبئي)
15. گوبند مالهي (ساهتيڪار، ممبئي)
16. سامي (شاعر، سنڌ)
17. سچل (شاعر، سنڌ)
18. شاهه (شاعر، سنڌ)

کھاڻيون

اکل راجستان کھاڻي ليک چٽاپيٽي

پھريون	شري نندلعل پرسراماڻي	اڄ جو سچ	1000/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٻيون	شري ڪشن رتناڻي	وري وڃي نه هلي هٽن مان	750/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٽيون	شري ڪنعيو اگناڻي، جئپور	شاهوڪار ڪير	500/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٽيون	شري راڌاڪرشن لعلواڻي، اُديپور	اِخلاق جو ايجاءُ	500/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٽيون	ڪماري پونم معرفت نارائڻداس، اجمير	اصلي پٽ	500/-، سمرتي چنهه ۽ پتر

اکل ڀارتيه ايڪانڪي آليک چٽاپيٽي

پھريون	پروفيسرجي. ڪي. سٽپال، ممبئي	روزي روٽي	1500/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٻيون	شري هوندراج بلواڻي، احمدآباد	دارون	1000/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٽيون	شري سندر ٻلاڻي، ناگپور	وچين	750/-، سمرتي چنهه ۽ پتر

اکل راجستان ايڪانڪي آليک چٽاپيٽي

پھريون	شري ڪشن ٻجاج، اُديپور	وسيت	1000/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٻيون	شري سريش ٻبلاڻي، اجمير	ڇا مون ٺيڪ ڪيو	750/-، سمرتي چنهه ۽ پتر
ٽيون	شري گوبند ڪرمچنداڻي، جوڌپور	ڇڇوڙ	500/-، سمرتي چنهه ۽ پتر

جنم ڏِينُ

—— پورن لال ايم. ٿهلياڻي

گهر جي سڀني ڀاتين جو يڪراءِ فيصلو ٿيو تہ رام جو جنم ڏِينُ، هر سال هوٽل ۾ ملهائڻ بدران هن سال گهر ۾ ئي ملهايو وڃي.

وڏي هال کي خوب نئين ڪنوار وانگر گلن ۽ ڦلن، طرح طرح جي فرنيچر ۽ قيمتي غاليچن سان سجايو ويو. هال جي چئني پاسي ديوارين ۽ ڇت ۾ رنگين بجليءَ تي ٻرندڙ شمعدان ۽ بلبن جون ٽمڪندڙ جهالرون جڳ مڳائي رهيون هيون. هال ۾ گهڙڻ سان اِئين پئي لڳو ڄڻ اندر ديوتائن جو آکاڙو هيٺ زمين تي لهي آيو هو.

هرطرف کان اِستريون ۽ پرش طرح طرح جا رنگين چمڪندڙ پوشاڪون پائي آيون هيون جي بجليءَ جي تيز ۽ رنگين روشنيءَ تي وڌيڪ چمڪي رهيون هيون. اِئين پئي ڏسڻ آيو تہ پرين جي ديس کان پريون پنهنجي ديس کي الوداع ڪري ڌرتيءَ جي سونهن ۽ حسن پکيڙي رهيون هيون.

شراب جو دؤر چالو هو. بئنڊ وڄي رهي هئي. ان جي ڌُن تي رنگين ۽ چمڪندڙ ريشمي پوشاڪون پهريل رمڻيون ڏارين مردن سان پنهنجو هوش حواس وڃائي خوشيءَ سان مسڪرائيندي انهنجي ڇاتيءَ سان لڳي، ٻانهون ٻانهن ۾ وجهي ناچ ڪري رهيون هيون. هر طرف مستي ۽ موج جي لهر لڳي پيئي هئي. سڀ هن دنيا جي غم کان دور جهومي رهيا هئا.

رام بہ ڪڏهن ڪنهن رمڻيءَ سان ڪڏهن ڪنهن سُندريءَ سان سينو سيني سان ملائي، ٻانهہ جي گهري ۾ آڻي ناچ نچي رهيو هو ۽ ڀوئنري وانگر گلابي گلن جو واس وٺي رهيو هو ۽ اُنهن گلابي گلن جي رس وٺي رهيو هو ۽ چوُسي رهيو هو. خوشيءَ ۾ جهومي رهيو هو. لطف وٺي رهيو هو. ڇوڪين خوش ٿيندو؟ جڏهين ڪيئي نازنيون هنجي ٻانهن جي گهري ۾ اچڻ لاءِ آتر هيون. زندگيءَ جا اهڙا موقع بار بار ڪونہ ايندا آهن! اهڙي موج ۽ مستيءَ جي ماحول ۾ بہ رام جي نظر اوچتو ٻاهر ورانڊي ڏانهن ڇڪجي ويئي. هن کي اِئين محسوس ٿيو تہ ڪا اِندر جي آکاڙي جي اپسرا حسن جي حوُر هن ڌرتيءَ تي هن محفل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آئي آهي. هن جي سونهن اڳيان چندرمان بہ شرمائجي رهيو آهي. رام سوچيو، شايد شراب ۽ رمڻين جي خمار ۾ هوُ ڪو سپنو لهي رهيو آهي! هن پنهنجون اکيون مهٽي وري ٻاهر نظر ڊوڙائي. ڏٺائين ساڪيات سونهن جي ديوي

نالو : پورن لال ايم. ٿهلياڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ٢٤٩، ڊبل اِسٽوري، نيوُ راجيندر نگر، نئي دهلي.

ڪرڻ لڳو پر ننڊ نيڻن مان موڪلائي چڪي هئي. گوريءَ جو چهرو هر هر سندس اکين اڳيان ڦري رهيو هو. برهه جي باهه ۾ جلي رهيو هو. سوچڻ لڳو ته هاڻي ڪيئن منهنجو محبوب من ٺار مون کي ملندو، جنهنکي دل ڏيئي چڪو هو. نه رڳو دل ڏيئي چڪو هو پر وڪامي چڪو هو.

سوچيندي رات وهامي ويئي صبح ٿيو. ڀاري من سان اُٿيو ۽ دلبر جي ديدار ڪرڻ لاءِ نوڪر جي ڪوارٽر ڏانهن رخ رکي هلڻ لڳو. ان طرف هڪ ننڍو باغيچو هو. هوُ دلبر جي ديدار لاءِ بهانو ڪري اُتي ٽهلڻ لڳو، پر نظرون ڪوارٽر طرف هيون، جتي سندس دل رُبا هئي، پريتما هئي، مستاني چال واري محبوُبا هئي.

هوڏانهن گوري رام جي ٻانهن مان ڪِسڪي، ڀڄندي، سهڪندي، سڌو وڃي ڪوارٽر ۾ پنهنجي کٽ تي ڦان ٿي ڪِري پيئي. ڪابه ڳالهه مني ڪانه ٿي لڳس. من ڊانوانڊول ٿي ويو هو. سمجهي ڪانه ٿي سگهي ته ڪيس ڇا ٿيو هو؟ رام جي سپرش ڪرڻ مهل ازخود بجليءَ جي لهر سندس بدن تي گهمي ويئي هئي. ان جي ياد ايندي ئي سندس بدن ۾ گد گد ٿيڻ لڳي. شايد سندس دل جي مندر ۾ رام پرويش ڪري چڪو هو. ڪيس رام جون ڳالهيون هر هر ياد اچي رهيون هيون ۽ هنجو مشڪندڙ چهرو اکين اڳيان ڦري رهيو هو. وسارڻ جي ڪوشس سڀ وئرٿ ويئي. حقيقت اِها هئي ته رام هن جي دل جي مندر ۾ براجمان ٿي چڪو هو. اصل ۾ حقيقت اِهائي بي چئنيءَ جي هئي! نيڻن مان ننڊ غائب ٿي ويئي. محبت جي ميخ لڳي چڪي هئي. پيار جو سَلو اُپري چڪو هو. پر اِهو سوچيائين ته هنجو ۽ منهنجو ميل ناممڪن آهي! ڪٿي مان ٻانهي، ڪٿي مالڪ! ڪٿي گنگوُ تيلي، ڪٿي راجا ڀوڄ! پر پيار ته ذات پات، اونچ نيچ ڪونه ڏسندو آهي. سوچيندي ۽ پاسا ورائيندي رات وهامي صبوح ٿي ويو. اُٿڻ تي دل نه پئي لڳس پر مامي جي ڊپ کان اُٿي ڪڙي ٿي. ڪمري جي ڪليل دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي ته ڪيس باغ ۾ سامهون رام ڏسڻ ۾ آيو. ڏسي ٺڙي پيئي، باغ بهار ٿي ويئي، نظرون گڏيائي بيهي رهي.

ويرم ئي ڪانه گذري ته رام کي گوري دريءَ وٽ بيٺل نظر آئي. اکيون اکين سان مليون. يار جو ديدار ٿيو. من پرسن ٿيو جان ۾ جان آئي پر گوريءَ سان ملڻ لاءِ بيتاب هو. دل تڙڦي اُتي ملڻ لاءِ. اِشارو ڪيائين، گوري اِشارو سمجهي مامي وٽ آئي ۽ مامي کي چيائين ته ٻاهر ننڍو مالڪ سڏ ڪري رهيو آهي. اِئين چئي در کولي ٻاهر نڪري، رام جي اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪري اچي بيهي رهي. ڪا محل ته ٻئي چپ چاپ بيٺا رهيا.

آخر رام چپ چوري گوريءَ کي صاف چيو ته مان تنهنجو حسن، تنهنجي سونهن ڏسي حيران ٿي ويو آهيان! اهڙو حسن مون اڳ ڪٿي ڪونه ڏٺو آهي. مان تنهنجي حسن جو خريدار ٿي تو وٽ آيو آهيان، مان توکي دل ڏيئي چڪو آهيان. هاڻي مارڻ يا جيئارڻ تنهنجي وس آهي! مونکي پائڻ لاءِ ڪيترين ئي سُندريون واجهه وجهي رهيون آهن. منهنجي ٻانهن جي گهري ۾ اچڻ لاءِ آتر آهن، پر مان توکي ڪنهن به قيمت تي پائڻ لاءِ تيار آهيان. مان تو وٽ وڪامي چڪو آهيان. هاڻي تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟ آءٌ تنهنجي جواب لاءِ اِنتظار ڪندس ۽ اُميد تون اِنڪار ڪانه ڪندينءَ؟ نه ته منهنجي دل ٽُٽي پوندي. بي مؤت مري ويندس جدائيءَ ۾. گوري جواب ڏيڻ بدران زمين ۾ اکيون گڏيائي

برابر بيٺي آهي. ڪوبہ دوکو يا ڀرم نہ آهي. اکيون ڪوبہ دوکو ڪونہ کائي رهيون آهن.

رام بيتاب ٿيو ۽ چپ چاپ ٻاهر ٿين متل محفل جو مزو ڪرڪرو نہ ٿئي، نڪري آيو ۽ ان رمڻي جي ديدار لاءِ وڌندو ڙهيو.

هوڏانهن اها رمڻي پنهنجي حسن جي جهلڪ سان رام کي مست ڪندڙ پاڻ ڏانهن ويجهو ايندو ڏسي گهبرائجي ويئي. سوچڻ لڳي تہ هاڻي ڇا ڪري؟ ڀڄي بہ ڪانہ ٿي سگهي؟ رام بلڪل ويجهو آيو. هنجي حسن جو جلوو ڏسي، بيتاب ۽ حيران ٿي ويو. هن گهڻيون هلندڙ ٿي رمڻيون ڏٺيون هيون ۽ هن وقت هال ۾ بہ موجود هيون پر هن اهڙي سونهن اڳ ڪڏهن بہ ڪانہ ڏٺي هئي. پهرين ئي نظر ۾ هنکي گهايل ڪري ڇڏيو، مست ٿي ويو. سُڌ ٻُڌ وڃائي ويٺو. آخر پاڻ تي قابوُ پائي سندريءَ کان پڇيائين، ”تون ڪير آهين؟ هت ڪيئن ۽ ڪٿان آئي آهين؟ ڪهڙو تنهنجو نالو آهي؟“

رمڻي پنهنجي پر ۾ ڪنهن اجنبيءَ کي بيٺل ۽ سوال ڪندو ٻڌي ڏڪڻ لڳي. گهبراهٽ ۾ جواب نہ پيو اُڪليس. ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون زمين ۾ کپائي بيٺي رهي.

تڏهن رام جي ٻيو دفعو سوال ڪرڻ تي اُنکي هوش آيو ۽ ٻڌايائين تہ مان هن ڪوٺيءَ جي مالڪ جو نوڪر اُنجي مان ڀاٽيجي آهيان.منهنجو نالو گوري آهي. اِسڪول ۾ پڙهندي آهيان. موڪل هئڻ سبب پنهنجي مامي ڏرمونءَ وٽ گهمڻ آئي آهيان!

مونکي پنهنجي مامي مان خبر پيئي تہ سندس مالڪ جي پٽ جو جنم ڏينهن آهي. مون کي بہ حرص ٿيو تہ ڏسان تہ ڪهڙيءَ طرح شهرن ۾ جنم دن ملهائيندا آهن؟ جيئن تہ مان ڪوٺيءَ جي نوڪر جي ڀاٽيجي آهيان، اِنڪري مان اندر اچي ڪانہ ٿي سگهيس ۽ ٻاهران بيهي اندر جو نظارو ڏسي رهي هيس. مون کان برابر گناهہ ٿيو آهي. مونکي هت اچڻ نہ گهربو هو. مونکي معاف ڪريو. اِئين چئي روئڻ لڳي.

تڏهن رام هنکي دِلاسو ۽ دلداري ڏيندي چيو، ”ان ۾ گهبرائڻ يا رُئڻ جي ڪائي ڳالهہ ڪانہ آهي. تو ڪوبہ گناهہ ڪونہ ڪيو آهي. جنهن لاءِ تون ايترو ڇو پڇتائي رهي آهين وڏن کي بہ ڏسڻ جو حرص ٿيندو آهي. تون تہ اڃا ڪَچي ڪَلي آهين.

جيتوڻيڪ گوريءَ کي دلداري تہ ملي ان هوندي بہ هڪ دفعو ٻيو بخشائڻ لاءِ رام جي پيرن تي ڪِري پيئي. رام نئڙي. گوري کي ٻانهن کان پڪڙي اُٿاريو. سپرش ڪرڻ سان ٻنهي جي بدن ۾ بجليءَ جي لهر گهمي ويئي. رام اُٿارڻ مهل جيئن پانيون تہ گوريءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايان پر گوري بلڪل سجاڳ هئي. رام جي چال سمجهي ويئي ۽ پاڻ ڇڏائي ڀڄي ويئي. پنهنجي ادائن سان رام کي نہ رڳو ڏنگ هڻي ويئي پر هن جي چنگهن ۾ اهڙا تہ ونگ وجهي ويئي جو هوُ ڪا مهل تہ اُتي بت بڻيو بيٺو رهيو ۽ ٽڪٽڪي لڳائي گوريءَ کي ويندو ڏسي رهيو هو.

جڏهن گوري رام جي نظر کان اوجهل ٿي تڏهن من مان هڪ ساڏارڻ ڇوڪريءَ کان دل ڦرائي واپس هال ۾ آيو ۽ اچي محفل ۾ ٻي دليو شامل ٿيو.

جيئن تيئن محفل پوري ڪري رام گهر ۾ ڪنهن سان بہ ڳالهائڻ کانسواءِ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. بستري ۾ ليٽي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش

پڇندا هئا پر جواب اِهو ئي ملندو هو تہ مان بلڪل نوبنو آهيان. اوهان کي اجايو وهم آهي. پر انڪي من جي شانتي ڪانہ ۽ ڪٽي هئي. چنتا ۾ رهندا هئا.

خون جي ڪستوري ڪڏهن ڳجها رهي نٿا سگهن. رام جو گوريءَ سان پيار ۽ لڪي ڇپي ملڻ، مائٽن کي پتو لڳي چڪو. رام جو سڄو ڏينهن ڪمري ۾ بند رهڻ، نہ ڪنهن سان ڳالهائڻ، نہ ڪنهن سان ملڻ ۽ نہ پوري روٽي کائڻ جو اِهو ئي هڪ ڪارڻ هو تہ ڪنهن نموني هوُ گوريءَ کي پنهنجو بڻائڻ ۾ ڪامياب وڃي. مائٽن هن کي گهڻو ئي سمجهايو، حيلا هلايا پر سڀ بيڪار ويا هاڻي هو ڪليو گوريءَ سان ملندو رهندو هو. جڏهن مائٽن کي خبر پيئي تہ گوري پنهنجي ڳوٺ رواني ٿي چڪي آهي، تڏهن هوُ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سوچيائون تہ گوريءَ جي غير حاضريءَ ۾ رام پاڻيهي ٺيڪ ٿي ويندو. مائٽن جي چنتا گهٽ ٿي ۽ من جو بوجهہ ڪجهہ هلڪو ٿيو.

اِهو حالت پڻاندرن سوچي مائٽن ڪنهن سٺي ۽ خانداني گهر جي ڇوڪريءَ جي تلاش ڪندا رهيا. آخر اِها ڇوڪري ڏيان ۾ اچي ويئي. رام مائٽن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڇوڪري ڏٺي پر دل ڪانہ هِرڪي. ڀلا! دل ڪيئن هِرڪندي! جڏهن دل جي مندر ۾ اڳ ئي هڪ نازنين قبضو ڪري ويٺي هئي. رام صاف چوندو هون تہ هوُ شادي ڪندو تہ فقط گوريءَ سان ڪندو. ڀلي توهان ڪيتري بہ ڪوشش ڪندا رهو. پاڻي ولوڙڻ سان مکڻ ڪونہ نڪرندو. توهان اجايو پاڻ کي پريشان ڪري رهيا آهيو. اِن هوندي بہ مائٽن ڪوشش جاري رکي پر هروقت ناڪاميابي ملي.

آخر ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي مائٽن کي رام جي ضد اڳيان جهڪڻو پيو. رام مائٽن جي اِهو فيصلو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. مائٽن جو رام جي دکي حالت تي قياس آيو. رام هڪدم اُٿي ماءُ پيءُ جا پير ڇُهي آشيرواد ورتي. ماءُ پيءُ هن کي ڇڪي ڳلي سان لڳايو ۽ پٽ کي خوش ڏسي هنن جي اکين مان خوشيءَ جا آنسون وهڻ لڳا.

ڏرموُن نوڪر کي چٺي گوري ۽ سندس مائٽن کي گهرائي، رام جي شادي گوريءَ سان رچائي ويئي. رام خوش هو ! چونہ خوش ٿيندو، جنهن کي دل گهري راڻي، گهر جي سونهن ملي ويئي. رام کان تہ وڌيڪ گوريءَ جا مائٽ خوش هئا. هنن اِهو ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيو هوندو تہ هڪ ڏينهن گوري محل ۾ راڻي بڻجي راڄ ڪندي. اِنهن جا ڀاڳ کليا. گوريءَ ڪڏهن ڪونہ سوچيو هوندو تہ هڪ ڏينهن پاڻ هن محل ۾ جتي سندس مامو نوڪر آهي، اُتي هيءَ راڻي بڻجي ايندي.

ماءُ پيءُ رام کي خوش ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. سندن سڀ غم لهي ويا. پنهنجي نونهن جي سونهن ۽ گڻ ڏسي خوشيءَ ۾ نہ پيا سمائجن.

مائٽن کي تہ پنهنجي اولاد کي خوش ڏسي جيئڻو آهي، انهن جي خوشي اولاد جي خوشيءَ ۾ سمايل آهي.

مسڪرائڻ لڳي. شرم کان ڪجهه به چوڻ جي همٿ ڪانه ساري سگهي. رام هنجي هلت ۽ وهنوار مان پانهي ورتو ته نشانو بلڪل ٺيڪ لڳي چڪو آهي، ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي. رام خوش ٿيندو گوريءَ کان موڪلائي وري سانجهيءَ ٽاڻي ملڻ جو واعدو ڪري هليو ويو.

هوڏانهن گوري به خوش ٿي واپس گهر آئي. سوچڻ لڳي ته نشانو ته بلڪل ٺيڪ لڳو آهي. مان به هن کي چاهيان ٿي ته ڪنهن به نموني هنکي پايان. پر هن کي پائي سگهندس؟ ناممڪن! پر مان هاڻي چا ٿي ڪري سگهان! جڏهن منهنجي رڳ رڳ ۾ رام وسي ويو آهي. منهنجي من مندر ۾ رام جي مورتي براجمان ٿي چڪي آهي. مان پنهنجو پاڻ ارپڻ ڪري چڪي آهيان، وڪامي چڪي آهيان. هرڪ هاري ويني آهيان! هاڻي مونکي ڪنهنجي به پرواهه نه آهي، جڏهن منهنجو خريدار مونکي ڪنهن به صورت ۾ خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهي! خواهشمند آهي! سانجهيءَ جو رام سان ضرور ملڻ ويندس. واعدو ڪري آئي آهيان. پيرو نه پڇندس!

رام گهر اچي چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي ليٽي پيو. سوچڻ لڳو ته ڪڏهن شام ٿيندي جو وڃي گوريءَ سان ملندس. هن کي گوريءَ جي تار لڳي پيئي هئي. ڪا ڳالهه مني ڪانه ٿي لڳي. هر طرف ڪيس اونده انڌڪار نظر اچي رهيو هو. مائٽن ۽ يارن دوستن سان ڳالهائڻ ۽ ملڻ بند ٿي ويو. ”جنهن کي تار لڳي آهي يار جي، سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي“ کائڻ پيئڻ گوريءَ کانسواءِ سڀ کارا لڳڻ لڳا. روٽيءَ لاءِ سڏ ٿيندو هوس ته بي دليو وڃي به گره کائي واپس اچي پنهنجي ڪمري ۾ روڙ موڙ پيو رهندو هو. گهمڻ ڦرڻ سڀ بند ٿي ويو. سانجهيءَ ٿيندي ٿي هوُ گوريءَ سان ملڻ لاءِ تڙڦي اُٿيو ۽ واعدي موجب باغ ۾ پهچي ويو، جتي گوري اڳي ئي سندس اِنتظار ۾ اکيون پائي بيٺي هئي. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي گلاب جي گل وانگر ٽڙي پيا. پيار محبت جون رهاڻيون ٿينديون رهيون ۽ انڌيري ٿيڻ تي وري سڀاڻي هند ملڻ جو واعدو ڪري بي دليو جدا ٿيندا هئا، اِهو روز مره جو نيم ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح لڪ چوريءَ شام جو ملڻ ڪڏهن ڪين پلجندا هئا. ملندا هئا، پريم جي ساگر ۾ ٽبيون هڻڻ لاءِ. مطلب ته ٻئي هينئر پريم روڳ ۾ مبتلا هئا.

گوريءَ جي موڪل پوري ٿي. رام کي ٻڌايائين ته هاڻي مان پنهنجي ڳوٺ وڃي رهي آهيان، پنهنجي پريتم کان دور بلڪل دور. وري الائي ڪڏهن ملڻو ٿيندو. هاڻي مارڻ يا جيئارڻ تنهنجي هٿ ۾ آهي. مان تنهنجي چرنن جي داسي آهيان. جيئندس مرندس تو لاءِ. اِئين چئي هوءَ رام جي پيرن تي ڪري پريم جي آنسن سان رام جا پير ڌوئائين ۽ چيائين، ”دل رُبا تنهنجي شهر مان دل ڦُرائي ٿي وڃان. بي خطا خالي اجايو غم پرائي ٿي وڃان.“ تڏهن رام ڪيس خاطري ڏني، دلداري ڏني ته تون دلجاءِ ڪر. منهنجو توساني سنمن آهي ته مان توسان شادي ڪري توکي جلد هن ڪوٺيءَ جي مالڪڻ ضرور بڻائيندس. توسان اِهو اقرار آهي. آخر گوريءَ دکي دل سان موڪلائي جدا ٿي ۽ پنهنجي ڳوٺ رواني ٿي ويئي.

رام جا ماءُ پيءُ ڏاڍو پريشان هئا ته رام نڪو ٿو کائي نڪو ٿو پيئي ۽ نه ڪنهن سان ڳالهائي ٻولائي سڄو ڏينهن چپ چاپ ڪمري ۾ ويلو آهي. ڪهڙو سبب آهي ۽ ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ گهڻو ئي هن کان

ڪيائون پر جيئڻ تہ صفر لمبو هو. اجا پڻ پنج ڇهہ ڪلاڪ ٽرين ۾ ڪاٽڻا هئا، سو هنن ادين پڻ سوچيو تہ اِهو رهيل ٽائيم پاس ڪيئن ڪجي؟ اُن لاءِ هنن پاڻ ۾ سُسُ پُسُ ڪرڻ شروع ڪئي ۽ آخر ۾ هنن هڪ اسڪيم ڳولهي ڪڍي.

سو سائين اِن ٺاهيل يوجنا موجب هنن پنهنجو ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وارتالاپ ڪرڻ شروع ۽ پهرين پشپا پاروءَ کان پڇيو تہ تون دهليءَ ۾ ڪٿي رهندي آهين؟ تڏهن پاروءَ جواب ڏنس تہ مان دهليءَ ۾ لجپت نگر ۾ رهندي آهيان. تڏهن پشپا چيو تہ لجپت نگر ۾ تہ مان بہ رهندي آهيان، تڏهن وري پشپا پاروءَ کان پڇيو تہ ڀلا تون لجپت نگر ۾ ڪهڙي ڪالونيءَ ۾ رهندي آهين؟ تڏهن پاروءَ چيو تہ ڀيڻ مان لجپت نگر جي ديانند ڪالونيءَ ۾ رهندي آهيان ۽ ڳالهائڻ جو سلسلو اڳتي وڌندو ويو. اسان زال مڙس جو ڌيان هنن جي وارتالاپ تي ئي هو.

تڏهن هڪ دفعو وري پشپا پاروءَ کان پڇيو تہ ديانند ڪالونيءَ ۾ توهانجي بلڊنگ جو نالو ڪهڙو آهي. تڏهن وري پاروءَ چيس تہ ڀيڻ اسانجي بلڊنگ جو نالو آهي ”سائين بابا اپارٽمينٽ“ تڏهن وري پشپا وراڻيو تہ ڀيڻ آءٌ بہ تہ سائين بابا اپارمينٽ ۾ رهندي آهيان. تڏهن وري پشپا پاروءَ کان پڇيو تہ توهانجي فليٽ جو نمبر ڪهڙو آهي، جنهن تي پاروءَ جواب ڏنس تہ منهنجو فليٽ نمبر ۸۴۰ آهي، تڏهن وري پشپا چيس تہ ڀيڻ آءٌ بہ تہ ۸۴۰ نمبر واري فليٽ ۾ ئي رهندي آهيان.

بس ادا، جڏهن هنن ٻن دادين جي هيتري وارتالاپ ٿي ۽ ٻڌي، ٻڌي اسانکي بوريت وٺي ويئي ۽ مٿي ۾ سُور پئجي ويو. تڏهن منهنجي ساوتريءَ کان پڻ رهيو نہ ٿيو ۽ هنن ڏند شيڪي هنن ٻنهين کان پڇيو تہ مُيون مايون آهيو ڪي مسڇلا؟ توهان ٻنهي جو ڪو اِسڪرو تہ ڍلو ڪونہ ٿي ويو آهي يا آگري جي مينٽل هاسپيٽل (چرين جي اِسپتال) مان ڀاڄي ئي موڪل ملي اٿو جو چرين وانگر پيهون ڳالهايو. جڏهن توهين ٻئي زهو بہ دهليءَ ۾ ڪالوني ۽ فليٽ نمبر ئي توهان ٻنهي جو ساڳيو آهي تڏهن بہ هڪ ٻئي کي سڃاڻو ڪونہ ٿيون. اِها ڳالهہ تہ عجب ۽ اچرج جي پيئي لڳي.

تڏهن هنن ٻنهي ادين منهنجي سدوريءَ ساوتريءَ ڏانهن مُسڪرائي ۽ پنهنجا اڌ ڏند ٻاهر ڪڍي ڪِلي چيو تہ معاف ڪجان ڀيڻ تو تہ سچي واٽ پئي پنهنجي پيارن سان وندر ڪئي آهي پر اسان تہ وندر جو ڪو ساڌن پاڻ سان ڪنيو ئي ڪونهي. ويهي ويهي ۽ اوٻاسيون ڏيئي جڏهن ٿڪيوسين، تڏهن ٽائيم پاس ڪرڻ جي ڪا تجويز ڳولهي ڪڍيسون پر حقيقت اِها آهي اسان ٻئي سڳيون ڏيراڻيون آهيون ۽ ٻئي ساڳئي ئي گهر ۾ رهنديون آهيون.

بس اسان زال مڙس بہ ڪڻ ڪٽي پنهنجي مٿي تي هٿ هنيو ۽ چيو تہ واهہ ڀڳوان واهہ سچ پچ هنن دادين جي دماغ کي پڻ داد ڏيڻ گهرجي جن ٽائيم پاس ڪرڻ جو هيءُ نئون طريقو ڳولهي ڪڍيو آهي ۽ سچ پچ مزي جي ڳالهہ تہ اها ٿيندي تہ اسان سڀني کي ئي هنن ادين جي انوکي يوجنا جو عمل ڪرڻ گهرجي ۽ جيئن تہ چوندا آهن تہ هينگ لڳي نہ ڦٽ ڪري ۽ رنگ چوکا وانگر پنهنجي لمبي صفر ڪاٽڻ لاءِ نہ تہ ڪو گهر واريءَ کي وٺي وڃڻ جا ياڙا پنا خرچجن ۽ نہ ئي ڪو ڪتاب يا مئگزن جو خرچ ڪجي، فقط پيو پاسي واري سان اجايو سڃاڻپ جي لٻار هڻجي ۽ مفت ۾ ريل جو ٽائيم پاس ٿي ويندو.

ٽائيم پاس

— موتيرام ٽي. رامچنداڻي


عام طرح اِئين ٿيندو آهي تہ ڪيترا ماڻهو پنهنجي ريل گاڏيءَ يا بس جي لمبي سفر کي پار ڪرڻ لاءِ ۽ ٽائيم پاس ڪرڻ جي خيال کان پنهنجي گهر واريءَ کي بہ پاڻ سان کڻندا آهن، جيئن سني طرح صفر ڪٽجي وڃي، پر جيڪڏهن ڪائي سياڻي پنهنجي پورينڊي جهڙي ٻتار سان وڃڻ جي موڊ ۾ نہ هجي ۽ منٿن ڪرڻ سان نہ مڃي ۽ اجائي اِٽ هٽي بيهي رهي تہ پوءِ بہ چار مئگزنون، هڪ بہ ڪهاڻين جو ڪتاب يا پنج سو پنجونجاه (٥٥٥) نمبر جي تاس يعني پتو پاڻ سان کڻندا آهن.

سو سائين ٿيو اِئين جو ڪجهہ وقت پهرين مان بہ پنهنجي سدوريءَ سان ساهري دهليءَ وڃي رهيو هوس. تڏهن اسانجي سامهون واريءَ سيٽ تي نئين عمر جون بہ جوانڙيون اچي وينيون پر هُو پاڻ ۾ چا لڳنديون هيون، اُن جي خبر پئجي نہ سگهي ۽ هنن ويچارين پاڻ سان گڏ وندر يا ٽائيم پاس ڪرڻ جو ڪو ساڌن پاڻ سان ڪونہ کنيو هو.

سو ادا مون تہ پئي پنهنجي ساوتريءَ سان وندريس ۽ اسانجو تمام سٺي نموني ۾ پئيّ صفر ڪٽيو ۽ ٽائيم پاس ٿيو ۽ هونءَ جو مونکي پنهنجين مشغولين ۽ ڪم ڪارين وچان پنهنجي سدوريءَ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڪو ٽائيم ئي ڪونہ ملندو هو سو تون سياڻيءَ لاءِ تہ هيءُ ريل جو ڏهو ڄڻ تہ ڪو جنت جو جهاز بڻجي ۽ ڪيترن سالن جي ڪسر پوري ڪري ڇڏي ۽ مٿان وري اِئين پڻ چيائين تہ سائين اڳلي سال وري بہ دهليءَ هلنداسون.

جيئن چوندا آهن تہ خيريءَ لڏو چسڪو، هلو ڪلهوڪي پند.'' وانگر هن مائيءَ جي بہ ڄڻ ڪا ڏات پوري پيئي ههڙي سُهاڻي صفر تي! پر هن ويچاريءَ کي اِها خبر ڪانہ هئي تہ هن هڪ هفتي جي مسافريءَ (ٽوئر) لاءِ مون دوست ديارام کان پورا پنج هزار روپيا اُڌارا ورتا آهن ۽ ٻئي سال وري تڏهن وڃي سگهنداسون، جڏهن ديارام کي وري هي پئسا پوري ٽائيم تي موٽائي سگهنداسون نہ تہ آئينده جي اُميد هميشهہ جي لاءِ هلي ويندي.

سو ادا اِهو تہ ٿيو اسانجي صفر جو حال احوال. هاڻي يعني انهن اسانجي وينڊ دادين تي اچون تہ هنن ويچارين پڻ پهرين تہ هرهڪ اِسٽيشن تي پئي پڪوڙا کاڌا ۽ پيپسيون پيتيون ۽ سڄو ڏينهن پئي پاسا ورايا ۽ سڄي رات سمهي پئي ڪونگرا هنيا ۽ صبح جو بہ جڏهن ٻئي چٽيو ننڊ مان اُٿيون تڏهن بہ منهن ڌوئي چانهہ ڪافي پيتئون ۽ ناستو پاڻي



نالو : موتيرام ٽي. رامچنداڻي
جنم : ٩-٥-١٩٣٢ ڳاڻ - ميرپور خاص - ٿرپارڪر
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٦
انعام :
پيشو : ليکڪ ۽ شاعر
پتو : ١/١٤، اي وارڊ، نيو بنگلو ايريا، سهجپور بوگا، احمدآباد

واريءَ ''ڪرسيءَ'' تي هڪ سفيد ساڙهيءَ ۾ ڪا زال اچي ويٺي آهي، مون مشڪي هن ڏانهن نهاريو موٽ ۾ هن به مشڪي چيو توهان کي اڪيلو ويٺو ڏسي توهان کي ڪمپني ڏيڻ لاءِ آئي آهيان. مون جواب ۾ چيو ته ڀلي آيا هڪ ڪان ٻه ته ڀارهن. اسان هڪ ٻئي کي نالو ٻڌايو. هن جو نالو هو موتان ڪنوار پيءُ هن جو مامو هو، هن ٻڌايو. مون چيو هن کي لڳي ٿو ته توهان جو مامو دل ۽ دولت جو ڏٺي آهي، موتان جواب ڏنو دل ته خبر نه آهي پر دولت ته خوب اٿس جو ڏسو پيرن هيٺان لتاڙيندو ٿو رهي. هن سامهون اِشارو ڪيو ماڻهون ٿالهيون ڀري ڪاڏو ڪٽي ٿي ويا سو ڪنهن نه ڪنهن جي ٽڪر لڳڻ ڪارڻ پيليٽون هيٺ ٿي ڪِري پيئون. پليٽن جي ٽٽڻ ۽ ٺهڪن جا آواز ملي ٿي ويا. ماڻهن جا پيرن ۾ پيل بوٽ خراب ٿي سڄي هال کي خراب ڪري رهيا هئا. هن سيني کي خيال پنهنجي بوٽن ۽ سوٽن جو هو. اَنُ ديوتا جنهن کي پيرن هيٺان لتاريندا ٿي ويا اُنجو ڪنهن کي خيال نه هو. موتان جو آواز ڏنڻ ڏن پيرن هيٺان ڪيٺن پيو لتاڙجي. هوُ ڏس مامو اچي پيو مون وٽ. مون ڏنو ڪاري سوٽ ڪوٽ ۾ هڪ ماڻهو ڪجهه تريل ڇهريون نوڪر کان کڻائي اچي موتان جي پاسي ۾ ڪرسيءَ تي ويهي ڪري موتان کي چوڻ لڳو. دادي هن عمر ۾ به ايڏو غصو توهانکي سونهي ٿو ڇا؟ اُن ڏينهن ماڻهون موڪليم پوءِ به نه آيا. سوکڙي موڪليم سا به واپس ڪئي تو. ميهندي پارٽي، سنگيت پارٽي، منڊي تي به نه آيا. مون رپيا ڪڍي رکيا آهن، سپاٽي ڪٽي وڃجو. موتان آهستي چيو هاٽي رپين جي گهرج ڪانه اٿم. مون نانيءَ جون ڏنل چوڙيون وڪٽي ڏنيءَ جي ڏيءُ جي شادي ڪرائي آيس. سوکڙي واپس ڪئي جو منهنجو ڪير وينو آهي پنهنجو. توهانجي ڪم اچي ويندي. ماما روپيا تو نه ڏنا، اُنجو ڏُک نه آهي، ڏُک آهي تو آسري ۾ رکيو ۽ اُن زال جي بي عزتي ڪئي جنهن ڪڏهن تنهنجي در جو پاڻي به نه پيتو آهي. هوءَ تنهنجي به مائٽياڻي آهي اُن جو ٿورو نه ڌيان ڪرين ها.ايتري ۾ هڪ ماڻهو اچي مامي کي وٺي ويو. مهراج کي ڀيءُ جي ضرورت هئي. هن جي ويندي مون ڏٺو موتان جي اکين مان ڳوڙها نه چاهيندي به نڪري آيا.

مون رومال ڏيندي چيو موتان پنهنجا موتي نه ڳاڙهه. مون پنهنجو ڪارڊ ڏيئي چيو ته جي توکي ڪابه گهرج يا تڪليف هجي ته مون کي هڪ فون ڪج. اسين امير نه آهيون پوءِ به هڪ ٻئي کي گهرج وقت ڪم اچي سگهنداسين. ڀيڻ سمجهي چئي رهي آهيان. موتان مهرباني چئي ڪارڊ رکي رومال واپس ڪيو ۽ پنهنجي ساڙهيءَ سان اکيون اگهيون پوءِ پاڻيءَ ڍُڪُ پي چيائين، ادي مونکي ڪابه تڪليف نه آهي. هجي به ته اُن کي سهڻ جيتري طاقت اٿم. منهنجو مڙس وڏو آفيسر هو، اسان خوش هئاسين اولاد نه هوندي به. پر اچانڪ هن کي دل جي بيماري ٿي آپريشن ڪرايو سڀ ميڙيل پُونجي ختم ٿي ويئي، پوءِ به مان خوش هئس. جي آهي ته جهان آهي منهنجي دنيا منهنجو مڙس هو. پر قسمت ۾ ڪا ڪاڻ هئي. هيڏي ڏک مان به ٺيڪ ٿي ويو سال ڪانپوءِ معمولي بخار ۾ ويندو رهيو. هن جي پينشن ملندي آهي سٺو وقت پيو گذري. پر منهنجي سوٽ جو ڏٺي گذري ويو ٽي ٻار ڇڏي ويو ڌيءَ ۽ ٻه پٽ. ڪمائيندڙ مرد هليو ويو جوانيءَ ۾ پوءِ هن ڪنهن اڳيان هٿ نه ڦهلايو، هڪ ڪارخاني ۾ ڪم

لٽن هيٺان لٽاڙيل ڏن

—— رتنا ڪنيالال گوديا

هڪ دفعي ساهيڙيءَ جي منٿون ڪرڻ ڪاڻ هن جي پيڪن ۾ ڪنهن جي شاديءَ تي ويئي هوس. اندر ويندي ئي اِئين لڳو رات ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي يا اِئين چئجي تہ ڏينهن کان بہ وڌيڪ روشنيءَ ۾ هن پنهنجي ڪاري چهري کي ڏيکاري پاڻ کي ڪلڻ هاب نہ ٿي ڪرڻ چاهيو. هال جي ڪنڊن تي ۽ اندر وچڻ جي جاءِ تي ڦهارا لڳل هئا. جن مان عجيب خوشبوءِ اچي تن من کي تازو ٿي ڪيو، سڄو هال ۽ منڊپ گلاب جي گلن سان سينگاريل هو. جيڏانهن نهار گلاب ئي گلاب ٿي نظر آيا، لڳو ڪنهن گلاب جي گلن جي باغ ۾ اچي پهتي آهيان، ڪجهہ سڄاتل ساٿي اچي مليا جن جي هٿن ۾ وسڪيءَ جا گلاس هئا. مون کان حال احوال پڇي هڪ گلاس منهنجي هٿ ۾ ڏيئي چيئرس چئي گلاس ٽڪرائيندا اڳتي ويندا رهيا جو سيني کي هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ گلاس ٽڪرائڻ جو شونق هو. مان بہ گلاس کڻي هڪ خالي ڪنڊ ۾ اچي ويٺس. منهنجي ساهيڙي تہ منڊپ ۾ ئي ٻين سان ڳالهائڻ ۾ پوري هئي. مون دل ۾ سوچيو تہ گلاب سان گڏ ڪنڊا بہ هوندا آهن سي ڪيڏانهن ويا. اچانڪ نظر وچي بار تي پيئي ڪافي ماڻهو وسڪي پيئڻ لاءِ بيٺا هئا. ڪي اهڙا بہ ماڻهو ڏٺم جن جو گلاس خالي پئي ٿيو، يڪدم ٻيو کڻي اچي ٿي خالي ولي ڀريل ڏيئي ٿي ويا موٽ مو ڏنيواد ٻڌي خوش ٿي کِلندا ٿي ويا. پاٽيءَ جي جاءِ تي وسڪي پي پيتائون، اڄ ڏينهن اهڙو هو نہ پيئندڙن بہ وسڪي پي پيتي. منهنجي سامهون ڪجهہ ماڻهو ويٺا هئا، ڏهن ڏهن منٽن ۾ گلاس خالي ڪري پنهنجي دوستن کان شرط پئي کٽي. ڪي اهڙا بہ هئا، وسڪي اِئين پئي پيتائون چڻ سياٽي وسڪيءَ تي بندش آهي. منهنجي من چيو تہ اُهي ئي تہ ڪنڊا آهن جي گلاب کان الڳ ڪيا ويا آهن. مان ايڏو مگن ٿي ويس ڏسڻ ۾ تہ وسڪي ياد رهي نہ ڪو اچي پاسي کان ويٺو تہ بہ خبر نہ پيئي.

اچانڪ ڪنهن کلهي کي لوڏيندي چيو مُئي کهڙي دنيا پيئي وسين. گلاس بہ ڀريل جو ڀريل ئي پيو آهي. هوءَ منهنجي ساهيڙي هئي. اچان ٿي چئي هلي ويئي. تڏهن مون ڏٺو تہ منهنجي پاسي



نالو	:	رتنا ڪنيا لال گوديا
جنم	:	٢٨-٢-١٩٣٩ سکر
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٥
اِنعام	:	
پيشو	:	پنهنجو بزنيس
پتو	:	ڪلور سينٽر ١٥، ٥ مولادين روڊ، پونا.

مرد جو آواز هو، جنهن کان مون موتان جي باري ۾ پڇيو. هن روئيندڙ آواز ۾ چيو امڙ موتان ته وڃي پنهنجي مالڪ سان ملي اڄ ڇهه ڏينهن ٿيا. وڏيڪ هي ڳالهائي نه سگهيو. فون رکي ڪپڙا پائي ٽئڪسي ڪري اچي مهيم موتان جي گهر پهتس، موتان جي مورت تي تازي گلن جي مالا ڏسي يڪين ٿيو. مون نوڪر کان احوال ورتو ته هن چيو ته اٺ ڏينهن اڳ امڙ کي ڇاتيءَ ۾ اچي سور پيو. ڊاڪٽر آيو جنهن تڪڙ ۾ ايمبولينس گهرائي اِسپتال ۾ داخل ڪيو. ٻئي ڏينهن ٺيڪ ٿي لڳي مان گهر اچي سوپ ٿاهي کٽي ويس ته خبر پيئي ته امڙ اِئين مونکان موڪلائڻ بنا هلي ويئي. ڊاڪٽر چيو تنهنجي مائي لڪائي ويئي آهي ته منهنجو ڪير نه آهي. منهنجي مرڻ کانپوءِ جيئن وٽيو تيئن منهنجي لاش کي ڪجو. پر منهنجي ڪنهن به مائٽ کي نه ڏجو. مون خوب رُنو هٿ پير جوڙيا، نه نه هوءَ منهنجي ماءُ هئي. چاليهه سال مون هن جي شيوا ڪئي ۽ هن مون کي پٽ جو پيار ڏنو. ڊاڪٽر مون کي سڃاڻندو هو مالڪ جي وقت به مان اُتي هوس، سو مونکي اگني سنسڪار جو حق مليو جو مون پورو ڪيو. ڪالهه هن جو مامو آيو

هو، مونکي خوب ڌمڪايائين ته تو ڇو ڪونه اسانکي ٻڌايو. مون کيس چيو ته هن جهلي ڇڏيو هو ته ڪنهن کي به تڪليف نه ڏج. ها هيءُ امڙ جو سامان اٿوَ کڻي وڃو پلي. جاءِ مالڪ آيو هو، مون کيس سڀاڻي خالي ڪري ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. هوُ هليو ويو بنا ڪجهه چوڻ جي. مون کيس چيو تون کڻي وڃ سامان. هن ڪنن کي هٿ لائي چيو توبهه. ڪالهه مون ڳوٺ فون ڪيو ته مان اڇان پيو امڙ جون هاڏيون اتي اچي گنگا جي سيتل جل ۾ پروان ڪندس ته جوءِ چيو ته مان به هردوار اچان ٿي پر خبردار جي ڪجهه هتي کڻي آيو آهين. بس هڪ مورتي ۽ هن سان گذريل چالهن سالن جون يادون کڻي ويندس. ڪجهه به کڻي ماءُ جي رستي ناتي جو اپمان نه ڪندس. امڙ چاهيندي هئي غريبن کي. هي سڀ سامان آشرم وارا کڻي ويندا اڄ ۽ ايتري ۾ هڪ ٽرڪ آئي سامان کڻڻ لاءِ. مون اُتي نوڪر کي ڀاڪر پائي چيو ابا شال سڀ سُک ماڻين. موتان جي آتما اڄ ٺهڪ ڏيئي کلندي هوندي. هوءَ سيني کي پنيان ڇڏي وڃي سائينءَ سان ملي.

ملي ويس سو ٻارن کي پالي وڏو ڪيائين. ڏيءُ اچي ويهن سالن جي ٿيس ته چنتا ٿي ڪيائين ته هن جي ڪيئن شادي ٿيندي پئن جي ڪمائڻ تائين ته وهاري نه سگهندي. چوندا آهن پورن جو پڳوان. اچانڪ لنڊن مان منهنجي ساهيڙي لئي پٽ مڱائڻ. چيائين اسان ننڍپڻ جون ساهيڙيون آهيون تون ڏيءُ ڇڏين ها ته مان توکان گهران ها. موٽان، منهنجي سوٽ ڏنيءُ جي ڏيءُ جوان ٿي آهي. دولت کان سواءِ سڀ گڻ اُنس جي چاهين ته مان ڏيءُ ڪري پرٽائي ڏيان توکي. هن ڇوڪري ڏسي يڪدم ها ڪئي ۽ چيائين ته ڏن جي اسان کي ضرورت نه آهي. ڪورٽ ۾ شادي ڪري ڏي. پر شرط دهلي هلي، جو منهنجا سڀ مائٽ اُتي آهن. هوُ شاديءَ جو مهورت ڪڍائي هلي ويئي دهليءَ. ڪجهه نه پوءِ به گهٽ ۾ گهٽ دهلي وڃي منديءَ واري ڏينهن مندر ۾ ئي پارٽي ته رکبي، ڪجهه مون وٽ رپيا هئا. ڪجهه هن جي ماءُ ڪمپنيءَ مان ورتا. ڏهه هزار مامي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. هفتي ڪانپوءِ سوٽ کي وٺي هنجي گهر ويس ته چيائين توکي خبر نه آهي ڇا منهنجي ڏيءُ جي شادي به آهي ٻئي هفتي هيءُ ڏس ڪارڊ به ڇپجي آيا آهن. مون ڪيس چيو. وهندڙ سمنڊ مان هڪ ڦڙو ڪڍبو ته سمنڊ سُڪي نه ويندو. سپاٽي وچٿو آهي دهليءَ تنهنجي آسري تي هئاسين نه ته ڪو بندوبست ڪريون ها. هن جواب ڏنو هن وقت منهنجو سر نه کپايو مونکي ڪم آهي ۽ فون کڻي ڪنهن سان ڳالهائڻ لڳو. مون هنجي جوءِ کي چيو، جنهن مڙس ڏانهن اِشارو ڪيو. مون وري مامي کي چيو اُڌارا ڏي مان مرڻ کان اڳ موٽائي ڏيندس توکي. پوءِ هن ڪو جواب ڪونه ڏنو تنهن تي ڏني اُٿي مون کي چيو دادي منهنجي ڪري تون هن سخاوت جي ڏٽيءَ کان بيک پني پنهنجي بي عزتي نه ڪراءِ نه هوندو نه ڏينداسين. پل مائٽي ٽُلي پوي بنا ڪجهه ٻڌڻ جي اسان ٻاهر نڪتاسين ته پنيان هن جو نوڪر آيو چي سيٺ توهان کي ڪوٺي ٿو ۽ ڪارڊ ۽ چانديءَ جو گلاس ڏنائين. مون ڪارڊ وٺي گلاس موٽائي چيو سيٺ کي چئه اسان کي وقت نه آهي توسان ملڻ جو.

اُتان سڌو مان ويس سوناري وٽ ٻه چوڙا هئا منهنجي نانيءَ جي نشاني سي وڪڻي ٻارهان هزار وٺي ٻئي ڏينهن دهليءَ وڃي شادي ڪرائي آيس. مون مامي کي ايندي ايندي چيو ته ماما پنهنجو وقت وساري ويٺو آهين ڏني به ٻن پئن جي ماءُ آهي اڄ نه سڀان ڪمائيندا. ٿي سگهي توکان به وڌيڪ. جڏهن ڏني پئن کي اچوکي ڳالهه ٻڌائيندي اُن وقت توهان ڪيترا ننڍا ٿي ويندا ننڍن کان. مون هن کان پڇيو ڪٿي رهندا آيو ته چيائين مهيم. ته هلو مان رستي تي توهان کي لاهيندي ويندس. هيءَ پارٽي ته اڃان ختم ٿيڻ جي موڊ ۾ نه آهي. هاڻ ته اڃان نچڻ چالو ڪيو اٿائين، پوءِ ڪيڪ ڪٽيندا، اڃي چار ٿيندا هاڻ ٻارهان ٿيا آهن. موٽان اُٿي ڪڙي ٿي ٻارهان ٿي ويا. هلو. مون هن کي مهيم لاٿو گهر هيٺان. گهر پهچڻ ڪانپوءِ به ننڊ نه آئي. پوءِ ته وري ڪمن ۾ پوري ٿي ويسر اچانڪ ٻن مهنن ڪانپوءِ مونکي موٽان ياد آئي هنجي مائيٽي صورت. هن جا اڃا ڪپڙا، اڃا وار ۽ اڃي دل، هر وقت اڳيان اچي ٿي بيهي. سو فون کڻي هنجو نمبر گهمايو، ڪنهن

سوادي لڳندو هو. اڱڻ جي ٻئي پاسي ٨-١٠ داڪا
هيٺ ڪوهه هو.

امان ناني سهڻي سني ڪونج پري لڳندي هئي. هوءَ ناني ٺاڪورداس جي ٻي زال هئي. پر سڀني ٻارن جي ڏاڏي پياري هوندي هئي.

هڪ صبوح جي يادگيري اچيم ٿي. ان وراندي ۾ ڇپر ڪٽ تي مان ماسيءَ سان گڏ سمهي پيئي هئس. پرڀات جو مني هير ۾ جاڳڻ بدران جهوٽو اچي ويم. اوچتو ڪنن تي عجيب سنگيت جو پرلاءُ پيم. مان ستن - اٺن سالن جي مس هئس. اڌ ننڊاکڙي حالت ۾ اِهو سنگيت ڏاڍو آنند ڏيئي رهيو هو. اچانڪ مان اکيون کولي اُٿي کڙي ٿيس. واه ڇا ته نظارو هو. ناني وڏي شاهي گُڏ جي چاڏيءَ ۾ ڏڌ ولوڙي رهي هئي. جهنڊيءَ جي سهڻيءَ لکڙيءَ کي خاص ولوڙڻ جي رسي ويڙهي هوءَ ڏڌ ولوڙي رهي هئي ۽ ڇپن ۾ گُنگنائي رهي هئي. ڪو ڀڄن هو يا جپ صاحب هو. ناني جون ٻئي ٻانهون ولوڙڻ ۾ جيئن اڳيان پنيان هلي رهيون هيون. تيئن سندس نڪ ۾ پيل سهڻي نٿ جون ڳاڙهيون چُنيون ڇڻ نرتيه ڪري رهيون هيون! ڪاش مان جيڪر چترڪار هجان ها اِهو چتر چٽي توهانکي ڏيکاريان ! مونکي ڏسي چيائين ”ايشا پٽ وڃ گرڙي ڪري اچ ته تازو مکڻ کارايانءِ.“ بس هڪ منٽ ۾ ڊوڙندي منهن ڌوئي اچي حاضر ٿيس. ڏسان ته چاڏي کولي لسيءَ مٿان ترندڙ مکڻ کي هٿ تي نچائيندي گولي ٺاهي کٽي منهنجي وات ۾ وجهي چيائين ته ڳيهي وڃ ته آندو سٽيو ٿيندءُ. اهو صحت لاءِ سٺو آهي. آندو سٽيو ٿئي يا نه پر اِئين ٻه ٽي گولا کائڻ مونکي ڏاڍو وڻندا هئا. اڄ اهو الوٽو مکڻ سنڌ جي سواد وارو ڪٿي؟ نيرن تي وري تازي جوئر جي ڊوڊي مٿان اهو تازو مکڻ رکي کائيندا هئاسين ۽ مٿان کير يا لسي. چانهه مون سنڌ ۾ ڪڏهن ٻه نه پيتي. چانهه پيئڻ جي عادت مونکي هندستان ۾ خاص ڪري بي. اي. جو اِمتحان ڏيڻ وقت گهڻي پيئي. پونا ۾ ١٩٤٩ ۾ واڊيا ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهندي هيس تڏهن اِمتحانن لاءِ راتيون جاڳڻ لاءِ ساهيڙين چانهه ۽ ڪافيءَ جو نسخو ٻڌايو هو.

هڪ ڏينهن صبوح جو نيرن ڪانپوءِ ٻار ٻچا ننڍا وڏا ٻاهر ميدان ۾ گولين (چڊن) راند ڪري رهيا، ته ڪي وري اِتي ڏڪر وري راند. اِتي جو اُڏامي سا ڪٽڻ لاءِ مان ڊوڙندي اچي پهرئين وراندي ۾ پهتس ۽ اُتي ئي ٻيهي ويس. ڏٺم ته نانو وڏي آرسيءَ واري ڪبٽ مان نوٽ ڪڍي نانيءَ کي ڏيئي رهيو هو. ناني کي هاري ناري ديوان صاحب ڪري چوندا هئا. سو نانيءَ ٻه ڪيترا دفعا ناني کي مخاطب ٿي پيار وچان چوندي هئي ”ڪيئن ديوان خوش آهيو نه؟“ نانيءَ نوٽ ڳڻيندي چيس ” ديوان، سؤ ٻه پيو ٻه ڪپندو. گهر ۾ شادي آهي ۽ گهر ۾ نائي رهيا پيا آهن. هيڏو عيال آهي ته خرچ ته ضرور ٽيڻو ٿيندو. وقت وقت جي مهما آهي، مونکي تنهنجي اِها ڪنجوُسائي وڻي ئي ڪين. اِن ڳالهه تي ٻنهي ۾ ڪجهه ڏانڌل ٿيڻ لڳي. نانو پيو چوي، ”اڙي پهرين اِهي پيسا ته خرچ ڪر،پوءِ پيا وٺج.“ پر نانيءَ جو ضد ٻئي طرح.

بس شل نه زال ذات ضد تي چڙهي! ڪٽندي ئي سڀ پئسا چيائينس، ” ديوان صاحب هيءُ ڪڻ پنهنجا پئسا وڃي پاڻ خرچ پڪو هلاءِ، مان وڃا ٿي کوهه تي، اهڙي ڏانڌل ۾ کو جيئڻ آهي؟ اِهو ٻڌي نانو ڊڄي ويو. پر ناني منهن منهن ورائي اڳڻ ڏانهن هلڻ لڳي ته نانو واڪا ڪري پلئ ڏيئڻ کي ڪوشڻ

سِنڌڙيءَ جي هڪ ڙُنڌلي يادگيري

ـــــ ايشوري جوتواڻي

ٽي. وي. تي رُونا لئلا ڳائي رهي هئي-
سنڌڙيءَ جا - سيوهڻ دا
دما دم مست قلندر.

منڪور گيت ٻڌندي منهنجي اکيان مازيءَ جي مهراڻ اُٿلي پيو. بيشمار چوليون چلڻ لڳيون! يادگيرين روپي لهرن جو انت ئي ڪين هو. نيٺ ڪن لهرن کي پڪڙي ورتم. انهن مان هڪ ٻن کي ورقن تي اُتاري پانڪن اکيان پيش ڪريان ٿي.

سيوهڻ سنڌ جو اِتهاسڪ شهر تہ آهي. پر سيوهڻ منهنجو جنم اِستان آهي، سيوهڻ ۾ ئي مون دما دم مست قلندر، لعل شهباز جي درگاه جو درشن ڪيو تمام ڌنڌلي ياد اٿم تہ انيڪ فقير ڪارن ڪپڙن ۾ ڪجهہ 'هُو هُو' جهونگاري شايد بندگي ڪري رهيا هئا. دادوُ ضلعي جي سيوهڻ شهر ۾ منهنجا دادا (ديوان سڪرامداس وڪيل) رهندا هئا. سيوهڻ کان ٽن چئن ڪلاڪن جي مفاصلي تي ٽلٽيءَ جو ننڍو شهر هو، جتي منهنجو نانو ديوان ٽانورداس ٽهلراماڻي، مشهور ائڪٽر دليپ جي گهر وٽ وڏي ڪٽنب سميت رهندو هو.

× × ×

مامي جي شاديءَ جو شغل هو. بس ناناڻي گهر ۾ چڻ ننڍڙو لشڪر پهچي ويو. چار ماسيون تن جا ٻڌن کن ٻار ۽ چار ماسڙ سڀ خوش! ناناڻو گهر حويليءَ وانگر هو. منهنجو نانو ٽانورداس مختيارڪار هو. وٽس مسلم توڙي هندو هارين جي چڱي آوت جاوت هوندي هئي. نانو ٻاهر وڏي ورانڊي ۾ انهن سان گڏجندو هو. اندر بئنڪي ڪمري ۾ جتي زالون هيون اتي ڪين گهرائيندو هون. ورانڊي ڪانپوءِ در مان لنگهي گهر اندر وڃبو هو. جتي وري ٻيو ننڍو ورانڊو هو. کائڻ جي لاءِ ميز ڪرسيون بہ اُتي پيبون هونديون هيون. هڪ ڇپر کٽ تي وهڻ لاءِ پيئي هوندي هئي. ورانڊي کي جافريءَ جا دروازا هوندا هئا. ٻاهر وڏو شاهي اڱڻ هو، جتي چڱي طرح راند روند ڪري سگهبي هئي. ان اڱڻ ۾ هڪ پاسي ٣-٤ داڪا هيٺ ڳانين جو ننڍو وٿاڻ هوندو هو ۽ ٤-٥ ڳانيون، پلاريون متاريون ٻينيون هونديون هيون. ڳانين کي ڏوهڻ لاءِ مسڪينا مائي ايندي هئي صبوح جو ۽ وڏي چونٽري ڳانين جي تازي اڇي اڇي کير سان پري کٽي ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ان تازي کير جو گلاس اڌ مان پري پيئندي هيس ڏاڍو

نالو : ايشوري جوتواڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ١٢ بي، شانتي ڪنج، پوسٽ آفيس سامهون، پونا.

سؤداگر

— ڪشور پهوجا ”جيون“

هر جمعي تي بجلي بند هئڻ سبب ڪارخانا بند رهندا آهن. هونءَ ته مان سوير ئي اُٿندو آهيان پر اڄ ڪارخاني کولڻ جي اون ڪان آجو هئس، اِنڪري دير تائين اونگهيو پيو هوس. پر مونکي گهري ننڊ ڪونه هئي ۽ خيال آوارا پکين جيان ڊوڙي رهيا هئا. جنکي وس ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي به ڪري نٿي سگهيس. مونکي هڪ وقت اِئين لڳو ته ڪمري ۾ ڪال بيل وڳو. منهنجي شريمتي وڃي دروازو کوليو ۽ اُٿان ئي وڏي آواز ۾ ٻڌايو. ” اُٿو، ڏسو، اوهانجا ڪي دوست اوهان سان ملڻ آيا آهن!“ مان اکيون مهٽيندو بستري مان اُٿان ٿو. دروازي طرف تکڙو تکڙو وڃان ٿو. ڇئن پنجن شخصيتن کي ڏسي عجب لڳو ! پوءِ هڪدم پاڻ سنڀاليندي سندن آجيان ڪندي آڇ ٿو ڪريان، ”اچو... اچو... منهنجا وڏا ڀاڳ ! صبوح صبوح جو ڪيئن ڪشٽ ڪيو اٿو.“ سڀني جا چهرا گلن جيان ٽڙي پون ٿا، مان ڪين بئٺڪ ۾ وٺي ٿو اچان. مرحبا ڪندي پڇان ٿو- ”ٻڌايو، مان اوهانجي ڪهڙي ٿو سيوا ڪري سگهان؟“

راجاڻيءَ شروعات ڪئي- ”اسان سنڌين هاڻ چڱو ناڻو ڪمايو آهي ! پر ايڏو ناڻو ڪيڏانهن ڪبو؟ سنڌي سنتن موجب ڪجهه نه ڪجهه دان پڇ ڪرڻ ٿا چاهيون. اِن لاءِ هڪ الڳ سنستا ناهڻ جو ويچار آهي. اِن اُديشيه سان پهريائين اوهان وٽ آيا آهيون. جي شڀ آرنڀ ٿيو ته ضرور سڦلتا ملندي!“

”واهه .... اِهو ته اُتم ڪاريه آهي!“ مون چيو ”سچ پڇ ته ڪيترو ناڻو فضول پيو سڙي، تنهن کان بهتر آهي ته ڪنهن چڱي ڪاريه ۾ ڪم اچي.“

”اسانکي اِهو ٻڌي خوشي ٿي.“ راجاڻيءَ چيو ”پر اسانجو عرض آهي ته اهڙي سنستا جي رهبري اوهان ڪريو !“

منهنجي من ۾ ڪجهه شنڪا پيدا ٿي ”ڀائي دان پڇ ته سنڌي دانوير ڪندا رهندا آهن، پوءِ الڳ سنستا جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

هينئر راواڻيءَ چيو ته ”ضرورت آهي. ڏسو نه سيوا جي بهاني ڪيترين ئي سنستائون ٺهي پيون آهن. ڪين اسان پارن وٽان گهڻو ڪجهه ملندو رهي ٿو. پر خبر ناهي ته دان جو پئسو ضرورتمند جي هٿن ۾ پهچي ٿو يا نه؟“

راجاڻيءَ پڻ ترڪ ڏنو ”ڏسو نه، اسانجي سرڪار پڻ غريبن ۽ آديواسين لاءِ ڪيترو نه ڌن ڏيئي رهي آهي. پر سرڪار به دانهن پيئي ڪري ته ڌن جو ڏهون حصو به گهرجائن جي هٿن ۾ نٿو پهچي! تنهنڪري ئي....“

”ٺيڪ آهي، مان توهانجي ڳالهه سمجهي“ مون چيو ته ”دانويرن جي الڳ سنستا ناهڻ جو ويچار پڪو ٿي ويو.“ ٻئي ڏينهن تي پرمک اخبارن ۾ پڌرائي به

نالو : ڪشور پهوجا ”جيون“
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ٣٠٦، شاندار اپارٽمينٽ، سنڌونگر - ٢.

لڳو ۽ چوڻ لڳو اڙي ٻلي ماءُ ڪي ڪوہ وٽ وڃڻ کان روڪيو. ڪيس بچايو.“ مان نانيءَ جي پنيان پليان پئي ويس، پاڻ ڪي ڪو وڏو پهلوان سمجهندي پئي چيم تہ جي ناني ڪوہ ۾ ٽپو ڏيندي تہ مان سندس چولي کي پڪڙي بيهندس. ڇا تہ ننڍڙي وِٽ تي ڀروسو هوم. ناني ڪوہ واري پاسي کان وراڪو ڏيئي هيٺ ڳانين جي وڻن ۾ وڃي لِڪي ويئي. هوڏانهن ڪونجون ولي نانو تڪڙو تڪڙو چوندو پئي آيو ”اڙي ٻلي ماءُ هيءَ وٽڻجوڙيءَ جون ڇاپيون، ڀيلي جيترو خرچ ڪرڻو هجيئي اهو ڪر. ڀيلي ڪوہ ۾ ٽپو ڏيئي مون تي پاپ نہ چاڙهہ.“ ”اڙي ٻلي ماءُ مونکي اڪيلو نہ ڇڏي وڃجاءِ.“ بابا جي واڪي تي سڀ اچي گڏ ٿيا. پٽ ناني نوڙيون ڪٽي ڪوہ طرف وڌيا، ماسيون روئڻ لڳيون پر مان اچي بابا کي چمبڙيس ۽ خوش آواز ۾ چيم- ناني تہ وڻن ۾ ويئي آهي !

ناني سامت جو ساهہ کڻندي مونکي ڪٽي هنج ڪنئيو. مامو ٻلو ڀڳو وڻن ڏي، سندس پنيان سڄو راڄ هو. ٻلو نانيءَ کي ڀاڪر پائي پاڻ سان گڏ ولي آيو. ڇا تہ فاتح مُرڪ هئي نانيءَ جي چهري تي.

شام جو وقت هو. سج لهي چڪو هو. چوگرد سنڇها جو سُرمائي سوجهرو سِرڪندو ڦهلجي رهيو هو. مون ڏٺو تہ بابا (نانو) ڪوہ طرف وڃي رهيو هو. مان ڏڪي ويس، ڪٿي نانيءَ بدران نانو ٿو ڪوہ ۾ ٽپو ڏئي. پر نانو ڏاڍي نهر سان ڪوہ جي بنهاري تي وڃي بيٺو. ڪلهي تي انگوڇو هئس ۽ هٿ ۾ اگربيتيون هئس، پاڻيءَ سان منهن ڌوئي اُگهيائين. پوءِ ڪوہ وٽ هٿ جوڙي اگربتيون ٻاري واس ڪندي ڪا پرارٿنا ڪري رهيو هو. مڇاڻ ورڻ ديوتا جل ديوتا جا شڪرانا مڃين رهيو هو جو ڪوہ سندس پياريءَ (نانيءَ) کي پاڻ ۾ سمائڻ نہ ڏنو هوا ايتري ۾ ڏٺم تہ ناني هٿ ۾ چانور وغيرہ اکو ڪٽي ڪوہ جي پناري وٽ بيٺل ناني کي ڏنا ۽ ٻنهي گڏجي اَکو وجهي ورڻ ديوتا جي آسيس ورتي. سنجها سِرڪندي ويئي ۽ نانو ناني هٿ هٿ ۾ ڏيئي داڪا چڙهي مٿي پڌري ۾ آيا تہ سڀني وڏن ۽ ٻارن وٺي تاڙيون وڄايون. مونکي ڏسي ڪٽي ڳراهٽري پاتائون مون ٻاراڻي نموني ۾ چيو، ”بابا توهين نانيءَ کي جام پئسا ڏيو. نہ تہ مان ڊڄيءَ کان پئسا وٺي اچان!“ اِهو ٻڌي ٻئي کلڻ لڳا خوب کلڻ لڳا ۽ مان بہ کلڻ ۽ نچڻ لڳس! اهڙي هئي منهنجي ناني.

نرتڪي

— هولارام هنس

در تي ٺڪ ٺڪ ٿي، هڪ دفعو، ٻيو دفعو، ٽيون دفعو. شايد ڪنهن داسيءَ جو اُن طرف ڌيان نه ويو. نرتڪيءَ پاڻ اُٿي در کوليو در تي هڪ نوجوان بيٺو هو. سادو لباس، پيشاني ڪشادي، اکين ۾ نرملتا، مک تي مُرڪ ۽ هڪ ٻالڪ جهڙي ابوجهائي، اِهو نوجوان پرديسي تي ڏٺو، چاڪاڻ جو نرتڪي پنهنجي نگر جي ننڍڙي وڏي کي سڃاڻندي هئي. نوجوان شانت چت اُڀو هو. نرتڪيءَ پڇيو. چئه نوجوان توکي ڇا کپي؟ نوجوان وراڻيو. مان ڪنهن ڪم جي تلاش ۾ آيو آهيان. نرتڪيءَ پڇيو: ڪهڙو ڪم ڄاڻين؟ نوجوان چيو: ڪوئي به ڪم ڪونه ڄاڻان! تنهن تي نرتڪيءَ چيو، آخر ڪجهه ته ڄاڻندو هوندين. جوان جواب ڏنو آءٌ پنهنجي دشمن جو به برو نه چاهيندو آهيان. نرتڪيءَ اواڪ رهجي ويئي. هوءَ سوچڻ لڳي.... حياتيءَ ۾ مون هيءُ پهريون شخص ڏٺو آهي، جو پنهنجي دشمن جو به ڀلو ٿو چاهي؟

نرتڪي : پڙهيل آهين؟

نوجوان : ها، توتي ڪهاڻي به لکي سگهان ٿو.

نرتڪي: ڪويتا ڪري سگهندين؟

نوجوان : نه.


نرتڪي: جيڪڏهن تون ڪويتا لکي سگهندو هجي ها ته منهنجي لاءِ ڏاڍو سٺو ڪارائتو ثابت ٿين ها. خئر.

نرتڪيءَ تاڙي وڄائي ته هڪ داسي اچي حاظر ٿي. اُن کي نرتڪيءَ آگيا ڪئي ته محل جي پٺيان جيڪي نوڪرن وارا ڪمرا آهن، انهن مان هڪ ۾ هن نوجوان جي رهڻ جو بندوبست ڪر. اِئين حڪم ڪري نوجوان ڏانهن مخاطب ٿي. نرتڪيءَ نوجوان کي چيو ! شام جو ملنداسين.

شام جو هڪ داسيءَ اچي نوجوان جو در کڙڪايو. نوجوان سمجهي ويو ته نرتڪيءَ جو سڏ آهي. هوُ اڳ ۾ ئي تيار هو. داسيءَ نوجوان کي وٺي اچي هڪ هال ۾ وهاريو. پنهنجين پنجن داسين سان گڏجي نرتڪي اچي پنهنجي اوچي آسڻ تي براجمان ٿي. نوجوان هيٺ فرش تي هڪ غاليچي تي ويٺو هو. نرتڪي مٿي پنهنجي آسڻ تي ويٺي هئي ۽ پنج داسيون نرتڪيءَ جي پٺيان بيٺيون هيون.

نرتڪي : اي پرديسي تون ڪهڙي ديس مان آيو آهين.

نوجوان : هن نگر کان لڳ ڀڳ ڀه ٽي سؤ ڪوه پري، سُڌير بن ۾ نرنجن نالي هڪ سنت جي، مان سيوا ٽهل ڪندو هوس.



نالو : هولارام هنس

جنم : ١٩٣٤-٦-١٥ قمبر لاڙڪاڻه سنڌ

ڇپيل ڪتاب : انگل ١٠

اِنعام : نئشنل اوارڊ ڪتاب تي، ادبي شيوائن لاءِ اوارڊ آر.جي.آڏواڻي ٽرسٽ پاران

پيشو :

پتو : ٣/٣، سرسوتي نگر، ٺاڻو (ايسٽ)

اچي ويئي. اِن سنستا جو پرمک مونکي ئي ٿاڦيو ويو.
هفتي اندر ڪاميٽي به ٺهي ويئي. اٽڪل لک سوا جمع
به ٿي ويو. مون مهني اندر هڪ عاليشان هوٽل ۾ دانويرن
جي گڏجاڻي رکي. سندن سک سويڌا جو سٺو بندوبست
ڪيو ويو. منهنجي سڏ تي اٽڪل سٺ ستر دانوير اچي
جمع ٿيا، جن اڳيان سنستا جا اُديش رکيا ويا. ڪيترن
کي لائيف ميمبر بڻايو ويو. بعد ۾ اِهو فيصلو ٿيو ته
گهرجائن تعليمي ادارن، ساهتيڪارن، ڌرمشالائن،
مندرن، وڌوائن وغيره وغيره کي مدد ڪرڻ لاءِ ڏهه لک
ڪٺا ڪيا وڃن. اُهي بئنڪ ۾ رکيا وڃن ۽ جيڪو وياج
ملي اُهو گهرجائن ۾ ورهايو وڃي. ميٽنگ سک سان ختم
ٿي. پر مان گهر پهتس ته مونکي فونن مٿان فون اچڻ
لڳا.ڪنهن سوال ڪيو ”سائين، توهان هيءَ نئين سنستا
ڪيئن ٺاهي آهي؟ توهانکي ڪهڙي خبر ته ڪهڙي
ڪيتر ۾ ڪهڙا ڏين ڏکي ۽ گهرجائون آهن؟“ مون
چيو ”برابر خبر ته ناهي، پر اِها ڄاڻ هٿ ڪبي،
توهان نشنچت رهو!“ ۽ چپ ٿي ويو ته ٻئي ڪنهن
ٽيليفون ڪيو، ”اوهان ته واپاري ۽ ڪارخانن جا
مالڪ آهيو، صرف ڌن ڪمائي ڄاڻو ۽ لٽائي ڄاڻو.
توهانکي غريبن جي ڏکن جي ڪهڙي خبر؟ اوهانکي
وقت ئي ڪٿي آهي؟ اوهانکي ڪن چاپلوسن ۽
خاصخلين جي سفارشن کي قبول ڪرڻو پوندو!“

مون چيو ” اوهان خيال نه ڪريو، پنهنجي نظر
به تيز آهي ته سمجهه به تِکي آهي. اهڙن نقلي ڇهري
تي چڙهيل نقابن کي لاهڻ لاءِ ئي ته سنستا ٺاهي آهي
!“ ۽ منهنجي ڇپن کي به ڇونو لڳي ويو.

هاڻ مٿان ٽيون ٽيليفون آيو - ”سائين ! اوهان
ڪهڙن جهنجٽن ۾ وڃي پيا آهيو؟ توهانکي نالو ڪيي؟
مانُ ڪيي؟ سنمانُ ڪيي؟ ته هن شهر ۾ هرڪنهن ڪيتر ۾
ڪيئي سنستائون موجود آهن ! منهنجي ته اوهانکي اِها
صلاح آهي ته ڪنهن به سنستا جا پرمک نه بڻجو. اوهانکي
پنهنجا ميمبر ئي سڀ کان وڌيڪ تنگ ڪندا. پنهنجن
يارن دوستن، مٽن مائٽن، سالن، مامن ۽ ٻين چاپلوسن
کي مالي مدد ڏيڻ لاءِ زور ڀريندا، اِنعام اِقرار ڏيڻ لاءِ
سفارشون ڪندا، پر اصلي گهرجائن کي مدد نه ملندي.“
مون چيو ”مان پوري خبرداريءَ کان ڪم وٺندس، جيئن
گهرجائن کي ئي مدد ملي!“

”سائين مون پنهنجو آزمودو اوهانکي ٻڌايو
اڳتي مالڪ آهيو.“ مونکي لڳو ته منهنجي جواب
کيس ڪاوڙايو ۽ اهڙي طرح ٻين جا به فون آيا ته
دانوير سنستا ٺاهڻ هڪ جهنجٽ وارو ڪم آهي!
هڪ ڪُليو چيو، ”جڏهن مانُ سنمانُ پئسن سان
وڪامي رهيو آهي ۽ صرف سوداگر ڪپن تڏهن الڳ
سنستا کولڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

۽ مان کيس جواب ڏيان ان کان اڳ ئي ڪنهن
چيو، ”ڇا اڄ سڄاڳ نه ٿيڻ جو قسم کنيو اٿو ڇا؟“

۽ منهنجون اکيون کلي پيون. شريمتيءَ چيو،
”ڏسو گهڙيال ڏسو؟ ڪيٽا وڳا آهن؟“

مان اُٿي وينس ۽ شريمتيءَ ڏانهن نهاري کِلڻ
لڳس ته هوءَ واتڙي ٿي ويئي. پڇيائين، ”ڇو، ڇا ٿيو؟
اِئين کلي ڇو رهيا آهيو؟ ڪڏهن اِئين کلندا ته ناهيو !“

مون چيو” ڀاڳوان ! مون سپنو ئي اهڙو لڌو آهي،
جو پاڻ تي کِل ٿي اچي!!“

”اڇا ته ڳالهه اِها آهي.“ شريمتي چيو - ”اهڙو
سپنو ته مان اوهان کان ضرور ٻڌڻ چاهيندس، ڇو ته
مونکي به کلڻ جو موقعو ملندو، پر پهريائين ضروري حاجت
کان آجا ٿيو.“

۽ مان ٽِپُ ڏيئي اُٿي ڪڙو ٿيس چيم - ”سپنو
ٻڌي تون به ضرور خوشيءَ وچان ٻَڙي پونديئن ، پر هاڻ
صرف اِشارو ٿيو ڏيانءِ ۽ هن شهر ۾ اهڙيون سنستائون
کُلي ويون آهن جو شانُ مانُ ۽ سنمانُ ڏنوانن کي وڪٽي
رهيون آهن. صرف خريديءَ لاءِ سوداگر -ڪپن! سوچي
ٻڌاءِ ته سوداگر بڻجون يا نه؟“

۽ شريمتيءَ کي عجب ۾ وجهندو مان باٿ
روم ڏانهن هليو ويس.

عورت کي ايشور اِها شڪتي ڏئي ڇڏي آهي ته هنن کي ڪنهن به مرد جي نهارڻ مان ئي ان کي پڇاڻڻ جي خبر پوي ٿي. هيءُ جوان، هنن کي ڀالو ڀولو ۽ هڪ ٻالڪ مثل نردوش ۽ نرمل نظر اچڻ لڳو. هوُ هڪ ٻالڪ هو، هن جي شيوا ڪرڻ ۾ هو خوش ٿيندي هيون.

ٻه ٽي ڏينهن داسي اُن کي سڏ ڪرڻ ڪونه آئي. هوُ به سڄو ڏينهن پنهنجي ڌيان ۾ مگن رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن وري نوجوان جي در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. نوجوان سمجهي ويو ته نرتڪيءَ سڏايو آهي. هوُ تيار ٿي اچي هال ۾ نرتڪيءَ جي سنمک ٿيو.

اڄ نرتڪي گنڀير ۽ شانت هئي. نوجوان، نرتڪيءَ کي عجب مان ڏسي رهيو هو. نرتڪيءَ پڇيو : اي نوجوان! ڇا ٿو ڏسين؟ نوجوان جواب ڏنو: ”آءٌ تنهنجي حسن کي ٿو ڏسان. تنهن تي نرتڪيءَ چيو : مونکي پهريون ڀيرو ٿو ڏسين؟ نوجوان وراڻيو: نه آءٌ سوچي رهيو آهيان ته وڏي ۾ وڏو ڪلاڪار، ايشور آهي. جنهن ههڙي سونهن ۽ سنگمرمر جهڙو سرير خلقيو آهي. هن کان اڳ مون تو جهڙي سهڻي عورت نه پسي آهي. اِهو ٻڌي نرتڪيءَ جو موهيندڙ مک منڊل تي پرسنتا ڇائنجي ويئي ۽ هوءَ کِلڻ لڳي. سندس کِل ۾ به جادو هو. هن جي مُڪت ۽ موهيندڙ کِل، سڄي هال ۾ ڇائنجي ويئي ۽ ڪجهه وقت کان اها کل وري پڙاڏو ٿي ٻڌڻ ۾ آئي، نرتڪي دل کولي کِلي رهي هئي ۽ نوجوان شانت چت ٿي ۽ ٻڌي رهيو هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ نرتڪي وري اُداس ٿي ويئي چيائين! اي نوجوان ! ٻڌاءِ اِنسان پاپ ڇو ٿو ڪري؟

”اگيان جي ڪارڻ.“

”سنا ماڻهو به ڇو دکي آهن؟“

”ڪرم جي ڪارڻ.“

”اِنسان جي دک جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

”پاڻ کي الڳ سمجهڻ.“

نرتڪيءَ اُداس چت ٿي پڇيو، ”اِها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.“

نوجوان: اِنسان رڳو جڙ پدارٿ نه آهي. هر اِنسان ۾ ”آتما“ جو به واس آهي ۽ نواس آهي. آتما امر آهي ۽ هوءَ پرم آتما يعني پرميشور جو هڪ انش آهي، جزو آهي. اِنسان پاڻ کي ڪنهن به ٻئي اِنسان يا ايشور کان الڳ ٿو سمجهي. اسانجي آشرم ۾ هڪ سنت پنهنجن ششن کي سکيا ٿي ڏني ته ڀارت ورش ۾ آدي شنڪر آچاريه نالي هڪ رشي ٿي گذريو آهي، جنهن ”ادويت واد“ جي فلاسافي اسانکي ڏني آهي. تنهن تي نرتڪيءَ پڇيو، ادويت واد ڇا کي ٿو ڪوٺين؟

”ايشور ئي ستيه آهي، هيءُ سنسار هڪ مايا يا مٿيا آهي. اِنسان يعني جيوَ آتما ۽ ايشور يعني ”پرم آتما“ هڪ ٻئي کان الڳ نه آهن يعني اِنسان ايشور جو هڪ انش آهي. ”ادويت واد“ ۾ اِهو ئي مکيه ڳالهيون آهن. نرتڪي سوچ ۾ پئجي ويئي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هوءَ گنڀير نه پر شانت چت نظر اچڻ لڳي. اِئين لڳي رهيو هو ته ڪيس پنهنجي شنڪائن جو برابر حل ملي رهيو هو. چيائين: اي نوجوان! تون هر ڏينهن مون کي گيان ڏيندو رهه، مان توکي پگهار ڏيندس. توکي ٻيءَ نوڪريءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ نوجوان وراڻيو: ” اي ديوي! گيان ”ڏيڻ“ جي چيز آهي، ”وڪڻڻ“ جي چيز نه آهي.

نرتڪي سوچڻ لڳي ته هيءُ ڪهڙي قسم جو اِنسان آهي ! اڄ جو انسان ”گيان“ ته ڇا پنهنجي ”وويڪ“ کي به وڪڻڻ لاءِ تيار آهي، ”تنهنجي لاءِ ڪا نوڪري ڳولهيندس.“ اِئين چئي نرتڪي پنهنجي آسڻ تان اُٿڻ لڳي. نوجوان چيو: ”اي ديوي نرتڪي! آءٌ توکان هڪ شخصي سوال پڇان ته دل ۾ ته نه ڪندينءَ؟

”نه“ چئي نرتڪي ويهي رهي.

نرتڪي : تنهنجو پيءُ ماءُ؟

نوجوان : انهنجي مونکي خبر نه آهي. سنت جي آشرم ۾ داسين مون کي پالي تالي وڏو ڪيو. سنت نرنجن کان مون هڪ ٻن جي رشيءَ کي چوندي ٻڌو هو ته مان هڪ داسيءَ جو ٻالڪ آهيان جا داسي هاڻي زنده نه آهي.

نرتڪي سوچ جي ساگر ۾ سمائجي ويئي. نوجوان کان پڇيائين ”تنهنجو گرو ڪير آهي؟“

”منهنجي آتما منهنجو گرو آهي.“

”پاپ ۽ پڃ ڇاکي ٿو ڪوٺين؟“

”جا ڳالهه ڪرڻ لاءِ وويڪ“ نه چوي اُهو پاپ آهي، جا ڳالهه ڪرڻ لاءِ اندر ”ها“ چوي اهو پڃ آهي.“

”تنهنجي نرنجن سنت ايشور کي ڏٺو يا پسيو آهي؟“

”مونکي خبر نه آهي.“

”پيو ڪو سنت يا ساڌوُ رشي يا مُني توکي سجهي جنهن پرميشور کي ڏٺو هجي.“

”آشرم ۾ وقت به وقت گياني ۽ ڌياني، عالم ۽ ڪامل، رشي ۽ مُني، ساڌو ۽ سنت، عاقل ۽ اُستاد، ڏاهڻ ۽ ڏات ڌڻي، مُرشد ۽ مهان اِنسان، پير ۽ فقيِر پڻ ايندا هئا، انهن کان مون ٻڌو هو ته شري ڪرشن پنهنجي متر ارجن کي پنهنجو ”وراٽ روپ“ ڏيکاريو هو ۽ شري رام ڪرشن پرم هنس، پنهنجي شش وويڪانند کي ”ايشور“ ڏيکاريو هو.

”تون سنت ڪنهن کي ٿو ڪوٺين؟“

”جنهن پؤتي جيت پاتي آهي، جو مانَ/ اپمانَ گلا/نيڪيءَ کان پري آهي ۽ جو ڪنهن سان به نفرت نٿو ڪري. اِهو ساڌو آهي، سنت آهي.“

”آتما ڇاکي ٿو ڪوٺين؟“

مان پنهنجي ”وويڪ“ کي ”آتما“ ٿو ڪوٺيان.

”ڇا موت تي به جيت پاتي سگهجي ٿي؟“

”ها.“ پاتي سگهجي ٿي.

”تو ڪنهن سنت کي پنهنجو ”گرو“ ڇونه بڻايو؟

”ڇون پيا، تون داسيءَ جو پٽ آهين، انڪري ڪوبه مونکي شش بڻائڻ لاءِ تيار نه هو.“

”شهر ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ ڇو آيو آهين؟“

”سنت ڇون پيا .... ”هيءُ سنسار“ مايا آهي. شهر به ”مايا“ آهي. اِها مايا پسڻ لاءِ آيو آهيان.“

”مايا پسڻ لاءِ توکي نوڪريءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

”مان پني پيٽ پالڻ نٿو چاهيان.“ ڪم به ڪندس ۽ هن ”مايا“ کي سمجهڻ جي ڪوشش به ڪندس.

نرتڪيءَ تاڙي وڄائي هڪ داسي حاضر ٿئي، جنهن جي هٿن ۾ ميوو ۽ شربت جو گلاس هو. ميوو ۽ شربت، نوجوان جي اڳيان رکي داسي هلي ويئي. نرتڪيءَ چيو: اي نوجوان ! ڪاڻ. هاڻي رات ٿيڻ واري آهي. هتي نگر جا سيٺيون ايندا، نرتيه ٿيندو. اسين وري سڀاڻي ڳالهيون ڪنداسين.“ اِئين چئي نرتڪي هلي ويئي.

ڪيتري وقت تائين نوجوان، اُن عالي ۽ عاليشان هال ۽ محل کي ڏسندو رهيو. ههڙو محل هن اڳ ۾ ڪونه ڏٺو هو. هوُ سوچڻ لڳو.... هن سنسار ۾ ڪن کي ڪائڻ لاءِ ڪونه ٿو ملي ته ڪي وري محلن ۾ رهن ٿا. اِئين ڇو ٿو ٿئي؟ اُن لاءِ ڪير جوابدار آهي؟ اِنسان يا ايشور؟ پر اُتي ئي ڪيس سنتن جا الفاظ ياد پيا ته هيءُ سڀ ”ڪرم“ جو ڪيل آهي.

پهرين ڏينهن داسيون، هن جوان کان چرڪنديون ۽ گهبرائينديون هيون پر پوءِ هنن کي جوان جي نهار نگاه يا نظر ۾ ”نفس“ نظر نه آيو.

سپاٽي تي نرتڪيءَ جو ”جنم ڏينهن“ هو. نگر سيٺ ڌنيرام جا نوڪر چاڪر نرتڪيءَ جي محل کي سينگاري ۽ سجائي رهيا هئا. اڄا شام ٿي ڪونه، جو شهر جا شاهوڪار اچڻ لڳا، نرتڪيءَ کي واڌايون ڏيڻ لاءِ ۽ سوغاتون ۽ سوکڙيون. نوجوان شانت چت ٿي محل جي باغ ۾ گهمي رهيو هو ۽ مايا جا الڳ الڳ رنگ ۽ روپ، شوق ۽ شغل، ريتيون ۽ رواج پسي رهيو هو. اُن رات دير تائين ماڻهن جا ميڙ، محل ۾ مڙندا رهيا.

ٻن ٽئن ڏينهن کانپوءِ هڪ سُهاني شام جو نوجوان جي در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. نوجوان در کوليو، هوُ عجب ۾ پئجي ويو جو ڏٺائين ته نرتڪي خود، پاڻ، در تي اُڀي هئي. نرتڪي خوش ٿي نظر آئي. چيائين: اي پرديسي تنهنجي لاءِ نوڪري ملي ويئي. نرتڪيءَ جا چيو ۽ کيس اِئين ڀاسيو ته نوجوان نه خوش هو ۽ نه وري دکي هو. هوُ شانت چت هو. نرتڪيءَ چيو. هل ته هال ۾ هلي ڳالهيون ڪريون. نرتڪي اڳيان نوجوان پٺيان. نرتڪي پنهنجي اوچي آسڻ تي اچي ويٺي ۽ نوجوان هيٺ غاليچي تي. داسيون اُتي اڳ ۾ ئي حاضر هيون.

نرتڪيءَ چيو: اي گووندا سپاٽي کان تون سيٺ ڌنيرام وٽ وڃي، نوڪريءَ تي لڳي سگهين ٿو. سيٺ تنهنجي لاءِ رهڻ جو بندوبست به ڪيو آهي، منهنجون داسيون توکي سپاٽي سيٺ وٽ پهچائينديون. پر اي نوجوان! توکي نوڪري مان اِن شرط تي وٺي ڏئي رهي آهيان ته وقت به وقت تون هت اچي منهنجي گيان جي پياس ٻجهائيندين. ٻي ڳالهه ته سيٺ جو نالو ڌنيرام آهي پر آهي مها ڪنجوس.“ تنهن تي نوجوان وراڻيو، ”تون چٽل آهين؟“

گووند نالي نئين نوڪر کي حاصل ڪري سيٺ ڌنيرام خوش هو. جنهن به ڪم سان هن گووند کي موڪليو ٿي اهو ڪم هوُ ڪري ٿي آيو، نه فقط ايترو پر هو اِهو ڪاريه ڪاميابيءَ سان ڪري ٿي آيو. گووند جي اچڻ کانپوءِ ڌنيرام وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڌنوان ٿيڻ لڳو. گووند پنهنجي اِڇا شڪتيءَ سان ڌنيرام ۾ دان ۽ ديا جو ٻج پڻ ڇٽيو.

سنسار ۾ اچڻ کانپوءِ گووند ڏٺو ته اِنسان جو وڏي ۾ وڏو گرو آهي ”آزمودو“ اِنسان آزمودي مان ئي سکي ٿو اڳتي وڌي ٿو. شاهوڪار، پاڻ ”سچائيءَ“ سان ڪونه ٿا هلن پر تڏهن به هو چاهين ٿا ته سندن نوڪر، منيب يا مئنيجر سچار هئڻ کپي. اِنهيءَ جو اِهو مطلب ٿيو ته ڪوڙا به سچائيءَ جو ملهه سڃاڻن ٿا ۽ ٻُرا ۽ ڀلائي چاهين ٿا.

هڪ ڏينهن شام جو نرتڪي پنهنجي آسڻ تي اُداس چت ويٺي هئي ته کيس گووند جي اچي ياد پئي. گوڙي ڳاڏي ۽ ٻه داسيون موڪليائين ته وڃي نوجوان کي وٺي اچو.

نوجوان کي جلد ئي آيل ڏسي نرتڪي ڏاڍو خوش ٿي، ٽڙي پيئي. نوجوان پرسن ۽ شانت چت ويٺو هو ۽ نرتڪي مرڪي رهي هئي. نرتڪيءَ پڇيو: اي گووندا نئين حياتيءَ ڪيئن پئي گذري؟ گووند وراڻيو: اي مايا! حياتي پنهنجي ليکي بي معنيٰ آهي، اسان کي اُن ۾ ڪا معنيٰ کو مقصد ڀرڻو آهي. نرتڪيءَ چيو، ”ڌنيرام تنهنجي ڏاڍي ساراه ڪندو آهي. گووند مُرڪڻ لڳو ۽ شانت چت ويٺو رهيو.

اُن وقت وايومنڊل ۾ ڪومل ۽ نرمل شانت ڦهلجي ويئي. شانت کي اشانت ڪرڻ لاءِ نرتڪي ڪلڻ لڳي، اُن وقت سندس سندر ڳلن تي ڪُٻ ڏسڻ لائق هئا. گووند چيو: ڌنيرام ۾ مون ديا ۽ دان لاءِ حب پيدا ڪئي آهي. هن سنسار ۾ هڪ شخص کنهن هڪ ٻئي شخص ۾ جيڪڏهن سنائيءَ جو ٻج پوکي سگهجي ته سنسار سُرڳ ٿي پوي.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”جڏهن کان مون سانپر آهي مون کي پنهنجو نالو نرتڪي ئي ٻڌو آهي.“

”آءٌ جيڪر توکي ”مايا“ ڪري ڪوٺيان ته توکي خراب ته نه لڳندءِ.“

”مايا“ نالو ٻڌي نرتڪي مُرڪڻ لڳي. چيائين: تون مونکي مايا ڪوٺيندين! جيڪي ڪپڻ اُهو ڪوٺ. مون کي اعتراض ڪونهي، ”پر اي نوجوان! تو پنهنجو نالو ته نه ٻڌايو.“

”ٻن ۾ ننڍي هوندي داسيون مونکي ”ٻالڪ“ ڪري ڪوٺينديون هيون. وڏي هوندي وري هوُ مونکي ”نوجوان“ ڪري ڪوٺڻ ۽ سڏڻ لڳيون. سنت سادو به مونکي اِئين سڏيندا هئا، جيئن داسيون سڏينديون هيون. منهنجي امڙ ته مون تي ضرور ڪو نالو رکيو هوندو پر مونکي ڪا ڄاڻ نه آهي.“

”مان جيڪڏهن توکي ”گووند“ ڪري سڏيان ته؟“

”نالي ۾ ڇا رکيو آهي. نالي کان وڏو آهي اِنسان جو ”ڪرم.“ ايشور جو به هڪ نالو ”گووند“ آهي. اي ديوي مايا ! تون مونکي ڪهڙي به نالي سان سڏي سگهين ٿي. ”ڇگو ٻڌاءِ، ڀڳوان جو وڏي ۾ وڏو گڻ ڪهڙو آهي؟“

”هو بي انت آهي. ڪو به هنجو انت پائي نه سگهيو آهي. سڀ درويش ۽ دانيشور اِئين ئي چوندا ويا..... بي انت .... بي انت.... نوجوان وڌيڪ چيو: ڀڳوان جي مرضيءَ کانسواءِ، وڻ جو پن به نٿو لڏي. ايشور کي ڏسي نه پر محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيئن گل ۾ اسين خوشبوءِ کي محسوس ڪريون ٿا، آرسيءَ ۾ پاڇي کي ڏسون ٿا ۽ جيئن هوا کي اسين فقط محسوس ڪريون ٿا پر ڏسو نٿا، تيئن آهي اسانجو ايشور! هڪ درويش فرمايو هو: مون، ايشور کي ٽيهن سالن کان ڳولهيو پئي.مون سمجهيو پيو ته رڳو آءٌ ئي هن کي ڳولهيان پر پوءِ به مون محسوس ڪيو، هوُ به مونکي ڳولهي رهيو هو.“ اِهو ٻڌي نرتڪي کلڻ لڳي چيائين: ايشور ۽ هنکي ڳولهي رهيو هو؟“

نوجوان چيو: ها.

نرتڪي مرڪندي اُٿي کڙي ٿي.

ٻي ڏينهن، نوجوان جي در تي لڪ لڪ ٿي نوجوان تيار ٿي ٻاهر نڪتو ۽ اڃي هال ۾ ويٺو. نرتڪي اڳ ۾ ئي پنهنجي اوچي آسڻ تي براجمان هئي. اڄ نرتڪي چنچل ٿي ڏٺي، خوش ٿي نظر آئي. نوجوان پڇيو: اي ديوي! منهنجي نوڪريءَ جو ڇا ٿيو؟ نرتڪيءَ جواب ڏنو، سيٺ ڏنيرام سان ڳالهايو اٿم.سڀاڻي تائين پتو پئجي ويندو. نرتڪيءَ پڇيو ” اي نوجوان! اڄ ڇا ٻڌائيندين؟“ تنهن تي نوجوان وراڻيو، ”اي ديوي! مونکي عجب لڳندو آهي ته ”ڳيان“ لاءِ توکي سک ۽ چڪ ڪئين جاڳي ؟

نرتڪيءَ چيو: هر رات شهر جا شاهوڪار اُداس ۽ دکي منهنجي در تي ايندا آهن. ناچ ڳانو ٻڌي پئسا لٽائي خوش ٿي پنهنجي پنهنجي گهر موٽندا آهن. ٻي ڏينهن رات جو وري هڪ اُداس ٻالڪ مثل، منهنجي محل ۾ پڌاربا آهن ۽ خوش ٿي موٽندا آهن..... سوچيندي آهيان ته حياتيءَ جو آخر مقصد ڇا آهي؟ پئسي هوندي به هي شاهوڪار سکي ڇو ناهن؟

اي نوجوان، ”پهريائين ٻڌاءِ ته حياتيءَ جو مقصد ڇا آهي ”سچ“ جي تلاش ”حق“ لاءِ جستجو.“

”هاڻي ٻڌاءِ ته سُکي اِنسان ڪير آهي؟“

”اي ديوي! خوش رهڻ لاءِ اِهو لازمي نه آهي ته اسين شاهوڪار هجون. اسين جيڪڏهن راضي آهيون ته اسين سکي آهيون. دک ۽ سک جو مدار اسانجي من تي آهي. اندر جي اوستا تي آهي. ٻاهريون ڳالهيون سهوليتون ڏين ٿيون، سک نٿيون ڏين.“

”اي نوجوان! اِنهيءَ ”من“ ئي ته ”منش“ کي منجهايو آهي.

ٻڌائيندو هو. اُن ملاقاتين بعد جڏهن بہ موڪلن ۾ سندس گهر ويندو هوس تہ هنڪي سدائين ڪجهہ لکندو ڏسندو هوس. سندس دستخانا ڪيڻن جي حوالي هوندا هئا ۽ اُنهنجو ڍڳ وڏو ٿيندو ٿئي ويو.

”هي ڪتاب ڪڏهن ڇپبا؟“ هڪ ڏينهن مون پڇيو.

”ڇپجڻ سان بہ ڪير پڙهندو، ٿورو رکي چيائين اِها ساڳي حالت ٻين ليکڪن سان بہ آهي. گذريل ٥٠ سالن اندر سنڌي ليکڪن ايترو تہ ساهتيہ پيدا ڪيو آهي جو عجب ڪاٽٿو ٿو پوي تہ آخر اُنهن ساهتيڪارين ايترو ساهتيہ پيدا ڪيئن ڪيو؟ پوءِ بہ ڪين ملي ڇا ٿو؟ ليڪ لکن بہ پاڻ ڇپائڻ بہ پاڻ وڪڻن بہ پاڻ. مونکي عجب لڳندو آهي تہ اسان جا سنڌي ڏنوان جي اڄان خوشامدن تي پنهنجو کيسو کولي اڳيان ڪندا آهن، سي ساهتيہ بلي خرچ ڪرڻ يا پنهنجي ڏنڌي يا ڪمپنيءَ جو اِشتهار ڏيڻ وقت پيا ڪيٻائيندا آهن.

ڪمل تون سچ چوندو آهين، ’ڪاش اُهي سنڌي ڪلاڪارن ۽ ليکڪن جو قدر ڪرڻ سِکن ۽ غلط راهہ کان پري رهن ۽ صحيح وات تي وِک وڌائين.“

ڪڏهن ڪڏهن هندواسي تصوير ڪماري ۽ ٻين سرڪاري مئگزنس ۾ سندس ليک ڪهاڻيون ۽ گهرو علاج تي سُهڻيون صحيح صلاحون پڙهي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس. شايد هنجون ڪهاڻيون پنهنجي زندگيءَ جي آزمودن سان پريل هونديون هيون ۽ شايد سندس گهرو علاج ۾ بہ آزمايل نسخا ٻڌائيندو هو ۽ هميشهہ مضمون ۾ لکندو هو تہ گهرو علاج صحيح علاج آهي. هڪ ڏينهن روزاني اخبار ۾ سندس فوٽو ڏسي عجب لڳو. اُنهيءَ ڏينهن رات جو سندس گهر ويس ۽ شايد هن ئي کيس ٻڌايو هو تہ سرڪار طرفان کيس پنهنجي ڪتاب تي اِنعام مليو هو ۽ گولڊ ميڊل بہ عطا ڪيو هو. سندس منهن تي خاص مرڪ ظاهر ٿي هئي. اوچتو ئي اُها مرڪ اُداسائي ۾ ڏسڻ آئي. سندس شريمتي چانهہ جا بہ ڪوپ ۽ بسڪيٽ کڻي آئي هئي. چانهہ مان ڍُڪ پريندي اُداس ٿيڻجي ويو ۽ اُداسيءَ مان چيائين تہ ”ڪمل سچ ٿو چوان تہ مان ليڪ سوشل ورڪر نہ هجان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي شريمتي خوش هجي ها ۽ سُکي هجي ها. اسان کي ڪهڙو حق آهي ٻين کي ڏُکي ڪرڻ جو؟ ڇاڪاڻ تہ شريمتي مونکي هر وقت گهر کان ٻاهر ڏسي چوندي آهي، ”تو ليڪ سان شادي ڪرڻ کان مان ڪنواري رهڻ بهتر ٿي سمجهان!“ اوهان شادي ڪنهن سوشل ۽ ليکڪا سان ڪريو ها تہ بهتر ٿئي ها. ’ٻهريون دفعو مون هنڪي روئندو ڏٺو هو. سُڏڪا پريندو ڏٺو هو. سندس آواز گهگهو ٿي ويو هو. روئندي چيو. ڪمل اِنعام ملڻ سان سچ ظاهر ٿي پيو. اُهي ميڙ جن ۾ گلن جو مالهائون پهرايون ويبون ۽ اُهي اخبارون جن ۾ منهنجي ساراهہ ڪئي ويئي، اُهي سڀ روَنشا آهن. جنڪي ڪڏهن بہ سنڌي سماج ۾ معنيٰ نہ آهي. ڪوبہ مطلب نہ آهي. سنڌي ڪتاب ڪوبہ ڪونہ پڙهندو آهي اُهي ڪتاب پبلشر جي شيلف تي پيا هوندا آهن.

مون ڪانئس پڇيو، ”پوءِ تون لکين ڇو ٿو؟“

ڪمل توکي ڇا ٻڌايان تہ لکڻ ڪانسواءِ جيئڻ بہ ڏکيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن چاهيندو آهيان تہ نہ لکان، مگر مجبور آهيان. هڪ

شرڌانجلي

— ڊاڪٽر رام ڪياڻي، ''ڪمل''

جنوري مهني جي هڪ رات.

اُن رات ٿڌ ڪجهہ وڌيڪ هئي. صبوح جو سوير هنڌ مان اُٿڻ تي دل نہ پئي ٿئي. گهڙيال ڏانهن نهاريم تہ اٺ لڳي رهيا هئا. اچانڪ اخبار واري گهنٽي وڄائي. گهنٽيءَ جي آواز تي در کولڻ لاءِ ٽپ ڏيئي بستري مان اُٿيس ۽ اخبار ورتم. اخبار پڙهڻ شروع ڪيم. اچانڪ ڏٺم تہ وڏن اکرن ۾ لکيل هو.


''گذريل رات سنڌونگر ۾ برک ليکڪ - سوشل ورڪر جو اِنتقال.

پڙهڻ ۾ ڪافي دل کي صدمو ٿيو ۽ هڪ پل لاءِ لڳو تہ اُهو سهاڻو صبوح اوچتو سانجهيءَ جي ميرانجري انڌيريءَ ۾ بدلجي ويو آهي. مگر ٻئي پل ڏٺو تہ سج هميشهہ وانگر اُڀري رهيو آهي. ماڻهو تيار ٿي آفيس ڏانهن وڃي رهيا هئا. مان چانهہ پيئڻ جي بنا ئي برک ليکڪ جي گهر ڏانهن روانو ٿيس.

وات تي ليکڪ جي ملاقاتين جو تصور ڪرڻ لڳس. اِئين سندس ڳالهيون سئنيما جي پردي وانگر اچي ظاهر ٿيون ۽ آهستي آهستي ڪاليج جا ڏينهن ياد اچڻ لڳا جڏهن برک ليکڪ سان پهرين ملاقات جئہ هند ڪاليج ۾ ٿي جتي هو ۽ مون وانگر ڪامرس جي پهرين سال جي داخلا وٺڻ لاءِ پرنسيپال سان گڏجڻ لاءِ آفيس ۾ ويٺو هو ۽ سندس منهن تي مُشڪ هئي ۽ سندس هٿن ۾ چندولعل جئسنگهاڻيءَ جو تازو ناول ''زنده دل'' هو .

بس، پوءِ روز هنڪي جئہ هند ڪاليج جي هاتي اندر ڏسندو هوس. اِئين اسانجي ملاقات ٿيندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن هنڪي سامهون ڏسي رڪجي ويندو هوس. هوُ بہ مون ڏانهن گهوري نهاريندو هو. آءٌ چاهيندو هوس تہ ڪيس نئين زندگيءَ جو درشن ڪرايان. ليڪن هن ۾ سادگي هئي ۽ پوترتا ئي هئي. جنهن ڪري هار ڪاڻي پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪئنٽين ۾ گڏجي چانهہ پيئندا هئاسين. پهريائين هوُ ڪئنٽين ۾ گڏ هلڻ کان ڪيٻائيندو هو پر پوءِ پاڻ ڳولهي ڪئنٽين ۾ چانهہ پيئڻ جي لاءِ وٺي هلندو هو.

ڪهاڻيون شعر ۽ گهروُ علاجن بابت ڪڏهن



نالو : ڊاڪٽر رام ڪياڻي ''ڪمل''
جنم : ١٥-٤-١٩٣١ ڪنڊيارو شاهتي
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو : سرڪاري کاتي تان ڪلاس فرسٽ عهدي تان رٽاير
پتو :

شڪ جو شڪار


— ايم. ٽي. ٻانڀيہ

لعل اهڙو پاپ ڪيو هو جو سندس سڄي سرير تي ڪوڙهہ نڪري پيو. هن جي سهڻي ۽ سڊول شڪل بدزيبي ۾ پيئي. سندس من ڪيس هڪ هنڌ ٽڪڻ ڪونہ ڏيندو هو. انهيءَ پاپ جي ڪري سدائين لاءِ ڪيس نوڪري تان هٿ ڌوئڻا پيا. سندس بدن مان بدبوءِ پيئي ايندي هئي. ڪيس ڪوبہ اڳيان ٻيهڻ ڪونہ ڏيندو هو. سندس زبان تي اهي اکر هوندا هئا، ”راڌا مون کي معاف ڪر. هن راڌا کي ڳولهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. سندس راڌا کي ڳولهڻ جو ڪارڻ هو تہ هو ڪانئونس معافي وٺي. لعل جيڪو اڳ ٿي سنيري نڪرندو هو، سو اڄ ڦاٽلن ۽ ميرن ڪپڙن ۾ رُلي رهيو هو.

چوندا آهن تہ ”ايشور وٽ دير آهي پر انڌير ڪونہ آهي.“ راڌا جهڙي ڀولي ڀالي ڇوڪري جي گرهستي برباد ڪرڻ وارو لعل اڄ پاڻ برباد ٿي چڪو هو ۽ بربادي جي زندگي گذاري رهيو هو. گهڻن ڏينهن جي ڳولها ڪانپوءِ لعل کي خبر پيئي تہ راڌا هڪ ڳوٺ ۾ ايڪانت جي زندگي گذاري رهي آهي. سڄو ڏينهن پاٺ پوڄا ۽ ايشور جي ڀڳتي ۾ گذاري ٿي.

لعل ڳولها ڪندو انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي پهتو. ڳوٺ ۾ پهچڻ تي هن ڏٺو تہ ڳوٺ جا ڪي ڇوڪرا راند ڪري رهيا آهن. لعل ٻارن کان پڇيو تہ هتي راڌا نالي ڪا عورت رهندي آهي ڇا؟

ٻارن جواب ڏيندي ”ها“ ڪئي. هڪ ٻار ڪيس راڌا جو گهر ڏيکاريو ۽ ڪيس ٻڌائين تہ هيءُ سامهون وارو گهر ”ديدي جو گهر آهي.“ ائين چئي ڪري ٻار هليو ويو. لعل کي همٿ ڪونہ پئي ٿئي تہ سندس گهر جو دروازو کٽکٽائي. راڌا هڪ ننڍل گهر ۾ رهيل هئي لعل جيئن دروازي وٽ پهتو تہ سامهون راڌا جو چهرو ڏٺائين. راڌا جو چهرو ڏسي لعل ائين محسوس ڪيو تہ راڌا جي هن حالت لاءِ جوابدار هو پاڻ آهي جنهنجو هو حساب ڏيئي رهيو آهي. هو سوچڻ لڳو تہ ڪشن جنهن اگني اڳيان ۷ ڦيرا پائي ڪري شادي ڪئي هئي، سو راڌا سان ۷ مهينا زندگي نہ گذاري سگهيو. هڪ اهڙي هلڪي هوا هلي جو سيپئي وچن ٽٽي ڪري اڏامي ويا. راڌا جي اکين ۾ اڃان تائين ٻاهہ جا اُلا هئا جيڪي ٻڌائي رهيا هئا تہ سندس زندگي برباد ڪرڻ وارو لعل آهي. لعل پنهنجي ڪرٽي تي پڇتائي رهيو هو. هو پنهنجي غلطي سڌارڻ لاءِ راڌا وٽ آيو هو. جنهن ۾ هو جلي رهيو هو. لعل جو راڌا سان پهريون دفعو ملڻ تي ڏٺو تہ راڌا جي اکين مان رس ٽپڪي رهيو آهي.

	نالو :	مينگهراج ٽيڪمداس ٻانڀيہ
	جنم :	۳۱-۱۲-۱۹۲۸ روهڙي سنڌ پاڪستان
	ڇپيل ڪتاب :	ڪل ۹
	اِنعام :	
	پيشو :	رٽايرڊ
	پتو :	۵۰۸/۸۵، ٻانگ پاوڙي، اجمير

ساهتيڪار آهيان. اِنهن لفظن کي سوچيندي ليکڪ جي گهر پهتس.

ڏٺه ليکڪ پٽ تي سمهيو پيو هو. هڪ ڏيئو سندس مٿان ڪان ٻري رهيو هو. گهر ۾ بلڪل شانت هئي. آهستي آهستي ليکڪ جا دوست عزيز اچڻ لڳا. فليٽ ۾ رهندڙ هڪ سڄڻ ٻڌايو ته هُو ليکڪ سان گڏ پبلشر سوشل ورڪر پڻ هو. رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ هُو سڄو وقت واندي وهڻ ڪان بيمارين جي صحت شيوا ڪندو هو. ڪيترين سنسٿائن سان هنجو لاڳاپو هو. رات جو دير سان گهر ايندو هو. چوندو هو ته ايشور ڪِي ٢ ١ ڪلاڪن جو ڏينهن ٿاهڻ بدران ٢٤ ڪلاڪن جو ٿاهڻ گهرجي، جيئن اڃان ٻہ وڌيڪ ساهتيہ جي سيوا ڪري بيمارين جي شيوا گهرو علاج رستي ڪندو رهان. جيئن اُهي مريض پنهنجي حياتيءَ جو لطف وڌيڪ وٺي سگهن.

اِئين ڳالهين ڪندي ڏٺم ته ليکڪ جي اَرٿيءَ سان گڏ حشام ماڻهو هئا جي آهستي آهستي مٺل آواز ۾ ”رام رام سنگ هئہ“ چوندي شمشان ڀوميءَ طرف هلندا رهيا، جڏڪ ڪيس وشواس ڪونہ ٿي آيو ته ڪو اِنسان مري ويو آهي.

ڏٺم ته زندگي بيهي رهي آهي ڪجهہ دير لاءِ. جڏهن سندس سُپتر ڪِڪي پنجن ليکڪ دوستن گڏجي سندس چکيا کي باهہ ڏني هئي. ڪيڏي نہ شانت هئي ان صبوح جو؟ پر ڪن منٽن بعد باه جي چپين سراوچو ڪنيو. زندگيءَ ساهہ کڻڻ شروع ڪيو دنيا هلڻ لڳي. اِئين لڳو ته ڪنهنکي فرصت ڪونہ هئي، هن طرف نهارڻ جي.

سڀ چڙهڻ لڳو هڪ هڪ ٿي ليکڪ جا دوست عزيز وڃڻ لڳا. مگر ليکڪ جون ڳالهيون ياد ڪرڻ لڳس. جي ڳالهيون وري ٻڌي نہ سگهندس.

نمسڪار ڪري گهر آيس.

ديهہ ۾ ايترو رس! اهو رس ڪٿان ٿو اچي! ڇا عورت جي شرير ۾ سچ پچ ايتري سونهن ٿيندي آهي! لعل سچي رات سمهي ڪونہ سگهيو. راڌا کي ڏسڻ کان پوءِ هو راڌا کي ڏسڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿي سگهيو. هن کي ڪشن ڇٽي يا نہ ڇٽي پر هو ڪشن جي گهر ويندو هو. لعل ڪڏهن ڇانهہ جي بهاني تہ ڪڏهن روٽي جي بهاني ڪشن جي گهر ويندو هو. راڌا لعل کي روٽي کائڻ وقت وڌيڪ روٽي کائڻ لاءِ زور ڀريندي هئي تہ لعل کي بک نہ هوندي بہ هو هڪ روٽي وڌيڪ کائي ويندو هو. راڌا جي منهن جي مشڪ لعل کي گهايل ڪري ڇڏيندي هئي. ڪٿي ڪشن ڪارو تہ ڪٿي وري راڌا گوري! ڪيترو نہ ڀڳوان ٻنهي جي وچ ۾ تفاوت ٿاهيو آهي، ڪشن جي دل ۾ شڪ هو تہ ڪٿي راڌا ڪيس ڇڏي لعل کي پنهنجو نہ ڪري. ڪشن جي دل ۾ شڪ پيدا ٿيو. ڪشن جي من ۾ شڪ پيدا ٿيڻ ڪري لعل کي ڏاڍي خوشي ٿي جو هن جي من ۾ حسد پيدا ٿيو. لعل ائين سوچيندو هو تہ راڌا کي سندس لاءِ ڏير ڀاڄائي جو پيار آهي. هن جي من ۾ پاپ ڪونہ آهي. پر لعل پنهنجي تي ضابطو رکي ڪونہ سگهيو. لعل جي من ۾ حيوان واري ورتي پيدا ٿي هئي. راڌا کي پائڻ لاءِ هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي. ڪشن ڪڏهن بہ ڪونہ چاهيندو هو تہ راڌا لعل سان کلي ڳالهائي يا پرسان ويهي. اهو حال ڏسي ڪشن ڪري راڌا کي دٻائيندو هو. راڌا کي دٻائڻ ڪري لعل کي ڏاڍو دک ٿيندو هو. اهو ڏسي ڪري لعل جي دل ۾ پريم جي جوالا ڀڙڪندي هئي. لعل کي راڌا جي ياد نس، نس ۾ سمايل هئي. انهيءَ ڪري لعل کي راڌا جي ياد هر وقت ستائيندي رهندي هئي. ڪشن جي دٻائڻ ڪري راڌا جي اکين مان ڳوڙها ڪري پوندا هئا. اهو ڏسي لعل سهي نہ سگهندو هو. لعل کي سچي، سچي رات ننڊ ڪونہ ايندي هئي. سندس سامهون راڌا جو اُداس چهرو اکين اڳيان ڦيو گهمندو هو. لعل ڏٺو تہ ڪشن جو آفيس ۾ ڪم نہ ڪرڻ تي من ڪونہ ٿي لڳو. هن جي من ۾ شايد راڌا لاءِ نفرت پيدا ٿي هئي.

هڪڙي ڏينهن لعل طبعيت خراب جي بهاني آفيس مان موڪل وٺي ڪشن جي گهر ويو. لعل کي ڏسي راڌا لعل کي چيو تہ تون ڪيئن آيو آهين؟ ڪشن تہ ٺيڪ آهي نہ؟

راڌا جا اکر ٻڌي لعل چيو تہ ڪشن کي ڇا ٿيندو؟ تو جهڙي هن کي ستي ساوتري زال آهي، جيڪا هميشهہ هن جي منگل ڪامنا ڪري رهي آهي. تون ڪشن جون چرٻون ڇوٽي کائين ۽ ڪشن جهڙي بيوقوف سان تون ڪيئن ٿي رهين؟ لعل وڌيڪ چوڻ لڳو تہ راڌا تون هڪ دفعو اشارو ڏي تہ مان توکي هن نرڪ مان ڪڍان.

لعل جا اکر ٻڌي راڌا جو چهرو لعل ٿي ويو. هن غصي ۾ ڪلور اکرن ۾ چوڻ لڳي تہ توهان کي ڪا غلط فهمي ٿي آهي. منهنجو مڙس ڪيئن بہ آهي؟ ڪهڙو بہ آهي يا اسان جا پاڻ ۾ ڪهڙا بہ ناتا آهن. تون اسان جي وچ ۾ ڳالهائڻ وارو ڪير آهين؟ توکي اسان جي ڳالهين ۾ ڳالهائڻ جو ڪوبہ اڌڪار ڪونہ آهي. مان هڪ شادي شده عورت آهيان. مان ڪا وئشيا ڪونہ آهيان جو هڪ پر پرش جي اشارن تي نچندس. هينئر ۽ هن وقت ائين بهتر ٿيندو تہ تون منهنجي گهر مان نڪري وڃ. وري ڪڏهن بہ منهنجي مڙس جي غير حاضريءَ ۾ منهنجي گهر جي چائنٺ تي پير نہ رکج ۽ نہ وري پنهنجي شڪل ڏيکارج. مان وري بہ توکي ٿي چوان تہ اسان جي گهرو جيون ۾ توکي دخل ڏيڻ جي ڪابہ اختياري ڪونہ آهي. لعل جي ايتري قدر بي عزتي ٿي جو هو بي عزتي جو ڍڪ ائين پي ويو ڄڻڪ هڪ زهر جو

هن جي اکين جي رس پيئڻ لاءِ لعل ترقي رهيو هو. لعل واسنا جي تپت سهي نہ سگهيو. هن ٻاهہ جي ڇڳ ٻڌي ڪري رادا جي سکي جيون ۾ ٻاهہ لڳائي. لعل کي ڪهڙي خبر تہ رادا جي جيون ۾ لڳايل ٻاهہ ڪيس ڏينهن رات ساڙيندي رهندي. اُف! هن ڪيترو نہ وڏو پاپ ڪيو جو ڪنهنجي جيون برباد ڪئي.

ڪشن شادي جو ڪارڊ لعل کي هٿ ۾ ڏيندي چيو تہ”لعل ڏس تون منهنجي شادي تي ضرور اچج ۽ ڪوبہ بهانو نہ ٺاهج.“ ائين چئي ڪري ڪشن هليو ويو. ڪشن هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. جتي لعل لاءِ پهچڻ مشڪل هو. لعل شادي تي ڪونہ ويو.

شادي ڪري اچڻ کان پوءِ ڪشن ڏاڍي پريم سان مٺائي وراهي. هن لعل کان شادي تي نہ اچڻ جو ڪارڻ ڪونہ پڇيو. انهيءَ لاءِ لعل کي ڏاڍو تعجب لڳو.

ٻئي ڏينهن تي لعل سندس زال لاءِ سوغات وٺي پي ويو تہ ڪشن کيس ٽاري ڇڏيو. لعل چڪر ۾ پئجي ويو تہ ڪشن کيس ڇو ٿو منع ڪري! انهيءَ ڏينهن لعل رڪجي ويو. وري ٿورن ڏينهن کانپوءِ لعل سندس گهر هلڻ جو ارادو ڏيکاريو. پر ڪشن ٽال مٽول ڪرڻ لڳو. لعل سمجهڻ لڳو تہ ڪشن کيس انهي ڪري نئونئي هلڻ چاهي جو سندس زال شايد ڪاري ڪلوٽي يا ڳوٺاڻي آهي. پر ڪشن جي رخ مان ائين ظاهر ڪونہ پي ٿيو. لعل جي زور ڀرڻ تي ڪشن نہ ”نہ“ ڪري سگهيو. ڀريائين تہ ڪشن آناڪاني پي ڪئي پر پوءِ لعل کي چيائين تہ هل. لعل بنا ڪجهہ چوڻ جي ساڻس گڏ ويو. ڪشن گهر جي ٻاهران آواز ڏيندي چيو تہ رادا ڏس ڪير آيو آهي؟ لعل گهر ۾ گهرندي رادا ٻاهي کي ڏٺو تہ هو تعجب ۾ پئجي ويوا ڪمري جي ٻاهران گلابي ساڙهي ۾ رادا بيلي هئي. رادا کي ڏسڻ کان اڳ ۾ لعل جي ٻاهي هئي. پر هن کي ڏسڻ سان هو هن کي ٻاهي چئي نہ سگهيو. رادا شايد هينئر اجان سنان ڪري آئي هئي. سندس وارن جي ڇڳن مان پاڻي ٽپڪي رهيو هو. هن جي وارن جون ڇڳون ڪجهہ ڪنڌي تي پيون هيون تہ ڪجهہ وري منهن تي لٽڪي رهيون هيون. سندس ڪارن وارن مان پاڻي جون بوندون ائين ڪري رهيون هيون ڄڻڪ موتي ڪري رهيا هئا ۽ سندس شرير کي پسائي رهيا هئا. سندس گوري ڇهري مٿي تي سندور جو تلڪ ائين لڳي رهيو هو ڄڻڪ سورج چمڪي رهيو هو. سندس ڪاريون اکيون ۽ سهڻيون اکيون ۽ سهڻو نڪ سندس شوڀا وڌائي رهيا هئا. رادا جي کلڻ سان سندس سهڻا اڇا ڏند ڏسڻ ۾ پي آيا. ائين پي لڳو، ڄڻڪ رادا کي ايشور فرصت ۾ ٺاهيو هو. رادا لعل کي ائين لڳي رهي هئي جيئن هڪ ٻرندڙ ڏيئي جو تيج ۽ روشني هئي. لعل هن کي ڏسڻ ۾ گم ٿي ويو، ايتريقدر جو هن کي ڪشن جو بہ ڌيان ڪونہ رهيو تہ هو ڪو سندس پرسان بيٺو آهي.

رادا مشڪندي ڳاڙهين چورين سان ڀريل ڪرائي مٿي کڻي هن لعل کي ”نمستي“ ڪئي. چوڙين جي آواز تي لعل جو ڌيان ٽٽو.

ڪشن کي شايد لعل جو رادا کي اهڙيءَ طرح ڏسڻ ڏاڍو خراب لڳو. ڪشن جي اشاري تي هوءَ پايل جو آواز ڪندي هلي ويئي. لعل چانهہ پيئڻ ۽ ناشتي ڪرڻ کانپوءِ بہ سندس من پي چاهيو تہ ويلو هجان ۽ رادا کي ڏسندو رهان. پر ڪشن هن کي ناشتي ڪرائڻ کان پوءِ جلدي روانو ڪري ڇڏيو.

لعل کي سڄي رات ننڊ ڪونہ آئي ۽ پاسا پي بدلايائين. رادا جي شڪل هن جي اکين جي سامهون گهمي رهي هئي هو سوچي رهيو هو تہ عورت جي

هن جو وجوُد

— ڪملا ٻٽاڻي

ڏيءُ آهي پرائو ڌن اهو چوڪرين لاءِ اُنهن جي جمڻ گهڙيءَ کان ئي چيو ويندو آهي. ڪويتا جي ودائيءَ جي گهڙي اچي پهتي آهي. هيءَ گهڙي ماءُ پيءُ جي لاءِ ايڏي تہ ڏکدائي ٿي ٿئي اِهو تہ اُهو ٿو ڄاڻي سگهي جنهن کي تن تي لڳي هجي. آنڊي جي ٽُڪر کي پرائي گهر موڪليندو ڇڻ هيانءُ ڪاڇي ٿو وڃي.

اُها گهڙي ماءُ ۽ ڏيءُ لاءِ خاص ڪري اهميت ٿي رکي. ماءُ ڏيءُ کي ڀاڪر ۾ ڀري وڇوڙي جي درد سان ڀرپور واديءَ جي آخري سکيا جو اکر ٿي دوهرائي، ”پٽ هاڻي تون پنهن جي گهر ٿي وڃين هاڻي ٻنهي ڪُلن جي عزت رکج ۽ ٻنهين ڪُلن کي تارج. هندو استري جنهن چائنٺ ۾ پير وجهندي آهي ٻاهر ارٿيءَ تي ئي نڪرندي آهي. اِهو ياد رکج، سسُ کي ماءُ جي روپ ۾ نران کي ڀيڻ جي روپ ۾ ۽ ڏير کي ڀاءُ جي روپ ۾ ڏسنديءَ تہ توکي هتان کان وڌيڪ آدر ۽ پيار ملندو. پنهنجي سُک جي چنتا نہ ڪري ٻين جي سُک جي چنتا ڪج تہ هميشهہ سُک ماڻينديءَ.“

ايترو چوندي ٻئي روئڻ ۾ اچي ڇُلڪيون. هر هندو ماءُ ۽ خاص ڪري سنڌي ماءُ تہ هر ڏيءُ کي وِدا مهل اِهائي سيکيا ڏيندي آهي.

ايتري ۾ پنڊت چيو، ”وِدا جي گهڙي نڪرندي ٿي وڃي تاري ۾ ئي وِدا ڪرڻو آهي.“

ڪويتا ساهري گهر قدم رکيو تہ هن ماءُ پيءُ جي سکيا ڳنڍ ٻڌي ڇڏي. هن سسُ کي ماءُ ۽ نران کي ڀيڻ سمجهي ان سکيا تي عمل ڪندي هِن پهريون ڪرم ڪيتر رسوئيءَ کي ئي ٻڻايو. ڪويتا صبوح سوير اُٿي ڪم هاج کي لڳي ويندي هئي جيئن وقت تي ڪم پورا ڪري سگهي.

اشوڪ گهر ۾ اڪيلو ڪمائيندڙ هو ۽ کائڻ وارا گهڻا هئا. ڏڻ وار، ڏي وٺ بہ اشوڪ جي پگهار مان ئي پورت ڪري ڪيا ويندا هئا. ان ڪري اشوڪ گهر جو اسٽينڊرڊ ٺاهڻ لاءِ نوڪريءَ واري ڇوڪري ورتي جيئن هن مهانگائيءَ کي منهن ڏئي سگهجي.

ڪويتا جي موڪل بہ ختم ٿي ۽ اُها بہ ڊيوٽيءَ تي وڃڻ لڳي. پهرين تہ اشوڪ هن کي اسڪوٽر تي آفيس ڇڏيندو پوءِ پنهنجي آفيس هليو ويندو هو. پر پوءِ روز اهو خفو هن کان سٺو نہ ٿيو. ڇو جو اشوڪ جو آفيس هو ٻئي چيڙي تي ان ڪري ڪويتا پوءِ بس ۾ اچڻ وڃڻ لڳي.

بس ڪڏهن وقت تي نہ پهچندي تہ باس چوندس! هيءُ وقت آهي ڇا توهان جي آفيس اچڻ جو؟

نالو : ڪملا ٻٽاڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ئي-١٩، يو.آءِ.ٽي. ڪالوني، ناڪا مدار. اجمير

پيالو پي ويو. سندس تن من کي باھ لڳي ويئي. راڌا جي زبان جي تيرن ھن کي زخمي ڪري ڇڏيو. کيس ائين محسوس ٿيو تہ سندس بي عزتي تي ڪشن کلي رھيو آھي. ھو نشين وانگر لڏندو لمندو واپس پنھنجي گھر ڏانھن واپس وريو. لعل من ئي من ۾ قسم کنيو تہ ھو پنھنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺندو. سندس ايمان چور چور ڪندس. ڏيري ڏيري راڌا ۽ ڪشن جي وچ ۾ شڪ جو ٻج ڇٽجي ويو. لعل پنھنجي بي عزتي کانپوءِ ھو ڪڏھن بہ ڪشن جي گھر ڪونہ ويو. جيتوڻيڪ ڪشن گھڻيئي دفعا لعل کي گھر ھلڻ لاءِ چيو، پر ھو ھميشھ آناڪاني ڪندو ھو. لعل آفيس مان جلدي نڪرندو ھو. ھو بس ۾ چڙھي ڪشن جي گھر جي ٻاھران بس اسٽئنڊ تي لھندو ھو ۽ وري ٻيءَ بس ۾ چڙھي ڪري واپس ايندو ھو جنھن مان ڪشن لھندو ھو . ٻئي ڇٽا ھڪ ٻئي کي ملندا ھئا، ڪشن لعل کي ڏسندو ھو تہ ڪشن جو دماغ چڪر کائيندو ھو ۽ ھو تعجب ۾ پئجي ويندو ھو. ڪشن لعل کي ڏسي ڪري کيس گھر ھلڻ لاءِ چوندو ھو پر ھو بھانو ڏيئي ڪري ھليو ويندو ھو. لعل سوچيندو رھندو ھو تہ ڪشن ضرور راڌا کان منھنجي باري ۾ پڇندو ھوندو.

ھڪڙي دفعي لعل موڪل تي ھو ۽ بزار ۾ گھمي رھيو ھو تہ کيس رستي تي راڌا کي ڏٺو ھو، ڪمزور ۽ سانوري پي لڳي. لعل چپ چاپ راڌا جو پيڇو ڪندو راڌا جي گھر تائين ويو. راڌا پنھنجي گھر ۾ گھري ويئي ۽ لعل کيس گھر جي ٻاھران ڏسندو رھيو تہ ايتري ۾ کيس ڪشن ڏسي ورتو ۽ کيس چيائين تہ ھتي ڪيئن بيٺو آھين؟ ڪشن کي ڏسي ڪري لعل مسڪرائي رھيو ھو ۽ کيس چيائين تہ راڌا ڀاڀي کي بزار مان خريداري ڪرڻي ھئي. انھي ڪري مان ھتي آيس راڌا شايد توکي ٻڌائڻ نٿي چاھيو. اھو ٻڌي ڪري ڪشن جي منھن جو پنو لھي ويو ۽ ھو زھر جو ڍڪ پي ويو. لعل کيس وڏيڪ چيو تہ اڄ ڀاڀي کي بک لڳي تہ روٽي ھوٽل تان کائي آيا آھيون. راڌا گھر ۾ چانھ بہ پياري آھي. اھو ٻڌي ڪشن کي ڏاڍو غصو اچي ويو. ھو دروازو کولي غصي ۾ اندر گھر ۾ گھڙي ويو. لعل واپس بس ۾ گھر ڏانھن روانو ٿيو.

ڪجھ وقت کانپوءِ ڪشن جي بدلي ٿي ويئي ۽ ھن راڌا کي طلاق ڏنو. اڄ ٽن سالن کان پوءِ لعل راڌا کان معافي وٺڻ آيو ھو. ھن سوچيو ھو تہ ھو راڌا جو اُجڙيل گھر وري وسائيندو. راڌا لعل کي ڏسي نانگڻ وانگر ڦوڪون ڏيڻ لڳي ۽ کيس چوڻ لڳي تہ اڃان باقي ڪھڙي ڪثر رھيل آھي؟ منھنجو گھر ڦٽائي ڪري توکي ڇا مليو؟ منھنجي سکي گرھتي جلائي رک ڪري ڇڏيئہ. اڃان باقي ڇا ٿو چاھين؟

لعل جواب ڏيندي چيو، ”مان توکان معافي وٺڻ آيو آھيان مان ڏاڍو شرمندو آھين.“

راڌا جواب ڏيندي چيو، ”تنھنجي شرمندگي جي ڪري ڇا منھنجي سکي گرھتي وري واپس ايندي؟ تون ايترو نيچ آھين جو توکي پنھنجي واسنا پورتي لاءِ ھڪ پوتر ناري جو ايمان ڪيو آھي. جنھنجي سزا ايشور توکي ڏني آھي. جو توکي ڪوڙھ نڪتو آھي تو جيڪا باھ لڳائي ھئي، انھي باھ ۾ تون جلندو، تڙڦندو ۽ رئندو رھندي. تون ڪھڙي منھن سان مونکان معافي وٺڻ آيو آھي؟ تون پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائي ڏس تہ توکي تنھنجو اندر وارو توکي معاف ڪرڻ لاءِ تيار آھي تہ پوءِ مان بہ توکي معاف ڪرڻ لاءِ تيار آھيان.“ ائين چئي ڪري راڌا دروازو بند ڪري ڇڏيو. لعل دکي من سان سندس دروازي تان واپس ھليو ويو.

”رچنا مولڪ ۽ پھرين شايع ٿيل نہ آھي.“

چوندا آهن تہ من جي ڳالهہ ڪنهن سان نہ سلجي تہ ڪاٺ ۾ اُڏهيءَ وانگر ڏُک بہ سرير کي پورو ڪيو ڇڏي.

ڪويتا جو بہ اندر ويو ڪاڇندو. ڪائڻ پئڻ جو بہ هوءَ تہ سپني جو ڌيان رکندي هئي پر پيار سان ڪم ھُن کي بہ ڪير ڪارائي تہ تن کي لڳي.

ڪجھ ڏينهن کان ڪويتا جي طبيعت ڍلي پئي لڳي پر گهر وهڻ کان تہ سُنو هو هوءَ آفيس وڃي هلي ھُن جو وقت سُنو ڪٽجي ويندو هو. گهر ۾ ڏينهن ڇڻ وڏي ويندو هو ۽ بور ٿيندي هئي. ھُن کي لڳو تہ ھُن کان پڇي ئي نہ پيو. پر تہ بہ گهيلي گيندار ي سرير کان ڪم پئي ڪڍندي هئي . پر اڄ ڇڻ سرير مان طاقت نپوڙجي وئي هئس.

اڙي يائي سرير بہ آهي هڪ مشينري جيئن مشين ۾ خرابي ٿي وڃي تہ ھُن جي سنڀال ڪرڻ ضروري آهي. لاپرواهيءَ جو نتيجو اُگرو نڪتو. ڪويتا آفيس ۾ تہ آئي پر متو ڦري وڃڻ سبب ڌو وڃي ڌرتيءَ تي ڪري ۽ بيهوش ٿي وئي. ھُن کي متي تي بہ گهِري چوٽ لڳي.

يڪدم ھُن کي اسپتال پهچايو ويو ۽ اشوڪ کي آفيس ۾ فون ڪري گهُرايو ويو.

اشوڪ اسپتال پهتو پر ھُن جا هٿ پير ڪم ئي نہ پيا ڪن. چوندا آهن جيڪر گاڏي پٽي تي پنهنجي رفتار سان ٺيڪ هلي رهي آهي تہ مسافر اُن جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪندا آهن پر جيئن ئي گاڏيءَ هلڻ ۾ ڪا رنڊڪ ايندي آهي تہ سپني جو ڌيان اُن رنڊڪ کي پري ڪري گاڏي وري هلائڻ ۾ لڳي ويندو آهي.

اشوڪ ڏٺو ڪويتا بيهوش پئي آهي. ھُن جو منهن پيلو هيڊ لڳو پيو آهي. ڳل اندر پيهي ويا اٿس. اکين هيٺان ڪارا داغ ٿي پيا اٿس. ھُن کي ڪويتا تہجي پهرين ملاقات ياد آئي. ھُن جا گُلابي ڳل ئي ھُن جو من چورائي سگهيا هئا ۽ اڄ ھُن جي هيءَ حالت ٿي وئي آهي. هِن ترس جوڳي حالت کي ڏسي اشوڪ کي ڪويتا تي ترس اچڻ لڳو.

ڊاڪٽر تپاس ڪري ڊِپ چاڙهي ڇڏي هئي. جڏهن هوش ۾ آئي تہ عجب ۾ پئجي وئي تہ هوءَ اسپتال ۾ ڇو؟ اشوڪ ھُن کي تسلي ڏيندي چيو ”تنهن جو متو ڦري ويو هو ۽ تون بيهوش ٿي وئيءَ ان ڪري توکي هت اڇٽو پيو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

تپاس ڪندي ڊاڪٽر چيو، ’مريض کي سائي ٿي پئي آهي. اهو مرض پراڻو ٿو لڳي پر توهان ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو آهي. ڏسو هن جون پيليون اکيون! ۽ ناڪون اهي سائيءَ جون نيشانيون آهن. هاڻي مريض کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڏينهن اسپتال ۾ ڀرتي رهڻو پوندو.“

اشوڪ سٽ تي ويو. ڪويتا جي هيڙي حالت ٿي وئي آهي ۽ ھُن کي خبر ئي نہ پئي آهي. ھُن اُف نہ ڪئي آهي.

اشوڪ کي دوائن جو پرچو ڏيندي ڊاڪٽر ٻين مريضن ۾ لڳي ويو. گهر وڃي جيئن ئي اشوڪ ماءُ ۽ ٻيڻ کي ڪويتا جي اسپتال ڀرتي ٿيڻ جي ڳالهہ ڇئي تہ هو ٻئي هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳيون.

اشوڪ ضروري سامان کڻي اسپتال روانو ٿي ويو.

انيتا چيو، ’ممي مونکي تہ ڀاڀيءَ جي چال ٿي لڳي آرام ڪرڻ جي بهاني اسپتال ۾ رهڻ ۽ گهر جي ڪم کان بہ موڪل جو هيءُ سُنو بهانو آهي.‘

ماڻس- ’نہ ائين نہ آهي، ڪجھ ڏينهن کان ڪويتا برابر سُست پئي نظر آئي. هاڻي توکي هيڏهان هوڏهان ڌيان نہ ڪري گهر جي ڪم ۾ ڌيان ڪرڻو پوندو. مونکي بہ رات جو ڪويتا وٽ رهڻو پوندو.‘

ڪويتا جو سلو سفرو موڊ سڄي ڏينهن لاءِ بگڙي ويندو هو. من ۾ سوچيندي بس تي تہ ھُن جو ڪو وسُ ئي ڪونهي.

گهر اچڻ ۾ بہ ڪڏهن ليٽ ٿي ويندي تہ سڀ اچي ورائيندا هُئس. اڄ تہ اشوڪ هُن کان اڳ گهر پهچي ويو آهي. شڪي نظرن سان ڏسندي چيائين، ’جناب جي سواري ڪٿان پئي اچي؟ ڪٿا تفريح ڪري آئين آهين؟‘

ڪويتا جو دماغ گرم ٿي ويندو هو. هڪ آفيس جي ٿڪاوٽ ٻيو بس جو انتظار. اشوڪ جا اکر جڻ هُن جي ڪنن ۾ زهر اوتي ويا. انهن ئي ڪپڙن سان رسوئيءَ ۾ گهڙي وئي ۽ شام جي چانهہ ۽ ناشتو ٽيبل تي سجائي ڇڏيائين.

ڪويتا جي سس ۽ نران ڪنهن ڪم ۾ هُن جي مدد نہ ڪنديون هيون هيڪاري ٻيون اشوڪ جا ڪن هُن جي خلاف ڀرينديون هيون. جڏهن ڏس تہ پاڙيوارين سان ٻيون سڄيءَ ڪالونيءَ تي چٽرون پيون ڪنديون هيون. ڳالهين مان هُنن جو پيٽ ئي نہ ڀربو هو، جڏهن ڪويتا روٽي پائي ڏيڻ تي هوندي تہ ٻئي پاڻ ڪي اشوڪ جي سامهون ڪم ۾ مشغول ڏيکارڻ جو ڏيکاءُ ڪندي روٽي اچي ٽيبل تي لڳائينديون هيون. اڄ بہ ائين ئي ٿيو. انيتا گرما گرم پڪوڙن جي پليٽ ڀاءُ اڳيان رکي تہ هو خوش ٿي انيتا جون وڏايون ڪرڻ لڳو- ”واهہ ڀائي ڀيڻ هجي تہ هئڙي.“

ڪويتا کي صفائي ڏيڻ جو موقعو ڪڏهن نہ ملندو هو جو اشوڪ گهر وارن جي برخلاف هڪ حرف بہ ٻڌڻ نہ چاهيندو هو.

آفيس جي ڪم ۽ گهر جي ڪم ڪرڻ ڪري ڪويتا ايڏي تہ ٿڪجي پوندي هئي جو هُن جو سرير تہ ڇا من بہ بيمار ٿي پوندو هو پر ڪوبہ گهر جو ڀاتي هُن جي وڏائي نہ ڪندو هو. سڀ چوندا هڪ ڪويتا ئي ٿي گهر جو ڪم ڪري ڇا هرڪو ٿو ڪري.

صبوح جي چانهہ ناشتي جو ڪم لاهي ڪويتا روٽي لاهڻ جي تياري ڪندي، آفيس لاءِ ٽفن پائيندي ڊوڙ ڊُڪ ۾ آفيس پهچندي وري گهر ايندي ۽ چانهن ۽ روٽيءَ جي ڪم ۾ جُنبي ويندي هئي. پر من کي تسلا ڏيندي هئا هُن جي ماءُ جا مٺا وڻ جيڪي وِدا گهڙيءَ ۾ هُن کي ڏنا ويا هئا. ٻين لاءِ جيئڻ جو سڏانت.

رات جو بہ ٽئي ٽي. وي. ڏسڻ ويهي رهند هئا.

ڪڏهن ڪا پڪچر، ڪڏن ڪرڪيٽ تہ ڪڏن گانا.

اڄ بہ رات جا يارهان اچي ٿيا آهن. اشوڪ ماءُ جي گود ۾ ليٽيو پيو آهي ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي. ماٽس اشوڪ جي وارن ۾ پيار سان آڱريون ڦيري پٽ تي ممتا لٽائي رهي آهي. ايتري ۾ اشوڪ ڪويتا کي سڏ ڪري ’ڪويتا پاڻي تہ پيار.‘

ڪويتا ٽري ۾ پاڻي جا گلاس کڻي پاڻي پياري پنهنجي ڪمري ۾ اچي ٿي چيلهہ تي زور ڏئي. هُن جي منهن مان آهہ نڪري ٿي وڃي. هوءَ ايڏو ٿڪ محسوس ڪري ۽ سوچي ٿي جڻ هن گهر ۾ هُن جو ڪو وجود ئي ڪونهي.

ايتري ۾ وري اشوڪ سڏ ڪري ٿو چويس، ”پليز ڪويتا هڪ ڪافيءَ جو دور ٿي وڃي تہ گهر ۾ ئي پڪچر هال جو مزو اچي وڃي.“

ڪويتا ڪنڌ هيٺ ڪري رسوئيءَ ۾ وڃي ڪافي ٺاهي ٽي ڪوپ ٽري ۾ کڻي اچي ٿي ڏئين.

ڪمري ۾ اچي تہ ساڍا يارهان ٿيا آهن. هُن کي تہ صبوح جو بہ سويل اُٿڻو آهي. اشوڪ تہ ٻہ دفعا بيڊ ٽي پي پوءِ ئي بسترو ڇڏيندو آهي.

کھڙا نہ کتا جواب ٿي ڏئي؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪويتا تہ ڪڏهن ڪورو اکر ڪونہ ڳالهائي. ممي، ممي ڪندي هُن جي زبان ئي ڪونہ ٿڪجي. سڄو وقت ڪم ۾ رهندي بہ ڪڏهن شڪايت ئي ڪونہ ڪري. انيتا کي هاڻي سُڌارڻو پوندو هوءَ تہ پرائو ڌن آهي جي سس کي وڃي اهڙا جواب ڏنائين تہ اسان جو نالو تہ مٽيءَ ۾ مِلي ويندو. ڪويتا سنسڪاري خانداني گهر جو ٻار آهي اسان کي بہ اُن جي شيوا ڪري خانداني جواب ڏيڻ کپي. اڄ مونکي بخار آهي تہ ڪم ڪٿي ٿي ڪري سگهان؟'

ٻڍاپي ۾ مونکي ڪم پٽ ۽ نونهن ئي ايندا. جيڪر ڪويتا هينئر ئي ڪمزور ٿي وئي تہ مان پوٽڙن پوٽڙين جو منهن ڪيئن ڏسي سگهندس؟

سچ چيو ويو آهي تہ نونهن بہ ڌيءَ ئي آهي. جڏهن هوءَ مونکي ماءُ ٿي سمجهي تہ هوءَ بہ منهنجي ڌيءَ ئي آهي.

انيتا ماءُ کي بيمار ڏسي چيو، 'ممي مونکي ڀاڀيءَ وانگر سوادي روٽي ٺاهڻ نٿي اچي اشوڪ بہ منهنجي هٿ جي روٽي دل سان نٿو کائي.'

ممي چيو- پٽ 'ڪير بہ ماءُ جي پيٽ مان سکي نہ ايندو آهي. هر ڪم سکڻو پوندو آهي. سُٺي روٽي ٺاهڻ زال ذات جو هڪ وڏو هُنر آهي. مڙد کي وس ڪرڻ جو اهو اهڙو وسيلو آهي جو پوءِ مڙد گهر ڇڏي ٻاهر ڪڏهن کائڻ ڪونہ ويندو.'

ڪويتا هاڻي بلڪل ٺيڪ ٿي وئي آهي. انيتا هُن کان پُڇي سُٺيون ڀاڄيون ٺاهي کارائڻ ۾ دلچسپي وٺي رهي آهي.

اڄ ٽيبل تي روٽيءَ جو انتظار ٿي رهيو آهي.

اشوڪ چيو- 'واهہ ڀائي اڄ ڇا تہ خوشبوءِ آهي انيتا ڀائي ڇا ٺاهيو اٿئي؟'

انيتا چيو- 'سرپرائيز ڀئيا ٿورو انتظار!'

اڄ انيتا ۾ گهڻو اُڇاهُہ آهي. هيءَ ڪويتا کان پڇي خود نئين ريسپي تيار ڪئي آهي. تمام خوشيءَ ۾ ڀرجي روٽي ٽيبل تي آڻي ٿي رکي.

اشوڪ ڏسي ٿو شاهي ڪوفتن جي ڀاڄي ۽ پنير جا پڪوڙا.

سڀ کائيندا انيتا جي ساراهہ بہ ٿا ڪندا وڃن ۽ آڱريون چٽيندا چٽڪارا ڏئي خوش ٿا ٿين. انيتا خوشيءَ ۾ ڀرجي اچي ٿي ڪويتا کي ڀاڪُر پائي. 'هيءَ سڀ پرتاپ اسان جي پياري ڀاڀيءَ جو آهي هاڻي مان بہ سُٺي روٽي ٺاهي ٿي سکهان ڪيئن ممي؟ ۽ ها ڀاءُ سُڀاڻي مان توهان جي پسند جا ڏهيوڙا ۽ ڦول پٽاشن جي ڀاڄي ٺاهيندس جو سڀ هٿ چٽيندا رهجي ويندا.'

اشوڪ- ڪنهن جا تنهنجا يا پنهنجا؟'

انيتا - ڀاءُ کي ان ڇيڙڻ تي مارڻ ٿي اچي.

اشوڪ - انيتا سُڀاڻي ڀاڄي آفيس لاءِ سرس ڏجانءِ تہ ٻين کي کارائي تنهنجي ائڊورٽائيزمينٽ ڪيان تہ من ڪو باندر توتي ريجهي پوي. انيتا شرم کان پنهنجي منهن کي هٿن سان لڪائي ماءُ جي گود ۾ لِڪي ٿي وڃي. اڄ سڄو گهر تمام خوش آهي ڪويتا جي صبر جو ڦل هو جو هُن اڄ ماءُ جي سکيا تي هلي سس کي ماءُ ۽ نران کي ڀيڻ ٺاهي ورتو هو. هاڻي تہ سس ۽ نران گهر ڇڏي ڪيڏهان ڪونہ وينديون هيون. ڪويتا جي گڻن جي تعريف ڪندو نہ ٿڪجنديون هيون. سڀ ڪم ونڊي ورهائي ڪنديون هيون. ڪويتا جي خوشيءَ جو تہ ٺڪاڻو ئي نہ هو. اڄ هُن جو ئي وجود سڄي گهر تي ڇانيل هئو.

انيتا- (روئڻهارڪي ٿي) ممي، ’اهو سڀ ڪيئن ٿيندو؟‘

ماٽس چيو ته پٽ ڏک سُک ته جيون جا ٻه پاسا آهن هاري بيماري سرير سان لڳل هوندي آهي. اُن جو علاج ڪبو تڏهن ماڻهون ٺيڪ ٿيندو.‘

انيتا چيو- ’پر ممي سڄي گهر جي روٽيءَ ڪم بابا مونکان ته ڪونه ٿيندو.‘

ماٽس- (ڏمڪائيندي) ٿيندو ڇو نه؟ ڪويتا ٻه ته ڪندي آهي. تون ٻه هاڻي شاديءَ لائق آهين. پرائي گهر ويندينءَ ته ڇا پلنگ تي ويٺي حڪم هلائيندينءَ؟‘

انيتا چپ ٿي وئي. سڄي مستي ڪافور ٿي ويس. ٺهيو ٺڪيو ٺڪر ملي ته ماڻهو مست ٿيو وڃي ڪم ڪرڻو پوي ته پري ڀڄيو وڃي.

شام جو اشوڪ ماٽس کي اسپتال ڇڏي آيو. صبوح جو واپس وٺي آيو. پر چئن ڏينهن ۾ وي گهر جو چرخو چين چين پيو ڪري. وقت تي نڪو روٽي نڪو چانهه. صبوح جو اشوڪ ٽيبل تي وينو هٿ مهٽي.

انيتا منهنجو ناشتو ڪٿي اڇ. انتظار ڪان پوءِ- پلا ٽفن ئي ڏي ته آفيس وڃان. پر اڻ وهيا ڏڳا پئي وهيا سو ڪم ڪيئن ٿئي. آخر اشوڪ غصي ۾ گهران نڪري ويو. ماءُ ڏيءُ هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳيون.

ماٽس چيو انيتا وقت ڏسي ڪم ڪبو آهي. تون سڄ اُڀرئي تائين گهوڙا وڪڻي سُمهي پئي هوندي آهين. اشوڪ ٻُڪيو هليو ويو.

انيتا- باسڻ ڦڻا ڪندي ’ممي، مونکان نٿو ٿئي ڇئن ڇڻن جي ڪاڏي جو بندوبست.‘

ماٽس- ’ڇو نٿو ٿئي؟ ڏينهن ۾ توکي چار چار دفعا توکي پيٽ ڏني سڀ ڪجهه کپي ڪڪ ڪٿي پيٽو نه ڪرين. ماڻهون ڪم مهل ڪم ڪري راند مهل راند.‘

انيتا چپ ٿي وئي منهن سُڄائي روئڻ هارڪي ٿي ويهي رهي. اشوڪ کي ڪپڙا ٻه روز هٿ ۾ ملندا هئا. اڄ ڪٿي ڪٻٽ کولي ته نڪو ڪو ڪپڙو پيرس هو. ڪنهن ۾ بٽڻ نه هو ته ڪا خميس اُڌڙي پئي هئي.

انيتا منهن جو ڪوبه ڪپڙو پريس ڪونهين. ڪويتا هوندي ته سڀ ڪم ٽپ ٽاپ هئو.

انيتا ڇا جواب ڏئي؟ ڪُڇي جهڙي پٽ.

غصي ۾ اڄ ٻه اشوڪ هليو ويو.

هفتو ڪويتا اسپتال ۾ رهي پر تمام ڪمزو هئي.

ڊاڪٽر ڪويتا کي مهينو ڪن پوري آرام جي هدايت ڪندي گهر جي موڪل ڏني. پر ڪاڏي پيتي جو خيال رکڻ جي خاص هدايت ڪئي. اشوڪ ٻه ڪويتا جو پورو خيال رکق لڳو. ميوو هُن جي منهن ۾ منٿون ڪري ڪارائيندو هو. ڪويتا جي سس ٻه هُن جي پوري سنڀال ڪندي هئي. وقت تي جوس ۽ سوپ وغيره ٺاهي تمام پيار سان پياريندي هئي.

ائين ڪندي هڪ ڏينهن انيتا ٽي. ويءَ تي پڪچر ڏسڻ ۾ مشغول هئي ماٽس رسوئيءَ ۾ ڪم ڪري رهي هئي. هن کي لڳو اڄ هن کي بخار ٿو چڙهي مٿو ڦرڻ لڳس. هوءَ اچي بستري تي ليٽي.

انيتا کي سڏ ڪندي چيائين- انيتا پٽ پاڇيءَ جي سنڀال ڪج. مونکي اچي تپ چڙهيو آهي.

انيتا جُهنجهلائي چوڻ لڳي- ’ممي توهان ته هڪ منٽ ٻه وهڻ نٿا ڏيو. مان ٻه انسان آهيان ٿڪجان ته ٿي. مان ايڏو ڪم نٿي ڪري سگهان.‘

انيتا ٽي ويءَ تي ويٺي ئي لوڪي جو جواب ڏنس ته ماٽس جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. جنهن ڏيءُ کي هوءَ اکين تي رکي فخر ڪندي آهي اُها

پاڙي جا ٻيا ماڻهو روئڻ ۽ جنهنجي ماءُ مري وڃي، اُهو نہ روئي؟ اڳتي هلي اُهو شخص خون وغيره جي جُرم ۾ ڦاٿو تہ پوليس کي سندس خلاف هڪ وڏيڪ 'دليل' ملي ويندو. هو ڪٺور دل آهي، پنهنجي ماءُ جي موت تي پڻ ڪين رُنو.

"سر، نمستي.... سڃاڻو ٿا؟"

منهنجي ويچارن جو سلسلو ٽُٽي پيو. ڪلهي مٿان مٿو ورائي ڏٺم، عجب وچان چيم، "اڙي، تون ڪملا! ڪيئن نہ سڃاڻيندس....."

وڌيڪ ڪجھ نہ چيم. سندس پرسان ڏٺم، ساڻس گڏ سندس ننهن جو هڪ جوان ڇوڪرو هو. ڪملا مونوٽ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي.

"ائين اِتي بيٺا آهيو. اڃا تائين توهين شونيہ ۾ نهاري ڪجھ ڳولهيندا رهند آهيو؟....."

هوءَ مشڪندي، هٿ جي هلڪي لوڏ سان، پنهنجي دوست سان گڏ پنيان واري ڪافي هائوس ۾ گهڙي ويئي. ڪافي هائوس مان شائستہ شور وَ غل اچي رهيو هو.

هوءَ مشڪندي هلي ويئي. پنهنجي ساٿيءَ کي منهنجي واقفيت ڏيندي الاجي ڇا جو ڇا چيو هوندائين. هائو، اڃا تائين مان دور دور شونيہ ۾ نهاري پاس پاس جون رنگين شيون ڏسندو آهيان. ڇا هڪ ئي وقت ڀاڻ تي رهندڙ، گذريل ۽ اڳتي ايندڙ ڳالهيون، واقعا ۽ وارداتون نٿيون ڏسي سگهجن؟ ڪملا ڇيڳڙي مسڪراهٽ سان هلي ويئي هئي. مونکي ياد آهي، مان جڏهن 'پوئٽري' پاڙهڻ لاءِ ڪلاس ۾ گهڙندو هوس. ڪملا گلاب جي گل جيان ٽِڙي پوندي هئي ۽ منهنجي هٿ ۾ جهٽ پنهنجو ڪتاب ڪڍي ڏيندي هئي ۽ پاڻ پنهنجي ساهيڙيءَ جي ڪتاب تان ڏسندي هئي. هُن ڪڏهن بہ اِهو شرف پاڻ کان وڃائڻ نہ چاهيو. مونکي ياد آيو، گهر ۾ جڏهن منهنجي مٽُٽي جون ڳالهيون هلي رهيون هيون ۽ ڪاليج ۾ اُنجي شُٽس پيئي هئي تہ هوءَ ڏاڍو رُني هئي. ٻين ڇوڪرين معنيٰ - خيز نگاهن سان کانئس پڇيو هو، "ڳهيلي! اِهي آنسون ڇو؟".....

مان اڄ تائين اِن ڪملا کي پنهنجي دل جي ديليءَ ۾ سانڍيندو رهيو آهيان. اڄ هوءَ گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ ملي هئي. ڏاڍي سٺي ڏينهن ملي هئي، جڏهن مان هڪ ڪهاڻي لکڻ وارو آهيان. کانئس جيڪر مان پڇيان ها، هُن اُن ڏينهن روئي روئي اکيون سُڄايون هيون؟ اُن ڳهيلي آنسوُن ڇو وهايا هئا؟ هوءَ ڇا اڄ ڪالهہ ڪناٽ پليس ۾ نوڪري ڪندي آهي؟ ساڻس گڏ اُهو ڇوڪرو ڪير هو؟..... هوءَ ڏاڍو خوش نظر آئي..... ٻيئي ڏاڍو خوش نظر ٿي آيا.

مان جنهنکي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي نائڪا بنائڻ چاهيان ٿو تنهنجي باري ۾ مونکي جڏهن ايترين ڳالهين جي خبر ناهي تہ پاٺڪن کي ڪيئن واقف ڪرائي سگهندم؟ هُن اِهو بہ تہ ڪونہ ٻڌايو تہ هوءَ اُن ڏينهن ڇو رُني هئي. اڳي شونيہ ۾ نهاري پاڙهڻ وارو منهنجو طريقو ڇو وٽندو هوس؟ اڄ منهنجو ريلنگس تي اِن نموني شونيہ ۾ نهارڻ ڇو ڪين وٽيس؟ ڇا مشڪي همدردي ڏيکارڻ چاهيائيهہ؟ مونکي ڪنهن همدرديءَ جي ضرورت ڪانہ آهي. يا ناري صرف شرڌا ٿيندي آهي؟..... خبر ناهي، شايد هُن شرڌا وچان ڪيڪاريو ۽ مرڪيو هجي.

سڀ ماڻهو گرم ڪپڙن ۾ مبلوسا هئا. 'يو آر وات، يوئر ٽيلر ميڪس يو.' ڏٺم، جنکي چست ۽ قيمتي ڪپڙا پيا هئا، سي آتم وشواس سان قدم وڌائي هلي رهيا هئا. ڏيري ڏيري آسمان مان انڌيرو لهي آيو. ڪناٽ پليس ڀهڪندو ٽهڪندو پي ويو. نِيون

ڪهاڻي ڪانہ لکي سگهيو آهيان

— ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي

سال ۾ ٽي - چار ڪهاڻيون لکي ولندو آهيان. پوءِ بہ اُهي ڪهاڻيون هونديون آهن يا نہ. چئي نٿو سگهان. هونءَ تہ اڄ ڪالهہ ڪويتا ۾ ڪهاڻيءَ، آتم ڪٿا ۾ ڪهاڻيءَ، ڊائري ۾ ڪهاڻيءَ، خط ۾ ڪهاڻيءَ وچ ۾ خٽر ڪو پردو آهي. سمورو بي نقاب حسن آهي.

صبح جو بستري مان اُٿڻ سان ئي ويچار آيم تہ اڄ جي تاريخ ۾ ڪا هڪ ڪهاڻي لکجي وڃڻ کپي. ”لکجي وڃڻ کپي.“ جو خيال ئي مورت روپ ۾ رچنا ڪرائي ٿو. هونءَ تہ سُڄاڻ ۽ باشعور ماڻهو سدائين تخليقي رهي ٿو. تخليق ڪندو رهي ٿو، حالتون جاچي ٿو ۽ نظام جي بهتريءَ لاءِ تصوير ٺاهي ٿو. پر سُڄاڻ ۽ باشعور ماڻهو اِها تصوير ڪنهن ’ميڊيم‘ ۾ آڻڻ لاءِ هڪ روشن گهڙيءَ- پريرڻا جي گهڙيءَ- فيصلو ڪري ٿو تہ ”تخليق ٿي وڃڻ کپي“- ’ميڊيم‘ ۾ آڻڻ جي سُستي ٿيندي آهي. ليڪن هڪ فنڪارُ اِها سُستي ڇڏي، ’آئيڊيا‘ ملڻ سان ئي ’آئيڊيا‘ کي هڪ چيتي جي چنبي ۾ ڪٽي پڃي ٿو.

صبح جو بستري مان اُٿڻ سان ئي پريرڻا ٿي تہ اڄ جي تاريخ ۾ هڪ ڪهاڻي لکجي وڃڻ کپي. اڄ سارو ڏينهن پڪيو آهيان. تخليق تڪليف ڏيندي آهي، اُن عين وقت تي پوڳائيندي آهي،

ڪناٽ پليس ۾ ريگل سئنيما گهر پرسان ’ريلنگس‘ جي سهاري الاجي گهڻو وقت مان بيٺو رهيس. لال بس، نيري بس، اسڪول بس، ڪاليج بس! اڇي ڪار، ڪاري ڪار، اندر ريڊيو لڳل ڪار، اسٽرينگ وهيل تي ميم صاحبہ واري ڪار! پان ٻيڙي سگريٽ ۽ چانهہ وارن دڪانن کي مال پهچائيندڙ سپلائر! منهنجي پٺيان ڪافي هائوس شائستہ شور وَ غل اچي رهيو هو ۽ منهنجي سامهون پارڪ ۾ غير شائستہ خاموشي ڇانيل هئي. شايد ڪافي هائوس جو ڏينهن وارو شائستہ ۽ شور وَ غل ان پارڪ ۾ رات واري غير شائستہ خاموشيءَ ۾ بدلجي ويندو آهي. اڄ مونکي پارڪ ۾ پسار ڪندي وارن ۾ وجهڻ وارو ڪانٽو ۽ ’برا‘ جو ٽُٽَل ڇِڳل هڪ هڪ ’هُڪ‘ مليا هئا.

مان ريلنگس جي سهاري بسين، ڪارين، ۽ انهن ۾ ويٺل ماڻهن کي ڏسي رهيو هوس- اڪيلو، اجنبي، ايتري ۾ منهنجي ذهن ۾ هڪ چتر اُڀري آيو- چتر، جي پينگئن وارن البيئر ڪامُو جي ناول ’آئوٽ سائيڊر‘ مٿان ڏنو هو. هڪ ماڻهو ماڻهن جي ڳاهٽ ۾ اڪيلو، هن دنيا ۾ اجنبي! ڏيکاءُ، هر سُو ڏيکاءُ. جيڏهن ماءُ مري وڃي تہ اندر ۾ ڪيترو بہ غم هوندي، ٻاهر بہ آنسوُن وهائڻ ضروري آهن. اوڙي

نالو : ڊاڪٽر موتيٰ لعل جوتواڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ئي - ۱۴، ديانند ڪالوني، لجپت نگر، نيوُ دهلي.

آگر سان نڪ تي عينڪ ٺيڪ رکندي، هُن اڳتي ٻڌائڻ شروع ڪيو. لوڌي روڊ ڪالونيءَ ۾ هڪ ٽيلر ماستر آهي. سندس دڪان ۾ رکيل ڪپڙن کي لڳاتار پنج راتيون باهه لڳندي رهي آهي. چون ٿا، ڪالهه اُن درزيءَ پنهنجا ڪپڙا ٻئي درزيءَ جي دڪان ۾ رکيا، اُن ٻئي درزيءَ جا ڪپڙا بچي ويا. هُنجا ڪپڙا ڪونه بچي سگهيا. ويچارو لاچي ويو. ڪيس ڪوبه ماڻهو سبڻ لاءِ ڪپڙو نٿو ڏئي.''

''گپ شپ ڪالم لاءِ اِهو هڪ سُٺو مواد آهي،'' هڪ ڇٽي چيو.

هڪ ڇٽي جو اجا تائين اُن ۾ پورو ڌيان نه ڇڪجي سگهيو هو. ليڪن ٻڌائڻ واري اخبار نويس کي اِها تسلي هئي ته ڪيس ٻا ڇٽا ٻڌي رهيا هئا. هن وچ وچ ۾ مون ڏانهن پڻ نهاريو ٿي.

''ڪالهه رات دڪان ٻاهران پوليس جو پهرو هو.''

''پر اهو ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟''

''ڪانئس مون ٻاڻ ساڳيو سوال ڪيو هو. هن چيو ته هڪ بينگالي ساڌوءَ جو سراپ هو. اهو ساڌو ڪجهه ڏينهن اڳ اُن درزيءَ وٽ ڪپڙو ڪٽي آيو هو، ته هو درزي ڪيس ڪڙتو سبي ڏئي ۽ نوٽ ۾ استري تپائڻ يا ڪپڙن کي استري ڪرڻ جو ننڍو وڏو ڪم ڪرائي، ليڪن درزيءَ کي ڳالهه نه آئڙي هئي.''

هينئر مس مس اُن ٽئين ماڻهوءَ ڳالهايو. چيائين، ''ڀلا، اين ساڌوءَ موٽ ۾ درزيءَ جي دڪان تي ڪم ڪرڻ چاهيو هو؟''

مونکي لڳو، اُهو ٽيئون ماڻهو صرف جرنلزم جو ئي نه، بلڪ لٽريچر جو پڻ ماڻهو هو. اڄ صبح جو بستري مان اُٿڻ سان ئي خيال ٿيو ته مان اڄ هڪ ڪهاڻي لکان. لين ساڌوءَ جي غئبي شڪتيءَ ۾ مان به پورن ريت وشواس نه ڪري سگهيو آهين، منهنجا ٻڌيمان پائڪ ڪونه مڃيندا.

ٻئرو هُنن ڪان ڪافيءَ جي ٽن پيالن ۽ بٽر ٽوسٽن جو آرڊر وٺي ويو هو. منهنجي پيالي ۾ ڪافي ختم ٿي ويئي هئي. مون سوچيو- ٻئرو اچي ته مان بل ڏيئي اُٿي کڙو ٿيان.

خوابي ماحول. نيم روشني نيم انڌيرو، سگريٽ جي دونهين جا غبار!

ٻئرو ٽري ۾ ڪافيءَ جا ٽي ڪوپ ۽ بٽر ٽوسٽ کڻي آيو. هُنجو چهرو اڳ جيان پٿر هوم ٻاونا هيڻ ۽ ٻتڙيل! مون ڪانئس بِل ڏسي ڏهين رپئي جو نوٽ سندس ٽري ۾ رکيو- هِن پيري الاجي ڇو ڏهين رپئي مان باقي جا پئسا وٺڻ جي چاهنا ڪانه ٿي.

۽ مان ڪافي هائوس مان تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيس. هاڻ گهر ۾ مون سوچيو، اڄ سارو ڏينهن پٽڪيو آهيان ۽ هڪ ڪنڊ وٺي ڪهاڻي لکڻ وينو آهيان. اڄ جي ڊائري پري ويو آهيان. ليڪن ڪهاڻي ڪانه لکي سگهيو آهيان.

لائيٽس جي ٻاڙهاڻ نيراڻ وڌندي ويئي. اچوڪي سيپيتا وئشيا وانگي شام جو انتظار ڪندي آهي، جئن اُها پنهنجين سيني بناوٽي شين جو مظاهرو ڪري سگهي. ڪناٽ پليس جا دڪاندار پنهنجن دڪانن ۾ بتين جي جهر مر ڪري خوش هئا. گراهڪ پڻ دڪانن ۾ ٻتين جي جهِر مِر ڏسي خوش هئا. خوش هئا؟ خوش نظر ٿي آيا.

اوچتو ڪافي پيئڻ جي چاهنا اُتپن ٿي، پيئڻي هئي ۽ اُن ڏينهن جي بجيٽ ۾ به هئي. جڏهن جڏهن ڪناٽ پليس ۾ ڪافي پيئڻ جي چاهنا ٿيندي اٿم ته مان پنيان واري ڪافي هائوس ۾ اچي وهندو آهيان. اُنجو خوابي ماحول، نيم روشني - نيم انڌيرو، مان ڪافي هائوس ۾ گهڙڻ سان پنهنجا ئي ڳولهيندو آهيان. نظر ورائي ڏٺم، اُتي منهنجو چاتل سڃاتل شخص ڪونه هو.چاتل سڃاتل شخص جي پنهنجائيءَ کان مونکي خاص وٽندڙ سيٽ جي پنهنجا ئي وڌيڪ پسند پوندي آهي. اُن ڪافي هائوس ۾ جنهن جڳهه تي وهڻ چاهيندو آهيان، اُها جڳهه ملي ويئي - جڳهه، جا ڪنڊ ۾ هئي، جتان مان سيني کي (ڪن کي سامهون، ته ڪن کي پنيرو) ڏسي ٿي سگهيس ۽ جتي پنيرو وينل ماڻهو مونکي ڏسي نٿي سگهيا.

ڪافي هائوس ۾ اجنتا جي چتر جيان غضب جي گونا گونيت هوندي آهي، سيني جون جدا جدا مدرائون! هڪ ٻئي جا، هڪ ٻئي کان دُک سُک الڳ - الڳ! ايتري ۾ مَنَ جي شانت ٻَنَ ۾ بگهڙ جون به اکيون ٽانڊن جيا ٻري اُٿيون. ياد آيم، منهنجي ٽيبل ۽ اُنجي چوگرد ڪرسين جي سار سنڀال ڪندڙ نمبر ٽئين ويٽر کي منهنجو گراهڪ هئڻ هرو ڀرو پسند ناهي، اهو انڪري جو مان ويٽرس کي 'ٽِپ' نه ڏيئي سگهندو آهيان. مان اهو ڇيد نه ڪري سگهيو آهيان ته اُن لاءِ وڌيڪ جوابدار منهنجي من جي حالت آهي، يا ڌن جي حالت، يا ٻيئي حالتون.

بئري اچي مون اڳيان پاڻيءَ جو گلاس رکيو. ڪيس ڇيم، ”ويٽر، هڪ ڪافي..... ۽ هائو، هيءَ سگريٽ پيءُ..... ۽ ماچيس ڪڍُ، مان به سگريٽ دڪائي وٺان.“

سگريٽ جي اُلجهيل - اُلجهيل دونهين ۾ ڏٺو، هنجو چهرو اڳ جيان پٿر هو - ڀاونا هيڻ ۽ ڪنور! جڏهن مان اِن ٽئين لفظ 'ڪنور' تائين پهتس ته مون محسوس ڪيو ته اُن بئري جون حالتون سٺيون نٿيون ڏسجن. شايد پٿر جي اُها مورتي ڇيٽيءَ جون اچا وڌيڪ چوٽون سهي رهي آهي. هو ٻوڙ ۾ پنجي رهجي ويل ۽ ڍُتڙيل پئي لڳو، ليڪن ڏوڙ ۾ هارايل يا هيسيل بندو نه.

”ايڪسيوس ايس.“

مُنهن مٽي ڪري ڏٺم، ٽي ڇٽا بينا هئا. مان اچا ”يا.... يا....، هئو يوُئر سيٽس.“ چوان چوان، انڪان اڳ اُهي پاڻ ۾ دوست ڀرسان پيل ٽنهي سيٽس تي ويهي رهيا. ”ايڪسڪيوز مي“، 'آءِ ايم ساري'، 'پليز....' وغيره لفظ گهٽو ٽٽو ڪوڪلا آهن. اڪثر ٻين کان سهوليت وٺڻ جو لائيسنس آهن.

”هاڻي مان لوڌي روڊ کان اچي رهيو آهيان. پنهنجي اخبار لاءِ هڪ باڪس سٽوري ملي اٿم.“ ويهڻ سان هڪ چٽي چيو.

ٽيئي اخبار نويس ٿي ڏسڻ ۾ آيا. هڪ چٽي باڪس سٽوري جي ڳالهه ڪئي. باقي ٻن چٽن جڳياسا ڪانه ڏيکاري. باڪس سٽوريم سڪوپ، ڪئريڪيچر وغيره جون ڳالهيون سندن لاءِ روز مره جو زندگيءَ جو حصو آهن.

ڪري جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ آيو ته ڏٺائين ته بينا اڳ ۾ ئي سندس ڪپڙا ڪڍي رکي ويئي آهي. اصل جوراب به ڪين وساريا هئائين.

پڙ پڙ ڪندي راجيش چيو، ”راڻي سڀ ڪجهه تيار ڪري رکي ويئي آهي.“ ۽ پوءِ ڪو خيال اچڻ تي جوراب ڪڍي ڪبٽ جي پنيان فٽي ڪيائين ۽ رڙ ڪري چيائين، ”منهنجا جوراب ڪٿي آهن بينا!“

بينا ڪاوڙجي ڪن ڪڍي بند ڪيا.

راجيش هٿ ۾ خميس ڪڍي بينا جي ڪمري سامهون اچي چوڻ لڳو : ”لاٽ صاحب جي ڌيءُ منهنجا جوراب ڪٿي آهن؟“

بينا خاموش رهي، پر ماٽس کي ڪجهه چڙ لڳي ۽ چوڻ لڳي، ”توهان ٻنهي منهنجي دم ۾ دم آڻي ڇڏيو آهي، جڏهن ڏس تڏهن پاڻ ۾ وڙهڻ، هيءُ سڀ کهڙو نئون نمونو تيار ڪيو اٿو.“ ۽ پوءِ انهن جي ڪمري وٽ وڃي سڏ ڪرڻ لڳي، ”ڪنوار، او ڪنوار!“

بينا اُٽي دروازو کوليو ۽ راجيش طرف تيز نگاهن سان ڏسندي لنگهي ويئي. اجان راجيش ڪپڙا مٽڻ ۾ رڌل هو.

”امان کيس ئي خبر آهي ته هن منهنجا جوراب ڪٿي رکيل آهن. ڪيترا هٿ کان گرانس وينو. پر نه ڪو ئي جواب ٿي ڏئي ۽ نه جوراب ٿي ڏئي.“

ماٽس راجيش طرف نظر ڪئي. ماءُ کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي راجيش بوڊ ۾ پرجي ويو ۽ چيائين، ” هوءِ نه ٿي چاهي ته مان ڪو ڪاليج وڃان. سندس خيال آهي ته بي. اي. ڪئي اٿم ته سڀڪي ٿيو. انهيءَ ڪري ئي ته ڪڏهن جوراب لڪائي، ڪڏهن بوٽ، ڪڏهن خميس لڪائي.“

ماٽس ڪاوڙجي چيس، ”توکي ڪاليج وڃڻو آهي يا نه؟“

واڇ طرف نهاريندي جواب ڏنائين، ”نو ته لڳي ويا آهن. هاڻ ڪاليج ۾ ڇا وڃي ڪندس.“

اُتي بينا دل جو بخار ڪڍندي چيس ، ”ڪاليج ۾ پيرڊ ته هڪ ئي پورو ٿي ويو آهي، پيا ته هوندا نه، يا ڪاليج ۾ وڃڻ جو خيال ئي ڪونه اٿو.“

”پيرڊ هوندا توهانجي ڳوٺ ۾. هت ته ڪو ۹ ڪان دير سان ايندو آهي ته ان لاءِ ڪاليج جو ڦاٽڪ ئي بند ٿي ويندو آهي.“ راجيش چيو.

ماٽس چپ چاپ اُتان هلي ويئي. کيس ويندو ڏسي بينا به زوردار آواز ۾ چيو، ”جي ڪاليج جو وقت گذري ويو آهي ته وڙهڻ مان ڪهڙو فائدو. اڳتي لاءِ به ڪو خيال رکڻو پوندو. پر هاڻ وڌيڪ صفائي ڏيڻ جي بجاءِ ڪپڙا پهري ڪاليج وڃو.“

ڪجهه ياد ڪري راجيش چيو، ”ته منهنجا جوراب ڪٿي آهن.“

”ڪٽ ۾ پيا آهن.“ چوندي بينا وڌي زور سان پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪيو. راجيش ڪجهه وقت لاءِ اُتي ويٺو رهيو، پر پوءِ ڪتاب ڪڍي ڪاليج ڏانهن هليو ويو.

بينا پوءِ پنهنجي ڪمري مان نڪري گهر جي ڪم ڪي لڳي ويئي. هن راجيش جي ڪمري کان ڪي صاف ڪيو. ڪتاب ٺاهي رکيا. هنڌ جي چادر بدلائي ۽ وري سس جي ڪمري ۾ وڃي ڪنهن ٻئي ڪم جي حڪم جو انتظار ڪرڻ لڳي.

سسٽس باپوه مان چيس، ويهه ڪنوار!“

بينا ويهي رهي تڏهن سسٽس سمجهائڻ لڳس، ”بينا تون خود ۽ سياڻي ۽ سمجهو آهين. خبر به اٿئي ته راجيش هر ڳالهه تي ٿو ڪاوڙجي ته تون کيس اهڙو موقعو ڏين ڇو ٿي. صبح جو گرم پاڻيءَ

بينا

— شريمتي اَنيتا ڪيولراماڻي

بالٽيءَ ۾ پاڻي پري رکيو اٿم، اُٿي شنان ڪيو. ”بينا تمام تيزيءَ سان ڪمري ۾ آئي، پر وري جلد ڪيڏانهن نڪري غائب ٿي ويئي.

راجيش ننڊ ۾ ھوٽيل اکين کي مٿلي، ھٿ وڏائيندي سڏ ڪيو! ”بينا... بينا... ھڏ تہ...“

پر بينا واپس ڪانہ آئي. راجيش پلنگہ تي اُٿي ويلو ۽ ڪر موڙيندي مشڪندو غسل خاني ۾ ھليو ويو. بالٽيءَ پاڻي ڪافي گرم ھو، ھن اھو سڀ ھاري ڇڏيو ۽ بالٽيءَ کي ٿڌي پاڻيءَ سان ڀري ڪاوڙ مان رڙ ڪيائين. ”بينا! او بينا!“ پر جواب نہ ملڻ تي ماءُ وٽ ڏانهن ٿيندي چيائين، ”امان مون گرم پاڻي رکڻ لاءِ چيو مانس، پر ڏس تہ ھلي ڇا رکيو آھي.“

ماڻس ڌيمي آواز سان پڇيس، ”آخر ڳالھ ڇا آھي؟“

”امي منھنجو سر.“ راجيش بي ڌڙڪ جواب ڏنو. ”شنان جاءِ ۾ تمام ٿڌو پاڻي رکي ويئي آھي، ڪيترا دفعا سمجھاو ٿي مانس تہ اٺين بجي گرم پاڻي تيار رھي، جيئن ساڍي اٺين بجي ڪاليج وڃي سگھان، پر منھنجي ھڏي ڪير ٿو. راڻي صاحبان ايندي تہ ٿڌي پاڻيءَ سان بالٽي ڀري رکي ويندي ان کي گرم ڪير ڪندو؟ سندس پيءُ؟“

ھڏي ھڏي جيئن پر ٿي، تہ ڪمري ۾ اچي بينا چيو : ”ٿڌي پاڻيءَ سان شنان ڪريو ڪو برف تہ ڪونہ ٿي ويندا؟“


”ٿي پوندس، ھا ٿي پوندس.“ راجيش ڪاوڙي ماءُ طرف مڙي چيو، ” امان ھي سڀ ھاڻ منھنجي سھڻ کان ٻاھر آھي.“

ماڻس ڪجھ سمجھي ڪين سگھي، باقي بينا کي ٻاھوہ مان سو چيائين، ”ڀلا ڪنوارا جي ماٺھو ھيءُ ھڏندا تہ ڇا چوندا.“

جواب ڏيڻ جي بدران بينا سنان جاءِ ۾ وڃي بالٽيءَ جو پاڻي ھاري ڇڏيو ۽ سامھون واري ڪمري ۾ وڃي اندران در ٻائي ڇڏيائين.

راجيش جڏھن ماءُ جي ڪمري مان آيو تہ ھيءُ سڀ ڏسي دنگہ رھجي ويو ۽ بينا جي ڪمري جي دريءَ مان نھاري چيائين، ”باپ ڙي! ايڏي تہ گرم ٿي ويئي آھي جو بالٽيءَ کي صرف ھٿ لائيندي تہ پاڻي گرم ٿي ويندو. باہ ٻارڻ جي ضرورت ئي ڪانہ پوندي. ٻاھر اچي بالٽيءَ کي ھٿ لڳائي تہ اچي بينا! ھڏين ڪانہ ٿي؟“

جڏھن ڪيس بينا وٽان ڪو جواب نہ مليو تڏھن مجبور ٿي ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪرڻ ھليو ويو. سنان



نالو	:	اَنيتا ڪيولراماڻي
جنم	:	٢٧-٨-١٩٣١
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ١٠
اِنعام	:	گجرات سنڌي اڪادمي ۽ اِنعام، انترراشٽريہ يونيسڪو جو اِنعام، انترراشٽريہ ڀاشا وڪاس ٻاران.
پيشو	:	گھرو ناري
پتو	:	ھري شيوا، پلاٽ ٣٨٢/٤، سيڪٽر ٢٩، گانڌي نگر (گجرات)

سسٹس ڪيس سڏي رهي هئي. گھڙيال طرف نهاري سس کي چيائين، ”اڃان ڪونہ آيا آهن ڇا؟“

”راجيش سويل ئي ماني کائي سمهي پيو آهي.“ سسٹس چيو ۽ پوءِ ڪلندي پاڻ بہ رنڌڻي ۾ ماني کائڻ لاءِ هلي ويئي.

صبح جو نيم انوسار پاڻي گرم ڪري بينا سڏ ڪيو، پر وري کو خيال اچڻ تي پاڻ ئي سنان جاءِ ۾ پاڻيءَ جو ٽول رکڻ ويئي. راجيش کو ان ڏينهن سويل اُٿيو هو ۽ هو اندر ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪري رهيو هو.

بينا پاڻيءَ جو ٽول ٻاهر رکندي چيو، ”ٿڌي پاڻيءَ سان ڇو ٿا سنان ڪيو.“

راجيش ڇوه مان چيو، ”ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪندس تہ برف ڪونہ ٿي ويندس.“

بينا مشڪي چيو، ”شايد بالٽيءَ جو پاڻي، ڇهڻ سان گرم ٿي ويو هوندو.“ پوءِ هيءَ رنڌڻي ڏانهن هلي ويئي. سڀ کان عجب جي ڳالھہ تہ اها هئي جو اڄ راجيش چڱيءَ طرح ماني کائي سوِيل ئي ڪاليج هليو ويو هو.

سسٹس بينا کان پڇيو، ”ڪيئن ڪنوار ديال شيوا ۾ اٿس نہ؟“

اُداس من سان بينا جواب ڏنو، ”ها.“

ٻئي ڏينهن بہ راجيش بينا سان ڪونہ ڳالهايو. گھر جو سڀ ڪم ڪار ٺيڪ طرح سان هلي رهيو هو.

اڄ ماني ڪندي سندس هٿ سڙي ويو هو. چلھہ تي رکيل ٻاچي بہ سڙي ويئي هئس. هٿ تي ڪا دوا لڳائي هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي هئي.

رات جو جڏهن راجيش گھر آيو تہ اهڙي ماني ڏسي اهڙي تہ بخيلي لڳس جو ٿاليءَ کي کارن مان ڪڍي ڦٽي ڪيائين ۽ پوءِ رڙيون ڪري چوڻ لڳو، ”نہ کائيندس هيءَ ماني. وڃ ڪڍي وڃ. هنن سڀني تہ منهنجي جيئڻ ئي جنجال ڪري ڇڏيو آهي.“

ديال چپ چاپ ويٺو رهيو. ماڻس اچي راجيش کي چنڀ ڪڍي، ”ڪجھہ سوچي سمجھي ڳالهائيندو ڪر. ماني تيار ڪندي ڪنوار جو هٿ سڙي ويو آهي. ٻڌندي تہ ڇا چوندي.“

راجيش جوش مان جواب ڏنو، ”چوندي وري ڇا؟ مان کو هن کان ڊڄان ٿو. ڇاڻ ڪا وڏي نواب جي ڌيءَ آهي جو مان هن سان ڊڄي ڳالهايان.“

ماڻس چپ ڪري هلي ويئي.

راجيش ڪجھہ ٽون مان ڪرڻ کان پوءِ ديال کي سڏ ڪري پڇيو، ”ڇا سچ پچ بينا جو هٿ سڙي ويو آهي؟“

ديال ڪند لوڏي ها ڪئي.

راجيش دل ۾ الائي ڇا سوچڻ لڳو. پوءِ آهستي آهستي هو بينا جي ڪمري ۾ آيو. ڏٺائين تہ بينا سڏڪا ڀري روئي رهي آهي. ڳالهائڻ چاهيندي بہ هو ڪجھہ ڳالهائي نہ سگھيو. انهيءَ ڪري موٽي پنهنجي ڪمري ۾ آيو. هاڻ جڏهن بينا راجيش جا ڪم ڪندي هئي تہ هو رڙورڙ ڪين مچائيندو هو. هو هاڻ بلڪل ماٺ رهندو هو. راجيش جي ماءُ هاڻي سوچيو تہ بهتر ٿئي تہ ڪنوار ڪجھہ وقت لاءِ پيڪي وڃي ۽ ڪجھہ سکي اچي. ان طرح سوچيندي هن ڪنهن سان بہ صلاح ڪرڻ جي بجاءِ، هن ڪنوار جي پيڪن کي لکي موڪليو.

ڪيترا ڏينهن تہ بينا راجيش جي سامهون ڪين نہ آئي، اهو سوچيندي تہ جوراب ڪونہ ليندس تہ پاڻيهي سڏ ڪندو.

هڪ دفعي سامهون آئي تہ راجيش چيس، ”نہ ڳالهائيندئن تہ مان کو ٻنان ڳالهائڻ جي مري ڪونہ ويندس.“

ان جو جواب بينا ڏئي بہ تہ ڪهڙو ڏئي. هوءَ خاموش رهي. اڄ جڏهن راجيش رسوئي کائڻ ويو تہ ڏٺائين تہ بينا پاڻ ئي ٿالي ڪڍي ڪنڌ هيٺ ڪري

لاءِ توکي چيائين تہ نو ڪين ڏنس، وري جوراب لڳائي رکيس.''

''ءُ پڌا'' سسٽس ڪجھ ياد ڪندي وري کيس چيو، ''اڄ کان ولي مون ديال (نوڪر) کي راجيش جي هر ڪم لاءِ سمجهايو آهي. تون رسوئي ڪج اچي نہ تہ اُها بہ مان ئي ڪندس.''

بينا خوش ٿي چيو، ''نہ امان! مونکي رسوئي ڪرڻ ايندي آهي.''

شام جو جڏهن راجيش ڪاليج مان موٽيو تہ ڏٺائين تہ ديال سندس ڪمري ۾ بيٺو آهي، کلي پڇيائينس، '' هت ڇا پيو ڪرين؟''

هٿ جوڙي ديال چيو، ''ماتاجيءَ توهانجي هر طرح جي شيوا ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي آهي. ڪو حڪم ڏيندي سرڪار.''

راجيش سڀ ڪجھ سمجهي ويو، ''نئين نئين ڪنوار آهي، امان ڪٿي مٿي چاڙهيو اٿس. ڪوڙيون سچيون ڳالهيون امان کي چيون هونداءِين تہ ڪم کان ڇٽي.'' ايئن سو چوندو پلنگ تي ويٺي رهيو. بوٽ لاءِ روب سان ڦٽو ڪيائين ءُ انهن ئي ڪپڙن سان ليٽي پيو.

ديال ڪنوار وٽ وڃي ڪجھ چوڻ چاهيو پر چئي ڪين سگهيو، تڏهن بينا کلي چيس، ''بک لڳي هوندس تون وڃي رسوئي ڏس.'' ءُ رسوئيءَ جي پاتل ٿالي کيس هٿ ۾ ڏنائين.

راجيش کي بک نہ هئي، تنهن هوندي بہ ٿاليءَ ڏانهن ڪجھ سوچي چيائين، ''ڪنهن ماني ڪئي آهي؟'' جواب ملڻ جي وري آکيائين، 'هيءَ ڪلاڻ هن پاسي ڪنهن رکي آهي؟ ڪنهن چيو هو تہ پلاٽن جي پاڇي ناهيو. ڪٿي وڃ ٿالي.'' ڪاوڙ ۾ خبر ناهي تہ ڪيڏانهن بک غائب ٿي وئي.

ديال کيس ڪاوڙيل ڏسي ماٺ ميٺ ۾ ٿالي کڻي رنڌڻي ڏانهن هليو ويو.

دروازي جي آواز مان راجيش کي خبر پيئي تہ بينا پاسي واري ڪمري ۾ آهي.

جاڳي ٻجهي وري ڪاوڙ واري نوع ۾ چيائين، ''وڏي آئي آهي ماني ڪرڻ. اڃان جي چڱي طرح جانورن جي کائڻ لائق ماڇي ڪٽي ناهي اٿئين. مان ٿو چوان تہ هن گهر ۾ مونکي رهڻ ڏيندا ا نہ؟'' پر بينا وٽان ڪو بہ جواب نہ پائي رڙ ڪيائين، ''اڙي، ديال!''

بينا سندس ڪمري ۾ اچي چيو، ''هيءَ ئي رسوئي آهي، دل چاهيو تہ کائو، نہ چاهيو تہ نا کائو. گهر ۾ رکو توهين ڪين آهيو، جنهن پنيان پيڇ لڪائي بيٺي ڦرندس.''

راجيش تڏهن رڙ ڪري چيو، ''امان پڌي رهي آهين نہ؟ مان ئي هن گهر مان نڪري ٿو وڃان.'' ائين چئي بوٽ پاءِ ڏاڪڻ هيٺ لهي ٻاهر هليو ويو.

جڏهن راجيش ڏاڪڻ لهي ويو تڏهن بينا ديال کان سوال ڪيو، ''امان ڪٿي آهي؟''

''پاسي واري گهر ويني آهي.''

ڇڱو تون هاٿي وڃي باسڻ صاف ڪر.''

ديال جي وڃڻ کان پوءِ بينا ڪمري کي سجائڻ لڳي. ان ڪري نہ جو راجيش گهر مان نڪري وڃڻ جي ڌمڪي ڏيئي ويو هو، پر اڪثر ڪري کيس اهڙي عادت پئجي ويئي هئي. راجيش تہ ڪيترا دفعا ايئن گهر نہ موٽڻ لاءِ چئي ويندو هو، پر ڪلاڪ پن کان پوءِ واپس هليو ايندو هو. پلا پليل جو ايئن لاڏ ڪوڏ مان هو ان ڪري جيڪي ايندو هوس سو وات مان چئي ويندو هو.

ڪمري کي چڱي طرح صاف ڪري بينا ٻاهر آئي ءُ ديال کي چيائين، ''تيڊو بابو اچي تہ رسوئي کارائجانس.'' گهڻي ڏينهن کان پوءِ ماني ڪئي هئائين، ان ڪري ٿڪ لاهڻ لاءِ پنهنجي پلنگ تي ليٽي پيئي. ڪجھ وقت کان پوءِ جڏهن اک کليس تہ پڌائين تہ

ڪاڪو موتيرام

— ناڪر چاولا

ممبئي نرسنگ هوم جي آءِ سي يوءَ ۾ ڪاڪو موتيرام ٻن ڏينهن کان آيل هو. سندس رت جو داٻ گهٽجي ويو هو ۽ گڏو گڏ سندس رت مان کنڊ به ضرورت کان وڌيڪ گهٽجي وئي هئي، جا هن لاءِ خطرو پيدا ڪرڻ واري هئي. هو ڊائبليز جو مريض ته هئو ئي. کاڌي جي پرهيز ڪرڻ ڪانپوءِ به هن جي شگر نيراٽي به وڌيڪ هوندي هئي. هن کي ڊاڪٽرن چئي ڇڏيو هو ته هو ڪيئن به ڪو تناءُ من تي نه رکي ۽ هر روز ٻه ڪلوميٽر پنڌ ڪري ۽ ساٿ ساٿ مٺاڻ کائڻ کان بلڪل پرهيز ڪري.

ڪاڪو موتيرام پنڌ به ڪندو هو، کاڌي جي پرهيز به ڪندو هو پر دماغ تي جو تناءُ هئس، ان کي گهٽ ڪري نه سگهيو ۽ ٻاهريون کاڌو کائڻ سان ۽ ٻاهريون پاڻي پيئڻ ڪري، هن جو پيٽ خراب ٿي پيو هو ۽ ٿوري ڪچڙي کائيندي، هن ڪيترا ڏينهن گذاريا هئا پر ڊائبليز هئڻ ڪري هو ڳورين جو پورو پورو ڊوز وٺندو رهيو، جنهن ڪري هن جي رت مان شگر ايتري قدر گهٽجي وئي جو ڪجهه ڪلاڪ اڳ ڪوما ۾ هليو ويو هو. هنجو ڳالهائڻ بند ٿي ويو، هو ڪنهن کي سڃاڻي به نه پئي سگهيو، سڏ ڪرڻ تي به ڪو جواب نٿي مليو، اڌ رات جو ئي کيس نرسنگ هوم ۾ آندو ويو ۽ جڏهن کيس گلوڪوس، نسن جي معرفت ڏنو ويو تڏهن هن اکيون کوليون ۽ سيني کي سڃاڻڻ لڳو.

ڪاڪو موتيرام، هڪ آبرودار ۽ وڏي ڪٽنب مان هو. هن جو ٻاڻليو جنهن کي هن پاڙهي وڏو ڪيو ۽ کيس ڪنهن دوست وٽ نوڪريءَ لاءِ دبئي موڪلي ڏنو. هيڏانهن سندس لاڏلو، ڪڏهن گوئا ۾ ته ڪڏهن ڪلڪتي ۾ ته ڪڏهن ممبئيءَ ۾ ڪپڙي جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو ۽ آهستي آهستي پيءُ کان رقم وٺندو ويو ۽ ڌنڌي ۾ سيڙپ ڪندو ويو. ڪاڪو موتيرام آزمودگار هو. سچي زندگي دنيا جون هيٺاهيون مٿاهيون ڏسندو رهيو هو. پر اڄ جي جوانن کي اهڙي آزمودي جي گهرج ڪٿي آهي! هن پنهنجي هڪ ئي سڪيلڌي پٽ جي شادي ڌام ڌوم سان ڪرائي. ڌنڌي ۾ پنج لک وجهي ڏنا، جيڪي هوند هن بئنڪن مان وياج ڪمائي، زندگيءَ جا آخرين پل سک ۽ ڪنهن به تناءَ کانسواءِ گذارڻ ٿي چاهيا. پر حالتن ۽ پٽ جي موهه ۾ هن آهستي آهستي سڀ ڪنا ڪيل روپيا- فڪسڊ ڊپازٽ مان واپس ڪڍايا ۽ پٽ جي ڌنڌي کي وڌائڻ لاءِ پٽ کي ڏيئي ڇڏيا پر پٽ جون ضرورتون پوريون نه ٿي سگهيون. ڌنڌو هڪ

نالو : ناڪر چاولا
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو :

اچي رهي آهي. ڪاوڙ نہ معلوم ڪيڏانهن غائب ٿي ويس. ڪيس چوڻ لڳس، ''بينا ٻڌ اڄ پڪچر تي هلندينءَ نہ؟''

بينا جون نظرون خود بہ خود راجيش ڏانهن ڇڪجي ويون، پر راجيش جو ان طرف ڪو ڌيان ڪونہ ويو ۽ چيائينس، ''تمام سٺي پڪچر لڳي آهي.''

بينا دل ئي دل ۾ خوش ٿي گڙيال طرف نظر ڪندي چيو، ''ڪاليج نہ وڃڻو اٿو ڇا؟''

جلدي جلدي ڪپڙا پهري ڪتاب کڻي راجيش ڏاڪڻ تان لهندي رڙ ڪري چيو، '' لاٽ صاحب جي ڌيءُ وسارج نہ، تيار ٿي ويهج.''

بينا کلي ورايو، ''چڱو سائين چڱو.''

شام جو سئنيما جون بہ ٽڪيٽون وٺي راجيش گهر آيو تہ ڏٺائين تہ ديال سٺا ڪپڙا پهري سامان هيڏانهن هوڏانهن ڪري رهيو هو. کلي پڇيائينس، ''ديال! اڄ تہ جهڙو راجا پيو لڳين. ڪيڏانهن جي تياري آهي؟''

ديال جي چپن تہ زبان ئي بند ٿي ويئي، جيئن تيئن ڪري چيائين، ''ننڍي ڪنوار بہ تہ وڃي ٿي نہ سرڪار.''

راجيش کلي چيو، ''پر هوءَ تہ مونسان پڪچر ڏسڻ ٿي هلي نہ.'' پوءِ يڪدم بينا جي وڏي ڀاءُ شيکر تي نظر پيس. هو سڀ ڪجهه سمجهي ويو ۽ يڪدم ماءُ کان پڇائين، ''امان هيءُ سڀ ڪيڏانهن ٿا وڃن؟''

ماڻس جواب ڏنو، ''ڪنوار پيڪي ٿي وڃي. اڃان ننڍي آهي. هٿ من ئي ڪونہ ٿو لڳيس.''

راجيش کي ڪجهه وڌيڪ ٻڌڻ جي طاقت ڪونہ هئي. بينا پيڪي ٿي وڃڻ چاهي ڇو مان ورهندو آهيانس ان ڪري! انهيءَ ڳالھ جو ڪيس خيال ڪونہ آيو. ڀريل من سان هو ڪمري مان ٻاهر نڪري هليو ويو. ويندي ويندي ڏٺائين تہ بينا دري وٽ هار سينگار ڪيو بيٺي

آهي. سئنيما جون ٽڪيٽون ڦاڙي ڇڏيائين ۽ ڪيترو وقت باغ ۾ ويٺي نہ معلوم ڇا سوچيندو رهيو.

رات جو گهر موٽيو تہ چپ چاپ وڃي پلنگ تي ليٽي پيو. ديال کي سامهون بيٺل ڏسي چيائين، ''مونکي بکہ ڪانهي.'' ۽ پوءِ اکيون پوري سمهي پيو.

بينا راجيش جي ڪمري ۾ اچي سندس مٿي تي هٿ رکي پڇيو، ''طبيعت ڪيئن اٿو؟''

تڙ تڪڙ ۾ راجيش اُٿي ويٺو. بينا! ها بينا ئي تہ آهي ۽ پوءِ عجب ۾ پئجي پڇيائينس، ''تون وئينءَ ڪانہ ڇا؟''

''ويندس وري ڪيئن، چري آهيان ڇا؟'' چوندو هوءَ جيئن تڪڙي ڪمري ۾ آئي هئي، تڪڙي ڪمري مان نڪري ويئي.

ديال اچي اُتان لنگهيو تہ راجيش سڏ ڪري پڇيس، ''ننڍي راڻي جو ڪين ويئي؟''

ديال ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، ''خبرناهي سرڪار، ڪپڙا وغيره پاڻ ئي تيار ڪري ويٺي هئي، پوءِ توهانکي ڪمري ۾ نہ ڏسي خبر نہ آهي تہ ڇو خيا لاهي ڇڏيائين. شيکر بابو بہ ڪاوڙجي هليو ويو.''

راجيش کي زور سان کل اچي ويئي ۽ ديال کي چيائين، ''اڙي! ماني تيار ڪونہ ٿي آهي ڇا.''

اکيون هيٺ ڪري ديال ورايو، ''سرڪار، اوهان تہ...''

''اڙي جڏهن چيو هوم تڏهن نہ''راجيش کلي چيس، ''هاڻ وڃي ڏس راڻي صاحبا ڪٿي آهي. وڃي چئيس تہ ماني منهنجي اڳيان حاضر ڪري. مان بدولت رسوئي ورتائڻ لاءِ تيار ويٺا آهن.''

دريءَ مان آڱوٺو ڏيکاري بينا جواب ڏنس، ''مان ڇا ڪريان.'' ائين چئي تڪڙي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي اندران در بند ڪري ڇڏيائين.

آنڊ مانڊ


— موهن واسواڻي

صبح ٿيندي ئي جيئن ڪُکڙ ٻانگهه ڏني، منهنجي اک کُلي پيئي، پر مان اُٿڻ بدران محسوس ڪرڻ لڳس ته شايد منهنجي بدن ۾ سگهه ئي ڪونه رهي آهي. اِنڪري چادر لهڻ بدران ڇڪي پنهنجي منهن کي ڍڪي ڇڏيو ۽ چپ چاپ اکيون ٻُوٽڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳس، مان اڃا ننڊ ۾ غلطان ٿيان. اُن کان اڳ ئي شريمتيءَ جو وڏي واڪي سڏ ٿيو، اُٿو، چانهن تيار آهي. مان اِهو ٻڌي اَڻٻڌو ڪري اکيون ٻُوٽي بنا ڪنهن چرڻ پرڻ جي چپ چاپ مڙهي وانگر سمهيو ئي رهيس. ڪجهه منٽ مس گذريا ته وري آواز آيو، ٻڌو ڪونه ٿا ڇا چانهه ٿڌي ٿي رهي آهي، اُٿو ٻارن کي اڄ اِسڪول ڪونه ڇڏڻ ويندا ڇا؟

ٻارن کي اِسڪول وڃڻ جو ٻڌندي ئي منهنجي ننڊ الائي ڪيڏانهن هلي ويئي ۽ آرس به ٽڪي الائي ڪيڏانهن هلي ويو، مان ٽپ ڏيئي يڪدم اُٿي وينس ۽ چادر لاهي هڪ پاسي ڦٽي ڪئي. مان اُٿي باٿ روم ۾ لنگهي ويس ۽ جلد ئي هٿ منهن ڌوئي گرڙي ڪري ٻاهر نڪري آيس. باٿ روم مان نڪري سِڌو ئي ڪاڏي جي ميز تي وڃي وينس، جتي منهنجي شريمتيءَ چانهه ٺاهي رکي هئي.

مان ڪُرسي ڇڪي ۽ اُن تي ويهي چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ کڻي پيئڻ لڳس، ايتري ۾ منهنجا ٻار به تيار ٿي اچي ميز تي ويٺا ۽ ناشتو ڪرڻ لڳا. منهنجي هڪ ٻار کي ڳالهائڻ جي تمام گهڻي عادت هئي. چپ ڪري ويهڻ هن کي وٽندو ئي ڪونه هئو، ڇاڪاڻ ته اِهو هن جي وس جي ڳالهه ئي ڪونه هئي. هن ڊبل جو هڪ ٽڪرو ٽوڙي چانهه ۾ ٻوڙي پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ چانهه جو ڍُڪ ڀري پڇيائين ته انگريزيءَ ۾ مينسز جو مطلب ڇا ٿيندو آهي؟

مان اِهو ٻڌي وائڙو ٿي ويس ته هن ٻار اِهو اکر ڪٿان پڙهيو ٻڌو آهي. منهنجون اکيون عجب ۾ ڀرجي ويون. مان سوچڻ لڳس ته هن ٻار کي اُن سان ڪهڙو مطلب، سمجهه ۾ ڪونه آيو. مان سوچڻ لڳس ۽ هن کي ٽارڻ خاطر چيو. پٽ جيئن ڪجهه اخبارون روز، ڪجهه هفتوار، ڪجهه مهني مهني نڪرنديون آهن. اهڙي ريت جيڪي اخبارون مهني مهني نڪرنديون آهن اُنهن کي منٿلي يا مينسز به چئبو آهي. مون ڏٺو ته هُو منهنجي هن جواب سان خوش (رضامند) ڪونه ٿيو، هن وري سوال دُهرايو دادا مان اخبارن واري مينسزجي ڳالهه ڪونه ٿو پڇان. مان ته زالن واري مينسز جي ڳالهه ٿو پڇان؟



نالو : موهن واسواڻي
جنم : ٢-١٠-١٩٣٨
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٢، اخبارن ۾ رسالن ۽ ڪويتائون، ڪهاڻيون.
اِنعام : ڪندريه هندي سچواليه پاران، دهلي ايڊيوڪيشن بورڊ پاران
پيشو : رٽائرڊ اِنڊين اِنفارميشن سروس جو آفيسر (اسلنٽ ايڊيٽر)
پتو : جي. ايف. ٢٩، ڪڙڪي ايڪلينشن، مالويه نگر، نئي دهلي.

ڪوهہ ٻڌجي ويو جنهن ۾ جيتري رقم وجهہ اها اندر ئي پئجي ٿي ويئي. ڪٿي ڪا ڳڙ ٻڙ هئي. جنهن کي ڪاڪو موتيرا سمجهي نہ سگهيو. هن جڏهن پٽ جي مرضي رکڻ لاءِ، ساري رقم ڪڍائي هن کي ڏني، تڏهن پٽس انجام ڪيو هو تہ ڪيس رقم تي ٻاهران ملندڙ وياج ڏيندو رهندو، جيئن ڪاڪو موتيرام پئسن لاءِ ڪنهن ڏانهن نہ نهاري اهو سندس محڪم ارادو هو. ان ڪري ئي هن ٿوري ٿوري ڪري هيتري رقم پاسيرو ڪئي هئي. هن پنهنجي ڏيئرن کي بہ پنهنجي هٿان ڏيئي خوش رکڻ ٿي چاهيو. غريب غربن کي بہ پنهنجي ڪمائيءَ مان مدد ڪرڻ ٿي چاهي. وچولي درجي وارن ٻارن کي پاڙهڻ ٿي چاهيو- ڪڏهن ڪنهن تيرٿ تي تہ ڪڏهن ٻئي تيرٿ تي وڃي پنهنجي من کي موج ۾ رکڻ ٿي چاهيو. پر اهي سڀ تمنائون دونهين وانگر هيڏانهن هوڏانهن هو ۾ هليون ويون.

ان رات ڪاڪي موتيرام جي ننڊ ڦٽي پيئي هئي جو هن جو سڪيلڊو پٽ ڪنهن پارٽيءَ تي ويل هو پر اڌ رات گذري وڃڻ تي بہ نہ موٽيو هو، هن جي نونهن پيڪي ويل هئي. ڪاڪي فون جو رسيور کنيو ۽ ٻڇي ٻڇي پنهنجي پٽ کي موبائيل تي فون ڪيو ”پٽ! رات جا ساڍا ٽي ٿيا آهن اڃا تون گهر نہ آيو آهين.“ پٽس جو جواب هو ”تہ پوءِ“ يعني اها کهڙي وڏي ڳالهہ آهي جو ساڍا ٽي وڳا آهن ۽ مان گهر نہ آيو آهيان. جواب ٻڌي ڪاڪي موتيرام جا لپ لڙي ويا. هو هال مان ٻاهر نڪري پئسيج ۾ ٻتي ٻاري اُتي ٽنگيل آرسيءَ ۾ نهاريو، هن جون اکيون آليون هيون هن منهن ڏوتو ۽ اچي پنهنجي بستري تي ليٽي پيو ۽ زندگيءَ جو ٽيپ رڪارڊر جنهن ۾ گذريل چاليهہ سالن جي ٽيپ پيل هئي پاڻيهي واپس هلڻ لڳي.

چاليهہ سال اڳ جڏهن پٽس جو جنم ٿيو هو. ڪيترين نہ آزيون نيزاريون ڪيون هيون هن جي لاءِ. پيرن فقيرن درويشن، مندرن مان دعائون پنيون هيون. هن کي ياد آيو ڪيئن جڏهن پٽس جون اکيون گرميءَ ۾ هميشهہ اُٿي پونديون هيون ڪيس سندس نانيءَ وٽا ڊپ پارائڻ لاءِ ڪلهن يا هنج ۾ ڪٽي ويندو هوس. هنجون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ماڻس سان بہ ڪوڙ ڳالهائيندو هوس، پنهنجي طلبن کي پاسيرو ڪندو رهندو هوس. ڪاڪي موتيرام کي ائين لڳو، اسين آخر پٽن جي هئڻ جي ايتري زوردار تمنا ڇو ٿا رکون، جتي ويچاريون نياڻيون گهڻو ڪري نڪيون ستائين. اهي ئي تہ آهن جيڪي پنهنجي ٻڍن مائٽن جي شاديءَ ڪانپوءِ بہ سار سنڀال لهن ٿيون ۽ هنن جو وڏيڪ ٿو هڏ ڪڙڪي! شادي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ بہ ڇڻ ٻنهي کهرن سان نباهڻ ٿيون چاهين.

گهر جي ٻاهرئين لئچ ڪلڻ جو آواز آيو، ڪاڪي موتيرام گهڙيال ڏانهن نهاريو. صبح جا پنج وڳا هئا. هن جو پٽ گهر ۾ گهڙيو ۽ موتيرام اکيون بند ڪري، پاسو ورائي سمهي پيو ۽ ٻئي ڏينهن هن پاڻ کي نرسنگ هوم ۾ پاتو.

ٻہ مني ڪهاڻيون

— ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

١ - بدل سدل

هن جڏهن کان ساليءَ کي ڏٺو هو تڏهن کان مٿس هرکہ هاري ويٺو هو. سماج جي نيمن ۾ ٻڌل هئڻ ڪري هوءَ ظاهري طرح ڪجهندو ڪونہ هو پر اندر ئي اندر ۾ لُڇندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن هو بازار مان پاڻي ڇڪڻ جي مشين وٺي آيو. اها مشين هن ڦٽنگ ڪرائي گهر ۾ لڳائي تہ اها ڪم ئي نہ پئي ڪري. دڪاندار جيتوٽيڪ مشين جي خاطري ڏيندي چيو هوس، ''سائين، هھڙي سٺي مشين توهان کي ڪٿي بہ نہ ملندي. مان توهان کي شيءِ جي گئرنٽي ٿو ڏيان. ان هوندي بہ ڪو نُقص ڏسڻ ۾ اچي تہ توهان بلاشڪ واپس ڪٽي اچجو. مان اها مشين توهان کي بدلي ڏيندس.''

اهڙي خاطري تہ هن کي سندس سهري بہ ڏني هئي، اسان جي ڇوڪري اٿو گونگي گانءِ. هڙي ڇوڪري توهان کي ڪڏهن نہ ملندي. هيءَ توهان جي گهر کي سرڳ بڻائي ڇڏيندي.''


''ڏوڙ جڏهن کان آئي آهي تڏهن کان گونگي بڻجي ويٺي آهي. گهر سرڳ تہ نہ بڻجي سگهيو آهي، ماڳهين ئي نرڪ بڻجي ويو آهي. تنهن کان تہ هن جي پيٺ سلي.'' اڪثر هو سوچيندو رهندو هو.

سُستيءَ ئي سُستيءَ ۾ ٻہ چار ڏينهن گذري ويا. هوءَ دڪاندار کان پاڻيءَ جي مشين جي بدلي ۾ ٻي مشين وٺڻ لاءِ نہ وڃي سگهيو. جنهن ڏينهن ويو تنهن ڏنهن مشين جي بدلي ۾ ساڳيءَ ئي ڪمپنيءَ جي مشين وٺي آيو. ساڳئي ڏينهن هن هيو بہ ڪم ڪيو. زال کي گهر مان ڪڍي ان جي پيڻ کي اچي گهر ۾ ويهاريائين!

٢ - دلال

جهامن جو اسڪوٽر جهونو ٿي ويو هو. دوست هميشہ ٽوڪيندا هئس تہ هوءَ نئون اسڪوٽر ڇو نہ ٿو وٺي.

هڪ ڏينهن خار ۾ اچي جهامن چئي ڏنو، ''توهان روز-روز مونکي اسڪوٽر لاءِ ٿا چئو. پهرين هيءُ اسڪوٽر وڪڻائي ڏيو تہ پوءِ نئين اسڪوٽر لاءِ سوچيان.''



نالو : ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي
جنم : ٩-١-١٩٣٦ لاڙڪاڻہ سنڌ
ڇپيل ڪتاب : اٽڪل ١٠٠
اِنعام : ٩ ڪتابن تي قومي سطح تي اِنعام، هڪ ڪتاب تي سوويت لئنڊ نهرو اِنعام، ٧ ڪتابن تي گجرات سرڪار پاران اِنعام
پيشو : گجرات راجيہ پاٺشالا پستڪ منڊل ۾ سنڌي وڀاڳ جو آفيسر
پتو : 172، مهارٽي سوسائٽي، سردارنگر، احمدآباد

اِهو ڇا ٿيندو آهي. مان وري هن کي ٽارڻ خاطر ساڳيو جواب ڏنو ته اخبارن واري مينسز کي به زالن واري مينسز ڇئبو آهي. منهنجي هن جواب مان هُو اڃان به رضامند ڪونه ٿي لڳو. هن پنهنجون ڳول ڳول اکيون گهمائيندي چيو ته ڇا دادا توهان سچ ٿا چئو. مونکي اهو ٻڌي اندر ۾ ڏک لڳو ۽ مان محسوس ڪرڻ لڳس ته ان ۾ شڪ ڪونه هئو ته مان هن کي ٺيڪ ڪونه ٻڌائي رهيو هئس پر هن عمر ۾ هن کي اهو سچ ٻڌائڻ ٺيڪ آهي يا غلط، مان اِنجو فيصلو اڃا ڪونه ڪري سگهيس. مان اُلٽو هن کان ئي سوال ڪيو ته اِهو اکر ڪٿان پڙهيو ٻڌو آهي؟

هن تمام سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو مان مميءَ سان گڏ اِسپتال ويو هوس، اُتي هڪ پوسٽر لڳل هو اُن تي اِهو اکر لکيل هو ۽ اُن سان گڏ هڪ عورت (زال) جو فوٽو پڻ ڇپيل هو. مان اِهو ٻڌي سوچڻ لڳس ته اسانجي سوچ ۽ اسانجي سرڪار جو سوچ ڪي ڇا ٿي ويو آهي، ڪيئن نه اسانجا ننڍا ننڍا ٻار به هن چڪرويو ۾ ڦاسي ويا آهن. اسانجي سرڪار پنهنجي ٻارن کي هن ڪچيءَ عمر ۾ ئي بگاڙي سڌاري رهي آهي. اِهي ٻار سياڻي ڇا ڪندا، ڇا سوچيندا؟ اسانجي ملڪ جون واڳون ونندي ئي هن ملڪ جو ڪهڙو حال ڪندا؟ ڪهڙيون حالتون آڻيندا؟ ڪهڙو سڌارو ڪندا؟ هن قسم جا وگياپن ٽي. وي. تي به ڏيکاريا ويندا آهن، نه صرف ايترو، اڌ اُگهاڙيون زالون، ننڍين پٽن وارا ڪپڙا ۽ بريزريون پائي سمنڊ جي ڪناري، هوٽلن جي پولن تي، رانديڻ جي ميدانن ۾ ۽ ڪڏهن ته بزارين ۾ خريداري ڪندي پڻ ڏيکاريون ويندون آهن، نه صرف ايترو پر فلمن ۾ ته اُن کان به وڌيڪ حد هوندي آهي، جو اُن سان زوريءَ مر، زناءَ ڊانس يا بستري تي زبردستي ڪندي، ڇڪي ڦاڪيون پائڻ، چُميون ڏيڻ وٺڻ، سيڪس سين وغيره وغيره ڏيکارڻ، هڪ عام رواجي ڳالهه ٿي ويئي آهي. نه صرف ايترو پر ڪن وقتن تي ته زالون پڻ پنهنجون اُگهاڙيون ڇاتيون ڏيکاريندي آهن. اُن مان اسانجا ٻار بگڙجي وڃن ته اُنهن جو ڪهڙو ڏوهه سچ پڇ ڏوه ته اُنهن امير زادن جو آهي جيڪي هروقت عورتن کي اُگهاڙو ڪرڻ، رکڻ، ڏسڻ ۾ پنهنجو شان سمجهندا آهن ۽ اُنهن کي هڪ رانديڪي وانگر ڪم آڻيندا آهن. اهڙو ڪجهه جي ننڍا ٻار ڏسندا ته انهن جي نازڪ دل من تي ڪهڙو اثر پوندو، اُهو سرڪار ئي سوچي سگهي ٿي. زال مڙس سان بستري ۾ ڇا پئي ڪري، ڇا ڪندي آهي، ڇا اِهو سڀ ڏيکارڻ ضروري آهي؟ ڍڪ پڙدو زالن جو زيور ٿيندو آهي، پر جي هوءَ سيني جي اڳيان اُگهاڙي ٿي ويئي ته پوءِ اهو زيور ڪهڙي عزت رهندي.

هن سڀ مان ظاهر آهي ته اِنسان آهستي آهستي واپس پٿر زماني ڏانهن وڌي رهيو آهي. جنهن وقت ۾ ماڻهون به مرن وانگر اُگهاڙا رهندا هئا ۽ زوريءَ زناءَ ڪندا هئا. اُهو وقت ڪونه آهي جڏهن اسان پنهنجي سنسڪرتيءَ جو واڌارو ڀلي ڪري، غفائن جي شرن وٺڻ لاءِ مجبور ٿيون.

سچ آهي ته ڪنهن ملڪ کي بگاڙڻو هجي ته اُنجي سنسڪرتي، اُنجي علم ۽ اُنجي تعليم کي خراب ڪجي ۽ اُنجي نئين نسل کي اُگهاڙو ڪجي يا اُگهاڙپ وارو ماحول ڏجي، ملڪ پنهنجو پاڻ ئي دوزغ نرڳ بڻجي پوندو ۽ ايندڙ نسل ملڪ کي پاتال، رساتل ڏانهن ڪٺي ا ولي ويندي.

وشواس

— ساوتري ديوي ٺهلياڻي

هو رڳو مورتي ڪار هو پر ڀڳوان جو ڀڳت به هو. ان ڪري هو اڪثر ڀڳوان جون مورتيون ٺاهيندهو بلڪ ٺاهي وڪڻندو هو. پر ماڻهن جي اهڙين مورتيون وٺڻ ۾ ڪا دلچسپي ڪان هوندي هئي. ان ڪارڻ وڪري خاص ڪانه ٿيندي هئي. ايتري به ڪمائي ڪانه ٿي سگهندي هئي جنهن مان ٻنهي زال مڙس جو گذارو ٿي سگهي. زال هميشه ناراض رهندي هئس ۽ چوندي هئس ته ڀڳوان جي مورتين ڪان سواءِ ڪجهه ٻيون اهڙيون مورتيون ٺاهه جنهن ۾ اڄ ڪلهه ماڻهن جو گهڻو چاهه آهي. تنهن هوندي به هو ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڀڳوان جي مورتيون ٺاهڻ ۾ مست رهندو هو. ڪمائي نه جي برابر هئي. چاڪاڻ ته ماڻهن جو چاهه ڀڳوان جي مورتين ڏانهن ڪونه ويندو هو. ماڻهو گهڻو ڪري ائڪٽر ۽ ائڪٽريس جون مورتيون ۽ نگين عورتن ۽ فاحش مورتين ڏانهن گهڻو چاهه هو.

جڏهن ،مورتي ڪار ڏٺو ته ڪمائي بلڪل ڪانه آهي. بڪن ۾ پاهه ٿيڻو ٿو پوي تڏهن به اهي ڀڳوان جون مورتيون کڻي تروپتيءَ جو هڪ وڏو تريٿ آستان آهي جت هزارين ماڻهون درشن لاءِ اچن ٿا بالاجيءَ جي درشن لاءِ. اتي وڃڻ جو پڪو فيصلو ڪيو، ان ارادي ۽ وشواس سان ته من اُتي ڪو ڀاڳ پڙائي. زال سان ڳالهه چوريائين جنهن خوشيءَ سان موڪل ڏنس ته ڀلي قسمت آزمائي ڏس.

مورتي ڪار پنهن جون مورتيون کڻي تروپتيءَ ويو ۽ اُتي بالاجيءَ جي مندر ڀرسان چادر وڇائي ڀڳوان کي ياد ڪري ويهي رهيو. پر قدرت اهڙي ٿي جو اهڙي پوتر آستان تي به ڪنهن به ياتريءَ اک کڻي ڪونه نهاريو. نراس ٿيو پر همت ڪونه هارائين. ڀڳوان ۾ ڀروسو هوس. هو ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪري روز نيم سان مورتيون کڻي اچي مندر جي سامهون ويٺي رهندو هو. شايد قسمت ۾ ڪاڪاڻ هئي. هڪ به مورتي ڪانه وڪامي پر دل ڪان هارائين. ڀڳوان کي ياد ڪندو هو پر ڪڏهن ڏوراپو ڪونه ڏنائين.

آخر چوٿين ڏينهن هو روز مره وانگر مورتيون کڻي اچي مندر اڳيان ويٺو. هن کي پورڻ وشواس هو ته اڄ ياتري منهن جون مورتيون خريد ڪندا! پر شام ٿي ويئي هڪ به مورتي ڪان وڪامي. نراس ٿيو ۽ جيئن ئي ڀاڀائين ته مورتيون کڻي گهر لاءِ روانو ٿيان ته ايتري به هڪ غريب ڦاٽل ڪپڙن ۾ اچي

نالو : ساوتري ديوي ٺهلياڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ٢٣٩، ڊبل اِسٽوري، نيون راجيندر گر، نئي دهلي.

دوستن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. دل ۾ سوچيائون، ڀلا ڪهڙي ڪاڻ اسڪوٽر هن کان وٺندو ڪير؟

هڪ دوست هن جي دل رکڻ لاءِ چيو، ”هيءُ اسڪوٽر وڪڻائي ڏيان ته پوءِ ته نئون اسڪوٽر وٺندين نه؟“

”ها.“

”پڪو انجام؟“

”ها پڪو انجام.“

دوستن چيس، ”هڪ دلال منهنجو سڃاڻل آهي. هوءُ اسڪوٽرن جي موٽرن جي دلالي ڪندو آهي. سڀاڻي صبح جو مون وٽ اچج ته مان توکي هن وٽ وٺي هلندس.“

ٻئي ڏنهن هو ٻئي دلال وٽ آيا. دلال اسڪوٽر ڏٺو ۽ ٻنهي کي چيائين، ”هيءُ اسڪوٽر وڪامبو ضرور پر پئسا گهٽ ملندا. هڪ گراهڪ منهنجي ڏيان ۾ آهي. هوءُ جهونيون شيون وٺڻ پسند ڪندو آهي. ڪيس هينئيون مٺيون ڏسي توهان کي اسڪوٽر وڪڻائي ڏيندس. توهان شام جو پنجين بجي اسڪوٽر کڻي اچجو. مان گراهڪ کي به هن وقت گهرايان ٿو.“

شام جو جهامن اسڪوٽر کڻي دلال وٽ آيو. گراهڪ اڳ ۾ ئي اُتي پهچي چڪو هو.

دلال گراهڪ کي اسڪوٽر ڏيکاريو. اسڪوٽر جي هر هڪ پارٽ چي هوءُ ساراهه ڪندو پئي ويو، ”ڏس، هيءَ هن جي باڊي. بلڪل لوهه جي ۽ مضبوط. هن جي مشين ڏس. جيڪڏهن اها مشين ڪڍي بازار ۾ وڪڻجي ته نئين اسڪوٽر جي اڌ قيمت جيترا پئسا ته واهه جا ملي وڃن. هيءَ ويل ڏس. اڄ ڪلهه جي اسڪوٽرن کان ڪيڏا نه مضوبط آهن. سنا به ڪيڏا ٿا لڳن! هيءَ خاص جرمنيءَ جا پيل آهن...“

دلال ايئن گهڻي دير اسڪوٽر جي خوبين جي ساراهه ڪندو رهيو. گراهڪ وٽڻ جو اڃان ويچار ڏيکاري تنهن کان اڳ جهامن دلال کي ٻانهن کان پڪڙي هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويو ۽ چوڻ لڳس، ”ڀائي صاحب، منهنجي هن اسڪوٽر ۾ ايڏيون خوبيون آهن تنهن جي ته مون کي به خبر ڪانه هئي. مون کي پنهنجو اسڪوٽر وڪڻڻو ڪونهي.

نوُري ڄام تماچي

— پاروُ چاولا

سنڌ جو هڪڙو حاڪم ڄام تماچي جو سمي گهراڻي مان هو. هو شڪار ڪرڻ جو ڏاڍو شوقين هو. هڪ ڀيري شڪار سانگي ڪينجهر ڍنڍ تي وڃي نڪتو. (ڪينجهر ڍنڍ سنڌ ۾ ٺٽي ۽ جهرڪن جي وچ ۾ هيلايا ٽڪريءَ جي هيٺان آهي. ان ٽڪريءَ تي ڄام هڪڙو محل اڏيو هو جتي وڃي شڪار کان پوءِ آرام ڪندو هو.) تنهن نظر وڃي هڪ مهاڻيءَ تي پيس. جا ڏاڍي سهڻي هئي. پڇڻ تي معلوم ٿيس ته هن جو نالو نوري آهي. هو ته هن کي ڏسندي ئي مٺس موهت ٿي پيو. نوريءَ جي سوکين ۽ ناز ۾ کوهجي پنهنجي محلات ۾ آيو پر ڏاڍو بي چئن. هن کي ته نوريءَ جي نيڻن ۽ هرڪائيندڙ سوکفن حيران ڪري ڇڏيو هو. هنجي هلت چلت کي پئي ساريائين. آخر ذات-پات جي ڀيد وساري نوريءَ جنهن تي صاحب رامني ساڪئين ماڻ پائيندي؟ پر نوري اُهائي سباجهي ۽ نماڻي.

محلات ۾ رهندي به هوءَ اهو ڪونه وساريندي هئي ته مان اصل مهاڻي آهيان. پنهنجي مڇين جي ٽوڪري ۽ اُهو وڳو ساڻ کڻي آئي هئي ۽ شام جو در بند ڪري اُهي ڪپڙا پائي پراڻنا ڪندي هئي ته شل پرين پرتوئي رهي. راڻو رڏوئي رهي. شل ڪڏهن به ايمان ۽ غرور ۾ ترڪي نه پوان. نياز ۽ نماڻائيءَ سان رهان.

هڪ ڏينهن سمي نياپو موڪليو ته سڀ سميون تيار ٿي وهن جيڪا مون کي پسند ايندي تنهن کي سير ڪرائڻ وٺي ويندس. سڀ سميون هار سينگار ڪري وينيون پر ڄام تماچي اُنهن ڏانهن نهاريو به ڪونه هو سڌو نوريءَ جي محلات ۾ ويو. هن ڪو به هار سنگار ڪونه ڪيو هو. راجا پڇيس، ''لڏ پاڻ کي سينگاريو ڪونهي؟'' نوريءَ نياز ۽ نماڻائيءَ سان چيو، ''منهنجو سينگار به تون. سهاڳ به تون. سڀ ڪجهه تون. تون راضي ته سينگار جي ڪهڙي ضرورت؟'' ڄام تماچي اهو نياز وارو نياپو ٻڌي گد گد ٿيو ۽ کيس پٽ راڻي ڪيائين.

دلبر دل ڏسي نوازيندا آهن. سچائي قبول پوندي آهي سپرين وٽ. هار حليمائيءَ جو. منڌليون

نالو	:	پارو چاولا
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	

هن جي اڳيان بيٺو ۽ هڪ مورتي خريد ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريائين. چيائين هي مورتي ڪار مون وٽ صرف هڪ ٽامي جو ٽڪو آهي. جي تنهنجو ويچار رهجي ته هيءُ ٽڪو وٺ ۽ هڪ مورتي ڏئي. هن اهو ٽڪو وٺي ان غريب کي مورتي ڏني. اهو ٽڪو مٽي تي پاٽل انگوڇي جي ڪنڊ ۾ ٻڌي وري ور ۾ ويڙهي ڇڏيائين ۽ مورتيون کڻي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. گهر اچي ڪوٺيءَ ۾ مورتيون رکي ۽ انگوڇو به اُتي ڇڏي اچي زال سان مليو.

زال حال احوال وٺي مذاق ۾ پڇيس، ”تروپتيءَ مان ڇا ڪمائي آئين؟“ جواب ڏنائين، ”جيڪو ڪمائي آيو آهيان اهو انگوڇي ۾ ٻڌل آهي ۽ ان ڪوٺيءَ ۾ مورتين جي پرسان رکيو آهي،

جيئن زال اندر وڃي انگوڇي جي ڳنڍ کولي ته حيرت ۾ پئجي ويئي ۽ خوشيءَ سان رڙ نڪري ويس. ڇا ٿي ڏسي! ڏسي ٿي ته انگوڇي ۾ ته رڳو سونيون مهرون ٻڌل آهن. مڙس کان پڇيائين، ”هيتريون سونيون مهرون ڪٿان آيون؟“ مورتي ڪار پاڻ وائرو ٿي ويو ۽ زال کي ٻڌائين ته جنهن غريب کي مون مورتي ڏني ان رڳو هن کي هڪ ٽڪو ڏنو. شايد اهو غريب نه پر ڀڳوان هو جنهن منهنجي هيترا ڏينهن آزمائش پئي ورتي ۽ مون تي راضي ٿي هيترو ڌن ڏنو آهي. من ۽ من ۾ ڀڳوان کي ڏنڊوت نمسڪار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو، ”هي پرڀو! تنهن جي مايا جو ڪوبه ڀيد پائي ڪونه سگهيو آهي. تنهنجي مهما اپرم پار آهي. غريبن جو آڌار آهين. مشڪل ڪشا آهين. توکي وارون وار نمسڪار آهي. تنهنجي گت مت تنهن جاڻي.

اسنو رمضو

— لڪشمڻ نردوش

ڪاڪو: اڄان چا پيو ڪرين. ڳڌه جا ٻار.

استو! مهتا.....

ڪاڪو: ٺڪ اٿئي..... مهتي جا ٻر- مهتو ماٺهي- مهتو پڙهين.

استو: ڪاڪا ٿوڪا ٿوڪا زبان ٿري ويئي- پر ڪاڪا مون توکي ڪيترا ڀيرا سمجهايو آهي ته ڳڌه ٻار ڪونه ڇڏيندي آهي ٻر ڏيندي آهي.

ڪاڪو: هائو هائو ٻر- ٻر- ”ڪتي لت هٽئي“ آئون ٿو مران ۽ توکي لڳي آهي مشڪري (مسخري).

استو: مرن تنهنجا مائٽ توکي مرڻ ڪير ڏيندو.

ڪاڪو: ٺڪ اٿئي ڳاندو باقي مائٽن جا چار ڪٺا ابو- امان. چاچو- چاچي سي به مار انهن کان سواءِ منهنجو ڪير؟


استو : اڙي ڪاڪا..... توکي مرڻ ڪير ڏيندو- (ڇاتيءَ تي هٿ هٽي) هن مڙد ٻچي جو توسان انجام ڪيل آهي نه ته چاوا به ڳڏ آهيون مرنداسين به ڳڏ.

هان هي اجرڪ جهل ۽ ٻاڻ کي ٻڌ ته آئون ڇڪيان.

....

نالو رمضان خان- ولد شير خان- ذات جو شيدي- ڇهه فوٽ اٺ انچ قداور جانٺو بدن- رنگ ڪميت (پڪو چمڪندڙ ڪارو) عمر اٽڪل ۴۰ سال- مٿي تي ننڍڙن گول ڇلن واري ڪاري ڇبر- چمڪندڙ گول چهرو ڏاڙهي مڇ کان وانجهيل. ٿلها متارا چپ جن جي پنيان سفيد مضبوط چمڪندڙ ڏندن جي سهٽي قطار- جهڙو قد ۽ ڪاٺي تڙا ئي متارا اگهاڙا پير.

سندس نالي اڳيان اُستو معنيٰ استاد يا ڪاريگر ڪڏهن ۽ ڪنهن ڇنبڙايو اهو ته مالڪ ڄاڻي- پر ”اُستي“ وارو اکر شيدي رمضان جي ڊگري بڻجي ويو عوام کي رمضان وسري ويو ۽ استو ياد رهيو ۽ استو هو به ان ڊگريءَ لائق- ڇو جو اهڙو ڪوبه ڪم سواءِ چوري ۽ زاريءَ جي ۽ بي ايمانيءَ جي هن مڙد ٻچي کان رهجي ڪونه ويو هو. ڳوٺ ۾ رات جو چوڪيداري ۽ ڏينهن جو رازڪو ڪم يا ٻي ڪابه محنت مزدوري ڪندو رهندو هو. سندس ڪهڙا ڪهڙا ڳڻ بيان



نالو	:	لڪشمڻ نردوش
جنم	:	١٨-٧-١٩٣٠ ڪپري ضلع ٿرپارڪر
ڇپيل ڪتاب	:	هڪ
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	سرسوتي سدن، نهرو ڪالوني، بالوترا

ماڻ جون. ڪنگڻ قرب جا. اهي سڀ سائين سويڪار ڪندو.

فرانس جو مارڪئس محلات ۾ رهندو هو. اُن محلات ۾ هڪ ڪوٺي لاهي هئائين جنهنجو نالو رکيو هئائين، ”ريڊار جي ڪوٺي“ سيني پڇيس هو اهو نالو ڇو رکيو آهي؟ جواب ڏنائين جڏهن مونکي ايمان ڦيندو آهي تڏهن هن ڪوٺيءَ ۾ ايندو آهيان. ريڊار جا ڪپڙا پائيندو آهيان. اصل ۾ مان ريڊار هوس. اها تہ پريو پاڻ ڪرپا ڪئي آهي جو مونکي هن پد تي پهچايو اٿس. ان ڪري روز اُن ڪي ڪوٺيءَ ۾ ويهي پرارٿنا ڪندو آهيان

پريوا مونکي نرمل بڻاءِ،
مونکي پاڪ بڻاءِ،
پيرن جو خاڪ بڻاءِ،
مونکي لئون بڻاءِ،
مونکي پنهنجو بڻاءِ،
مونکي مسڪين بڻاءِ،
مونکي ڪجهہ ڪين بڻاءِ

ءَ ان پرارٿنا مان مونکي ٻل ملندو آهي. شڪتي ملندي آهي. منهنجو وهنوار سڌرندو آهي.

چڱا استي سميت پاڻ سان گڏ وٺي مهراج وٽ آيا ۽ چيائون تہ ڏاڍا ٻن ٽن ڏينهن کان عادو ڏسجي ڪونہ ٿو. توهانکي ڪا خبر آهي؟ تنهنتي مهاراج چيو تہ مکي صاحب مان پاڻ ان بابت سوچي رهيو هوس تہ ماجرا ڪهڙي آهي. ڇو نہ هلي سندس گهران خبر ڪريون؟

سڀئي تيار ٿيا. تہ ننڍڙي نند جنهنجي عمر اٽڪل ٦ سال کن هئي تنهن بہ چيو تہ بابا مان بہ هلندس. مهاراج ڪڇ ڪڇي - ڪڇي - استي سٽ ڏيئي هنج ۾ کڻندي چيو تہ اڙي يار توکان سواءِ اسانکي سڃاڻندو ڪير؟

ڳوٺ کان ٿورو پريرو جهوپڙين جي هڪ الڳہ بستي هئي جن ۾ شيدي- ڀيل- ميگهواڙ- ڪي مسلمان ڪاسائي رهند هئا پر انهن سڀني کان ٿورو پريرو عادو هريجن جي جهوپڙي هئي. ٻئي پاسي سڀني کان الڳہ ڍنگ جي وڏي جهوپڙي هئي استي رمضوءَ جي ڳوٺ ۾ اٽڪل ڏهاڪو گهر ٻين طبقن جا بہ هئا.

عادوءَ جي جهوپڙيءَ وٽ پهچي مکي صاحب هڪل ڪئي. ”ابا عادو او عادو؟ ڪو گهر جو آهي؟ ان طرح سڀني واري واري سان سڏ ڪيا پر جيسين ڪو جواب اچي ان کان اڳ ئي نند استي جي هنج مان لهي عادوءَ جي جهوپڙيءَ ۾ گهڙي ويو. جنهن جي ڪنهنکي بہ خبر نہ پيئي اندر هڪ ٽٽل منجي (کٽ) تي عادو هڪ ڦاٽل ۽ ميري رلي تاڻي سرديءَ ماري بخار سبب ڏڪندي هوس هوس ڪري رهيو هو. نند نڪا ڪئي هم نڪا تم عادوءَ جي منهن تان رلي هٽائي پڇيائين عادو ڪاڪا ڇا ٿيو آهي؟ عادوءَ چرڪ ڀري اکيون کوليون سخت بخار ۽ اندر ڪجهہ اونده سبب ڀهرين تہ سڃاڻي نہ سگهيو پر ٿوري غور ڪرڻ تي نند کي سڃاڻي ڊپ ۾ هڪل ڪندي چيائين ”اڙي ننڍڙا مهراج تو تہ قهر ڪري ڇڏيو.“ پري - پري ٿيءُ پري نند هڪل ٻڌي ٻجي پري ٿي ويو ۽ رئڻهارڪو ٿي چيائين تہ ڪاڪا عادو ڇا ٿيو مون ڇا ڪيو جو دڙڪا ٿو ڏين ۽ عادوءَ ڏڪندي ڏڪندي چيو تہ ابا تون هن ڏر تنيءَ ۾ ڇو آيو آهين وڃ - وڃ- پنهنجي گهر وڃ. ايتري ۾ ٻاهران وري هڪل ٿي ۽ استو اندر گهڙي آيو. عادو ڳالهہ سمجهي ٽپ ڏيئي اٿڻ جي ڪئي پر اٿي نہ سگهيو. ايتري ۾ استي عادوءَ کي جهلي اٿاريو ۽ رلي مٿس ويڙهي هن کي لٺ پڪڙائي ۽ آهستي آهستي ڪيس ٻاهر وٺ آيو. نند بہ استي جي هنج ۾ هو. عادو ٻاهر بيٺل مکي مهراج ۽ ٻين چئن ڇڱن کي ڏسي ششدر ٿي ويو ۽ لٺ ڦٽي ڪري پريان ئي ڌرتيءَ تي اونڌو ٿي ڪري سلام ڪندي ڏڪندي چيائين وڏا ڀاڳ مون مسڪين جا جو ورهين کان پوءِ رب راضي ٿيو آهي. ٻئي هٿ مٿي کڻي سائينءَ کي عرض ڪندي چيائين هي مالڪ اهڙو سيءُ تہ هر هفتي ڏين تہ بہ مون لاءِ مهنگو ڪونهي؟ استي هڪ ٻانهن کان جهلي آهستي آهستي !

اُٿاري لٺ ڪيس هٿ ۾ ڏني. عادو وينتي ڪندي چيو تہ سائين توهان ڇو تڪليف ڪئي آهي پنهنجو ڪو ڪتو موڪليو ها تہ بہ آئون حاضر ٿي وڃان ها.“ مکيءَ پڇيو تہ ابا آهي تہ خير ٽن ڏينهن کان ڳوٺ ۾ نظر نہ آئين. عادو عرض ڪندي چيو تہ سائين گهر واري ٻارن سميت پاءُ جي شاديءَ ۾ ويل آهي ان جي وڃڻ کان پوءِ مونکي اچي سيءُ جهليو آهي. نياڳو ڇڏي ئي نٿو- ڏسو نہ ڪيئن ڪرڙي وانگر پيو ڏڪان؟

ٻهڻ جي همٿ ڪونهي. تنهنتي مهراج ڪيس چيو تہ ڀولو ڪونهين. ويد کان دوا موڪليون ٿا پر ڪجهہ کاڌو اٿيئي؟ عادو وراڻيو ڏاڍا ڪٽ تان اُٿڻ جي

ڪجھ مشهور مسخرو- ناميار ملھه ۽ تارودهل جي ٿاپ تي سهڻي انداز سان نچڻ وارو ناچو- علمي آيتن کان بينياز پرپهاڪن ۽ ڏوهيڙن جي ڊڪشنري- وٽس ڪوبہ سرٽيفڪيٽ ڪونہ هو. پر جاءِ جوڙڻ کان پهرين پنهنجي قدمن جي ماپ سان ڏيگهه ويڪر ۽ اونچائيءَ جو حساب لڳائي جيڪو تخمينو خرچ جو ڏيندو هو. سو ذري کهڻ پورو بيهندو هو. جاءِ جوڙڻ جي ڪم جو ملوڪ. مسخرو ۽ حاضر جواب هن جھڙو بيو ڪو ان وقت سنڌ ۾ هوندو سو بہ ناممڪن- وڏا وڏا نامي مسخرا بہ استي رمضوءَ جو نالو ٻڌي پنهنجا ڪن پڪڙيندا هئا.

هڪ ڀيري ڳوٺ جو ڪنڀار گل محمد ۽ استو پنهنجي خچر تي چڙهي ڪنهن پر واري ڳوٺ مان آيا پي- خچر بہ رفتار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. شام جا پاڇولا لڙي رهيا هئا. اچانڪ پنيان هڪل ٿي. ”اڙي ڪهڙا آهيو؟“ سڻ ٻڌي ڪنڀار خچر کي بهاريو. ايتري ۾ ڪنهن پر واري ڳوٺ جو ڪو وڏيرو گهوڙي سميت اچي هنن سان گڏيو- ”اڙي ڪٿان جا آهيو.“ وڏيري خنڪيءَ واري انداز ۾ پڇيو. ٻئي ٽپ ڏيئي هيٺ لٿا- استو وڏيري سان دعا سلام ڪندي پنهنجي ڳوٺ سان گڏ پنهنجي واقفيت ڏيندي چيو تہ بختاور هي ڳيرو جوان آهي ڳوٺ جو ڪنڀار گل محمد ۽ بندي کي رمضو چوندا آهن.

رمضو يعني استو؟“ استي سلام ڪندي چيو ”هائو منهنجا پيءُ.“

اهو ساڳيو - وڏيري وراڻيو تہ يار تنهنجي ساراهہ تہ گهڻيئي ٻڌي اٿم پر ديدار اڄ ٿيو آهي. پر استو شابس ان خچر کي چئجي جو ڪٿي تون اماس جي رات ۾ ڪٿي هي.

ڪٿي هي گلاب جي گل جهڙو ڳيرو جوان. هن بي محل جوڙيءَ کي خچر چاڙهيو ڪيئن آهي.

ايترو ٻڌي اُستي نهٺائيءَ سان ٻئي هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ ”سائين الله جي قدرت کي ڪير پهچي؟ ڏسو نہ ڪنڀر جي صورت ڪهڙي نہ سهڻي ۽ دل فريب گهڙي اٿائين ۽ پنهنجو منهن ڪيو اٿائين تئي جهڙو ڪارو. اها ٽوڪ ٻڌي وڏيرو پهرين تہ ششدر ٿي ويو پر جلد ئي پاڻ سنڀالي کلندي داد ڏيندي چيائين استا تنهنجي حاضر جوابي ۽ مسخريءَ بابت جيڪي ٻڌو هوم تون ان کان بہ اتر لهڻين“ ائين چئي ڳ هوڙيءَ کي اڙي هڻي اڳتي وڌي ويو.

ڪهاڻي اڳتي وڌائڻ کان اڳ مان ان زماني جي ماحول ۽ رمضوءَ جي خاندان بابت لکڻ چاهيان ٿو.

هي اهو زمانو هو جڏهن فجر (پرھ) جي ٻانگ سان گڏ اسان جون ٻڍڙيون ننڊ مان جاڳي ڳچيءَ ۾ رئي جو پلاند وجهي ٻئي هٿ جوڙي ڪنڌ جهڪائي عرض ڪنديون هيون تہ هي سائين تنهنجي ديا سان رات سک سان نبري ويئي- هي ڏينهن بہ تنهنجي مهر ميا سان سک سان نبري ويندو. اوڙي - پاڙي - هندو مسلمان - ڀيل - ڀنگي - ڊيڊ - ميگهوال جو خير تنن جي خير جي صدقي اسانجي ٻچڙن جو خير ڪجان منهنجا سائين تنهنجا لک - لک ٿورا -“ ۽ پوءِ ڪٽ ڇڏي گهر جي ڪم ۾ جنبي ونديون هيون. تعصب جو نالو ٻڌڻ ۾ ڪين ايندو هو. ها- البت ڇوٽا ڇوت ضرور هئي پر نفرت نہ هئي. ننڌ هن ڳوٺ جي برهمڻ جو پٽ هو ۽ منهنجو دوست. تن ڏينهن - تن ڏينهن برهمڻ کي ڏاڏا - سائين - مهراج يا مصر ڪري چوندا هئا ۽ ان جي سچو ڳوٺ ۽ هر ذات عزت ۽ ادب رکندا هئا. شرڏا جي تہ ڳالهہ ئي نياري هئي. هڪ ڀيري عادو ڀنگي (هريجن) ٻن ٽن ڏينهن کان ڳوٺ جي صفائيءَ لاءِ ڪونہ آيو هو. ٺاڪ منجهند جو ڳوٺ جو مکي پاڻ سان گڏ چار

ان کان پھرين ريجھوءَ چيو ماسي لالٽين جي ضرورت ڪونهي مون وٽ هٿ بتي (ٽارچ) آهي تون نڪري اچ تہ هلون. مرادان هڪدم ٻاهر اچي در بند ڪري هنن سان گڏ هلڻ لڳي. ڏڪندي ڏڪندي چيائين ”مٺو سيءُ بہ اچ ڪو ٻارن سميت آيو آهي. ٽيئي ڳالهيون ڪندا هلندا رهيا. ماسيءَ چيو ابا ريجھو ڏس منهنجي سائينءَ جا رنگ تون منهنجي هڻن جو نيپاج آهين ۽ اچ ان سائين جي مهر سان تون پاڻ ٿو ابي جو درجو پائين لکہ لکہ ٿورا منهنجي رب جا. ائين وقت گذرندو رهيو. هن ڳوٺ ڪي جتي رمضو استي ۽ مائي مرادان مشهور ڪيو اتي ٽي هستي بہ هئي ”ڪاڪو وينسيمل“. خانداني ۽ بيٺل گھر جو هڪ ياتي پر هو ويچارو ٻالو پولو ٣٥ سالن جو اچي ٿيو هو پر سندس شادي ٿي نہ سگهي هئي. وشواس ايترو جو ڪير ڪيس چوي تہ ڪاڪا اچ ڊگي ڪي پٽ ڄائو آهي تہ يار وشواس ڪري سچي ڳوٺ ڪي اها خبر ٻڌائي پنهنجو من هلڪو ڪندو هو. سندس ان سڀاو ڪري ماڻهو کيس چيڙيندا بہ ڏاڍو هئا پر هي يار پيو ڪلندو هو ۽ جي چڙي پيو تہ ان جو خير نہ سمجھيو. ان کي تيسين نہ ڇڏيندو هو جيسين هو معافي نہ گھري. استي جو پڪو يار ۽ ساٿي- هڪ ٻئي جي ڳالھہ ڪي وزن وٺائڻ ٻنهين جو تڪيو ڪلام هو. ”ڪتي لت هٽئي يا هٽيس“ ان تڪيہ ڪلام جي سڄي ڳوٺ ڪي خبر هئي. ناراضگيءَ ۾ ڪاڪي جي وڏي ۾ وڏي گار هئي ”ڪوٻلا“ يا ”ڪاڦر“. هڪ ڏينهن استي ڪي مسخري سجھي آئي بازار ۾ ڪاڪو گڏجي ويس تہ هڪل ڪري چيائين ”اڙي ڪاڪا ڪا ماڪ پوٽي آهي ڪتي. آئون ڪالھہ ڪان توکي ٻتي ڪٽي پيو ڳولهيان.“ کيس ڪاغذ جو پڙو هڪ ريشمي رومال ۾ ٻڌل ڏيندي چيائين ڪاڪا مبارڪون هجنئي تنهنجو مڱڻو ڪري آيو آهيان.

هيءَ مڻائي اٿئي ڪاڪو ڏس تہ ٽري ڳڱہ ٿي پيو. اصل ڪپڙن ۾ ئي نہ پيو ماپي. ماڻھو اچي مڙيا ۽ کيس مبارڪون ڏيڻ لڳا. حالانڪ سڀ سمجھي ويا هئا تہ استو مسخري ڪري رهيو آهي ان هوندي بہ استي کان پڇڻ لڳا تہ ڪهڙي ڳوٺ ۾ مڱائي آيو آهين تہ استي وراڻيو تہ ڪِڪِين جي ڳوٺ ۾ سيٺ ”چمندي چام“ جي نياڻي. ڪاڪو تياهين پير سيلجي. ڪاڪا گھر وڃڻ لاءِ آتو ٿيڻ لڳو. آخر جند ڇڏائي ڪاڪو پڙو ڪٽي گھر ڏانهن هليو. هلندي وقت استي پنيان هڪل ڪري چيس تہ ڪاڪا پڙو رستي ۾ متان کولين گھر پهچي پنهنجي ڳُر پير جو نالو ولي پوءِ کولج ۽ وراهج. ڪاڪو گهٽي ۾ پهچي پڙي ۾ ٻڌل مال ڏسڻ لاءِ اچي آتو ٿيو تنهن استي جي ڳالھہ وساري هڪ هنڌ ڪنڊ ڏسي اٿي ڀي پڙو کوليو. پڙي ۾ پيل ٻڪريءَ جون ڦولڙيون ڏسي وائڙو ٿي ويو غصي ۾ ڪٽي سندس چهري تي آيا اصل ڳڦ وهڻ لڳس پڙو ڦٽو ڪري جتي لاهي هٿ ۾ ڪٽي واپس وريو پنيان جي بہ ٽي ڇٽا لڪي لڪي پيئي آيا تن جو ڏٺو سي ڊوڙندي واپس وريا ٿاچي استي کي چيائون تہ اسا پيچ اچ تنهنجو خير ڪونهي. ڪاڪا جتي هٿ ۾ ڪٽيو سگهرو پيو اچي. استي امالڪڪلهي تي رکيل اجرڪ لاهي مٿان اوڍي ڌرتيءَ تي ويهي حف- حف- حف ڪري جھولڻ لڳو. ماڻھو اچي مڙيا. ايتري ۾ ڪاڪا پريان ئي هڪل ڪئي تہ ڪتي آهي هو ”ڪاڦر. ٻاڙيو. تہ جو تڏو.“ ميڙ وٽ ڏسي تہ رمضو جھولي پيو وائڙو ٿي ويو جتي سندس هٿ مان ڪري پيئي ايتري ۾ ميڙ مان ڪنهن ڪاڪي کي چيو تہ ڪاڪا اچ تنهنجو خير ڪونهي استي ۾ ٽگهاٽي پير جو واسو آيو آهي. ڪاڪو ويچارو ڊڃي ويو ايتري ۾ استي جھوليندي رڙ ڪئي اڙي ڪتي آهي هو واٽئي جو ٻچو جهلي اچوس تہ

همٿ ڪانهين سو روٽي ڪٿان نصيب ٿيندي ۽ ڪاڏو وٺي بہ ڪونہ ٿو. ان تي سيٺني ڪيس آٿت ڏنو ۽ چيائون فڪر نہ ڪر دوا ۽ ڪاڏو وڃي ٿا موڪليون مٿان همٿ هارين سچو ڳوٺ جون دعائون توسان گڏ آهن. عادو زوري سلام ڪيو ۽ لٺ جي سهاري هلندي هلندي ڊوري ٻهي مهاراج طرف منهن ڪري چيائين ”ڏاڏا نندڙي مهاراج ڪان ٻاسو ڪجو جو منهنجي گهر بہ گهڙي آيو هو تنهنتي مهاراج چيو تہ بابا ٻارن کي ڪوبہ ڇيپ ڪونهي. نند استي جي هنج ۾ ٿي هو- ڳوٺ مان استي هٿان عادوءَ کي دوا ۽ ڪاڏي لاءِ ڪچٽي موڪلي ويئي ۽ استي تي ان جي نظرداريءَ جي ذميداري رکي ويئي. البت نند کي گهر ۾ ڪپڙن سوڌو سنان ڪرائي گنگا جل ٻياريو ويو هو. اهو هئو ڇوئا ڇوت جو ان وقت جو نمونو ۽ ڳوٺاٺي زندگيءَ جي سهٽي صورت ۽ انسانيت جو عالم ۽ اڄ ڇوئا ڇوت قانوني جرم آهي ۽ ان قانوني آڙ دلين مان پريم ڪسي نفرت پالي آهي.

استتو زمفر پيڙهين کان هن ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس گهر واريءَ جو نالو هو ”مُردان دائي“ پر هرڪو ڪيس ”مائي يا ماسي مردان چوندو هو. اولاد کان سندس جهوپڙي خالي هئي. مالڪ ڪيس هڪ يا ٻہ نہ پر سڄا سارا پنج پٽ ڏنا هئا پر سڀ مالڪ واپس گهرائي ورتا هئا پر هي ٻئي مالڪ جي ڪئيءَ تي راض رهي شڪر ۽ پريم سان گذر بسر ڪندا هئا.

مائي مرادان اڄ ڪالهہ جي ٽريننگ ورتل دائي ڪونہ هئي پر هوشيار ۽ ڏاهي ايتري جو ڪٿان ڪٿان اچي ماڻهو ڪيس وٺي ويندا هئا. اڄ تائين هن جي هٿان هڪ بہ ڪيس خراب نہ ٿيو هو سندس هٿ ۾ شفا هئي جا مالڪ جي مهر مٺي هلندي هئي. ٻچڻ تي چوندي هئي تہ مالڪ اولاد ڏيئي کسي ورتو امان رب جي رضا پر جيڪي منهنجي هٿان ڄاوا ۽ جوان ٿي ڦرن ٻيا سي بہ منهنجا پنهنجا ٻچڙا آهن. ڏاڍي خوش طبيعت واري ۽ راڳ جي ڪوڏي شادي مرادي يا ڇٺي منڻ تي جيسين مائي مرادان دهل نہ اچي وڄائي تيسين اهو ڪارج سڦل ڪونہ سمجهيو ويندو هو. سندس ڪنٺ ۾ چا تہ بلندي هئي ڪنجهي جهڙو سهٽو ۽ ماڪيءَ جهڙو منڙو آواز جي ڏات مليل هئس. لاڏن ڳارائڻ لاءِ ماڻهو ڪٿان ڪٿان اچي منٿون ڪري ڪيس وڏي عزت سان وٺي ويندا هئا.

ناهري وارو مهنو- رات جو اٽڪل ١١ بجي مکي صاحب جي وڏي پٽ ريجهومل اچي مهراج جي در تي کڙڪو ڪيو. نند تن ڏينهن اٽڪل ١١-١٢ سالن جو هو. مهراج در کولي ڏٺو ۽ ڳالهہ سمجهي ويو. نندڙي نند کي اٿاري چيائين ابا ڪوٽ پائي ڪنن کي مفلر ٻڌي ٻائوءَ سان گڏ وڃي ماسي مرادان کي وٺي اچو. نند ۽ ريجهومل سي سي بہ ڪندا ويا ۽ ڳالهيون ڪندا وڃي مرادان جي جهوپڙيءَ وٽ پهچي سندس در جو ڪڙو کڙڪائي سڏ ڪيائون ”امان مرادان گهر آهين.“ پهرئي ئي سڏ تي اندران آواز آيو ”ابو منهنجو- ابا ڪيهڙو آهي. بچين شال اجهو آيس. ۽ ٻي ساعت در کولي مائي ڪٿو اوڏي هٿ ۾ چمني کڻي هنن جي منهن سامهون ڪري سڃاڻي چيو اڙي ريجهو سيٺ ۽ ڳالهہ سمجهي چيائين هائو- هائو- فڪر نہ ڪر ابا- مان تہ مکياڻيءَ کي شام جو ئي چئي آئي هئس تہ ڪنوار جو ڏيان رکجان. خير- آئون لالٽين ٻاري کڻي ٿي اچان. ايتري ۾ ڳوٺ جي ٻوئين ڇيڙي تان آواز آيو ”طوطو....“ اهہ آواز هو چوڪيدار استي رمضوءَ جو سندس پهري ڏيڻ جي نموني جو. اڄ ڪالهہ ”جاڳندي رهو- هوشيار رهو“ جو زمانو ڪونہ هو آواز ۾ ايتري بلندي جو ”طوطو“ سڄي ڳوٺ کي هلائي ڇڏيندو هو. مائي اندر وڃي

بجي ڀهراڻو صاحب نڪرندو هو ۽ ان وقت ئي ان مئدان تي ملاکڙو به لڳندو هو ان ڏينهن ڳوٺ ۽ آسي. پاسي واري خلق اچي گڏ ٿيندي هئي. ڪي ڀهراڻي ۾ ته ڪي ملاکڙي ۾ مست. استي ڪي ملاکڙي ۾ اڄ تائين ڪو دسي نه سگهيو هو. هڪ دهلاري ۽ هڪ شرنائيءَ وارو ملاکڙي ۾ باقي دهلاري ڀهراڻي سان گڏ هوندا هئا. جنهن مهل ڀهراڻو صاحب ان آخري پڙاو جي ويجهو ايندو هو ان وقت ملاکڙو ختم ڪيو ويندو هو. انعام ڏنا ويندا هئا. ڀهراڻي صاحب جي اچڻ تي به ٽوليون ٺهي ويندیون هيون هڪ جهائين جي ته هڪ انهن ملهن جي. ڏونڪن جي ٺڪ ٺڪ ۽ دهلن جي ڌما ڌم تي جيڪو ناچ ٿيندو هوپنهنجو مٽ پاڻ هو پر خاص ناچو هو استو رمضو. سڀ چوندا هئا نچي ته استو. نچڻ ڪري آيل پگهر جون بوندون استي جي ڪار سبل شرير تي ٻرندڙ گولن جي روشنيءَ ۾ ائين چمڪنديون هيون ڄڻ ته ڪار مخمل جي ٿان تي ماڻڪ موتي جڙيل هجڻ گولن جي روشنيءَ ڪري پگهر جي بوندن مان طرح طرح جا رنگين شعاع نڪرندا هئا. دهلن جي ڌما ڌم ۽ ملهن جي ناچ ۾ سڄو ماحول سڌ ٻڌ وساري وهندو هو. جيسين ڪو ”آيو لعل جهولي لعل“ نه چوي. ان فلڪ شعاف ماري ڪان پوءِ پوري فضا شانت ٿي ويندي هئي. ان وچ ۾ ڳڙ جي تاهري- چڻن جو پرساد ڪائي سکو (هلڪي پنگ جو منو پاڻي) پي پوءِ سڀ گڏجي ويندا هئا جوت پروان ڪرڻ.

هڪ ڏينهن وڏيرو اوپايو خان جنهنجي زمين ۽ گهر ڳوٺ جي اتر طرف اٽڪل سڏ پنڌ تي هئا. ڳوٺ ۾ آيو. ٽڪاڻي ٻاهران گهوڙي تان لهي گهوڙو ٻڌي سڏ ڪيائين. مهراج سائين گهر آهيو؟ مهراج آواز سڃاڻي ٻاهر نڪتو وڏي اڪير مان هڪ ٻئي جي بغلگير ٿيا. مهراج وڏيري کي وڏي مان سان ٽڪاڻي جي وڏي حال ۾ عزت سان وهاري خوش خيرافت کان پوءِ حالي احوالي ٿيا ته وڏيري عرض ڪرڻ جي نوع ۾ چيو ته سائين منهنجي نينگريءَ جي شادي آهي ان لاءِ ڳوٺ وارن کي نينڊ ۽ دعوت ڏيڻ آيو آهيان. ايترو ٻڌي مهراج هڪ ٽهليئي کي سڏ ڪري بروقت مکي صاحب ۽ پين ڳوٺ جي چون چڱن کي گهرايو. ٿوري ئي وقت ۾ سڀئي اچي ٽڪاڻي ۾ گڏ ٿيا. وڏيري سڀني جي وچ ۾ اٿي ڀهي وڏي پيار ۽ عزت سان سلام ڪندي چيو ته پاڻرو فلان تاريخ منهنجي نياڻيءَ جي نقاح آهي سڀني پاڻرن کي عرض آهي ته هن شاديءَ ۾ شريڪ ٿي منهنجي عزت وڌايو. ايتري ۾ مکي ٽپ ڏيئي اٿي ڀيلو ۽ وڏيري جي ڳالهه ڪٽي نقلي روب ڏيکاريندي کيس پاڪر ۾ جهلي ڏوراپو ڏيندي چيو يار او پايا حيف هجئي يار. اڃا آندا اٿئي پر چئن چڱن ماڻهن سان ڳالهائڻ جو ڏانو نه سکئين. منهنجي نه چئو اسانجي نينگر جو نڪاح آهي. ايترو ٻڌي وڏيري به کلندي پنهنجا ٻئي ڪن پڪڙي چيو توبه- توبه يار ڀل ٿي. تون سچ ٿو چئين مکي صاحب کيس دلداري ڏيندي چيو ته وڏيرا تون ڪوبه فڪر نه ڪر هي اسانجي ڳوٺ جي فخر ۽ عزت جي ڳالهه آهي. ان مبارڪ موقعي تي سڄو ڳوٺ توسان گڏ آهي ۽ رهندو. ترت ئي اتي سڄو ڪم ڪار ورهايو ويو استي رمضوءَ تي گهوٽيتن جي سيوا چاڪري ۽ رساڪاريءَ جو ڪم رکيو ويو. مقرر ڏينهن تي ڄڃ اُٺن گهوڙن ۽ بيل گاڏين تي سوار ٿي اچي پهتي ڄڃ ۾ سائيڪو ڪن ته واه جا چاچي هئا. وڏيرو به مکي صاحب ۽ استي کي ساڻ ڪري وڃي گهوٽيتن جي ڏيري تي پهتو. خوشي خيرافت ۽ دعا سلام کان پوءِ وڏيري هٿ ٻڌي عرض ڪندي چيو ته سائين هي آهي ڳوٺ جو مکي صاحب ۽ هي همراه آهي ڳوٺ جو پيارو استو رمضو جيڪو

سندس ڪنڌ پڇان. ميڙ مان ٻه ٽي چڙا هيٺ ويهي کيس سلام ڪري چوڻ لڳا هي سائين هو ته ويچارو پڳت ماڻهو آهي ويچاري کي هن پيري معاف ڪريو. ڇا؟ معاف ڪريان هن نگري منهنجي ئي حڪم سان منهنجي مُريد جي بي عزتي ڪئي آهي، اڙي منهنجي ئي حڪم سان هن وچي ڪڪين جي ڳوٺ ۾ وچي هن واڻي جو پلو ڪيو. جڏهن کيس چيل هو ته پڙو رستي ۾ نه کولي ته هن حڪم عدولي ڇو ڪئي. هن رڳو ڦولڙيون ڏنيون آهن پر اڄ رات جي اهي سڀ بلائون ئي کيس ڏنگي مارينديون. ماڻهن جا ميڙ اچي گڏ ٿيا. هي نظارو ڏسي ڪي ته گهرن ۾ گهڙي ڪلي ڪلي ڪيرا ٿيا. پر جي منهن جا پڪا هئا تن جو به حال ڏسڻ وٽان هو. ڇي اجهو ٿو ٺهڪ نڪري. ميڙ مان ڪنهن وري عرض ڪيو ته هي بختاور هن پيري هن کي معاف ڪريو هن جو مُنڊو بحال ڪريو ته جواب آيو هرگز هرگز نه. هن پڙو کوليو آهي هاڻ ته هن کي ڪنوارو ئي رهڻو پوندو. منهنجي مريد کي راضي ڪري سگهو ته سندس شادي به ٿيندي پر پهرين جيڪو پڙو ڦلو ڪري آيو آهي اهو سڀ ميڙي وڃي ڪنهن درياءَ ۾ وجهي اچي نه ته اهي بلائون رات جو کيس ورائي وينديون ايترو ٻڌي ڪاڪو استي کي سلام ڪري ڪريل جتي اتي ئي ڇڏي ڊوڙندو اتي پهتو ۽ سڀ ڦولڙيون ميڙي وڃي درياءَ ۾ وجهي آيو. اهڙو هو ڪاڪو وينسيمل . ڪاڪي جي دوستي ته خالص پريم ۽ وشواس تي ٻڌل هئي.

هڪ ڀير استي کي رستي ۾ پيهرن موچي گ ڏيو. استي کي ڏسي چيائين استا مان وڃان ٿو حيدرآباد (حيدرآباد) پنيان گهر جي پارت اٿئي. ائين ته مون پنهنجو سالو گهرايو آهي پر هو آهي نئون ماڻهون تون ته ڳوٺ جي آهين سو ڌيان رکج. استي کيس خاطري ڏني. پيمر هليو ويو. استي کي

من ۾ شرارت سجهي سو سڌو وڃي پيمي جي گهر اڳيان بيٺو. پيمي جو گهر هو ته جهوپڙيءَ نما. پر چوطرف اٽڪل پنج فوٽ ڪچي ڀت ڪنيل هئي اڳيان دروازو به هو جو پيڪريل هو. استي ڀت وٽ بهي اندر نهاريو ته پيمي جو سالو جتي لاهڻ ۾ مشغول هو. استو به غير معمولي قداور هو سو ڀت مٿان ڪنڌ ڪڍي پيمي جي سالي کان پڇيائين ته ابا منهنجي پير جي ڪا جتي ملندي. همراه ڪنڌ مٿي ڪڍي استي کي ڏٺو ۽ گراهڪ سمجهي سلام ڪندي چيائين سائين ڇو نه هوندي. توهان وهٽ تان لهي اچو هنن مان ڪابه جتي پسند ڪري ڏسو. استي اتان جواب ڏنو ته ادل مان ڪنهن به وهٽ تي ڪونه آهيان پيادو آهيان اچي ڏس. پيمي جي سالي جو وات ڦاٽي ويو. ۽ واٺڙن وانگر لوه ڪري ٻاهر آيو ۽ استي کي ڏسي غش ڪائي ڪري پيو. استي کيس جهلي پيمي جي گهر واريءَ کي هڪل ڪئي ادي او ادي ور- ور- مڙس ٿو هٿن مان وڃي پاڻي جو لوٽو به ڪڍي اچجان مائي پاڻيءَ سميت ڊوڙندي آئي پاءُ جو حال ڏسي رئڻ لڳي. استي کيس آٿت ڏيندي چيو فڪر نه ڪري ادي هي گرميءَ جو اثر آهي ائين چئي لوٽي مان پاڻي جا چنڊا همراه کي هڻڻ لڳو. همراه جو ساه وريو ته استي کيس پاڻي پياريو ۽ هنج ۾ ڪڍي وچي ڪٽ تي سمهاريو ايتري ۾ پيمي جي سالي کي هوش به اچي ويو ۽ اکيون ڦاڙي استي کي ڏسڻ لڳو. استي کيس ڳراٽڙي پائي ابا مڙس جو ٻچو ٿي ڪري انسان ڪان ٿو ڊچين فڪر نه ڪر مان هن ڳوٺ جو چوڪيدار آهيان مٿان ڊنو آهين. ايترو چئي استو ٻاهر نڪري ويو.

ڳوٺ ۾ هر چنڊ تي لعل صاحب جو ٻهراڻو نڪرندو هو. ان ڏينهن ڳوٺ جي ٻاهران وهنڊڙ دريا جي ڪپ اوريان هڪ وڏو مئدان هو. شام جو چئين

وئي جون اهلون تہ ڪي وڏيرن اهلون- اٺ- گهوڙي- گڏه- شير- بلبل ۽ طوطي ۽ ڪانگن جي آوازن سان حاضرينن کي خوب کلايو. سڄ لهڻ وارو هو- رمضوءَ ڪلهي تي رکيل اجرڪ جا پلاند ٻنهي هٿن ۾ جهلي گهٽيتن ۽ ڪنواريتن کي عرض ڪيو تہ جيڪو چاڙندو هوس سو توهان اڳيان رکيم هاڻ پنهنجو انعام ٿو گهران پر رپين ۾ نہ هن پلاند پائيندي چيو ۽ هندن کي لال سائينءَ جو قسم آهي ۽ مومن پاڻرن کي دست گير جو هي پلاند پاتو تہ ٻنهين طرفن جيڪي ويٺل سڄڻ آهيو سڀ اٿي بهو ۽ پنهنجون اکيون پوري ٻنهين هٿن سان مونکي گهي پوندو ڏيئي چيو تہ ”هي- جهل- هي- جهل“ اها دعا منهنجي مرشد جي ڏنل آهي جي اٿين نہ ڪندا تہ منهنجي هيءَ ڪلا مونکان کسجي ويندي ۽ منهنجو جهڳو جهڻ ٿي ويندو.“ ايترو چئي استو پنهنجو پلاند جهلي ڪند هيٺ ڪري وچپر اچي بهي رهيو اچانڪ ئي سڀني پنهنجون اکيون پوري ٻئي هٿ کولي استي طرف پوند ڏيندي چوڻ لڳا ”هي- جهل- هي- جهل“ عجيب نظارو هو. استو خبر نا آهي ڪيڏي مهل گهوٽ پيءُ ۽ ڪنوار پيءُ جون جتيون ڪڍي پاسي ۾ بيٺل وڏي نم جي ڏار تي ويهي اهو نظارو ڏسندو رهيو آمهون سامهون خلق وڏندي ٿي آئي ۽ جڏهن ٻنهين جي وچپر ٻہ فوٽ کن وڇوٽي مس رهي تڏهن اتان ئي رڙ ڪري چيائين- اڙي ڏاها ٿيو چو خدا خوار ڪيو اٿو. چو ٿا پاڻ تان ملڪ کلايو. اڙي ڪجهہ ماٺهو ٿيو. هيءَ نماشام جو وقت آهي اوچتو توهانجي ڪل چو ٿڙي آهي! او گهوٽ پيوُ (پيءُ) بختاور تون تہ سياڻو آهين پني مراد چوڪر پرٽايو اٿئي سامهون وارا چوڪري جا ساهرا آهن اکيون چو پوريون اٿو اکيون کوليو ڪجهہ خدا جو خوف ڪريو. ايترو ٻڌي ماحول هڪدم شانت ٿي ويو. سڀني پنهنجون اکيون کوليون. ڏسن تہ استي جو تہ پتو ئي ڪونهي. سڀني هٿ تہ هيٺ ڪيا پر ڪنڌ بہ شرم مان جهڪي ويا. ماجرا سمجهي ٻنهي وڏيرن جا منهن ٽامڙي ھٽي ويا. گهوٽ پيءُ ڏسو تہ هٿن ۾ نہ پيو اچي. پنهنجي جتي ڳولهينديهڪل ڪيائين اڙي هيٺ تہ اچ ديجهان جا خبيس- ديجهان جا ڪافر- لک لانتون اٿئي- وڻ تي ويٺل استي پنهنجو هٿ ٽيڙيندي ٽڙيل هٿ جي هڪ آڱر ڪنهن ڪدڙي وانگر پنهنجي ڪاڏي تي رکندي رڙ ڪئي. ”ٻڙي منيس“ هيءُ تہ جهڙو منهنجو ابو. اصل هوبهو ابو. مکيءَ طرفمنهن ڪري چيائين مکي صاحب توکي تہ ياد هوندو تہ جڏهن بہ ابو ڪاوڙبو هو وڏيري وانگر اُلر ڪري ڪونہ ايندو هو. استي جي انداز تي مکيءَ کان کل نڪري ويئي سڀئي کلڻ لڳا تہ وڏيرو بہ کلڻ لاءِ مجبور ٿي ويو. رمضو وڻ تان ٽپي هيٺ لٿو ۽ سڌو وڏيري وٽ اچي سندس جتي کيس ڏيندي سندس ٻئي پير پڪڙي عرض ڪيائين تہ سائين استي جي مسخريءَ جو داد تہ ڪو دل وارو ئي ڏيندو هنن مکي چوسن وٽان تہ پائي بہ ملڻي ناهي- ها البت ڳاريون ۽ جوت ضرور ملي ها پر هتي چا مليو؟ ماحول ٽري چڪو هو سڀئي سمجهي ويا هئا تہ اها بہ استي جي مسخري هئي. پوءِ تہ گهورن جي برسات چالو ٿي ويئي.

چئوماسي جا ڏينهن هئا. ڳوٺ جون گهٽيون پاڻيءَ ڏبن ۽ ڳپ سان پريل مچر پالڻ ۾ مشغول هيون هڪ ڏينهن سڄ اُيرڻ تي ڪاڪي کي استو ڳوٺ کان ٻاهر جهنگل ويندي گڏجي ويو. دعا سلام بعد ڪاڪي چيو تہ استا اڄ لوڙه ڪاٺ جو من ٿيو آهي. استي ٻڌي چيس تہ ڪاڪا ڳالهہ تہ منهنجي دل وٽان ڪئي اٿئي- ٻئي گڏجي تلاو ڏانهن هليا. اهو تلاو پابوڙن ۽ لوڙهن لاءِ مشهور هو. اتي پهچي استيڪاڪي کي چيو تہ تون ويهہ مان واندو ٿي

توهانجي چاڪريءَ لاءِ توهانجي حاضريءَ ۾ رهندو. گهوٽ پيءُ استي کي واڱڻ وانگر اکيون ڦاڙي ننهن کان چوٽيءَ تائين نهاريندي سندس جانلي بدن تي عجب کائيندي چيو تہ- مارا تہ هي آهي استو رمضو جنهنجو ڏاڪو سڄي سنڌ ۾ آهي. ايترو ٻڌي استي سلام ڪندي عرض ڪيو تہ بختاور هي بندو تہ هن ڳوٺ جو ۽ هاڻ توهانجو ٻڌو ٻانهون ۽ چاڪر آهيان. وڏيري مکيءَ طرف منهن ڪري چيو تہ سالن کان من ۾ آس هئي تہ رمضو استي جي مسخري ڏسجي. تنهن تي وڏيري اوپايي خان چيو تہ سائين اهو بہ پروگرام رکيل آهي جيڪو نڪاح کان پوءِ شام جو ٿيندو. خير- مکي ۽ وڏيري استي کي مهمانن جي پارت ڪري نڪري ويا. انهن جي وڃڻ کان پوءِ استي وڏيري کان پڇيو تہ سائين توهانجي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪو حجام وٺي اچان؟ وڏيري خوش ٿي پنهنجي منهن تي هٿ ڦيرائيندي چيو "استا ڳالهہ تہ واهہ جي ڪئي اٿئي. ڀلو- ڀلوا يعني هن ڳوٺ ۾ حجام بہ آهي- تہ يار وارو ڪر. وٺ اچ- ٿوري دير ۾ استو ڳوٺ جي نوجوان حجام سومرخان کي ساڻ ڪري اچي پهتو. وڏيرو هيٺ فراش تي هڪ سندليءَ تي ٺهي ٺڪي ويهي رهيو. (تن ڏينهن ڪري ٽيبل جو رواج ڪهٽ هو) سومر پنهنجو سامان ٿيلهي مان ڪڍي وڇايل ڪٽ تي سجائي رکيو. استي چيس تہ ابا سومر- وڏيري جي پارت اٿئي اهڙي ڏاڙهي لاهجان جو وڏيرو توکي انعام ڏيئي نهال ڪري ڇڏي. سومر ٻئي هٿ ٻڌي چيو تہ استا ڏاڙهي اهڙي لاهيندوسانس جنهنجو ڪو ابو ئي ڪونهي. سومر هڪ ڳول دهي ڪولي ان ۾ آلو ٿيل برش ڦيرايو تہ برش سڄو ڳجيءَ سان ڀرجي ويو ۽ پو لڳو اهو برش وڏيري جي منهن تي ڦيرڻ- ٿوري دير کان پوءِ سومر ڏاڏي آدم جي زماني جي ٺهيل پاڪي ڪڍي ان کي ڪولي

پهرين هڪ ڪاري پٿر تي تکي ڪئي پوءِ هڪ چمڙي جي ٽڪر تي ۽ آخر ۾ پنهنجي هٿ تي گسائي جيئن وڏيري جي ڳل تي رکي گهڪو ڏنو تہ وڏيري جون اکيون ڀورجي ويون. منهن ڇهو ٿي ويس ۽ وات مان سيسراٽ نڪري ويس. استي اهو رنگ ڏٺو تہ ڪيس مسخري سجهي آئي ۽ ڪل واريءَ نوع ۾ چيائين تہ بختاور نينگر پرٽائڻ آيو آهي هن مبارڪ موقعي تي منهن ڪڙو نہ ڪر. ايتري ۾ حجام ٻئي ڳل تي جو گهڪو مس ڏنو تہ وڏيري کان ريهہ نڪري ويئي ۽ هن امالڪ حجام جو هٿ جهلي چيو تہ خبيس مونکي ٿو چئين تہ منهن ڪڙو نہ ڪريان. اڙي آئون ٿو ڪسجان ۽ توکي سجهي آهي مسخري؟ هيءُ حجام آندو اٿئي يا ڪاسائي؟ ايترو ٻڌي استي پنهنجي ڪل روڪي هٿ کي ڦيرائي پنهنجي ڪاڏيءَ تي رکي چيو تہ "مارا وڏيرا تون تہ ڪو اولياءَ آهين سچ ٿو چئين تہ هيءُ ڪاسائي آهي اصل ست پيڙهيو ڪاسائي. هن جا ابا ڏاڏا اهو ئي ڪم ڪندا آهن. هي تہ ننڍي هوندي ئي گهر مان رسي حيدرآباد (حيدرآباد) ويو هو ۽ اتي وڃي اهو ڪم سکي آيو هو. پر چوندا آهن تہ "گهر جو پير چلهہ جو مارگ" وڏيري استي جي ڳالهہ ڪرڻ جو انداز ۽ عجيب صورت ڏي ڪلي ڏنو. استي چيو تہ بختاور توهين تہ اسانجا خاص ۽ معزز مهمان آهيو ان ڪري ئي سومر سندس خاص اوزار کڻي آيو آهي نہ تہ هن ڳوٺ ۾ تہ جوان ماڻهن جي چپلين سان ٻئي ڏاڙهيون لاهيندو آهي. ايترو ٻڌي وڏيري کان پنهنجو سور وسري ويو ۽ لڳو ٽهڪ ڏيڻ.

خير نڪاح ڏينهن جو ٿي ويو. شام جو اوطاق جي سامهون واري ميدان تي فراش وڇايا ويا. ڪٽون بہ وڇائجي ويون. آمهون سامهون ڪٽن جي وچ ۾ فراش وڇايل هو. استي پنهنجي مسخري چالو ڪئي. ڪي

مالش ڪري الڳ ڪيو ويو. ڪنيز ڇڪ تي سمهاري ڪي ڪلاڪ ڇڪ ڦيرايو پر ڦڪيءَ ڦرڪ نہ پيو. ڳالهہ بجليءَ وانگر سڄي ڳوٺ ۽ آس پاس پکڙجي ويئي. ماسي مرادان منهن مٿو پٽيندي آئي ان کان پهرين ماڻهن وٽ ۾ ٻڏل اجرڪ ڪولي استي کي پهرائي ڍڪي ڇڏيو هو. ماسي سڏي ڪاڪا اڳيان آئي ڪيس مٿي تي هٿ ڦيري چيائين تہ ڪاڪا ڏٺئي مرد ٻچي جو انجام تہ ڇاوا بہ ڳڏ آهيون تہ مرنداسين بہ ڳڏ. ڇاوا تہ خبر نہ آهي ڪڏهن پر مرڻ جي هيءَ ويل ڏسط کان پهرين آئون مران ها.'' ائين چئي منهن مٿو پٽيندي استي اڳيان آئي ۽ ڪيس ڳراٽڙي پائي چيائين ''حيف اٿئي - استا حيف اٿئي الله کي حاضر ناظر ڄاڻي منهنجي ٻانهن وٽي آيو هئين. ان انجام سان تہ منهنجي رکيا ڪندي. پر گهر واريءَ کان بہ توکي ياري مني لڳي شابس هجئي. ائين چئي منهن مٿو پٽيندي بي هوش ٿي ويئي.

سڄي ڳوٺ ۾ ڪولاهل متل هو. ٻہ ارٿيون نهيون هڪ هلي استي جي گهران تہ ٻي هلي ڪاڪي جي گهران. ٻئي اچي ان ميدان تي مليون جتي ملاکڙو ۽ ڇيڇ لڳندي هئي. ٻئي ارٿيون ڳڏ هليون. پهرين آيا قبرستان جتي استي کي دفن ڪري نماز ادا ڪئي ويئي. پوءِ آيا شمشان ڀوميءَ جتي ڪاڪي جي چتا تيار هئي. حشام ماڻهن جا هئا. سڀني جي زبان تي اها ڳالهہ هئي تہ ياري تہ اهڙي جن کي موت بہ الڳ ڪري نہ سگهيو. ٻنهي جي ياري ۽ نشڪام پريم اهڙو مثال قايم ڪيو جو ڪي تہ هنن جي ياريءَ جو قسم کڻندا هئا. ڪن سالن تائين هن يارن جو تڪيہ ڪلام ''ڪتي لت هٽئي'' ماڻهو چئي روئي وهندا هئا.

اڃان پوءِ ٿا تلاءُ ۾ گهڙون ايترو چئي استو سامهون جهنگل ۾ هليو ويو. ڪاڪو ڪجهه دير تہ ڪناري تي ويٺو رهيو پر آخر پاڻ روڪي نہ سگهيو ۽ گهڙي پيو ڪپڙن سوڌو تلاءُ ۾ ۽ قميس جي پلاند کي ڳنڍيون ڏيئي ٿيلهي ٺاهي ويو لوڙهہ ان ۾ گڏ ڪندو ۽ اڳتي وڌندو.

اوچتو استي ڪاڪي جون رڙيون ٻڌي ڊوڙندو آيو ڏسي تہ ڪاڪو چيلهہ تائين پاڻيءَ ۾ ڦاٿو پيو آهي ۽ جيئن نڪرڻ جي ڪري تيئن وڃي هيٺ کپندو. اهو نظارو ڏسي استي جا واڻيسر گم ٿيڻ لڳا. ايتري ۾ ڪاڪي وري رڙشڪندي چيو استا وارو ڪر ٻيلي آئون ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهيان. رڙ ٻڌي استي کي جوش آيو جيسين ڪجهه ڪري تيسين ڪاڪي رڙ ڪري چيس تہ ”اڃان ڇا پيو ڪرين گڏه جا پار.“

”مهتا....“ استي چيو.

”ٽڪ اٿئي مهتي جا ڦر.... مهتو ماٺهين.... مهتو پٺهين....“

”اڙي ڪاڪا ٽوڪا ٽوڪا پل ٿي. پر ڪاڪا مون توکي ڪيرو سمجهايو آهي تہ گڏه پار ڪونہ ڇٽيندي آهي ڦر ڇٽيندي آهي.“

”اڙي هائو هائوڦر ڦر- پر جلدي ڪجهه ڪر آئون ٿو مران توکي لڳي آهي مشڪري (مسخري)“

”مرن تنهنجا مائٽ- تون ڇو مرين.“

”ٽڪ اٿئي ڪوہلا باقي چار ڇٽا مائٽ ابو- امان- چاچو -چاچي سي بہ مار.“

”اڙي ڪاڪا توکي مرڻ ڪير ڏيندو. هن مڙد ٻچي جو توسان انجام ڪيل آهي نہ تہ ڇاوا بہ گڏ آهيون تہ مرنداسين بہ گڏ“ هان هي جهل اجرڪ ۽ ٻڌ چيلهہ سان تہ توکي ڇڪي ٿو ٻاهر ڪڍان. متان همٿ هاري اٿئي- اجرڪ ٻڌي ٻنهين ڪوشش ڪئي پر ڪاڪو نڪرڻ جي بجاءِ ويو ٿي اندر ڦاسندو. استي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ تلاءُ جي ڪپ تي هڪ جهونو ٿلهو ٻير جو وڻ بيٺل هو.

هن پنهنجي ٻڌل اجرڪ لاهي ان وڻ سان ٻڌي ۽ ڪاڪي کي ٻڌل اجرڪ سان جوڙي گهڙي پيو پاڻيءَ ۾ ۽ چيائين تہ ڪاڪا لڳاءِ زور تہ آئون بہ ٿو زور لڳايان. ڪاڪو اڃان ڪاٺونس ٿورو پريرو هو. ڪاڪي تائين پهچي پنهنجو هٿ ڪاڪي جي هٿ ۾ ڏيئي چيائين ڪاڪا زور لڳاءِ نڪري اچ. تيسين پاڻي ڪاڪي جي ڳچيءَ تائين اچي چڪو هو ۽ غوطا کائڻ لڳو. استي پنهنجو سمورو زور لڳائي چيو تہ متان دل هاري اٿئي. توکي اڪيلو مرڻ ڪونہ ڏيندس ائين چئي هن هڪ زوردار جهٽڪو ڏيئي ڪاڪي کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي تيئن ئي ڪپ تي بيٺل ٻير جو وڻ ٽرڙاٽ ڪري اچي ٻنهين مٿان ڪريو. ان ڪنڌ واري وڻ جي دٻاءُ اڳيان ٻئي ٻيوس ٿي پيا. ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي استي هڪلون ڪرڻ شروع ڪيون اڙي ورو ڙي ورو ڳوٺ وارا ورو بچايو بچايو ٻئي ٿا ٻڏون ٻيلي وارو ڪريو. جن ٻڌو سي اگهاڙي پيرين ڊوڙي آيا ۽ وري ويا ڳوٺ ۾ ماڻهن کي سڏڻ. پر جيسين ڳوٺ وارا ڪجهه ڪن تيسين اڻ ٿيڻي ٿي چڪي هئي. ڳوٺ وارن پهرين ان وڻ کي هٽايو ۽ پوءِ بہ تارون پاڻيءَ ۾ گهڙي ٻنهين کي رسيءَ سان ٻڌي سانيڪو ماڻهن ڪوشش ڪئي پر هي ٻئي ڏٻڻ مان نڪري نہ سگهيا. آخر ۾ ڏڳن جون بہ جوڙيون گهرايون ويون ۽ پوءِ ڏڳن ۽ ماڻهن جي زور لڳائڻ تي ٻنهين کي ٻاهر ڪڍيو ويو. نظارو ڏسي پٿر بہ پاڻي ٿي پيا. ڪير جو پنهنجا لڙڪ ۽ سڏڪا روڪي سگهي. ڪاڪي جهوليءَ ۾ ٻڌل لوڙهہ زمين تي پک ڙجي ويا. ٻنهين يارن جا هڪ ٻئي کي ڏنل هٿ اهڙا تہ مضبوط ٿي ويا جو لاچار ٿي ڳوٺ ۾ گهر گهرائي

ٽيچر هوس، ڊرافٽس مئن هوس جيستائين ڪ مان ڪٽي ڇمان. مان گهڻن ئي هنڌن تي پلڪيس ۽ ڪافي نوڪريون بدلايون.

مان پارٽ پر ۾ سنڌين جو پهريون چترڪار آهيان، جو تہ آءٌ ئي هوس جو ١٩٥٢ع ۾ شري شوي رمناٽيءَ جي ناول ”گمان“ لاءِ چتر ڪڍيا، موهن ڪلپنا جي ناول ”آوارا“ لاءِ بہ ڪور ڊزائين ڪيو. جنوري ١٩٥٣ ۾ هندواسي هفتيوار ۾ منهنجو ئي چتر ڪور تي آيو. پوءِ پين چترڪارن جو. پل پوءِ پگوان ڪپور جو نہ هجي يا هجي مينگهراج تلريجا پر مان ئي هوس جو سنڌي چترڪاريءَ کي پارٽ ۾ پيش ڪيو. مان، مان آهيان. ڌرم يوگ، نوپارٽ ٽائيمس، اندر جال، ڪامڪس وغيره ۾ منهنجا ئي چتر ۽ ڪارٽون ڇپجندا رهيا ۽ هاڻي بہ ڇپبا آهن.

مان ڳائيندڙ وڄائيندڙ آهيان مونکي شاستري سنگيت جي ڪافي ڄاڻ آهي. آءٌ ڪوبہ راڳ ٻڌي اهو ٻڌائي سگهندو آهيان تہ ڪهڙو راڳ ڪهڙي تال ۾ هلي رهيو آهي. پر عجب جي ڳالهہ اها ٿو ٻدايانو تہ مون ڪوبہ ماسٽر ڪونہ رکيو ۽ نہ وري ڪا سکيا ورتي. راڳ پوپاليءَ کان وٺي او ويندي وڏن راڳن تائين ڄاڻ آهي. هارمونيم چڱي طرح وڄائي ڄاڻان، ڪهڙو بہ راڳ ڪهڙي بہ طرز، سولائيءَ سان ڪڍي سگهان. صرف هارمنيءَ تي هٿ رکڻ جي دير آهي ۽ طرز يا راڳ نڪتو ڪونهي پر منهنجا پيارا راڳ درگا ۽ مڌومتي پر سڀ کان وڏيڪ آءٌ لوڪ سرن جو شائق آهيان. پل دنيا جي ڪهڙي بہ ڪنڊ جا هجن مونکي پيارا آهن ۽ ڪافي ڏيان سان ڪن لڳائي ٻڌان ۽ آنند ماڻيان.

مان ليکڪ بہ آهيان جو تہ هاڻي بہ تہ پيو ٿو لکان ۽ توهان پڙهندا پيا وڃون. هن مهل تائين هر ڪنهن عمر وارن لاءِ لکيو آهي. ڪل ٥٠ کن ڪتاب با تصوير ڇپيا آهن. جن مان ڪي ٻارن لاءِ تہ ڪي وڏن لاءِ. مون سنڌيءَ ۾ تہ لکيو آهي پر انڪانسواءِ هندي ۽ انگريزي ۾ بہ مون لکيو آهي. منهنجون رچنائون پارت جي سنڌي، هندي ۽ انگريزي مخزنن ۽ روزانين اخبارن ۾ ڇپيون آهن. مراٺي ٻولي ۾ بہ ڇپيون آهن.

مان سنڌي تہ آهيان ئي پر ان سان گڏ پارتي بہ آهيان. ان ڪري مان هندي، مراٺي، پنجابي ۽ گجراتي ٻوليون چڱي طرح ڳالهائي، پڙهي ۽ سمجهي سگهندو آهيان. پر آءٌ ڌاري ٻولي بہ ڄاڻان. اها آهي يورپ جي ٻولين مان انگريزي ٻولي. جيڪا برٽش راڄ ۾ اسان مٿان مڙهي ويئي هئي. پل توهان مونکان آزمائش وٺي سگهو ٿا. مان سچ پچ ڇا ڇا نہ ڪيو آهي؟ مان سائين مان ئي آهيان. مان سمپادڪ بہ آهيان.

توهانکي اهو ڄاڻي اچرج لڳندو تہ مان نجومي بہ آهيان. جنهنکي عام طور جوتشي يا ائسٽرالاجار بہ چيون. مون ڪافي اڳڪٿيون ڪيون جي سچ ثابت ٿيون آهن. پل پڇي ڏسو منهنجي واقفڪارن کان. ڪرڪيٽ جي باري ۾ بہ مون اڳڪٿيون ڪيون تہ ڪهڙو ملڪ ڪٽندو وغيره. مون وٽ چنچر، آرتوار تي باقائدي ماڻهو پڇڻ ڪرڻ ايندا آهن. مان سنڌونگر، ڪلياڻ، ڊومبولي، ٿاڻا، ملند، گهاٽڪوپر ۽ چيمبور تائين مشهور تہ آهيان ئي پر سچ پچ هڪ دفعي ڪافي اچرج لڳو جڏهن هڪڙو بوريولي کان خاص سيڙجي مون وٽ آيو هو. هو ڪرشچن هو مسٽر جارج ڊاڪسٽا. اهو ڄاڻي تہ آءٌ بوريولي تائين بہ مشهور آهيان ڪافي خوشي ٿي. توهان پڪ ئي پڪ منهنجي هن ’مان‘، ’مان‘ ٻڌي بور ٿيا هوندا. پر ڇا ڪريان. مان بہ تہ مان- واد جي اثر هيٺ آهيان. اهو توهان تڏهن ٻڌائي سگهندا

اجان تہ مان .... فلاڻي

— لڇمڻ ڪُڪريجا ”مسافر“

هن سنسار ۾ واد گهڻا آهن، جيئن ساميہ واد، پرجاواد، وغيره، وغيره، وغيره. ڪي واد مرن ٿا تہ وري نوان واد جنم وٺن ٿا جيئن آفيسر واد وغيره. سڀني کان اهم واد ۽ سڀ کان خطرناڪ واد آهي ”مان واد.“ هي واد اهڙو تہ لڪل آهي جو ڪنهن کي بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ اچي. منهنجو مطلب آهي ڪنهن کي معنيٰ پاڻ کي بہ ڪونہ ڏسڻ اچي پر ٻين کي ڏسڻ ۾ ضرور اچي. ٻيا واد ڀل انسان ذات جي ڀلي لاءِ ٺهيل ڇو نہ هجن پر پوءِ ڇل ان واد مان ڏنگا ۽ فساد پيدا ٿين پر هي ”مان واد“ صرف پنهنجي شخصي ڀلي لاءِ ئي پيدا ٿيل آهي. پر آهي سڀ کان خطرناڪ.

هي ”مان واد سڀني وادن جي جڙ آهي. پاڙ آهي. دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ بہ اڻ وڻندڙ ٿي رهيو آهي مار ڪٽ، فساد، جهڳڙا وغيره اهي سڀ هن مان واد جي ڪارڻ آهن پر هن مان مان واد مان پنهنجي جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪافي انسان ڪندا آهن. اصل ان جي پاڇي کان بہ پري ڀڄندا آهن پر حقيقت ۾ قصو ابتڙ ئي آهي. مان واد اصل پاڇي کان بہ وڌيڪ هر انسان سان جڙيل آهي. ڪنهن سان گهٽ تہ وري ڪنهن سان وڌيڪ پر آهي چنبڙيل.

پاڇو تہ وري بہ روشنيءَ ۾ چنبڙيل هوندو آهي پر هي ”مان - واد“ ٢٤ ئي ڪلاڪ گڏ رهندو آهي. اُٿندي وهندي، کائيندي پيئندي گڏو گڏ رهندو آهي. هاڻي توهان منهنجو ئي مثال وٺو تہ مون ۾ ڪيتري ”مان!، مان!“ آهي ۽ مان ڪيترو هن ”مان واد“ سان ڀريل آهيان.

مون سنہ ١٩٥٤ کان وٺي نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي. مان انهن ڏينهن ۾ صرف ١٩ سالن جو هوس ۽ سنہ ١٩٧١ تائين ڪٿي بہ ڄمي نہ سگهيس.

ان انڪل ١٧ سالن جي عرصي ۾ مون ڪل ١٦ نوڪريون ڪيون. مون ڇا! ڇا!، نہ ڪيو؟. مون هر ڪنهن ڪيتر ۾ ڪم ڪيو. ٽائيمس آف انڊيا پريس ۾ انهن جي مزورن ۽ اسٽاف جي اسٽرائيڪ سبب مونکي چترڪار جو نوڪري ملي. نوڪري ڪچي هئي پر چترڪار هوس. ڪاڪڙا پار ۽ اُڪٽي ڊئم پراجيڪٽس ۾ نوڪري ڪئي. ڀوساول پيٽرول ۾ ڀوساول ملٽري ڇانوڻي ۾ سگنلس ۾ نوڪري ملي. سينٽرل ريلوي ۾ نوڪري ڪئي. بمبئي جي پريميئر هاءِ اسڪول سيان ڪوليواڊا، سنڌونگر جي سوسائٽي اسڪولن ۾ ۽ ملند ۾ جڻہ پارت هاءِ اسڪول ۾ ڊرائنگ

نالو : لڇمڻ ڪُڪريجا ”مسافر“
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو :

محنت ڪري ۽ ڏوڪڙ گڏ ڪيا ۽ جڳهه ورتي، پيٽسا نه! جڏهن تڏهن ڏس جڏا ٿي وڃڻ جا دڙڪا ٿا ڏين ڇڻ مونکي هنن جي پرواهه آهي. پرواهه ته انهن کي ڪرڻ کپي منهنجي. تنهنجي منهنجي شيوا ته ڪرڻ کپين تنهن سان گڏ خوشامد به. پل وٺي وڃن زالون پاڻ سان مونکي پرواهه ڪانهي. مان پاڻ ڪم ڪري سگهان ٿو. اُهي ۽ ويلا ته روٽي پچائن ٿيون پر توبهه ٿيون ڪرائين. الڳ ٿين ته خبر پون ته گهٽي ويهين سو آهي. پلا هٿ سکي جو آهن. پيون ٿيون نخرا ڪن. پڻو آهيان پر ڪم ڪري سگهان ٿو. تنهنجي پٽن وانگر هڏ ويهجي ڪونه ويا آهن.

۽ اسان ٻڌو هو ته سندس وڏو پٽ آخر مسواڙ تي جڳهه وٺي اولڌ راجيندرنگر ۾ ئي الڳ ٿي رهڻ لڳو هو ڪجھ وقت ڪانپوءِ ٻڌو ته سندس ٻيون نمبر پٽ لڌو صرف پهريان پنج مهنا گڏ رهيو ۽ پوءِ الڳ ٿي ويو پر وري ٻن ڏينهن ڪانپوءِ واپس آيو هو جو هن وٽ سندس نندا پائر ۽ پينرون آيا ۽ بنا ڪجھ چوڻ جي روئڻ ۾ اچي چلڪيا هيا. پاونائين ۾ اچي لڌو به روئندو واپس وريو هو پر رهي نه سگهيو ۽ وري پنجن مهنن کان پوءِ الڳ ٿي ويو جي اُڏي مل ڪيس هڪڙي اهڙي لت هنئين جو جيڪر کهڙو به انسان موڳو مڙ ۽ مٿل هجي. ڇر پر ۾ اچي ويندو.. جهڳڙي ۾ اُڏي مل لڏي کي چيو هو ”مان تو وٽ ٿوروئي آيو هوس، تون پاڻ ئي ته روئندو واپس آيو هئين. اهو ڏينهن ۽ اُهو شينهن لڌو واپس ڪونه وريو. قسم کنيائين ته پل بک ۾ مري ويندو پر واپس ڪونه ورندو ۽ دهلي جي پريتم پورا ۾ وڃي رهيو.

اڏي مل جو ٽيون پٽ ساڌو وري به اُڏي مل سان ۴ سال شادي ڪانپوءِ گڏ رهيو. الائي ڪيئن رهيو اها ته ڪيس خبر پر رهيو ضرور ۽ آخر ماڳهين دهلي به ڇڏي هريانا پرانت هليو ويو. اُڏي مل جي چوٿين پٽ ”شينهل“ شينهن ٿي منهن ڏنو. اهو به انڪل ١٠ سال شاديءَ ڪانپوءِ ماسڙ سان گڏ رهيو ۽ آخر ان به ٽپڙ ٻڌا ۽ لجپت نگر ۾ پنهنجو هڪ فلئٽ وٺي وڃي رهيو. ان وچ ۾ ماسڙ پنهنجون ڏيئر به پرڻايون. اسان ٻڌو ته ماسڙ هينئر اڪيلو ماسيءَ سان گڏ پنهنجي ٻڍاپي جا ڏينهن گذاري رهيو هو، ڪيئن ذاري رهيو هو اها ته خبر تڏهن پين جڏهن اتي دهلي وڃي لٿم. مون من ۾ سوچيو ته دهلي ۾ رهڻو ته هڪ يا ٻه ڏينهن آهي. سو ماسيءَ وٽ ئي رهندس. وڏي ماسات وٽ لهندس ته ماسڙ کي دل ۾ ٿيندو يا وري ماسيءَ کي به ڳالهه نه وڻي ۽ جڏهن پراڻي دهلي اسٽيشن تي لٿس ته مون آٽو رڪشا ڪئي ۽ اولڊ راجيندرنگر ۾ اچي لٿس. هٿ ۾ سوٽ ڪيس ڪٽي جتي ماسڙ رهندو هو ان گهٽيءَ مان لنگهي ئي رهيو هوس ته پوٽتان ڪنهن سڏ ڪيو. مون پوٺتان نهاري ڏٺو ته ڪو ٻار ”انڪل“، ”انڪل“ ڪري سڏي رهيو هو ۽ تنهن سان گڏ پاڻ ڏانهن اندر گهر طرف اشارا به ڪري رهيو هو، مان واپس وريس ته در تائين پهتم ته ڏٺم ته راڌو به در تائِين پهچي ويو. هن مونکي کيڪاريو ۽ وڏي ڀاڪر پاتو. پلا عمر ڪانپوءِ مليا هئاسون. پاونائن ۾ اچي وياسون. هن مونکي اندر اچڻ لاءِ چيو، سندس گهر ۾ سندس پوٺتان گهڙيس. پاپيءَ به کلي کيڪاريو. ڪافي ٻڍي ٿي ويئي هئي. راڌي به ته رٽاير ڪيو هو ۽ هينئر پينشبردار هو ڪيس ٣ ننهر هيون جي اچا تائين گڏيل ڪٽنب ٿي رهنديون ٿي آيون. جڳهه ڇڱي وڏي هي. راڌو هينئر مسواڙي نه مالڪ هو. مونکي هو گهر جي اوطاق ۾ وٺي هليو. سندس ٽيئي ننهر آيون ۽ مونکي اچي پيرين پيئون مون سندس پٺيءَ تي هٿ رکي وڏي چمار لاءِ ۽ سدا سهاڳڻيون رهڻ لاءِ آسيس ڪئي. راڌو صاف سٿرو لڳي رهيو هو. راڌي جي گهر واري يعني

جڏهن مونسان گڏبا. ڏسو متان منهنجي مٿين لکئي پڙهائي سگهو ڇگهو هائي اڳتي وڌو.

مون تازو دهليءَ تائين مسافري ڪئي. هي مسافري سنہ ١٩٧٤ع ڪانپوءِ جي هئي. توهان تہ مون کي ڪنهن جوتش جي ڪم لاءِ وڃڻو پيو هو. هرو ڀرو مان ائين ڪونہ ٿو چوان تہ دهلي تائين بہ مشهور آهيان.

مان دهلي وڃي رهيو هوس. آفيس جي ڪم سان. دهليءَ ۾ اسانجي برانچ آفيس آهي. ڪم تہ هڪ ڏينهن يا وڌ ۾ وڌ ٻن ڏينهن جو هو پر ڪم تہ دهلي ۾ ئي هو. سو مان وڃي رهيو هوس.

دهليءَ ۾ منهنجو ماسڙ آهي ديوان اُڌومل. کيس چار پٽ آهن، وڏو راڌو، ٻيو لڌو، ٽيون ساڌو پر چوٿون ! چوٿين جو نالو صفا ڦريل آهي. ان جي نالي ۾ ''ڏ'' اچي ئي ڪونہ. انجو نالو آهي ''شينهل''، ديوان اڌي مل کي نياٽيون بہ آهن، اهي بہ چار آهن. انهن جا نالا لکڻ يا ڪڍڻ واجب ڪونہ ٿو سمجهان ان ڪري ڪونہ ٿو لکان. ديوان اُڌومل سنڌ کي ڇڏي اچڻ ڪانپوءِ شروعاتي دور ۾ سنڌونگر ڀهرين ۾ رهندو هو پر جڏهن سنڌس بدلي دهلي ٿي تہ ٻارين ٻچين دهلي لڏي هليو ويو. ڀهريون ڀاڻ ويو. وري کيس جڏهن لوڌي ڪالوني ۾ سرڪاري ڪوارٽر مليو تہ پنهنجا ٻار بہ گهرائي ورتائين. رٽاير ڪرڻ ڪانپوءِ هو اولڊ راجيندرنگر وارو مڪان ٣٠ هزارن روپين ۾ خريد ڪيو هو. ڀلا دهلي جهڙي شهر ۾ جاءِ تي ڪنهن کي نہ فخر چڙهندو. منهنجو ماسڙ ''مان''، ''مان'' ۾ اچي ويو. هن مڪان سو خريد ڪيو. جڻ ڪپ ۾ ترار هڻئين هئي.

مان جڏهن ريلوي ۾ گارڊ هوس. مون گارڊ جي نوڪري ڪئي سن ١٩٥٦ع تائين. انهن پنجن سالن ۾ مان هر سال دهلي گهمڻ ويندو هوس، مون کي دهلي ڪافي وڻندي آهي. خاص ڪري سياري جي موسم ۾. ڇاڪاڻ تہ دهلي ۾ سڳي ماسيءَ جو گهر هو. ان ڪري رهندو بہ انهن وٽ هوس. ڀلا ماسات ۽ ماساتيون ڀائرن ۽ ڀينرن وانگر هلندا هئا ۽ وري ماسي بہ تہ ماءُ جو پيار ڏيندي هئي. سو هميشہ اُتي ئي پيو هوندو هوس پر ماسڙ جي اُها ''مان''، ''مان'' ٻڌي ڪل نڪري ويندي هئي. شروعات ۾ مون ماسڙ جي هن ''مان''، ''مان'' کي هلڪي نموني ورتو. منهنجي تہ ٻڌو آهي ان ڪري ٿورو سنڪي آهي ۽ پيو ٿو جڳهہ تي بانور ڪري ۽ انساني سڀاءُ بہ آهي پر وري مان بہ ڇا ٿي ڪري سگهيس. منهنجو ڪم پنهنجي مطلب سان، مان تہ رهي ايندو هوس. هون بہ ڪنهن جي وچ ۾ نہ وڃجي نہ وري ڪنهن کي اجايو سجايو صلاح ڏجي جي ڪوئي وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي تہ ائين مونکي جيستائين ريلوي ۾ نوڪري هئي. دهلي تائين اچ وڃ ڪئي. پر پوءِ ڪو دهليءَ وڃڻ جو وجهہ ڪونہ مليو. صرف شادين تي وڃڻ ٿيو.

ماسڙ اُڌي مل کي پنهنجي جڳهہ تي فخر هو. تنهن سان گڏ پنهنجن بازوئن تي بہ فخر هو. ان ڪري ماسڙ جي گهر ۾ هميشہ جهڳڙو هوندو هو. جهڳڙو لڳو ناهين تہ ماسڙ چوڻ شروع ٿيو ناهي. هر هر ماسيءَ طرف منهن ڪري چوندو ''تون هرو ڀرو پرواهہ ڪر مهاراڻي!، اجان تہ مان ڪم ڪري سگهان ٿو. اجا تہ مان ڪمايان ٿو ۽ جڳهہ پنهنجي وٺڻ مسخري ناهي. سو بہ دهليءَ جهڙي شهر ۾. اجا تہ تنهنجي پٽن جي هڪڙي پائي بہ نہ سڃاڻان پينشن ملي ٿي. تنهن ڪانسواءِ خانگي نوڪريءَ مان بہ ڪجهہ ملي ٿو. جڳهہ منهنجي آهي. مونکي پرواهہ ناهي ڀل تہ تنهنجا پٽ الڳ ٿي وڃن. جڻ دهليءَ ۾ جڳهہ ملي ٿي جو الڳ ٿيڻ جو دڙڪو ٿا ڏين. اڄڪلهہ جڳهہ پئسا تي ڪائي پئسا. هي تہ مان هوس جو

مطلبي دنيا

— گرداس آهوجا ''اجير''

ايترو جلدي وري ماسيءَ جي گهر اچڻو پوندو انجو مونکي خيال نہ هو. سڄي واٽ مينا جي باري ۾ عجيب و غريب خيال منهنجي دماغ ۾ آنڌ مانڌ مچائي رهيا هئا.

گهر ۾ خاموشي ڇانيل هئي. قدم رکندي ئي مونکي ڪجهہ ڏپ جو احساس ٿيو. پر، ڪجهہ ويچار ڪري مان سڌو مينا جي ڪمري ۾ گهڙي ويس ان جي حالت ڪجهہ وڌيڪ خراب نظر اچي اهي-هئي. بنا ڪنهن سان ڪجهہ ڳالهائڻ مون سان گڏ آيل منهنجي ڀاءُ رميش کي مان ايمبولنس گهرائڻ لاءِ چيو.

منهنجي ناني بہ اتي هئي. ان کي بہ مان مينا جي پرسان ويهاري ماسيءَ کي ٻاهر وٺي ويس ۽ چيومانس، ''ماسي هيءُ تون ڇاٽي ڪرين؟ تون اڃان تائين مينا کي دواخاني ڇو نہ وٺي ويئي آهي؟'' جيڪڏهن هينئر ذرا بہ دير ٿي تہ شايد اسان مينا کي.... چوندي چوندي منهنجي اکين ۾ آنسون اچي ويا:

مونکي لڳو تہ ماسي اڳ ۾ ئي روئي چڪي هئي وري بہ هن اکين ۾ آنسون اچي ويا. سانڍهيءَ جي پلاند سان اکيون اُگهندي چيائين '' مان تہ ڪيتري دير کان وٺي چوان ويٺي پر مينا، تنهنجي ناني مڃي ئي ڪونہ ٿي ۽ مينا بہ مڃي ڪونہ ٿي ڇون ٿيون تہ اسپتال ۾ وڃڻ معنيٰ آپريشن ۽ آپريشن ڪرائڻ هيءُ پسند ڪونہ ٿيون ڪن.

''ڇڏو ماسي تون هاڻي جلد اسپتال هلڻ جي تياري ڪر. مان مينا کي تيار ڪري ٿي وٺان. اسپتال ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو ڏٺو ويندو آپريشن ڪا مصيبت تہ ڪونهي جان بچائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻو تو پوي شروع کان ئي توهان مينا جي دماغ ۾ اسپتال ڊاڪٽرن آپريشن جو ڏپ وجهي ڇڏيو آهي جنهنجو نتيجو اڄ توهانجي سامهون آهي.

ايتري ۾ ايمبولينس آئي مينا کي زوريءَ سمجهائي ايمبولنس ۾ ويهاري دواخاني وٺي آيس ڊاڪٽر مينا جي حالت ڏسندي ئي اسانکي دپ ڪڍيائين تہ ''توهان پڙهيل ڳڙهيل هوندي بہ اهڙي غلطي ڪا ڪيو؟ ههڙي مورکتا ڪري سگهو ٿا اهو مان سوچي بہ ڪونہ ٿو سگهان!؟ مريض کي جيڪڏهن وقت سر اسپتال آندو ويو هجي ها تہ توهان ۽ اسان ههڙي اجائي تڪليف نہ ڀوڳيون



نالو	:	گرداس آهوجا ''اجير''
جنم	:	۴-۲-۱۹۵۴ راجڪوٽ گجرات
ڇپيل ڪتاب	:	ڪهاڻي سنگره ۲، ناٽڪ سنگره ۲
اِنعام	:	
پيشو	:	واپاري
پتو	:	سي.۵، شيتل پارڪ، بجرنگ واڙي پرسان، جامنگر روڊ، راجڪوٽ

منهنجي ڀاڀي بہ صاف سٿري لڳي رهي هئي. اها بہ اڇي ويئي. راڌي مونکان دهلي اچڻ جو سبب پڇيو جو مون ڪيس ٻڌايو. هن مونکي پنهنجي گهر ۾ رهڻ لاءِ ڪافي زور ڪيو. پر مون ڪونہ مڃيو ۽ ڪيس سبب ٻڌايو تہ ڪٿي ماسڙ کي خبر نہ پوي ۽ غصو ڪري. جواب ۾ راڌي صرف مشڪيو. وڌيڪ نہ چيو. سندس جي پيءُ لاءِ پڇيو تہ بہ هن ۽ سندس گهر واريءَ هڪ ٻئي ڏانهن اکين جي اشارن سان نهاري مشڪي ڏنو. ايتري ۾ مون ڏٺو تہ راڌي جون ٻہ ننهر هڪ وڏي ٽري کڻي آيون ۽ راڌي ۽ سندس گهر واريءَ مونکي هلڪي ناشتي ڪرڻ لاءِ زور ڪيو. مون ڪجهہ کاڌو. پاڻي پيتو ۽ پوءِ چانهہ پيتي. مون محسوس ڪيو تہ هيڏي سفر جو ٿڪ گهڙيءَ ۾ گم ٿي ويو. مون راڌي ۽ ڀاڀيءَ کان موڪلايو. راڌي اشاري سان پريان ماسڙ جو گهر ڏيکاريو ۽ آءٌ ان طرف وڌي ويس.

ماسڙ جي گهر وٽ پهتس. مون ڏٺو تہ گهر جو دروازو ڀيڪڙيو پيو هو ۽ ڀيڪڙ مان اندر جو نظارو ڏسڻ ۾ پئي آيو. اندر گهڙڻ کان اڳ ۾ ٻاهران گهر جي اندران جي جهلڪ ڏسي ورتي، دالان کانپوءِ کوليءَ ۾ سامهون منهنجي ٻڍي ماسي جا لڳ ڀڳ اسي سال ٽپي چڪي هئي. مٿي تي پيندي ٻڌي ويٺي هئي ۽ ڪجهہ غصي ۾ هئي. ۽ ساڻ ساڻ ٻڙ ٻڙائي رهي هئي جو مونکي ٻاهر گهٽيءَ ۾ شور غل ڪري ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. دروازي کي ٿورو ڌڪ هڻي آءٌ اندر گهڙيس. دالان جي پاسي کان جتي رنڌڻو، سنان گهر ۾ پائخانو لهيل آهي. مون هڪ عجيب نظارو ڏٺو. ڏٺم تہ ماسڙ رنڌڻي ۾ پيئو هو ۽ ڪجهہ ڳاهي رهيو هو. پلاپٽي ڪڇي ۽ بافتي جي وڏي ڪيسي واري گنجي ۾ هو. هڏن ۾ پوڙهو عجيب ٿي لڳو. ماسڙ مونکي ڏٺو. لڄ کان ٿورو کليو ۽ ڪيڪاريو.

”اچڻ جو اطلاع بہ نہ ڪيئہ. اوچتو هليو آئين.“ ماسڙ چيو. مان اڳتي وڌي ڪيس پيرين پيس. هن ماسيءَ طرف اشارو ڪيو ۽ اندر هلڻ لاءِ چيو. مان اندر وڃي ماسيءَ جي پيرن تي هٿ رکيو ۽ سامهون ڀڳل ٽٽل پلنگ تي ويهي رهيس. گهر هو ڇڻ..... ڪپڙا، ڪپڙا، چوڌاري ٽوال، انگوڇا، چادرون ٽنگيل ميرو ميرو الائي ڇا هو.

”ڇا ڪم واري مائي موڪل تي ويئي اٿو ڇا؟“ مون ماسيءَ کان پڇيو. ”ماسڙ رنڌڻي ۾ ويٺو آهي ۽ وري گهر بہ تہ صاف ڪونہ اٿو.“

ماسي جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن کان اڳ ۾ اندر جي آواز ٻڌايو ”اڇا تہ مان ڪم ڪري سکهان ٿو فلاڻي“ ۽ مون مشڪي ڏنو.

ماسي چوڻ لڳي ”اڳي اهڙو نہ هوندو هو هاڻي تہ
پيٽ چيري آپريشن ڪن ٿا ۽ اهو ڏهو ڏيئر ٿا پئدا
ڪن تنهنجي ڀين ڀاڀين کي ٻئي ڏس وڏيءَ کي ٣
ڏيئر ۽ ننڍيءَ کي هڪ وچين کي بہ اُهي بہ ڏيئر.“

پاسي ۾ ٻئي وڏي ڀاڀي ڀهاري پائي رهي هئي
هن جو اهو ٻڌو تہ هن جي اکين مان آنسون وهي آيا
ڀلا ڏيئر ڄمن ان ۾ هنجو ڪهڙو ڏوهہ. سدائين پيئي
سس جا ماسيءَ جا نانيءَ جا ۽ اوڙي پاڙي وارن جا
ٻڌين جا تعنا سهي پر ان ۾ هنجو ڪهڙو ڏوهہ!

شام جو رميش پنهنجي ماءُ جي پرسان ويٺل
ماسيءَ کي چيو ”ماسي توهان ڪجهہ ڀاڀيءَ کي
غلط سلت چيو آهي ڇا؟“

”نہ پٽ مان تہ ڪجهہ بہ نہ چيو آهي ٻڇي
وٽ شيلوءَ کان هوءَ بہ تہ ويٺي هئي اتي. پر سمجهہ
ڪٽي مان ڪجهہ ڇڪو بہ هُجي تہ ڇا ٿي پيو. پٽ
پٽ ٿيندا آهن ۽ ڏيءَ ڏيءَ ٿيندي آهي. سڄي
دنيا ڄاڻي ٿي تہ ڏيءَ پرائو ڌن ٿيندي آهي ۽ پٽ!
پٽ تہ ٻڍاپي جو سهارو بڻجندا آهن ماءُ پيءُ جو نالو
روشن ڪندا آهن ماءُ پيءُ جو ورثو قائم ڪندا آهن.“

ماسيءَ جي ڳالهہ کي نانيءَ بہ ساٿ ڏيندي
چيو هو ”هل هل هتان هاڻي وڏو آيو آهي ڀاڀيءَ جي
چاپلوسي ڪرڻ هُن! هل هتان!؟ تنهنجي ماسيءَ
ڪو غلط ڪونہ چيو آهي. ڏيءَ ۽ پٽ ۾ زمين آسمان
جو فرق هوندو آهي. تنهنجيءَ ڀاڀيءَ تہ آپريش
ڪري ڏيئر پئدا نہ ڪيون هجن ها تہ اڃان بہ پٽ
جي اُميد رکي سگهجي هان پر هاڻي تہ پيٽ چيري
٢-٣ ڏيئر ڄڻيون اٿائين تہ هاڻي تہ پٽ جو آسرو
ڇڏن نہ! هاڻي ڇا ڪجي.“

نانيءَ جي ڳالهہ ٻڌي رميش کي غصو اچي
ويو پاسي ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي چوڻ لڳو ”ڏس
ناني مان تنهنجون ۽ ماسيءَ جون سڀ ڳالهيون ٻڌيون
آهن“ چوندي هن ڪرسي ويجهي ڪئي. ”چڱو
ناني ٻڌ تہ تو جو ٧-٧ ڏيئر پئدا ڇو ڪيون؟ تو انهن
ستن ڏيئرن مان ٻن ٽن کي پٽ ڇو نہ بڻايا ٻڌاءِ؟“

”.....“ نانيءَ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو.

”ڏيءَ يا پٽ بڻائڻ انسان جي وس ۾ ڪونهي
اهو سڀ قدرت جي وس آهي ڌڪ وقت پٽ ٿي
ڪم ايندا آهن اهو هڪ وهم آهي. اڄ زمان بدلجي
ويو آهي پٽن کان وڌيڪ تہ ڏيئر ٿيون مائٽن کي ڪم
اڄ. ڏيئر ماءُ پيءُ جو ڌڪ سمجهي سگهن ٿيون. هو
ماءُ پيءُ کي سچي دل سان پيار ڪنديون آهن اها
ڳالهہ ٻي آهي تہ سماج جي بڻايل ريتن رسمن مطابق
هوشاديءَ کان پوءِ پنهنجي ماءُ پيئي جي شيوا نٿيون
ڪري سگهن. باقي هو بہ پٽن کان ڪنهن ڳالهہ ۾
گهٽ ڪونہ آهن، ڇا سمجهيو ناني!

ڏيئر پنهنجي ماءُ پيءُ سان جيڪو ڪن ٿيون
اهو سچيءَ دل سان سچي پيار سان ڪن ٿيون ذرا
بہ سوارٿ هنن جي دلين ۾ نہ هوندو آهي. باقي
پٽ جيڪو ڪن ٿا اهو سماج جي ڊپ کان مريادا
۾ رهن ٿا يا ڪنهن پنهنجي سوارٿ کان ڪن
ٿا.شاديءَ کان پوءِ تہ..... نہ سڃاڻن ماءُ نہ سڃاڻن
پيءُ نہ ڀيڻ نہ ڀاءُ نہ مٽ مائٽ. اڄڪلهہ
ڇوڪرين، عورتن ڪيتري نہ ترقي ڪئي آهي
پوءِ بہ ڏيئرن کان ايتري نفرت ڇو؟ هان ماسي!
هان ناني اهو تہ سمجهايو مونکي.“

ناني ڪنڌ هيٺ جهڪائي رميش جو سڀ
ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، پر ماسيءَ کي رميش جون
اهي سڀ ڳالهيون پسند نہ اچي رهيون هيون هن
ڪاوڙ ۾ چيو ”چڱو چڱو هاڻي هل هتان ڇا تنهنجي
ڀاڀيءَ نالي چيو آهي ۽ تون تہ رڳو پليان پئجي ويو
آهي! هاڻي بس ڪرا! اِهو بہ تہ سچ آهي نہ تہ
ڇوڪريون آخر ڇوڪريون آهن ڇوڪرا آخر ڇوڪرا

هان پر توهان آهيو جو سمجهو ٿي ڪونه ٿا؟''

مينا کي جلد ئي آپريشن ٿيٽر ۾ وٺي آيا، ماسيءَ روئي روئي ڪٺي ڪِن ڪيا. ڪيئن به هن جي جان بچي.

مان ڪنهن مهل اسپتال جي دالان ۾ چڪر لڳائي رهي هيس ته ڪنهن مهل بينچ تي ويهي ٿي رهيس ته ڪنهن مهل مُٺيون بند ڪري رهي هئس ۽ بينچينيءَ کي دور ڪري رهي هيس.

آخر مينا بچي ويئي پر اسپتال دير سان پهچڻ ڪري ڊاڪٽر ٻار کي نه بچائي سگهيو اجان به ٿورو مينا جي جان کي خطرو هو. مينا جي گنڀير حالت جو ٻڌي ماسيءَ جي اکين جا آنسون رُڪجڻ جو نالو ئي نه پيا وٺن روئندي روئندي هوءَ چوڻ لڳي ''شاديءَ جي ڪيترن سالن بعد ئي ته مينا جي گود ڀري هئي وڏي ڳالهه ته جيڪو ٻار پئدا ٿيو هو اهو پٽ هو ڪيترو نه سٺو ٿئي ها جو ٻار جيئرو جمي ها. پٽ پائي ڪري اسانجو نياڻو ۽ مينا جا ساهرا ڪيترو نه خوش ٿين هان! پر- پر هاڻي مان نياڻي کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس. چوندي چوندي هوءَ روئڻ لڳي.

ايتري ۾ نرس آئي ۽ چيائين ''روئڻ بند ڪيو ۽ شڪر ڪيو ته توهانجي ڌيءُ بچي ويئي انجي حالت هاڻي ٺيڪ آهي سمجهو ته خطري کان ٻاهر آهي.

ايتري ۾ ڊاڪٽر صاحب مونکي سڏ ڪيو ۽ چيائين ''ڏسو هيءَ ڳالهه مان توهان کي ڪيان ٿو پر توهان هينئر اها ڳالهه نه ڪيجو هينئر اها ڳالهه ڪيڻ ٺيڪ نه آهي پر ڪنهن کي انڌيري ۾ رکڻ ٺيڪ نه آهي. هاڻي حالت اهڙي آهي جو مينا ڪڏهن ماءُ نٿي بڻجي سگهي.'' اهو ٻڌي مان واٺڙي ٿي ويس منهنجي وات مان نڪتو ''ڊاڪٽر صاحب.''

''ها اِهو سچ آهي.'' چوندو ڊاڪٽر هليو ويو.

مونکي مينا جو ويچار آيو هن هڪ دفعي چيو هو ته ''ديدي توهانکي به منهنجي ٻار لاءِ ايتري فڪر ڇو آهي جوتشيءَ مونکي ٻڌايو آهي ته مونکي ۴ پٽ ٿيندا پوءِ ڪپنؤ ته هڪ توهان به ڪٺي وڃجو.'' اِهو سوچي منهنجي اکين ۾ آنسون اچي ويا.

مان ۽ رميش ٽئڪسيءَ ۾ ويهي واپس پنهنجي گهر طرف هلڻ لڳاسين رستي ۾ مونکي ويچار اچڻ لڳا مان ماضيءَ ۾ ڪوهجي ويس مونکي اڳه جي ماسيءَ ۾ ۽ هاڻ جي ماسيءَ ۾ زمين آسمان جو فرق نظر اچڻ لڳو اڳي هوءَ ڌيءُ نالي تي به نفرت ڪندي هئي، اڄ هوءَ ڌيءُ لاءِ به سڪي اهي هئي.

مونکي ياد اچڻ لڳا اهي ڏينهن جڏهن منهنجي ڀاڀيءَ کي ڌيءُ ڄائي هئي. مان ڌيءَ ڄائي جون واڌايون ماسيءَ کي ڏنيون هيون تنهن مهل هن ناراض ٿيندي چيو هو ته ''توکي ئي مبارڪ هجي تنهنجي ڀائٽي باقي اسان پٽ ٿي گهريو ڌيءُ نه سمجهيه.''

پوءِ وري منهنجي وڏي ڀاءُ جي ڌيءَ ريکا طرف نهاري چيو هئائين جڏهن کان هيءَ نياڻي ڇوري گهر ۾ آئي آهي تڏهن کان گهر ۾ ڇوڪرين جي لائين لڳي ويئي آهي ڇوري آهي ئي نياڻي ڀاءُ ڪٺي آڻين هان!!''

مون چيومانس ''ماسي ان ۾ هن ويچاريءَ جو ڪهڙو ڏوهه؟ پٽ هجي يا ڌيءَ ان ۾ هن جو يا هن جي ماءُ پيءُ جو ڪهڙو ڏوهه جيڪو لکيل هوندو اهو ئي ٿيندو پوءِ هو پٽ هجي يا ڌيءَ ان ۾ افسوس ڪهڙو ڪجي!

''اڙي تنهنجو ته دماغ ئي ڦري ويو آهي''

منهنجو پهريون پيار

— نهال نرياڻي

نيم انوسار ڪنڊ هيٺ ڪري بزار لتاڙيندي ٻائي غريبداس جي ٽڪاڻي تائين پهتس مس تہ آواز ٻڌم ”نهال“. مان هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳس تہ ٻيهر آواز آيو. ”ساڄي طرف گليءَ ۾ اچ.“ ڏٺم تہ رائسنگهاڻي گليءَ ۾ ٻہ چار ڇوڪريون بيٺيون آهن. وڪ وڌائي اوڏانهہ وريس. هڪ ڇوڪريءَ ورجايو ”چڱا ناٽڪ ڪرڻ سکيو آهي. ڀائو ڀيو سنڀالي توکي. مان اکيون کولي اُن ديويءَ طرف نهارڻ لڳس. ٻنهي جون نظرون مليون. مان دنگ رهجي ويس. سڻو موهيندڙ آواز، لبن تي لالائي، منهن ۾ مرڪ، نينهن ڀريا نيڻ پر جهڪيل، پيشاني کليل، وار وڏا پر ڀوتيءَ اندر ڇپيل. چوٽي نهيل پر اڳيان نانگ جي ڦڻ وانگر نهيل. ڇاتي اُڀريل، شرير سڊول، سندس سونهن منهنجي دل اندر عڪس ٺاهي ويهي رهي. دل ڌڙڪڻ لڳي. بنست ٻڌجي سندس سنمک بيهي رهيس. ديوي ڀولڻ لڳي ”ڏسجي ائين ٿيو تہ تو سڃاتو ڪونہ.“ مون رڪجي وراڻيو”نہ ديوي!“ وري ڀاڻ ڀولڻ شروع ڪيائين ”هيءَ منهنجي سوٽ هرجس آهي. منهنجو نالو لڪشمي آهي. ڀائو امرڏنومل منهنجي پتا جو نالوَ آهي. نندي هوندي ڀاڻ ۾ رانديون ڪندا هئاسين. مون وراڻيو- اُن وقت تون ڪوماڻيل ڪليءَ وانگر هڪ ليچر نينگر هوندي هئينءَ. هاڻي تون ٽڙيل گلاب جي گل وانگر ڀنهنجي ڀوڌي تي براجمان آهين! ڀلا ديوي! هن وقت ياد ڪئن فرمايو اٿئي؟ جواب ۾ چيائين ”ساڳي شرارت ڀري ڀاشا! هاڻي مذاق ڇڏ ۽ منهنجي ڳالهہ ٻڌ. اڳين رات تو جيڪو ناٽڪ ۾ ڪارداري ڏيکاري هئي اُها ڪمال جي هئي. مون توکي ڀنا ديويءَ جي روپ ۾ ڪونہ سڃاتو پر ڀائوءَ توکي سڃاڻي ورتو. تنهنجي ڏاڍي ساراهہ ڪيائين. هاڻي گليءَ ۾ ايترو ڳالهائڻ شوڀيا نٿو ڏئي. گهر اچ ۽ ڀائوءَ سان گڏج.“ مون وراڻيو ”ديوي! بندو حاضر ٿيندو.“ تنهنجو حڪم چشمن تي. ڀائوءَ کي منهنجي ست نام ساکي چئج.

(٢)

مان لڪشميءَ کي گهڻن سالن کان پوءِ مليو هوس. سندس پتا انجنيئر هو. نندي هوندي سنهڙي، ڪومل ۽ مني سڀاءَ جي نينگري هئي. ڀاڙي ۾ رهڻ سبب رانديون ڪندا هئاسين. سندس ڀيءُ هر هوليءَ تي هڪ ناٽڪ جي رچنا ڪندو هو. سندس اداڪاريءَ جي هاڪ هئي. نوڪري ٻاهر هئڻ سبب ڪٽنب پڻ ٻاهر وٺي ويو هو تنهن ڪري لڪشميءَ سان ملڻ مشڪل ٿي پيو. سڀاجهي ۽ نرمل سڀاءَ سبب

نالو	:	نهال نرياڻي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	

ڪُل جو نالو تہ روشن ڪندا!! ۽ آپريشن سان ڏيئر ٿيون پئدا ٿين اهو مان بہ ڏلو آهي.''

رميش ٿورو گرم ٿيندي چيو ''ماسي تون بہ ڇا اجايو ڳالهيون ٿي ڪرين ڊاڪٽر آخر تائين آپريشن ڪرائڻ بسند نہ ڪندا آهن لاچاريءَ جي حالت ۾ ئي هو آپريشن جي صلاح ڏيندا آهن تہ ڪٿي دير جي ڪري عورت جي زندگي نہ خطري ۾ پئجي وڃي. اڳي ڊاڪٽري سهايتا نہ ملڻ جي ڪري گهڻيون ئي عورتون ڊليوريءَ جي وقت ئي مري وينديون هيون پر اڄ ڊاڪٽري سهايتا سان آپريشن ڪري ٻار ۽ ماءُ جي زندگي بچائي ويندي آهي.

ناني ۽ ماسي ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيون رميش جو ڳالهائڻ چالو ئي هو ''ڌيءَ کي پرائو ڌن سمجهڻ ۽ ٻڌائڻ وارو ڪير آهي؟ توهان ئي آهيو، پوءِ ڇئو هينئر پرائي ڌن کان ڇو مدد گهري رهيا آهيو. تنهنجي ڪم اچن ٿيون تنهنجون ڌيئر يعني منهنجي ماءُ ۽ ماسيون. پوءِ پٽ پٽ ڇو ٿي ڪرين ناني!؟ اڄ ڪلهہ ڌيءَ ۽ پٽ ۾ ڀيد رکڻ نہ گهرجي. پٽ هُجي يا ڌيءَ واهہ واهہ ڪجي.''

اچانڪ مونکي لڳو ڪوئي مونکي ڌوڏي رهيو آهي. مان ويچارن مان نڪري آيس ڏٺم رميش منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي مونکي جاڳائي رهيو هو هن کي ائين لڳو تہ شايد مان ننڊ ٿي ڪريان. مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

''ديدي ڇو ڇا ٿيو؟ ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿي ويئي آهي. ٺيڪ تہ آهين نہ ديدي؟؟''

پر مان رميش کي ڪيئن سمجهايان تہ مونکي خود کي معلوم نہ آهي تہ مان ٺيڪ آهيان يا نہ! مونکي هميشهہ اهوئي سوال دل اندر ڪائيندو رهندو آهي، روئاريندو رهندو آهي تہ شايد مردن کان وڌيڪ عورتون ئي زميوار آهن عورتن کي دکي ڪرڻ ۾. ڌيئر ڄڻيندڙ نونهن کي تعنا مهڻا ڏيڻ واريون بہ تہ عورتون ئي هونديون آهن يعني سسون، پاڙي واريون، عورتون، نڻانون، ڏيراڻيون، پر شايد اهو هو ڀلجي وينيون آهن تہ هو بہ ڪنهن ماڻهوءَ جون ڌيئر آهن.

هن کان سڏڪو نڪري ويو اکين ۾ آنسون اچي ويس ههڙي مطلبي دنيا کان هن کي نفرت اچڻ لڳي.

ٻائو پڇيو ڇا ٿيو؟ مون وراڻيو لڪشمي چونڊو ماري ويئي. مونکي چيائين ٿوري ۾ ڇڏو آهين. ترت وڃي پرڇائينس. لڪشمي ٻاهر اڱڻ ۾ ٻري هڪ وڻ جي ڇانو ۾ کٽ تي ويهي رهي. مان وٽس ويس. جيئن ۾ ٻهريون دفعو هن هٿ پڪڙيو ۽ غصي ڀرئي نوع ۾ چيائين ”ڏئه پنهنجي ماتا جا رنگ؟“ مون چيو هوءَ شکي ۽ گرم مزاج جي آهي. مان ان ڪارڻ کين آيس ته اسانجي پوتر پريم ۾ ڪوبه داغ نه پوي ۽ مان هٿ ڇڏائي وڃڻ لڳس. زور سان ٻانهن پڪڙي چيائين ايترو وڇوڙو ڏنهءِ، اڃان به پيٽ نه ڀريئه؟ چيومانس، پيار پوتر آهي. تون گنگا جل وانگر پوتر آهين. مان برداشت کين ڪري سگهندس ته تنهنجي آنچل تي داغ لڳي. چندرمان جي شيتل پرڪاش ۾ جيڪا شيتل آهي، اُن تي چڪور ڦيرا پائي قربان ٿئي ٿو. قربانيءَ جو ٻيو نالو پيار آهي، تياڳ ۾ ئي آتمڪ ٻل سمايل آهي. آتما امر آهي. مان چاهيان ٿو تون ۽ مان گڏجي پريم روپي پيگ پي امر بڻجون. هيءَ پوتڪ ديهه ناسونت آهي. اسين ناسونت شرير کي پيار ڪونه ٿا ڪريون.

لڪشمي چوڻ لڳي منهنجا ديوتا تنهنجي فلاسافي پنهنجي پلي ڪانه پيئي. دل لٽي هاٽي پرٻوڌ ڏيڻ شروع ڪيا اٿيئي. تون آڌونڪ يگ جو والميڪي رشي آهي. اها خبر اڄ معلوم ڪيم. پر هن دل جو مدو به ڪيجي اڄ. ”وقت اچڻ تي سڀ درست ٿيندو“ ايتري ۾ سندس سوٽ هرجس اچي ويئي.

هرجس چوڻ لڳي کهڙيون وينا ڳالهيون ڪريو. لڪشميءَ چيس ته تون اسانجي ويجهو گهٽ اڄ پريم روپي بيماري وچڙندڙ آهي. متان توکي به لهنس اچي وڃي. مون هن کي صلاح ڏني آهي ته ان بيماريءَ کان بچڻ لاءِ ڪو ملم ڪوچ ڪري. مون ڏانهن نظر ڊوڙائي چيائين هن دفعي ته توکي معاف ٿي ڪريان پر وري اٿين نه ڪڄ. پنهنجو موهيندڙ مکڙو ڏيکاريندو ڪر.

اسان جي ملاقات ٿيندي رهي. گهڻي ڀاڱي سندس گهر ۾ ئي ٿيندي هئي. اونهارو گذريو. سياري جي سرديءَ جي سٽ جهلي ڪانه سگهيس ۽ بيماريءَ سبب کٽ تي داخل ٿيس. لڳاتار مهنو سندس گهر ڪونه ويس. منهنجي من ۾ مونجهه پئدا ٿي.

بيماريءَ ۾ ٻاهر هوا ۾ ڊاڪٽر منهه ڪري ڇڏي هئي. ماتا جي کنهن پڙوسي کي ڏسڻ لاءِ ويل هئي. هو طبابت جو ٿورو ڪم ڄاڻندي هئي. سيوا ڀاونا جو انگ منجهس هو. نهسوارٿ ڀاونا سان اهو ڪاريه ڪندي هئي. شام جو سميه هو. گهر ۾ اڪيلو هوس. پاڻ کي وندرائڻ لاءِ هارمونيم کڻي وڄائڻ لڳس. اوچتو در کليو ۽ اندر لڪشمي لنگهي آئي. مان تعجب ۾ پئجي ڏانهنس نهارڻ لڳس. هارمونيم هڪ پاسي رکيو ۽ سندس وهڻ لائي جڳهه ٺاهيم. هوءَ منهنجي ڀرسان سلجي ويٺي. مون ٻانهن ورائي کيس ڀاڪر ۾ کيو ۽ نراڙ کي چميو، هوءَ به مونکي چنبڙي پيئي. منهنجي شرير ۾ سيسرات اُڀري پر سنڀالي ورتو.

لڪشميءَ کي چيم سنڀال ۽ سڌي ٿي ويهه. لڪشمي سڌي ٿي ويٺي پر سندس اکين ۾ ڳوڙها ڏٺم. پڇيومانس کهڙي ويڌن آهي جو هنجون ٿي هارين. چيائين کيترن ڏينهن کان اچڻ بند ڇو کيو اٿئي! هينئر به هرجس کي ٻاهر بيهاري آئي آهيان. ٻاهر ڪڙو لڳل هو. اندر هارمونيم جو آواز ٻڌڻ ۾ آيم. سمجهيم ته ماتاجي ٻاهر آهي ۽ تون اندر آهين. همٿ ٻڌي اندر لنگهي آيس. چيومانس ته هنجون ڇوٿي هارين؟ ٻڌايائين ته مائٽ کنهن ٻئي هنڌ مڱائڻ ٿا چاهين. مان توکان سواءِ رهي ڪانه سگهندس/ چيومانس لڪشمي حقيقت شناس

ملي ۽ وٺندڙ لڳندي هئي. مان ڪيس پيار ڪندو هوس. اُهو پيار ٻاراڻو ۽ نردوش هو. آنڊ مانڊ مچائڻ وارو ڪونه هو. نئين ملاقات هڪ قسم جو اُمنگ ۽ اتساهه جاڳايو ۽ دل ۾ ڌڙڪن پيدا ڪئي.

روز سندس گهر ۾ وڃڻ لڳس. سندس پيءُ جو اوراهه ته اڳ ۾ ئي هو. سندس ماءُ ۽ سندس ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي پڻ چاهڻ لڳا. گهر ۾ ملاقاتيون وڌيون پر روز شام جي وقت سندس گهر سامهون منهنجو دوست رهندو هو. نالو هوس هيرو. مونکا ٻه درجا مٿي پڙهندو هو. شام جو ان وٽ پڙهڻ ويندو هوس. ڪيس پيءُ ڪونه هو. گهر ۾ سندس چاچو، ماءُ ۽ هڪ ٻالڪ يعني سندس چاچي جو پٽ رهندو هو. پاڻ ۾ چار گهر ڳتيل هوندا هئا. هيري جو گهر ڄڻ پئنچات خانو هو. اُتي روز شام جو ويندو هوس. لڪشمي پڻ اُتي ايندي هئي. روز ملاقات ٿيندي رهندي هئي. ان گهر جي لڳو لڳ هڪ ٻيو گهر پڻ هوندو هو. اُنهن جو گهر پڪو ۽ اڱڻ وڏو هو. پاڙي جون زالون اڪثر اُتي اچي ڌس ۽ ٻيو ٽوپي جو ڪم ڪنديون هيون. منهنجي ماءُ پڻ اُتي ڪچهري جي خيال سان ايندي هئي. نوشهري ۾ گرمي گهڻي هوندي هئي. هيري جي گهر ۾ ورانڊي ۾ وڏو پينگهو رکيل هو. اُن ۾ لڏڻ سان گڏ ڏينهن جي ننڊ پڻ مان اُتي ڪندو هوس.لڪشميءَ سان ملاقات ۽ روح رهاڻ ڪرڻ جو ٺڪاڻو دائمي اتي بڻائي ڇڏيم. سندس گهر ۾ پڻ بنا روڪ ٽوڪ وڃڻ جو پروانو مليل هو. انسان ٻنهي جو سمپرڪ ۽ گهرائپ وڌندي ويئي. پهرين سڪ پوءِ چڪ وڌندي ويئي. روز نه ملڻ سبب من ۾ آنڊ ماڻڊ وڌندي ويئي. اسان ٻنهي جو اکين جو پيار هو. شاريرڪ طرح هڪ ٻئي کان پري رهند هئاسون. اُن گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا چار دروازا هئا. چارئي لنگهه کليل هئا. ڪوبه اتي بنا ڪٽڪي وڃي سگهندو هو.

اسان جون ملاقاتون وڌنديون ويئون. اسان جو وهنوار پاردرسي هو. شڪ جي ڪوئي گنجائش ڪانه هئي. لڪشميءَ جي چاچي پڻ اتي ايندي ويندي هئي. سندس بزار جو ڪم اڪثر مان ڪندو هوس. اوچتو هڪ ڏينهن بونڊر ڪڙو ٿيو.هيري جي چاچيءَ منهنجي ماءُ جا ڪن ڀريا. منهنجي ماءُ جو سڀاءُ شڪي ۽ گرم هو. جذبات وهيڻي ٿي لڪشمي ۽ ان جي ماءُ لاءِ ڪيترا اُبتا سُبتا لفظ ڪم ۾ آندائين. گهر ۾ اچي منهنجي مٿان پڻ واڇٽ وڃڻ لڳي. مونکي ڪوبه بچاءُ ڏيڻ جو موقعو ڪين ڏنائين. فرمان ڪڍياءِ ته اُن گهر ۾ قدم نه رکان. مونکي شانتي ڌارڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. مونکي پنهنجي عزت آبرو جو ڪوبه بچاءَ جو خيال اتپن ڪونه ٿيو پر لڪشميءَ جي مٿان ڪي غلط ويچار سهڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيس. ان ويچار منهنجي من ۾ چوٽ رسائي. مون لڪشميءَ جي گهر وڃڻ چاهي مقرر آستان تي وڃڻ بند ڪيو. لڪشميءَ کي زبردست صدمو پهتو. غم گينيءَ سندس مٿان گهير ڪيو. ماڻس سمجهڻ لڳي پر لاچار هئي. آخر مونکي نياپا پهچڻ لڳا. چوائي موڪليائين ڌيءَ اسانجي آهي. تون خيال نه ڪر. اسانجو تو ۾ وشواس آهي. جلد اچي لڪشميءَ سان مل ۽ هن کي آٿت ڏي. آخر ڪار هڪ ڏينهن سندس گهر ويس. ورانڊي ۾ سندس ماتا ملي. مونکي آٿت ڏنائين- پٽس ڪمري ۾ ٽيڪ ڏيئي ليٽيو پيو هو. مونکي ڏسي خوش ٿيو. مان سندس چرڻ ڇهي آشيرواد ورتي. مونکي آشيرواد ڏيئي ڪيول ايترو چيائين ”ڪنهن سان نينهن جو ناتو رکجي ته نڀائڻ سکو.“ ايتري ۾ لڪشمي هڪ ڪوليءَ مان ٻاهر نڪري منهنجي ڀرسان لنگهي ڳچيءَ تي زور سان چونٽو ماري ٻاهر ڀڄي ويئي. ظاهران ته مونکان چيخ نڪري ويئي پر دل ۾ پريم جون لهرون اُڀري ويون

اٹل وشواس

— ڪشن بجاج

مان جڏهن به بنارس ويندو آهيان. پيڻ مونکي هڪ مهاتما وٽ وٺي هلندي آهي. آهستي آهستي منهنجي شرڌا به ان مهاتما لاءِ وڌڻ لڳي. مهاتما به رڳين سِڌين وارو هو. وڏي ڳالهه ته مهاتما جي ڳڻن جي چاڻ پاڙي وارن کي گهٽ هئي. مهاتما پنهنجي مشهوريءَ جي سخت خلاف هئا ۽ هنن چيلا ته بلڪل ئاهيا ئي ڪونه، سچي هندستان ۾ مشڪل سان پنجاهه سٺ شرڌالو هئا.

هو جيترا نرمل هئا اوترا سخت به هئا. امتحان به ڏاڍا ڏکيا وٺندا هئا. پيڻ ڳالهه ڪندي آهي ته پهرين ته سيني کي تمام گهڻو پريم ڏيندا آهن پر پوءِ تمام رکو ۽ سخت پيش ايندا آهن. تنهن ڪري ڪافي شرڌالو پڇي ويندا آهن.

چمتڪاري به اهڙا هوندا هئا جو چوڻ ڪان ٻاهر ڪو شرڌالو ڪنهن انهن وٽ زوريءَ وٺي ايندا هئا جن کي انهن لاءِ شرڌا ڪونه هئي ته انهن کي درشن ڏئي پوءِ انهن کي ڪٽيا جي ٻاهران نه صرف دروازو بند نظر ايندو هو. پر دروازي کي ڪلف لڳل نظر ايندو هو. هو پنهنجي اهڙي مايا پکيڙيندا هئا جو بس ٻئي ڏينهن هو ان شرڌالوءَ کي ورجائيندا هئا ڪلهه جنهن ماڻهوءَ کي مون وٽ وٺي آئين ٿي. جڏهين ان جي شردا ڪونه هئي پوءِ ان کي زوريءَ جو ولي آئين ۽ نشان پتا قد بت ۽ ڪپڙن جو رنگ پڻ ٻڌائيندا هئا. ٻڌائيندا هئا مان ته ڪٽيا ۾ وينو هوس پر توهان ۽ دروزو بند ۽ ڪلف لڳل نظر آيو هو.

چار سال اڳ مان پيڻ سان گڏجي هن مهاتما جي درشن ڪرڻ لاءِ ويس ته اتي هڪ ۴۵ سالن جو ماڻهون ويٺل نظر آيو. ان جي ڪٽنب جا ڀيا به ڪافي ٻاتر اتي هئا. پيڻ ڀاڻيجون، ڀيٽويو وغيره. مهاتما سيني آيلن کي پرشاد ڏنو. اهو ماڻهون راجستان جي ڪنهن شهر مان آيو هو ۽ پنهنجي لاپرواهي سبب ڏندي ۾ ڪافي گهاٽو پيو هئس ۽ قرض چڪائڻ ۽ خانداني ملڪيتن جي آخري نشاني رهڻ جي جڳهه به وڪڻي ڇڏيائين. جڳهه وڪڻڻ مان جيڪي پئسا مليا هئس انهن مان پنج سو روپيه مهاتما جي اڳيان پيٽا رکي آسيس گهرڻ لڳو. تنهن مهاتما ڪاوڙ مان اهي پئسا کيس واپس ڪندي چيو ”نالائق سپوت وڏن جي ملڪيت وڃائيندا آهن ۽ تون وڏن جي آخري نشاني وڪڻي مون کي پيٽا ڏيئي رهيو آهي. ڪپوت وڏن جي ملڪيت کي خرد برد ڪندا آهن. مونکي تو ڪپوت جي پيٽا منظور ڪونهي.

تو وڏن جي ملڪيت بنان ڪنهن جي صلاح جي وڪي آهي. هاڻ تون در در جون ٺوڪرون کائيندي ۽ ڪٽورو کڻي پنندي.

نالو	:	ڪشن بجاج
جنم	:	١٧-٨-١٩٨٣ ٽنڊو آدم (سنڌ)
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	پرائيويٽ نوڪري
پتو	:	٧٤، شڪتي نگر، اُديپور.

ٿي ٿي، مان اجان پڙهان پيو ٿوا گهر ۾ ڪمائڻ وارو هڪ ڀاءُ هو، انکي بہ ڪراچيءَ ۾ ڪنهن زهر ڏنو. ملڪيت نہ پتا ڇڏي ۽ نکي ڀاءُ ڇڏي آهي. ڀاءُ تہ قرض ڇڏي ويو جيون آجيوڪا جو مسئلو جيستائين حل نہ ٿيو آهي تيستائين شادي ڪرڻ محال آهي مون توسان پيار ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس. پيار ۾ جسم جو ميلاپ يعني شادي ڪرڻ. اهو نفساني پيار آهي. پيار ۾ آتمڪ ميل ضروري آهي. لڪشميءَ فرمايو، مان توکي تن ۽ من ڏيئي چڪي آهيان. مون وٽ باقي ڇا بچيو آهي جو هڪ اڻ سڄاتل پرش کي ارپڻ ڪري سگهنديس؟ چيومانس فرض ادائي ۽ لوڪ لڄا اُهي بہ وصفون اهڙيون ڏاتا ڏنيون آهن جن جي آڌار تي انسان نئين جيون ڻاهي سگهي ٿو. هندو ناري اول شادي ڪندي آهي پوءِ ئي پيار جو سلو اپرندو آهي. هڪوار ٻار پئدا ٿيو تہ اُهو ٻن دلين کي جوڙڻ جو ڪم ڪندو آهي. جئن فيوي ڪول ڪندو آهي. مون رجنيش رشيءَ جو ڪتاب ”سمڀوڳ دواران سماڌي“ پڙهيو آهي. پر اُها سماڌي ڪڻ مثل آهي. هن رام جي جنم جو ذڪر ڪيو آهي پر راجا دسرٿ چار شاديون ڪيون ۽ ڪيڪئي جي موهہ ۾ ڦاسجي، مرضي نہ هوندي پٽ رام کي بنواس پوڳٹو پيو. اهو جسماني پيار هو.

شاهہ عبدل لطيف بہ ڪيئن هڪ مونث جي پريم ۾ ڦاٿو هو. پريم ۾ هميشهہ ڀهرين آشا ۽ پوءِ نراشا جو انهو ايندو آهي. پر مونث ۽ منوکر جو چڪر تياڳي اهو پريم وياپڪ سمجهي ايشور طرف موڙجي تہ انسان اُنتيءَ جي راهہ ۾ ملندو رهندو. صوفي مت ۾ ان کي چوندا آهن ”معرفت جو مارگ“ لڪشمي اُٿي ۽ چيائين ”مان هنجون هاريندي تنهنجي سڪ ۽ سوز ۾ پر ٻئي پرش کي هيءُ جسم ارپڻ ڪانہ ڪنديس. هندو ناري پنهنجو تن من هڪوارِيءَ ارپڻ ڪندي آهي. وئشائون بار بار ڪنديون آهن. ائين چئي دهٽي سان اکيون اُگهي رمندي رهي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ سندس ماتا جو نياپو مليو ”لڪشمي پوين پساهن ۾ آهي. توکي ياد ٿي ڪري.“ مان تپرس ۾ پئجي ويس. طبيعت ناساز هئي. هڪدم اوڏانهن روانو ٿيس. عجيب نظارو اکين اڳيان گوچر ٿيو. سڄو ڪٽنب سندس پلنگ جي چوڌاري اُداس بيٺو هو. ماٿس رئي سان ڳوڙها اُگهندي چيو، ”لڪشمي نهال آيو اٿيئي.“ لڪشميءَ خمار ۾ پريل نيڻن سان نهاريو. اشاري سان پنهنجي مٺن کان وهڻ جو چيائين مان وينس تہ پنهنجو سر منهنجي سٿر تي رکي منهنجا ٻئي هٿ پڪڙي ”هري اوم نمهہ“ اچاري ڪنڌ لڙڪائي ڇڏيائين.

ٽينشن فِري

— سُشيلا موٽواڻي

صبوح جا ساڍا پنج لڳا آهن سياري جو صبوح آهي راجيش ۽ ريکا مٺي ننڊ جو مزو ماڻي رهيا آهن. اچانڪ رسوئيءَ مان ڪنهن پليٽ ڪري ڀڄڻ جو آواز ٻڌي ريکا جي ننڊ کُلي ٿي پوي. رسوئيءَ ۾ وڃي ڏسي ته سَسُٽس چانهه ڪاڙهي رهي آهي ۽ پليٽ پٽ تي ڀڳي پئي آهي. ڀُڻ ڀُڻ ڪندي واپس ڪمري ۾ ئي اچي اکين تي هٿ رکي ويهي ٿي رهي. راجيش به جاڳي ٿو پوي ”ڇا ٿيو

ريکا ڊارلنگ؟“ ريکا- ’ٿيندو وري ڇا صبوح ساڻ پليٽ ڀڃين ننڊ خراب ڪري ڇڏي توهان جي ماءُ.‘

’ڊونٽ مائينڊ ريکا وڏو مائٽ آهي هٿ مان ڪِري پئي هوندس مان توکي شام جو ئي هڪ ڊزن پليٽون آڻي ڏيندس! او. ڪي؟‘

ريکا ٻوٽ سجائي اتي ئي ويني ئي رهي. راجيش جو پارو هاءِ ٿي ٿو وڃي.

رسوئيءَ ۾ وڃي ماءُ کي چوي ٿو، ’ممي مون توهان کي ڪيترا دفعا چيو آهي ريکا توهان کي چانهن ڪمري ۾ پهچائيندي پر توهان ته روز جلدي اُٿي اسان جي ننڊ ۽ سڄي ڏينهن جو موڊ خراب ٿا ڪري ڇڏيو.‘

ساوتريءَ جو منهن لهي ٿو وڃي صفائي ڏيندي چوي ٿي،

’ڇا ڪيان صبوح جي جاڳ جلد ٿي ٿئي ته چانهن جي هاڙ ٿي ٿئي توهان ته دير سان ٿا اُٿو. هونئن به ريکا چاهيندي ئي نه آهي ته مان ڪو رسوئيءَ ۾ گهِڙان.‘


ريکا مون ڪڏهن توهان کي منع ڪونه ڪئي آهي پاڻ مان ته توهان جي آرام جو وڏيڪ خيال رکي چوندي آهيا.‘

ساوتري - ’سڄي ڏينهن ويهڻ مون سکيو ڪونهي ماڻهون ته بِرُ ٿيندو بنا ڪم جي؟‘

راجيش ٻئي هٿ مٿي تي رکي ويهي ٿو رهي. ’سس نوهن جي جهڳه جهڳه مون کي ٽينشن ڏئي ڇڏيو آهي.‘

ريکا- سُرڳ جهڙو گهر نرڳ ٿي ويو آهي. هاڻي هن ٽينشن مان فري ٿيڻ جو هڪ ئي اُپاءُ آهي ته ممي ٻنهين پٽن وٽ ڇهه ڇهه مهينا رهي هُن پٽ جو به ته فرض آهي ڪجهه ماءُ ڏانهن!‘

ساوتري رسوئيءَ ۾ سڀ ٻڌي چپ ٿي ٿي وڃي. راجيش جي شانتا ٿي وڃڻ ڪانَ پوءِ چويس



نالو	:	سُشيلا موٽواڻي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	اَلور گيٽ، اجمير.

اهو هڪ طرح جو پاراتو هو. جنهن کي ٻڌي اتي ويٺل سڀئي ويٺل شرڌالو نه صرف واڻڙا ٿي ويا پر ڪنبي پڻ ويا. ڇاڪاڻ ته مهاتما تمام غصي هو. خاص ڪري ان ماڻهوءَ جي زال پيڻ پاٽيجيون ۽ پاٽيجا. زال ۽ پيڻ ان ماڻهوءَ کي گهڻا اشارا به ڪيا ته هو مهاتما جي پيرن تي ڪري معافي وٺي ۽ پل بخشارائي پر هن اهي اشارا ڏٺا اڻ ڏٺا ڪري ڇڏيا.

پر مونکي ڏسي عجب لڳو جتي سڀني جي منهن جو پنو لهي ويو هو اتي اهو ماڻهون مشڪي رهيو هو ڇڻ مهاتما کيس ڪو پاراتو نه پر آشيرواد ڏنو هجي.

هن کي مشڪندو ڏسي مهاتما جن کي اجان وڏيڪ ڪاوڙ لڳي. انهن سڀني ڏانهن منهن ڪري چيو. ڏسو نالائق کي اٿس ڪو حيا يا شرم ڪيئن بي شرمن جيان مشڪي رهيو آهي. خبر تڏهن پوندس جڏهين در در جون ٺوڪرون کائيندو ۽ ڪٽورو کڻي پنندو. هاڻ سڀئي وسا ٿي ويا. پر اهو ماڻهون ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

ان ماڻهون جي پيڻ جيڪا ان کان عمر ۾ وڏي هئي کيس دڙڪا ڏيندي چيو، ”بيشرم تون کلي رهيو آهين.“

”دادي کلان نه ٻيو ڇا ڪيان. توهان ٻڌو ڪونه بابا ڇا چيو، چيائين ته تون در در جون ٺوڪرون کائيندين ۽ ڪٽورو کڻي در در پنندين.“

”ها مون ٻڌو آهي ۽ توکي اها خبر به آهي ته مهاتما جن جا وچن ڪڏهين به خالي ڪونه ويندا آهن.“

”اها به خبر اٿم.“ هن کلي چيو.

هاڻ مهاتما جن چيو ”ٻڌءِ هن نالائق جون ڳالهيون.“

ڪير کهڙو جواب ڏي.

آخر مهاتما ان ماڻهون ڏانهن منهن ڪري چيو ”نريش اڄ تو منهنجي سامهون کلي بي ادبي ڪئي آهي ۽ تو منهنجي پاراتي کي مذاق سمجهيو آهي ڇا تو مان لڄ حيا سڀ موڪلائي ويئي آهي.“

هن ماڻهونءَ نمرتا ۽ شرڌا سان مهاتما جا پير پڪڙيندي چيو ”بابا منهنجي ايتري همت ڪونهي.“

”پوءِ تون کلئين ڇو.“

”باباجي توهان جي ڳالهه تي.“

”پٽ ڪهڙي ڳالهه تي.“

”ڪٽورو کڻي در در پنڻ جي ڳالهه تي.“

”يعني توکي منهنجي وچن تي وشواس ڪونهي.“

”پريو بلڪل آهي.“

”پوءِ به کلئين ٿي.“

”بابا توهان ڳالهه ئي ڪجهه اهڙي ٿا ڪيو.“

”پٽ مان سمجهيس ڪونه؟“

”باباجي توهان ته گهٽ گهٽ واسي آهيو. توهان ته سڀني جي اندر جي ڳالهه ڄاڻو ٿا.“

هاڻ مهاتما جن مشڪي رهيا هئا.

”پر مان تنهنجي واتان ٻڌڻ ٿو چاهيان.“

”باباجي پهرين ڳالهه ته توهان مونکي پاراتو ڏيئي منهنجو امتحان وٺي رهيا هئا. ۽ توهان ڏسڻ ٿي چاهيو ته توهان جي پاراتي جو مون تي ڪهڙو ٿو اثر ٿئي ۽ مان امتحان ۾ پاس ٿيس. ۽ پاراتو توهان دل سان نه صرف مذاق ۾ منهنجي امتحان وٺڻ لاءِ ڏنو. ڪوبه مهاتما ٻي ڳالهه ڪوبه مهاتما نڪو غصوي ڪاوڙ ڪندو آهي نڪو ڪو پنهنجي شرڌالو کي پاراتو ڏيندو آهي. تنهن کان سواءِ سمجهو کڻي مونکي ڪٽورو کڻي پنڻ جي ضرورت پيئي ته سڀ کان پهرين اهو ڪٽورو کڻي توهان کان ئي بکيا وٺان هان. جڏهين مونکي توهان جي بيڪ ملي وڃي ها ته ڇا مونکي ٻئي در وڃڻ جي ضرورت پوي ها؟

مهاتما کلي ڏنو- ”نريش اڄ تون امتحان ۾ اٺ آنا پاس ٿئين. مان ان ماڻهون جو اٽل وشواس ڏسي دنگ رهجي ويس.

توهان جي وس جي ڳالهه ڪونهي. توهان آرام ڪيو ٿڪجي آيا آهيو.'
ساوتري- 'ڪڏهن پوي اهڙو آرام مان هن کي مالش ڪرائي کير پياري جو سُمهاريندس ته ڏسجانءِ ڪيتري دير ٿو سُمهي. هاڻي وقت تي هن کي سنان ۽ مالش ۽ ۽ کير ڏيندس ته هيءُ ڳڪڙو ٿي پوندو.'
سُڌا ضد نه ڪيو. پاڻ من ئي من ۾ خوش ٿي ته اد ٽينشن ته ختم ٿيو. صبوح جي تڙ تڪڙ سان هُن کي وڏيڪ ٽينشن ٿيندو هو سو گهٽ ٿيس. ڪريچ جا چار سو روپيا به بچن سو به هر مهيني. ممي ته وردان ٿي آئي.
ٻئي ڏينهن به سُڌا صبوح جو سوير اُٿي جلد جلد ڪم نپٽائڻ لڳي ته ساوتريءَ نيرن ٺاهڻ ۾ مدد ڪيس.
منجهند جو ديپو ايندو هو ته ان کي به روٽي ٻاٽي ڪارائي ساوتري لوريون ڳائي سُمهاري ڇڏيندي هئس پوءِ هو ٿوري راند ڪري شام جو پڙهڻ ويهي رهندو هو. ٻئي ٻار ڪهر ۾ ٺانئيڪا ٿيا سُڌا جي چڻ پڳوان ٻڌي. ٻيءَ چنتا کان به آجي ٿي وئي.
هڪ ڏينهن آفيس وڃڻ جو وقت اچي ٿيس پر هوءَ رسوئي ۾ ئي هُئي. راجيش در تي بيهي سڏ ڪرڻ لڳس، 'سُڌا تون اچين ٿي يا مان هلان. آفيس کي دير ٿي ٿئي.'
سُڌا- 'بس چار ڇهه ڦُلڪا ڪيڏا آهن.'
ساوتري جهٽ رسوئيءَ ۾ گهڙي وئي ڦلڪا پچائي ٽفن لڳائي ڇڏيائين هاڻي ته سُڌا صبوح جو ٻاڇي ٺاهي رسوئيءَ مان نڪري ايندي هئي ۽ ساوتريءَ ڦلڪن جي ذميداري به خود کڻي ڇڏي.
آرتوار ڏينهن ٻلو ماءُ کي ستسنگ ۾ ڇڏي ايندو هو ۽ پورو ٿيڻ تي وٺي ايندو هو. صبوح جو اهو پروگرام سُلو هو شام جو سڀ نڪرندا ۽ مميءَ کي پنهنجو شهر گهمائيندا، ساوتريءَ جا ته چڻ ٻئي سُڌري ويا.
هڪ ڏينهن شام ٻلوءَ سُڌا کي چيو، 'سڌا ڪنعيالعل جي پٽ جي مڱڻي آهي تون هلين ٿي يا مان ئي وڃان؟'
سُڌا چيو، 'مونکي ٻارن کي سنڀالڻو آهي توهان مميءَ کي ئي وٺي وڃو ائين هنن جي به سڃاڻپ ٿيندي ويندي.'
ساوتريءَ چيو، 'نه نه منهنجو وڃڻ ٺهي ڇا تون وڃ مان ٻارن کي ڀاڻيهي سنڀاليندس.'
رات جو دير سان موٽيا ته ٻار ڏاڏيءَ سان مزي ۾ سُمهيا پيا هئا.
هڪ موڪل ڏينهن ٻلوءَ سُڌا کي چيو، قلب جي طرفان ٻارن لاءِ ميلو آهي هل ته هِنن کي گُهمائي ٿا اچون.'
سُڌا، 'ڇڱو ترسو ته مان جهٽ پٽ روٽي ٺاهي وٺان اچي ٺاهڻ ۾ رات ٿي ويندي.'
ساوتريءَ چيو، 'تون روٽيءَ جي چنتا ڇو ٿي ڪرين؟ مان ٺاهي رکنديسانوَ توهان ٻي اونا ٿي مزي سان گُهمي اچو.'
سڀ وڃي گُهمي آيا روٽي ٺهي ٺڪي ٽيبل تي تيار ملين.
روٽي کائيندي ٻلوءَ چيو، 'ممي اڄ ته ڀاڄي لاجواب ٺاهي اٿو ۽ ڦلڪا جهڙا ملائي. سُڌا ته روٽي ڇاتي ٺاهي ٻارُ ٿي لاهي. هن جو ڦُلڪو ته ڏند پڇي ڇڏي پر ڇباڙجي ڪونه.'
ائين ڇئي شرارت مان ٻلو کلڻ لڳو.

ٿي- راجيش ريکا ليک ٿي چوي تون ٻاءُ کي خط لک تہ مون کي توهان جي سک لڳي آهي مان ڪجھ ڏينهن اُتي ٿي اچڻ چاهيان.''

بلرام کي چلي ملندي ئي هو تہ ڪڳيون هڻڻ ٿو لڳي. ٻلرام گهر ۾ ننڍو هو ان ڪري سڀني جو گهڻو پيار ان تي ئي وسندو هو. ماءُ تہ هر تي اول گهول ويندي هئي. ٻڌين ٿي سُڌا، ممي اچي رهي آهي ڪيڏو نہ مزو ايندو مان تہ ممي ءَ جي گود ۾ مٿو رکي ليٽي پوندس منهنجي منڙي امڙ جو ننڍڙو ٻار لهي ويندس. امان مٿي تي هٿ ڦيريندي پيار سان ءَ مان مٺي ننڊ ۾ سمهي پوندس.'

هيڏانهن ٻلرام ماءُ جي نيهہ ۾ مهو هو تہ هوڏهان سُڌا چڻ سس جي اچڻ جي خبر ٻُڌي چڻ جڙ ٿي وئي هئي. ڀلا جن آزاديءَ سان اڪيلو گُهمي ڪائي ڏٺو سو ڪيئن ٽئين جي موجودگي برداشت ڪندو؟

ٻلرام سُڌا کي ڳراٽڙي پائي ڀاڪر ۾ ڀريندي حچيو، 'سُڌا ممي اٿئي گڏن جي ڪاڻ جيڪر هُن مان تون ڪي گڻ ڪٽي سگهين تہ ڪڻ ءَ هُن کي سُکي رکين تہ سُکين رکينس وڏو مائٽ الائي گهڻا ڏينهن! ممي اڳين سسن وانگر ڊڪليٽر ڪونہ اٿئي.ڪم ۾ اڳري انيوَ ۾ سگهري.'

سڌا- 'پر مون کي ٿو لڳي ائين نہ ٿئي هوءَ منهنجي شيوا مان راضي نہ ٿئي ءَ ناراض رهي.'

ٻلو- 'ائين نہ آهي توکي بہ اهو سوچي هلڻ کپي تہ جيڪي وهنوار توکي وڻي ٿو سوئي تون هُن مان بہ آشا ڪر بس خوشامد جي ٽرڪ ڪم آڻج تہ ممي سچي توتي ءَ گهر تي ٻلهار ٻلهار پئي ويندي.'

سُڌا جو ڊپ ڇومنتر ٿي ويو. هُن جي دماغ ۾ جنهن طوفان گهر ڪيو هو سو وڏي هٻڪار ۾ بدلجي ويو.

امڙ آئي سُڌا مٿي تي رئو رکي نئين ڪنوار وانگر هن کي پيري پئي هن جو سواگت ڪيو. ساوتريءَ هن کي هزارين آسيسون ڏنيون ءَ گلي ڪٽي لڳايو. ننڍڙي پوٽڙي کي ڏاڏيءَ جي گود ۾ ڏيندي چيو، 'هاڻي تنهنجي ڏاڏي اچي ويئي آهي توکي هنج ۾ ڪڻي. وڃ هن جي هنج ۾.'

ساوتري گد گد ٿي چيو، 'ها ها ڇو نہ ايندو ڏاڏيءَ جي گود ۾ مان صدقو وڃانس.'

هن کي گود ۾ کڻي ئي کڻي تہ ديپو بہ اچي ڏاڏيءَ جي پيرن تي ڪريو. ڏاڏي تہ ڄڻ ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپي. ديپوءَ کي کڻي سيني سان لڳايائين. ديپو بہ ائين امان سان چنبڙي پيو ڄڻ سالن کان وڇڙيل هو.

پوءَ ٻئي ٻار ويهي ڏاڏيءَ سان مٺيون لاتيون ڪرڻ لڳا. سُڌا چيو ممي! توهان سنان پاڻي ڪري اچو مان نيرن ٽيبل تي ٿي لڳايان.

چانهن ڪوڪي ٽيبل تي آئي تہ سڀ اچي جهٽ ٿيا گرما گرم نيرن سان ڏاڏيءَ جو سفر جو ٿڪ ئي ڄڻ لهي ويو.

ٻيو ڏينهن ٿيو سُڌا سوير اٿي سڀ ڪم ڪان فارغ ٿي ٽفن پائي گڏ ڪنيا ءَ پپوءَ کي هنج ۾ کڻي سس کي پيري پئي هلڻ لڳي تہ ساوتريءَ ٽوڪيس، ائي پپوءَ کي بہ آفيس ٿي وٺي وڃي ڇا؟

سُڌا چيو 'نہ ممي، هن کي رستي تي ڪريچ ۾ ڇڏيندي آفيس نڪري ويندس.'

ساوتري، 'ڇا پئي چئين سال جو ٻار ڏاڏيءَ هوندي ڪريچ ۾ ڇو ويندو؟' سُڌا- 'ممي.هن کي وقت تي کير ڦل ءَ جوس کپندو هر وقت نيپي مٽائڻ

كرامتي بابا

— نندلعل پرسراماڻي

سڄ تي مان روشن پائيءَ جي گهر ويس. هن هٿ جوڙيءَ منهنجو ستڪار ڪيو ۽ وهڻ لاءِ کٽ وڇائي ڏنائين. منهنجي اڳيان پٽ تي ويهي، هٿ ٻڌي هن مونکي چيو.

”گروجي! جڏهن شهر کان واپس اچو ته ڪرامتي بابا جي استان تان ٿوري ڀڀوتي کڻي اچڻ جي تڪليف ڪجو. منهنجو اهو عرض ضرور قبول ڪجو.“


درٻاري ڀول شهر ڪوٽ جو هڪ حصو هو. اٽڪل چا سو سال اڳ ان ۾ وڏو شاهي اوچو دروازو هو. دروازي جي ٻنهي ٽاڪن ۾ سامهون لوهي جهنبدار ڪليون هيون. جنگ جي وقت، ڪڙن ڪنڊن سان دروازو بند ڪري اندران وڏو مضبوط ڪاٺ جو ڏڪ لڳائي ڇڏيو هو. ڏيڍ فوٽ ڊگهو ۽ ويڪرو ۽ ٻارنهن فوٽ لنبو ڏڪ، جڏهن ڏهه فوٽ ويڪر واري پٽ جي وچ ۾، دروازي جي ٻنهي پاسي، جارن ۾ سوگهو ٿي ويندو هو، تڏهن طاقتور هاٿي ملي ڪري به پنهنجي زور سان دروازي کي کولي ڪونه سگهندا هئا. لوهه جون تکيون نوڪدار ڪليون گجراج جي همت کي هيٺو ڪري ڇڏينديون هيون.

ڇهه ورهيه اڳ، درٻاري ڀول واري شهر کان چار ڪلوميٽر پري منهنجي نوڪري لڳي هئي. درٻاري ڀول ڀرسان ئي بس اسٽاپ هو. بس مان لهي، پئدل ڳوٺ وڃڻو پوندو هو. منهنجو گهر ان ڳوٺ کان ستر ڪلوميٽر پري هو. ان ڪري مان ڳوٺ ۾ ئي رهندو هوس. ڇنڇر شام جو پنهنجي گهر وڃي سومر صبح جو واپس ڳوٺ اچي ڊيوٽي ڏيندو هوس.

ايندي ويندي درٻار ڀول منهنجي نظر چڙهندو هو، دروازي جو پڌو پراڻو ڪاٺ ڪاڇي ويو هو. ڏسندي ڏسندي ڳوٺاڻن پڌيءَ ڪاٺ کي کهاڙين سان وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري گهرن ۾ کڻي ويا ۽ چلهه ۾ ٻاري ڪتب آڻي ڇڏين.

ڏيري ڏيري هن ڪوٽ جي هڪ طرف واري ويڪري پٽ ڀڄڻ شروع ڪئي. پٽ جو سرون ۽ پٿر انهن جي ڪچن مڪانن ۽ جهوپڙين جي ڪم اچي ويا.

ڪوٽ جي ٻي طرف واري پٽ مضبوط هئي. اها بچي وئي. بچيل پٽ جي ويکر ۾ وڏو جارو هو، جنهن ۾ ڏڪ وجهي دروازي کي سوگهو ڪيو ويندو هو ۽ جنگين وارن جوڌن جي دليري جو شاهد هو.



نالو	:	نندلعل عيدنداس پرسراماڻي
جنم	:	١٠-٦-١٩٣٣ سلطان ڪوٽ
ڇپيل ڪتاب	:	٧ سنڌي، ٢ هندي
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير هيڊماسٽر
پتو	:	گوپال اور ڪمليش چترشالا، سلومبر، اُدئپور (راڄ)

ساوتري پنهنجي وڏائي ۽ هٺ ۾ نه پئي ماپي. جيائين پٽ توکي وٽي ٿي ته سُهاٽي ڪان پاڇي به مان ئي ڏاهيندس. ويلي ويلي مون تي ڪهڙو ٿو ماسُ چڙهي.‘

سُڌا ۽ هلو اندر ۾ ڪيهون پيا هڻن.

هاٽي ته سُڌا کي ڏينهون ڏينهن گهر جي ذميندارين ڪان وڌ ۾ وڌ آزادي ملڻ لڳي. هوءَ پوري طرح ٽينشن فري ٿي وئي.

اڄ ٻن ڏينهن کان مائي ڪونه آئي آهي ته ساوتري پر پٽ سڄو ڪم لاهي ڇڏي.

نونهن آفيس مان اچي ته چانهن هٿ ۾ ڏئيس. چويس تون ٿورو آرام ڪر سڄو ڏينهه ٿڪجي ٿي اچين. گهٽي هڻ پٽ ڪرڻ سان بيمار ٿي پوندينءَ. سُڌا کي سس ۾ ماءُ جو روپ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو.

پوءِ ته سس نونهن ۾ اڳرو ٿي ڪم ڪرڻ جي هوڙ وڌڻ لڳي پهرين مان ڪم ڪري ڇڏيان اها ئي ٻنهين جي ڪوشش هوندي هئي.

ساوتريءَ جو آخر ته ٻڍاپو هو پر خوشيءَ ۽ چوڄ جي زور تي ڪم ڪار ڪري وٺندي هئي. هڪ ڏينهن اهڙو بخار چڙهيس جو بستر تان اٿي ئي نه سگهي. يڪدم ڊاڪٽر گهرائي ماءُ جي دوا درمل ڪيائون. ٻئي اُڀئي پير بيٺا رهيا. سُڌا موڪل وٺي سس جي اهڙي شيوا ڪئي جو ساوتريءَ جي ڌيءُ به جيڪر ايڏي شيوا نه ڪري.

هاٽي سس نونهن ڇڻ هڪ ٻئي جي ضرورت ٿي ويون ساوتريءَ ڳهن جو ڏهلو پيتيءَ مان ڪڍي سُڌا کي ڏيندي چيو، ’وٺ پٽ هي منهنجا ڪجهه ڳهه تنهنجي نونهن کي ڪم ايندا! مان هاٽي ڇا ڪندس. مون کي ڪپي پيٽ ٽڪر ۽ توهان جو پيار ۽ شرڌا.‘

سُڌا، ’ممي اسان کي ڪپي توهان جي آسيس انهيءَ جو فائدو ٻيو ڪجهه نه ڪپي. ساوتريءَ زوريءَ سون جي ڏهلو ڏنس ته سُڌا هن کي پيري پئي ساوتريءَ هن کي چيو هي آهي شيوا جا ميوا ۽ هن کي ڇاتيءَ سان لڳائي پيار ڪرڻ لڳي.

مندر ۽ مسجدون ويو. پر فرق ڪونہ پيس. ويتر مرض وڌندو ويس. ڪجليءَ سان گڏ اڇا داغ نڪرڻ لڳس. هڪ اڌ داغ ۾ روڳ ڏسڻ ۾ آيو. هنکي وشواس ٿيڻ لڳو تہ مرڻ کانپوءِ ئي مرض ختم ٿيندو.

ڪجھہ وقت اڳ الائي ڪنهن ڪرامتي بابا جي استان واري ڀڀوتيءَ لاءِ ڏسُ ڏنس ۽ هن مونکي اها ڀڀوتي کڻي اچڻ جو چيو.

مونکي اهڙين ڳالهين ۾ ڪو وشواس ڪونهي. ورهين کان ڪرامتي بابا جي جڳھہ کي شهر ڪوٽ جي ڀت واري جاري جي روپ ۾ ڏٺو هوم. جارو جيڪو صدين کان شاهي دروازي کي اندران بند ڪرڻ واري ڏڪ کي سوگهو رکندو هو.

گذريل ٽن چئن مهينن ۾ اهو جارو ڪيئن ڪرامتي بابا جو ڌرمي پوتر استان ٿي ٿي سگهيو. اها بہ ڪنهن کي خبر ڪونہ هئي تہ ڪرامتي بابا هندو سنت هو يا مسلمان پهتل فقير.

فقط مونکي اها ڄاڻ هئي تہ هڪ ڏينهن ڪنهن اچي جاري ۾ ٻرندڙ ڏيئو رکيو ۽ اگربتي ٻاري. باقي پوءِ سڀني نقل ڪيو.

ڏڪ واري جاري جي پوڄا ٿيڻ لڳي انڌ وشواس جي حد ڏسي من اندر عجيب بيچئني پئدا ٿي. پر تسليءِ ڏيڻ لاءِ روشن ڀائيءَ کي مون 'ها' ڪئي.

هميشھہ وانگر مان سومر صبح بس تان لهي ڳوٺ لاءِ روانو ٿيس. اٽڪل ٻہ ڪلوميٽر ڳوٺ طرف پئدل اچي ويس تہ ڀڀوتي ياد اچي ويئي. ان وقت من ۾ ڪوڙائپ پئدا ٿي. ٻہ ڪلوميٽر واپس پئدل وڃي ڏڪ واري جاري ڀرسان ٽنگيل مٽيءَ واري ٿانوَ مان اگربتين جي رک کڻي اچڻي پوندي.

رک ۾ ڇا رکيو آهي؟

رک ڪنهن روڳ کي ليڪ ڪيو آهي؟

الائي ڇو مونکي پاڻ مٿان ڪرود اچي ويو. هو تہ مورک آهيئي مان ڇو ٿي ويس؟ روشن ڀائي منهنجو پنهنجو تہ ڪونهي. ڪونہ ڪو بهانو ٻڌائي 'نہ' ڪندو مانس. ڪم نہ ڪرڻ جا گهڻيئي بهانا. هن مونکي ئي ڇو چيو؟ ڳوٺ ۾ ٻيا انيڪ انسان آهن. روز اچن وڃن پيا. شهر ڪوٽ ڀرسان لنگهن پيا. ڪير چار ڪليميٽر فالتو اچ وڃ ڪندو. مورک سان گڏ مان بہ مورک ٿي پيس.

اوچتو منهنجي سوچ کي لغام لڳي ويو. من جي اندر اٿيل جذبات روشن ڀائيءَ جي تصوير سامهون آڻي ڇڏي.

ڀڀوتيءَ بنان بيمار روشن ڀائيءَ جي لاچار ۽ مجبور نيڻن کي مان نہ ڏسي سگهيس. اهڙين اکين ۾ اکيون ملائڻ جي سگهہ مون ۾ ڪونہ هئي.

مونکي اهڙين ڳالهين ۾ عقيدو ڪونهي. ڀل نہ هجي. پر هن اڻ پڙهيل گنوار لاءِ اها ڀڀوتي، سڄي سنسار جي بيشمار املهہ شين کان وڌيڪ قيمتي آهي.

هنجي اٽل وشواس ۽ ويساهہ کي ڀڃڻ لاءِ منهنجي ترڪش ۾ ڪوبہ تير ڪونہ هو.

مان موٽيس. ٿڪل هوندي بہ مونکي سنتوش هو از غئبي سُڪون هو. ڪوڙائپ ۽ جهنجهلائپ ختم ٿي هيون.

مون اچي جاري ۾ ڏٺو. ٿانوُ لڳ ڀڳ خالي هو. شردالو اڳ ۾ ئي ڀڀوتي کڻي ويا هئا. ٿانوَ ۾ اندر پاسن کان لڳل رک روشن ڀائيءَ جي هڪ پير لاءِ بہ ڪافي ڪونہ هئي. هنکي ڀڀوتي سڄي شرير کي، پنج ست ڏينهن سانده لڳائڻي هئي.

خالي ٿانوُ ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو.

ورهين تائين جارو ويران پيو هو.

هڪ سومر تي بس تان لهي ڏٺو ته ڏڪ واري جاري ۾ هڪ ٻرندڙ ڏيئي پرسان خوشبوئدار اگربتيون آس پاس چوڌاري ماحول کي سرهو ڪري رهيون هيون.

مونکي ٿورو عجب لڳو پر گهڻو ڌيان ڪونه ڏنو. ڇنڇر شام گهر ويندي ڏٺو ته جاري هيٺان زمين کي صاف ڪري ليپو پائي وهڻ جهڙو ڪيو ويو آهي.

مان ڪن پل رڪجي ويس.

”گروجي! هيءَ ڪرامتي بابا جو استان آهي. بابا پهتل شخص هو.“ اتي بيٺل هڪ سڃاتل ٻڌايو.

مون چيو، ”هيءَ ته پراڻي قلعي جو هڪ حصو آهي شاهي دروازي کي سوگهو ڪري رکڻ وارو جارو آهي. مون ته هتي ڪوبه بابا ڪڏهن ڪونه ڏٺو ۽ نه ڪڏهن ٻڌو آهي.“

”اها خبر ته مونکي به آهي. گروجي! پر هاڻي سڀئي ماڻهو ان جڳهه کي ڪرامتي بابا جي پوتر ڌرمي استان ٿا مڃين. باسون ٿا باسين. ايترو وڏو عقيدو اٿن من جو من جون مرادون به پوريون ٿيون ٿين.“ سڃاتل ٻڌايو.

مان سمجهي ويس ته ڏڪ واري جاري مٿان ڌرمي رنگ لڳجي ويس آهي ۽ وشواس سان ڳنڍجي ويو آهي.

ڪنهن ان جاري ۾ ڪرامت ڏٺي؟

ڪنهن ان کي ڪرامتي بابا جو استان نالو ڏنو؟

ڪنهن ان وشواس کي اهميت ڏني؟

ڪنهن اول اچي هتي ڏيئو ۽ اگربتي ٻاري؟

ڪنهن جي باس پوري ٿي؟

اهڙن ڪيترن سوالن جي جوابن ڏيڻ جي ڪنهن کي فرصت ڪونه هئي ۽ نه ڪنهن انهن سوالن کي وزن ڏنو.

جلد ئي ڏڪ وارو جارو ڪرامتي بابا جي استان نالي سان مشهور ٿي ويو. گهڻا روز اگربتيون ۽ ڏيئا ڪٺي اچڻ لڳا. پنهنجي مرادن پچائڻ جون باسون باسڻ لڳا. پرارٿنائون ڪرڻ لڳا.

جاري جي پرسان ٽنگيل مٽيءَ جي ٿانوَ ۾ اگربتيون ٻري رک ٿي وينديون هيون. شرڌالو ان رک کي ڀڀوتي چوندا هئا. انهن جو وشواس هو ته ڀڀوتيءَ ۾ وڏي ڪرامت آهي. بيمار ڀڀوتي گهر کڻي ايندا هئا.

هنن جي عقيدي انوسار سڀني بيمارين کي ٺيڪ ڪرڻ جي شڪتي ان ڀڀوتي ۾ آهي.

بيماريءَ موافق مريض، ڀڀوتيءَ کي پاڻيءَ ۾ ملائي پيئڻ يا لڳن کي لڳائن. ڪي تيل يا گهه ۾ ڀڀوتي ملائي، ملم ٺاهي، ڦٽن ڦرڙين تي لڳائيندا هئا.

روشن ڀائيءَ به مونکي اها ڪرامتي بابا واري استان جي ڀڀوتي ڪٺي آڻي ڏيڻ لاءِ چيو هو.

روشن ڀائي غريب انسان هو. گهڻا سال اڳ سندس شادي ٿي هئي. هنجي پتني ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿي هنکي ڇڏي پيڪي گهر هلي وئي هئي. روشن ڀائيءَ کي ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ يا ڪو ويجهو عزيز ڪونه هو. هو اڪيلو هو بلڪل اڪيلو. رهڻ لاءِ ننڍڙي جهوپڙي هئس ۽ پاڻ مزوري ڪري پيٽ گذران ڪندو هو.

بس! روشن ڀائيءَ جو اهوئي اتهاس هو.

انڪل به ورهيه اڳ هنکي چمڙيءَ جي بيماري اچي وڪوڙيو هو. وقت انوسار هن خوب علاج ڪرايو هو. ملم، ٽيوب، گوريون، ڪئپسول ۽ ٻيون گهڻيئي دوائون ورتائين. ڏاڳا، سڳرا، ۽ تعويذ پاتائين.


سچو سوارٿ

— اَمُلُ آھوجا

اڄ آفيس جي ڪار تمام آهستي آهستي هلي رهي هئي. صبح جا پنج لڳا هئا. اهو وقت اسان جي آفيس جي ڊيوٽي شروع ٿيڻ جو آهي. ڪار ۾ ڪجهه نُقُص آهي. ڊرائيور کي جهوٽا بہ اچن ٿا جو گهڻو ڪري ڊبل ڊيوٽي ڪئي اٿس. شنڪر روڊ تي هيءَ ٻڍڙي عورت گاڏي ڪار بيهارڻ لاءِ هٿ جو اشارو ڪري ٿي. تڏ سبب مونکي مٿس قياس اچي ٿو ۽ ڊرائيور کي ڪار روڪڻ لاءِ چوان ٿو ۽ ان پوڙهيءَ کي لفٽ ڏجي ٿي.

آسيس ڪندي ٻڍڙي عورت چوي ٿي. ”گردواري روز ويندي آهيان، پُٽُ ڇڏي ايندو اٿم ڪار ۾، پر اڄ نونهن اٿڻ ئي نہ ڏنس،“ تڏ ڏاڍي آهي.“ ائين چئي کيس سمهاري ڇڏيائين! بس ۾ آءُ وڃي ڪين سگهندي آهيان. آٽو رڪشا وارن جي اڄ هڙتال آهي.“

هڪ ڀيرو وري آسيس ڪري هوءَ پاڻيءَ جي بوتل مان گرڙي ڪري جپ صاحب جو پاٺ ڪرڻ لڳي ۽ چيائين: ”مونکي بہ سوارٿ آهي. ڀل منهنجا ٻار ڪيڏن بہ وڏن عهدن تي رسيا پهتا آهن پر وڏن جي سار سنڀال لهڻ ۽ احترام ڪرڻ وهانوَ شاديءَ کان پوءِ وساري ٿا ويهن! پوءِ بہ مان وڃان ٿي ٻارن لاءِ دعا پنڻ گردواري تہ هو شال سدا خوش رهن سندن وار بہ ونگو نہ ٿئي!!“



نالو : اَمُل آھوجا
جنم : ٣٠-١-١٩٦٣
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٥
اِنعام : يونيورسل ڪهاڻي چٽاڀيٽي
پيشو : سنڌي نيوز ريڊر آڪاشواڻي، نئي دهلي.
پتو : بي - ٢٠٨، ايم. ايس. اپارٽمينٽ، ڪرزن روڊ، نئي دهلي.

من ۾ منجهيل ئي هوس جو هڪ ترڪيب ڏيان ۾ آئي. بس اسٽاپ تي پان واري ڪان، خوشبوئدار اگربتين جو هڪ وڏو پڙو مون خريد ڪيو. واپس اچي ٿاڻي ۾ سڀ اگربتيون ٻاري رک ڪري ڇڏيون. اها رک ڪٽي اچي مون روشن ڀائيءَ کي ڏني.

روشن ڀائي ڏاڍو خوش ٿيو. هنجي خوشي ڏسي مونکي به خوشي ٿي.

ان ڏينهن شام جو چپراسي منهنجي بدليءَ جو آرڊر کڻي آيو. مان نئين جڳهه لاءِ ٻئي ڏينهن روانو ٿي ويس.

نئين اسڪول ۾ وڏو اسٽاف هو. وقت مزي ۾ گذرندو رهيو. وقت گذرندي، گذريل سڀ ڪجهه ڀلجڻ لڳو. درٻاري پول، پراڻي قلعي جي شهر ڪوٽ جي پٽ، شاهي دروازا، ويڪر وارو جارو، ڪرامتي بابا جو استان، روشن ڀائي، چمڙيءَ جي بيماري، ڪجلي، روڳ، اڇا داغ، پيوتي، سڀ هوريان هوريان ذهن مان نڪري ويا.

سال گذري ويو.

نئين سال پنچائت جون چونڊون هيون. سانگي ڳوٺ ۾ منهنجي چونڊون ڪرائڻ جي ڊيوٽي لڳي. مقرر ڏينهن تي مان چونڊن ڪرائڻ لاءِ پنهنجي پارٽيءَ سان گڏ بس ۾ هوس.

اسانجي بس، درٻاري پول، جاري واري ڪرامتي بابا جي استان تي رڪجي وئي. سڄو رستو ڳوٺاڻن سان ڀريل هو. مان بس تان هيٺ لهي آيس. ڇاڻي واٽي جاري طرف هليو ويس ته ڏسان ته ماجرا ڪهڙي آهي.

اتي مون ڏٺو ته روشن ڀائي سٺن نون ڪپڙن ۾ پلٿي ماري، جاري طرف اکيون بند ڪري ويٺو هو. ۽ تي ڳوٺاڻا پرساد وراهي رهيا هئا. باقي کائن پيا.

روشن ڀائيءَ کي چڱو ڀلو، تندرست ۽ جانلو ڏسي خوشي ته ٿي پر تپرس به لڳو. مان اتيئي بيٺو هوس ته هن منهن ورايو.

مونکي سامهون ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيس. هڪدم اٿي منهنجي اڳيان آيو. هٿ جوڙي، نوڙت سان منهنجي پيرن تي جهڪيو. مون هنکي اٿاريو. اسان جون اکيون مليون. ٻنهي جي چهرن تي از غئبي مشڪراهٽ هئي. ڀاپوهه مان چيائين،

”گروجي! توهان ڪرامتي بابا جي پيوتي آٿي منهنجي مٿان مهر ڪئي اٿو. مان توهان جو زندگيءَ ڀر غلام ٿي رهندس. مرندي به توهان جو ٿورو ڪونه وساري سگهندس.“

”بابا منهنجي سڄي بيماري ختم ڪري ڇڏي..... هي ڏسو منهنجو سڄو شرير صاف آهي.“

چئي هن پنهنجي قميص مٿي ڪئي. هنجي اگهاڙي بدن تي ڏڍ، داغ، روڳ ڪنهن جو به نشان ڪونه هو. شرير هڪ صحتمند جوان جو هو.

مونکي محسوس ٿيو ته ويساه جي لڪير مٿي تمام اوچي هلي وئي آهي. پنهنجو پاڻ منهنجون اکيون ڏک واري جاري طرف هلي ويون.

اتي خوشبوئدار اگربتيون ۽ ڏيئا ٻري رهيا هئا. جارو جڻ چئي رهيو هو. ”اچ به مون ۾ شهر ڪوٽ جي باشندن جي حفاظت ڪرڻ جي طاقت آهي.“

اهڙي محڪم ارادي اڳيان منهنجو سڀ پاڻ مرادو نمجي ويو.

صرف تنهنجو پيار


— جيوت ڪيسواڻي ”جئہ“

وري اڄ نيها ڪي ڪنهن ڪمپنيءَ مان انٽرويو آيو هو. ڪجهہ ڏينهن پهرين بہ هن ڪمپنيءَ ۾ انٽرويو ڏنو هو پر سفارش نہ هجڻ ڪري هنڪي اها نوڪري نہ ملي هئي.

سومر جو ڏينهن هو. هوءَ صبوح سويل اٿي تيار ٿي ويئي. چانهہ ناستو ڪري، ڀڳوان کي هٿ جوڙي پرارٿنا ڪري، گهر کان ٻاهر نڪتي. هوءَ اُلهاسنگر اسٽيشن تي آئي ۽ دادر جي ٽڪيٽ وٺي وڃي لوڪل ٽرين جي ليڊيز ڊبي ۾ ويٺي. هن کي هميشهہ دريءَ کان ويهڻ جي عادت هئي ڇو تہ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ ۾ ايندڙ نظارن کي ڏسي هن جي من ۾ هڪ نئون احساس پئدا ٿيندو هو.

ڌيري ڌيري گاڏيءَ هلڻ شروع ڪيو. سڄي گاڏي ڀريل هئي. ڇو تہ ممبئي جهڙي شهر ۾ ننڍين ننڍين اسٽيشن تي وڃڻ لاءِ ايتريون بسون ناهن ان ڪري سڀ ماڻهو لوڪل ٽرين جو سهارو وٺڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. اڃا گاڏي ٿورو اڳتي هلي مس تہ هنجو پرس دريءَ مان هٿ وجهي هڪ چور چورائي ڀڄي نڪتو. هن گاڏي روڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ماڻهن جي سمجهائڻ تي، تہ چور تہ ڀڄي ويو، هاڻي ڇا ٿيندو؟ هوءَ خاموش رهي ۽ رئڻ لڳي. پرس ۾ سندس جا سڀ سرٽيفڪيٽ هئا، جن سبب هن کي نوڪري ملي سگهي ها. اهي سرٽيفڪيٽ ئي سندس حياتيءَ جي سڄي پونجي هئا. هوءَ انٽرويوءَ تي نہ وڃي سگهي ۽ دکي من سان واپس گهر موٽي آئي.

اڄئہ هڪ سٺي ڪمپنيءَ ۾ انجنيئر هو. هو ڪمپنيءَ جي ڪنهن ضروري ڪم سان ممبئي آيل هو ۽ لوڪل ٽرين جي ڪنهن ڊبي ۾ سفر ڪري رهيو هو. اوچتو هنجي نظر سندس سيٽ جي هيٺان پيل ڪنهن پرس تي وڃي پيئي. هن آسي پاسي ۾ ويٺل ماڻهن کان پرس جي باري ۾ پڇيو پر پرس ڪنهنجو بہ نہ هو. آخر هن پرس کولي ڏٺو تہ هنکي ان مان ڪجهہ سرٽيفڪيٽ مليا، جيڪي مس نيها جي نالي سان هئا. هن پهرين تہ سوچيو تہ ايندڙ اسٽيشن تي لهي هو اهي سرٽيفڪيٽ ۽ پرس اسٽيشن ماستر جي آفيس ۾ ڏيئي ڇڏيندو پر وري هن سوچيو تہ اسٽيشن ماستر بہ ڇا ڪندو ۽ ڪنهن ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندو. پوليس کي بہ ڏيڻ لاءِ هن سوچيو پر سمجهيائين تہ پوليس وارا بہ سرٽيفڪيٽ گهڻو وقت پاڻ وٽ رکي ڇڏيندا، ان ڪري پاڻ سان رکيائين. هنن سرٽيفڪيٽن سان



نالو	:	جيوت ڪيسواڻي ”جئہ“
جنم	:	١٤-٣-١٩٦٩
ڇپيل ڪتاب	:	هڪ
اِنعام	:	٦٠، ساهتيڪ اِنعام، گولڊ ميڊل ايم.اي.سنڌيءَ ۾، سنڌي گلشن لکنو پاران پهريون نمبر اِنعام، ششيلا موٽواڻي ميڊل بي.اي. سنڌيءَ ۾
پيشو	:	
پتو	:	جي-١، شوگنگا چئمبرس، ٦٨٦، ٻڌور پيٺ، پوني-٦

چاھيون

— اَمُلُ آهوجا

راجيه جي مکيه منتريءَ جي موت کان پوءِ کنهن کي مکيه منتري ڪيو وڃي ان ڳالهه تي پارٽيءَ جي اڳوانن ۾ بحث جاري هو. هڪ پاسي مئل مکيه منتريءَ جي مڙهه تي ماٺهو چندن جي ڳلن جون ڪنڊيون چاڙهي اهيا هئا ٻئي پاسي پارٽي اڳوان ڪرسيءَ جي چڪتاڻ ۾ لڳا پيا هئا. آخر فيصلو ٿيو ته مئل مکيه منتريءَ جي زال کي پڳ پاراي پهرائي وڃي. نائب مکيه منتريءَ اول ان ڳالهه جي مخالفت ڪئي پر پوءِ سمجهي ويو ته مون سان اسيمبلي ميمبرن جو ايترو تعداد ڪونه آهي ۽ مان عورت به ڪونه آهيان ڪجهه مهنن/وقت کان پوءِ چوندون ٿيٽيون آهن/ عورت جي نالي ۾ جنتا هاڻ سولائيءَ سان ووٽ ڏئي ٿي.

شمشان يومي ۾ هڪ طرف لاش اگنيءَ کي سواها ٿي رهيو هو ٻئي طرف هاءِ ڪرسي هاءِ ڪرسي واري ڳالهه پوري ٿي ويئي هئي.

نائب مکيه منتريءَ کان جڏهن اخبار نويسن پڇيو ته ”ادل ڪالهه شام تائين توهان چيو ٿي ته اوهين ئي مکيه منتري ٿيندا پوءِ اوچتو ڪيئن توهان کي ٿڌو چندو ڪيئن لڳو جو ڪيلي تان لهي ويا؟“

جواب ڏنائين: ”مکيه منتريءَ جو ڪالهه رات جو سندس گهر ۾ ديهانت ٿيو آهي ان ڪري تجوڙيءَ جون چاهيون سندس زال وٽ آهن.... جملو پورو ڪري ان کان اڳ هڪ اخبار نويس گوڪ ڏنو: جي ڏينهن جو موت ٿئيس ها ته شايد چاهيون نائب مکيه منتريءَ وٽ ئي هجن ها!!

ڏينهن تي هن هڪ سوکڙي نيها ڏانهن موڪلي ڏني. سندس جنم ڏينهن ياد رکڻ ۽ پيار ڀري سوکڙي حاصل ڪري هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. هن بہ هڪ سويٽر ٺاهيو ۽ هن مٿان هڪ پيار جي نشاني ٺاهي اجيہ ڏانهن سوکڙيءَ جي روپ ۾ موڪلي. هو بہ اهڙي سوکڙي حاصل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. هونئن اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ پيار اکين سان شروع ٿي دل تائين پهچندو آهي پر هتي ائين ڪونہ هو. پيار دل سان شروع ٿي چڪو هو. اکين تائين اڃان نہ پهتو هو. جيئن جيئن ٻنهي جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ پيار وڌندو ويو تيئن تيئن هو ملڻ لاءِ بي چئن ٿي اُٿيا. ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ملڻ جي چاهنا هئي. پر ٻئي مظبور هئا.

اجيہ جي آفيس ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ هئا جيڪي سندس محنت، ايمانداري ۽ ڪاميابي ڏسي جلندا هئا. هو محنتي ۽ سچو انسان هو، ان ڪري ٻين ماڻهن جي بئمانيءَ کي قبول نہ ڪري سگهيو. هن ڊائريڪٽر اڳيان پنهنجو استعيفا وجي رکيو. ڊائريڪٽر نہ ٿي چاهيو تہ اهڙو ايماندار انسان سندس ڪمپني ڇڏي هلي وڃي. هن استعيفا سويڪار ڪونہ ڪيو پر سندس بدلي دهلي شهر ۾ سندس جي ڪمپنيءَ جي شاخا ۾ ڪري ڇڏي. اجيہ هن کي انڪار نہ ڪري سگهيو. هن نيها کي اهو سڀ ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو پر هو هن سان ڳالهائي نہ سگهيو. هو اُداس من سان دهليءَ لاءِ روانو ٿيو.

دهلي ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر مس سپنا هئي. پهرئين ڏينهن ئي هن سمجهي ورتو تہ اجيہ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي. هن جي ڪم ۽ وهنوار کي ڏسي هوءَ پنهنجو دل اجيہ کي ڏيئي ويٺي. هن هڪ ڏينهن اجيہ کي پنهنجي بنگلي تي گهرايو. هن سمجهيو تہ شايد آفيس جو ڪو ضروري ڪم هوندو پر جڏهن خبر پيس تہ مس سپنا، جيڪا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر آهي ۽ هن کي چاهي ٿي تہ هن سپنا کي پنهنجي پيار جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ هو ٻئي جلد شادي ڪندا. هوءَ دل ۾ سوچڻ لڳي تہ آخر اجيہ نيها کي بنان ڏٺي ڪيئن شاديءَ جو وائدو ڪيو آهي؟ ان هوندي بہ هن سوچيو تہ جيڪڏهن سندس نصيب ۾ هنجو پيار هوندو تہ هن کي ضرور ملندو.

هيڏانهن نيها کي گهڻن ڏينهن کان اجيہ جو فون ڪونہ آيو تہ هوءَ پريشان ٿي اُٿي. هن ڪيرلا ۾ فون لڳايو. هن کي خبر پيئي تہ اجيہ دهليءَ ۾ آهي. هنکي هن سان ملڻ جي تمنا هئي. هوءَ پنهنجي پيڻ، جيڪا دهليءَ ۾ رهندي هئي سان ملڻ جو بهانو ڪري هوءَ دهليءَ ڏانهن روانو ٿي ويئي.

دهليءَ ۾ اجيہ جو من بہ ڏاڍو اُداس هو. سندس من ڪنهن بہ ڪم ۾ نہ لڳي رهيو هو. مس سپنا جي ڪيل ڳالهين هنجي من ۾ هلچل پئدا ڪري ڇڏي. ان ڪري هن هتي بہ استعيفا ڏيڻ جو ويچار ڪيو. دهليءَ ۾ بہ هن کي هڪ سٺو دوست مليو. ٻئي گڏ ئي رهندا هئا. هن استعيفا خط لکي پنهنجي دوست کي ڏيندي چيو، ”رميش، هيءُ خط ڊائريڪٽر مس سپنا کي ڏيئي ڇڏج. منهنجو من ڏاڍو اُداس آهي، ان ڪري مان هن سان وڌيڪ بحث ڪري نہ سگهندس.“ سندس دوست هنکي ڏاڍو سمجهايو تہ هو اهڙي سٺي نوڪري نہ ڇڏي پر هو نہ مڃيو. جتي اڄ جي زماني ۾ نوڪري ملڻ هڪ خيالي پلاءُ جهڙو آهي اتي اهڙي سٺي نوڪري ڇڏي ڏيڻ بيوقوفي ناهي تہ وري ڇيو ڇا؟ پر چوندا آهن پيار انڌو ٿيندو آهي جيڪو اڄ حقيقت ۾ ظاهر ٿي رهيو هو. هو خط دوست کي ڏيئي هليو ويو. ٻئي ڏينهن جڏهن مس سپنا کي

ائڊريس ڪارڊ به هو.

هن کي دادر تي لهي وري ڪيرلا ڏانهن وڃڻو هو. سندس آفيس ڪيرلا ۾ ٿي هئي. هن کي دادر تي لهي ايترو وقت ئي ڪونه مليو جو هو سرٽيفڪيٽ پوسٽ ڪري سگهي. سو پاڻ سان گڏ کڻي ويو ۽ ڪيرلا پهچڻ شرط هن سڀ سرٽيفڪيٽ ۽ پرس ڏنل ائڊريس تي پارسل ڪري موڪلي ڏنا.

سندس جي نالي جو پارسل ڏسي نيها پهرين ته حيرت ۾ پئجي ويئي ته آخر ڪنهن هن ڏانهن پارسل موڪليو آهي؟ جڏهن پارسل کولي ڏٺائين ته پنهنجو چوري ٿيل پرس ڏسي ڏاڍو خوش ٿي پر جڏهن ان پرس ۾ پنهنجا سرٽيفڪيٽ ڏٺائين، ته هنجي خوشيءَ جي حد نه رهي. پارسل مٿان هن اجئه جو نالو ۽ ائڊريس پڙهي. هوءَ سوچڻ لڳي ٿي. سندس پرس ڪيرلا ڪيئن وڃي پهتو. سندس ماءُ به اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ هن کي چيائين ته، ”ڏيءَ تون اجيه کي مهربانيءَ جي روپ ۾ خط لکي موڪلي ڏي، هن تنهنجي ڏاڍي مدد ڪئي آهي.“

نيها پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ سان گڏ بمبئيءَ ۾ رهندي هئي. سندس کي پيءُ ڪونه هو، ڪنهن حادثي ۾ گذاري چڪو هو. سندس ڀيڻ جو شادي به ٿورا ڏينهن پهرين دهليءَ ۾ ٿي هئي. هوءَ هڪ سلجهيل دماغ واري ڇوڪري هئي. سندس جا ويچار ڏاڍا اُوچا هئا. هن کي هڪ ڀارتيه ناريءَ وانگر رهڻ وڌيڪ پسند هو. ٻاهريون ڏيکاو هوءَ بلڪل پسند ڪونه ڪندي هئي. هن اجيه ڏانهن مهربانيءَ ڀريو هڪ خط لکي موڪليو. خط ۾ هن اجيه کي پنهنجي پريوار سان گڏ بمبئي گهمي وڃڻ لاءِ لکيو.

اجيه به ڪليل ۽ سلجهيل دماغ وارو ڇوڪرو هو. هنجو هن دنيا ۾ ڪير به ڪونه هو. هن جا ويچار به نيها وانگر سادا ۽ اُوچا هئا. هن جو سندس آفيس ۾ پنهنجو هڪ رتبو هو، هڪ عزت هئي. ڪمپنيءَ جو ڊائريڪٽر به هن جي ڪم ۽ محنت مان ڏاڍو خوش هو.

هڪ ڳالهه رکي-رکي هنکي اهو احساس ضرور ڏياريندي هئي ته هنجو هن دنيا ۾ ڪير ناهي ۽ هو اناٿ آهي. ڪيرلا ۾ هنجو هڪ دوست هو جيڪو هنجي ڀاشا سمجهي سگهندو هو. هن سان انهي ڀاشا ۾ ڳالهائي سگهندو هو. اجيه کي مليالم ڀاشا ڪانه ايندي هئي.

جڏهن هن کي نيها جو خط مليو ته پڙهي ڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو. پر پريوار سان گڏ گهمڻ واري ڳالهه پڙهي هن کي ايتري خوشي ڪانه ٿي. سندس دوست جي چوڻ تي هن نيها کي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه لکي موڪلي ڏنو.

اجيه جو خط پڙهي نيها کي پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي ته آخر هن اجيه کي اهڙو خط ڇو لکيو ۽ خط ۾ لکيل هن جا ويچار پڙهي نيها جي من ۾ هن لاءِ همدردي ۽ پيار جاڳي اُٿيو. اجان تائين هن پنهنجو پيار ڪنهن جي به سپرد ڪونه ڪيو هو، سنڀالي رکيو هو. پهريون ڀيرو سندس من ۾ هن لاءِ پيار جي ڀاونا جاڳي اُٿي. چوندا آهن سچو پيار هڪ لاءِ ئي هوندو آهي. پيار سان ڀرپور خط هن اجيه ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ لکيل هو، ”پريه اجيه، توهان پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ۽ اناٿ نه سمجهو ۽ مون توهان جو دل دکايو آهي، مونکي معاف ڪندا ۽ منهنجي پيار کي قبول ڪندا.“

هنجو اهڙو پريم ڀريو خط پڙهي، سندس خوشيءَ جو لڪاڻو نه رهيو. هن محسوس ڪيو ته هنکي دنيا جي سچي ملڪيت ملي ويئي آهي. هو هنجو پيار حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب سمجهڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن بعد هنجي جنم

فرق

— پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي

ڳوٺ ۾ اها خبر باھ جيان ڦهلجي ويئي تہ ڪرياني جي ڪئبن هلائيندڙ ڪاڪي ڪوڏومل جي نياڻي پنهنجي هم ڪلاسيءَ سان هلي ويئي ۽ شهر ۾ وڃي ڪورٽ مئريج ڪئي.

”حد ٿي ويئي.“

”زمانو ڪو آيو آهي!“

”ڇوڪري ئي اهڙي هئي.“

”مائٽ بہ لاپرواھ آهن.“

”پڙهائيءَ جو هي نتيجو آهي.“

”هاڻي هنن کي ڳوٺ ۾ اچڻ ئي ڏجي. نہ تہ ٻين تي خراب اثر پوندو.“

الڳ الڳ شخصن مٿئين نموني پنهنجا پنهنجا ويچار پيش ڪيا.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ تيل جي مل مالڪ مورومل جي نياڻي پنهنجي هم ڪلاسيءَ سان هلي ويئي ۽ شهر ۾ وڃي ڪورٽ مئريج ڪئي.

”ڪائي وڏي ڳالهہ ناهي.“

”هاڻي زمانو ئي اهڙو آهي.“

”ڇوڪري تہ سهي هئي.“


”مائٽن جو بہ ڪهڙو قصور؟“

”پڙهائيءَ کي ڏوھ ڏيڻ اجايو آهي.“

”سيٺ مورومل کي کپي تہ ڌيءُ ۽ نانيءَ کي ڳوٺ ۾ وٺي اچي ۽ ٺانئيڪو ڪري.“

ساڳين ئي شخصن مٿئين نموني پنهنجا پنهنجا ويچار پيش ڪيا.

ويچار ڪيم. غريبيءَ ۽ اميريءَ ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي! غريب جيڪي ڪري سو گناھ، امير جيڪي ڪري سو ثواب!! غريب خطا ڪري تہ اهو ڇٽي ئي ڪونہ. امير ڪا خطا ڪري تہ ان کان ڪير پڇي ئي ڪونہ!!!



نالو	:	پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي
جنم	:	٩-٩-١٩٣٦ شهدادپور سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٤
اِنعام	:	
پيشو	:	پرنسيپال
پتو	:	٨٢، اُديوگ نگر سوسائٽي، پائيگيٽ جي ٻاهران، بڙودا.

هنجو استعيفا ليٽر مليو تہ هن کي هن ڳالھ جي حيراني ٿي تہ هن ائين ڇو ڪيو؟

سياري جا ڏينهن هئا. نيها دهلي آئي. پنهنجي پيڻ جي گهر تي وڃي پنهنجي هڪ ساهيري، جيڪا دهليءَ ۾ رهندي هئي، سان اجيہ جي ڳولها ۾ لڳي ويئي. هوءَ سندس ڪمپنيءَ ۾ ويئي جتي هنجي ملاقات مس سپنا سان ٿي پر اُتي هن کي اهو ٻڌي نراشا هٿ لڳي تہ هو نوڪري ڇڏي وڃي چڪو آهي. هوءَ هن جي دوستن جي گهر بہ ويئي پر هتي بہ هنکي نراش ٿيڻو پيو. ڳولها ڪندي ڪندي هڪ ٻہ پيرو هنن ٻنهي يعني نيها ۽ اجيہ جي ملاقات بہ تي پر افسوس!! اجيہ هن جي مدد بہ ڪئي پر هو نہ تہ هڪ ٻئي کي پنهنجو نالو ٻڌائي سگهيا ۽ نہ ئي ڪا سڃاڻپ ڏيئي سگهيا. جڏهن هوءَ ڏاڍين ڪوشش ڪان پوءِ بہ هنکي ڳولهڻ ۾ ڪامياب نہ ويئي تہ اُداس من سان واپس ممبئي وڃڻ جو ويچار ڪيو.

اسٽيشن تي گاڏي چلڻ کان ٿورو اڳہ هن اُهو ئي سوِيٽر پاتل، جيڪو هن اجيہ کي سوکڙي طور موڪليو هو، ماڻهو ڏٺو تہ هن جي من ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي آئي. هوءَ ڊبي مان لهي هيٺ آئي ۽ جڏهن هن جي ويجهو آئي تہ هو ٻئي من جي اکين سان هڪ ٻئي کي سڃاڻي ويا. پنهنجي سڃاڻپ زوريءَ ڏيندي ٻنهي جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳا. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڀاڪُر ۾ ڀري ورتو.

ڪويتائون

غزل

— موهن ''اُداسي''


١.   واريءَ تي نالي ڪٽي - جيان نه پيار ڪر.
ٿورو قرار ڏئي - نه ايڏو بيقرار ڪر.

٢.   هن سَراءِ ۾ مياسين - خوش قسمتيءَ سان.
اَڻ ڄاڻ مسافرن - جيان وهنوار ڪر.

٣.   پاڪ مُحبت جو اَحساس - سوچ سمجهه ذرا.
ڄاڻين وفا جو قدر - نه ايڏو تڪرار ڪر.

٤.   هر مزاج جي فطرت - ازيت ۾ نه بدلجي.
اِئن خوابن تي اَجايو - نه اعتبار ڪر.

٥.   دِل جي چاهت وصل - سندي روشن رهي.
صبح ضرور ٿيندو. صبح جو اِنتظار ڪر.



نالو : موهن ''اُداسي''
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو :

هو نوجوان

— هريش ڪرمچنداڻي

هر نوجوان ڏسندو آ سپنا
سُپنن جي ٺيندي آهي پنهنجي دنيا.

دنيا سُپنن جي ٺيندي آ
سُهڻي ۽ رنگين
وڏي ۽ بهتر

هوُ هڪ نوجوان هو
سندس نالو ڀڳت سنگهه هو يا هيموُن ڪالاڻي
ڪهڙو فرق آ
اُن سُپني ۾ هئي هڪ دنيا
اُن دنيا ۾ هو هندستان
آزاد ۽ مضبوط هندستان.

هن رُڳو سپنو نه ڏٺو
ڪوشش پڻ ڪئي ته ساپيا بڻجي سپنو
پراڻ ڪيائين قربان هن ڪوشش ۾.

هن جو اِهو سپنو ٿيو پورو؟
چا نوجوان جواب ڏيندا؟
چا هوُ به ڏسندا آهن اهڙا اچ به سپنا؟

نالو	:	هريش ڪرمچنداڻي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	ڪويتا سنگره ''پتا ٻولي ٿو'' سنڌي هنديءَ ۾ ڇپيل.
اِنعام	:	
پيشو	:	آڪاشواڻي جئپور ۾ سهايڪ ڪيندر نديشڪ.
پتو	:	٩١٣/٩، مالويه نگر، جئپور.

غزل

— گورڌن شرما ''گهايل''

لاش هٿ تي گهٽن نچايو آ،
موهہ کنهن ۾ رکڻ اجاپو آ.

١. ڪالهہ ہوتو هٿن سان پوکيوسين،
اڄ اُهي وڻ چون پرائو آ.


٢. چونہ طوفان روڪي سگهنداسين،
تو بہ هٿ ساڻ هٿ وڌايو آ.

٣. ٿي ڪِلي درسني پئي اڪثر،
ڪوہلن پاڻ کي سجايو آ.

٤. ڪهڙي ماڻهوءَ مڃائي اُڄ هن مان؟
سمنڊ خود کي گهٽو پڌايو آ.

٥. سو نہ ٿيندو سُکي ڪڏهن جنهن،
جنهن ماءُ جي کير کي لڄايو آ.

٦. هاڻ پڙدو پلي ڪڄي گهايل،
ڪيترن پاڻ کي بچايو آ.



نالو	:	گورڌن نامديو شرما ''گهايل''
جنم	:	١-١٢-١٩٣٧ ميهڙ سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	ڇيڙ سکي سرگم، اُهي مائر پلي مُرڪن، ڪونجون ٿيون ڪُڪن، قلم جو سپاهي، ميڙي چونڊي، ٽُڪرا ٽُڪرا ننڊ
اِنعام	:	اين.سي.پي. ايس.ايل. بڙودا طرفان ميڙي چونڊي تي پندرهن هزار روپيہ.
پيشو	:	پنجيتاليهہ سال ڀاشا شڪشڪ بعد هاڻ رٽائرڊ.
پتو	:	سَدا اِڇا اپارٽيمينٽ، ڊيڪن ڪاليج روڊ، پوسٽ پرودا، پُڻي (مهاراشٽر)

غزل

— ڊاڪٽر روپ ڪمار ”گهايل“

چوڌر لفنگن جو راڄ آ،
هيٺو ڏاڍي جو ڪاڄ آ.

١. ملڪ ۾ متو مانڌاڻ اڄ،
نفرت سندو ناچ آ.


٢. روشن آهه عدم پيدا،
صبوح گم، هردم سانجهه آ.

٣. پرنم اُڏامي ويو پرَ ڪري،
زندگي ڏک ڀوڙ ڀاڄ آ.

٤. شرافت روئي پيئي ڪنڊ ۾،
نيڪي ڪنڊن سندو تاج آ.

٥. خود غرض، بي فرض هربشر،
ميرو ٿيو من جو ڪاڄ آ.

٦. يا خدا هيءُ ڪهڙو نظام؟
ڪانيُو خان بٽيو ڪانچ آ.



نالو	:	ڊاڪٽر روپ ڪمار ”گهايل“
جنم	:	١٧-٠٦١٩٣٠ آمرجي نوابشاهه
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ايڪونجاهه پستڪ- سنڌي، هندي، سنسڪرت ۽ انگريزي ٻولين ۾.
اِنعام	:	سامي پرسڪار، ڊاڪٽر هري هر دويدي پرڪار ۽ شعري ڀوپالي پرسڪار.
پيشو	:	رٽائرڊ گورنمينٽ هيڊماستر
پتو	:	نيُو بي. ٥/٣٩، ٻئراڳڙهه، ڀوپال.

غزل

— جئرام چمناڻي ”ديپ“

۱. دير ٿي وئي، ايندي ايندي،
شامِ ٿئي ٿي، ٿيندي ٿيندي.

۲. سڀهو سهان هڪ ڪوڙو ڪوڙو،
دل لڳي ويئہ - ڳهندي ڳهندي.


۳. موهہ وڌي ويئہ هن هن ۾ يار،
اُلجهي پوندين، ورندي ورندي.

۴. نظر نظر سان، دل جون ڳالهيون،
اِئين نہ ڪر تون، ويندي ويندي.

۵. چوين ٿو چا چا، سمجهان ٿو مان
چوندو آهين، ڪلندي ڪلندي.

۶. ڪهڙا حال ٿيا دنيا جا
ساهہ ٿڌو هڪ ڪٽندي ڪٽندي.

۷. ”ديپ“ ڏسي ويو هي سارا رنگ،
جهٽ پلڪ ئي هلندي هلندي.



نالو : جئرام چمناڻي ”ديپ“
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : فليٽ نمبر ۱۰-اي، راجوير اپارٽمينٽ، بنگلو ايريا، ڪبيرنگر، احمدآباد

غزل

— ڪيمن يوُ. مولاڻي

بٽيو شير ٻڪري ۽ ٻڪري آ شير،
اسان اڳ ڏٺو ڪو نہ اهڙو انڌيرُ.

١. ڪيا ڪاڻ ڪانٽي جي ڪيڏا ڪلوُر،
لڳي تور ۾ پاءِ ڪان گهٽ ٿو سيرُ.

٢. جتي ڳالهہ حق جي ڪرڻ آهي ڏوهہ،
اُتي پاڻ پنهنجو اڙائيندو ڪيرُ.

٣. ڪڏي ڏند اُپٽ رات مون تي ڪِليو،
ڏسي منهنجي چؤگرد لاشن جو ڍير.

۴. وڏائن ٿا پنهنجي هوُ پاڻ ئي پگهار،
اسان سان ڪٿي ٿا ڪٽن ڪوئي پيرُ.

٥. چريا چار آهن، ڪريون کهڙي چونڊ،
رکي هڪ ئي هٽ، ٿن سان رکٽو آ ويرُ.

٦. سَٽي هِتِ مَٿو، ڪيئن لهروُن مُيون،
ڪناري ۾ آيو ڪڏهن ڪونہ ڦيرُ.



نالو	:	ڪيمن يوُ مولاڻي
جنم	:	١٠-٦-١٩۴۴
ڇپيل ڪتاب	:	ٺارين جهليا ٻوُر، اُڏر اُڏرڙي پوپٽڙا، پاڇو، اڱڻ مٽي اوپرا، اوسيڙو، هل ڙي مٽڪا
اِنعام	:	اڏر اڏرڙي پوپٽڙا، اين.سي. ئي. آر.ٽي. ڪان، اڱڻ مٽي اوپرا راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، بڙودا
پيشو	:	سرڪاري نوڪري
پتو	:	نيو اي-١۴/١٣۴، ٻئراڳڙه، ڀوپال.

مان سنڌي آهيان !

— هري ٽنواڻي ”نماڻو“

مان سنڌي آهيان
ڇوتہ
منهنجي هِنَ هڏ ماس واري
پُتلي جون پاڙون/جڙون
٥ نہ، پر ٢٥ هزار سال پُراڻي
سنڌوُ ماٿريءَ واري سڀيتا ۾
کُتل آهن، جنهنجو حد نيشان
’موهن جو دڙو‘
اڄ بہ قائم آهي ۽
جنهنکي طاليبان/افغانستان
مسائيلن سان اُڏائڻ لاءِ
خواهشمند پڻ آهي!


مان سنڌي آهيان
ڇو تہ منهنجو ورثو
شاهہ، سچل ۽ سامي آهن
بيدل، بيکس ۽ بيوَس
منهنجا آهن روشن مينار
تہ شيام، اياز ۽ خادم
ٿم منهنجي نيڻن جو نوُر
مان پنجواڻيءَ جو پيارو ۽
دلگير جو بہ ڏُلارو آهيان!

مان سنڌي آهيان
ڇو تہ
منهنجو اِشٽ جهولي لعل آ
جيڪو هرهنڌ سروَ وياپڪ آ
هيمون، هوشوُ ۽ ڪنوَر
منهنجي عمر درازيءَ جا
آهن اعليٰ مقام
۽ هو سدا حيات آهن
اِن ڪارڻ ئي تہ مان
اڄ توڻي جيئرو آهيان!

مان سنڌي آهيان
ڇوتہ
’سنڌو‘ اڃا تہ
منهنجي ساهہ سمايل آهي
۽ اُنجو پوتر حل
گنگا جمنا جيان
مون لاءِ امرت ڌارا آهي
جنجي ڇولين ۾
منهنجي منڙي ٻولي
اڄ بہ جهولا جهولي ويني !

مان سنڌي آهيان
ڇو تہ
سموري هِند سنڌ جو
ئي عڪس پسائي پيئي
راشٽر گانَ ۾ پڻ ’سنڌ‘
اڃا بہ باسلامت آهي
اڳتي بہ اوس رهندي
۽ وري ڀارتيہ گلدستي ۾
ٻين ڀاشائن ساڻ
سنڌي ڀاشا بہ
عطر جهڙي هٻڪار ڦهلائي پيئي!

سچ تہ مان ايامن لاڪر سنڌي آهيان
هِن بعد بہ سنڌي رهندس
سنڌُ، سنڌين ۽ سنڌيت جو رکوالو
مان ازل کان ئي آهيان
مات سنڌوءَ جو سپوُت سڀالو.
ڇو تہ مان خالص سنڌي آهيان.
ڇو تہ مان خالص سنڌي آهيان.



نالو	:	هري ٽنواڻي ”نماڻو“
جنم	:	١-١-١٩٤٩ ممبئي (مهاراشٽر)
ڇپيل ڪتاب	:	ساز ۽ انداز، پيهچ پراڻا داغ نوان، وڏو ماڻهو، .... ۽ شمع جلندي رهي
اِنعام	:	پيهچ پراڻا داغ نوان پستڪ کي ڀهريون پرسڪار، سنڌي سرڪل ايل.آءِ.سي. ممبئيءَ طرفان
پيشو	:	رزرو بئنڪ آف اِنڊيا، ممبئيءَ ۾، ان کان اڳ مهاراشٽر راجيہ بجلي کاتي ۾
پتو	:	١٠٢، رتن پئليس، سپنا باغ جي ڀليان، هري ڪيرتن دربار روڊ، سنڌونگر (مهاراشٽر)

غزل

— ڪمل ڪيولاماڻي ”پياسي“

(١)

ناميا چار سندن هرهنڌ هو،
جوڙيل جڳ سان سڳ سنبنڌ هو،
وِشوَ سڄي مهان هو واپار،
ٿوَ ڏهہ ماڙ جا وڏا منار.

(٢)

ٻون ۽ ٻائر جاڙا جي هامر
مِتَ محبت ۾ گهاريندا سي ها،
سندن شناخت هئي مهان،
ٻٽيا جڳت جو اَهم نشان.

(٣)

اَڄ سهو ٿي پيا اَفغان،
جن جي پُٺِ ۽ ٽاليبان،
تم مسائيل ڪي نہ هلايو،
پر جهاز سان ٽڪر لڳايو.

(٤)

اڌ ڪريو ٻيو ٿيو زيون،
چوڌر فاڪ مِٽيءَ ۽ خون،
هرهنڌ ڦهليو هيءُ ٽهڪاءُ،
ڪيئن اوچتو وٺيو وڻاءُ.

(٥)

حسد وچان جن هوش وڃايو،
اِنسانيت کي داغ لڳايو،
بدلي جي آ ڀڙڪي باه،
نهري هڪ هئي ڏانهن نگاه.

(٦)


شاندار، سندر ۽ سُهڻا،
ديش سڄي جا سونا گهڻا،
پائي صدق سنيهہ سهڪار،
واڳي اُٿندا، سُتَلَ منار.

(٧)

يو. ايس. اي. ۾ ٿهي تباهي
وير ونڻ لاءِ ننڍ ڦٽائي،
گهيري ويو ڊپ جو طوفان،
وِشوَ يڌ جو آ اِمڪان.

(٨)

آيل آفت لڙي وچي شل،
موچين ڪجهہ جي ننڊ ۾ غافل
هوش سنڀالي هيءُ اِنسان
اهڙي سمت ڏئي پيگوان.



نالو : ڪمل ڪيولاماڻي ”پياسي“
جنم : ٢٩-١-١٩٢٩ جيڪب آباد (سنڌ)
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٤٨، جنهن ۾ سنڌي ٤٧
اِنعام : گجرات سنڌي اڪادمي انعام، راشٽر پريشد ڀاشا وڪاس ڪان، ڪل ٨ اِنعام
پيشو :
پتو :

بي چراغ بتخانو

— ارجن چاولا

رات جو پوئين پهر
۽ گُهپ اونده ڀاٽ ڪاري
روشني آڪاس جي ٻرڪي ويو راڪاس جڇ ڪوا
چوطرف هڪسار هيبتناڪ سناٽو سڄايل
پر پرو ڪنڊ هرنما مندر جي
هڪڙي ڪُڙڇ ۾
سُنسان ڏيڏيءَ تي
گهٽيل ڪانيءَ جي هڪ
ڏنگي ڏيانيءَ تان
ليئو پائي ٽڪيندو ٿي رهيو
ڏيرو ڏيئو هڪ !
آس اکڙين ۾ اُٽيل
بي نور چهري تي عجب اُڪريل اُداسي
”من اڇي ڪو جوت جڳائي اُپاسڪ.“
پر اِنهيءَ‘ کان بي خبر
ڪجهہ پر پرو هڪ ديونا
بي جان بت ۽ بي زبان
خاموش ۽ چپ چاپ

هاليٺي مسلسل مرڪ منهن تي
شانتي معصوميت جي جڇ مسجما
من تن کان ڪنهن بہ چانئٺ ڪين اورانگي
نہ پاتو ڪنهن ليڪو.
پر اڄ
اچانڪ پلڪندو هڪ ڪڙڪيتيو
ٽلڪندو ۽ ٽمڪندو
گُهمرا ڪڍي ٽڪجي
وڃي وينو ڏيانيءَ تي
بي زبان بي جان بت
پر مرڪندڙ معصوم مکڙو ديوتا جو
پل بہ پل جرڪي اُٿيو.
”ڪنهن تہ آخر جوت جاڳائي اڇي هتا“!
مست ٿي جيتامڙو جگنو
ڏيئي جان ٽمڪائيندو رهيو
۽ ديوتا گد گد
مگر بي جان بت بي زبان
پڻ مسڪرائيندو رهيوا


نالو	:	ارجن چاولا
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽايرڊ پرنسيپال
پتو	:	١٩٨/٦، گلي نمبر ١، نئي بستي، علي ڳڙه.

هوا جي ڳالهہ

— هوتو ”سنڌو پياسي“

ڪنهن هوا مونکي ڪنن ۾ هيئن چيو،
مان تہ تنهنجي سنڌ جي آهيان هوا.
ڏس اُڏامي مان اچي توسان مليس،
هت سنڌي مونکي ملن ٿا غم ضدا
تون ڀلا مايوس ايڏو ڇو رهين؟
مان مٺا تنهنجي تہ آهيان ڏس دوا
تون صدين کان سنڌ جي آهين مٽي
ڏئي سدائين سنڌ توکي پئي دعا
تون هتي غمگين ايڏو ٿو رهين
سنڌ اُتي مايوس آ تو کان سوا
تون لهين نت خواب پنهنجي وطن جا
وطن جي بيوس بہ آ تو لئہ فضا
اُت اچي مذهب ڪيو دابو گهڻو .
تون اِنسانيت جو آهين هم نوا

سور صدين کان سٺا تنهنجي وڏن
رت اوهانجي ۾ ڀنل ڪي هٿ هئا
ويا مري معصوم خود جي ڀون ۽ تي
سي تہ سڀ گگدام بي ڏوهي مئا
تون نہ ٿي مايوس منهنجا نشين
مون تہ تنهنجا ئي اچي ڳوڙها اُگهيا
ڇئہ نياپو ڏي سنڌوءَ جي واسطي
سنڌ سورن جا سدا ڳوڙها ڳڻا
تون ’پياسي‘ سنڌ جو شاعر عظيم
تو سَٺي آ وقت جي ظالم سزا
خوش ٿيس ڏاڍو وراڻي هيئن چيم
اي وطن جي هير جڳ جڳ جيءُ سدا
مان جيئان ٿو هت سنڌوِءَ جي نانوَ سان
سنڌ منهنجي ماءُ پڻ آهي پتا



نالو	:	هوتو سنڌو پياسي
جنم	:	١٥-٦-١٩٣٣ پليو لغاري ڳوٺ نواب شاهہ سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٩
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	. اي- ٣٠٣، شنڪر نگر، قازي واڙا، جئپور

غزل

— اِندرلال پي. سوماڻي


۱. دل جا اَرمان دل اَندر رهجي ويندا،
رهنديون ڪهاڻيون رڳو قصا ڇپجي ويندا.

۲. جيون وڃايو سڄو ڪيئن ڪنهنجي لاءِ؟
ڪوئي پلي نہ سمجهي ليڪ لکجي ويندا.

۳. مال ميڙي پل ڪوئي قارون سِڪندر جيان،
سڄ سواءِ ڌرتيءَ ۾ سڀ دٻجي ويندا.

۴. هلي غلط يا صحيح سڄڻ مِتر ڪوئي،
ياد نہ دل تي چتر چٽجي ويندا.

۵. ”ويراڳي“ ڪوڙا دنيا جا غم ۽ خوشيون،
سچا سنسار ۾ سورما ئي تي ويندا.



نالو	:	اِندر لال پي. سوماڻي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	انمول موتين جو مالها
اِنعام	:	
پيشو	:	ايسسٽنٽ سيڪيورٽي ڪمشنر ويسٽرن ريلوي هيڊ ڪوارٽر کان رٽايرڊ هاڻي وڪالت
پتو	:	بئرڪ ۱۴۵٦ روم ۸، سيڪشن ۳۱ اي اُلهاس نگر - ۴ (ضلع ٿاڻا)

غزل

— واسديو ”نرمل“

١. بنيادي طور آهي هرڪو ماڻهو خاص
پر، ڪٿ واڌو خاص ته ڪٿ آڪاڻو خاص.

٢. ”مر سان مرسان، سنڌ نه ڏيسان“ جيڪو چوي،
اهڙو ورلو ڄمندو آهي هوشو خاص.

٣. شايد هنجي پير ۾ ڪو ڇنڇر آهي،
نه ته ڇو ڀٽڪي هِتِ هُتِ بڻجي رولو خاص.


٤. بسنت آيو، ڦاڳ ڦريو آ، آئي چاڻ
ڪوئل، جنهنجي آهه سُريلي ڪُوڪُو خاص.

٥. ڪيئن لڳي ڳر ڳالهه ڪن ٿا هڪ ٻئي سان،
سمجهي اڳر ڪو، ڪبوترن جي گهُو گهُو خاص.

٦. ور ور ياد اچن ٿا اڄ وشنو ۽ شيام،
گوئا مان اڄ آئي آهي ڪاجو خاص

٧. يار جي ياريءَ جي اڄ ڪو ته ڏسي گرمي
جڻ ته ڪٽي آيو آ جئپور جو لُو خاص.

٨. شايد ياد ڪلفٽن، نرمل ڪي آئي
ور نه وڃي ڇو، سمنڊ ڪناري جُوهُو خاص؟



نالو : واسديو ”نرمل“
جنم : ٢-٦-١٩٣٦ ڪراچي سنڌ
ڇپيل ڪتاب : ڪل ١٠ ڇپيل
اِنعام : سوويٽ لئنڊ نهرو اوارڊ، سينٽرل هندي ڊائريڪوريٽ اين.سي.ئي.آر.ٽي. ٻال ساهتيه اِنعام ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا اِنعام.
پيشو : رٽائرڊ
پتو : فليٽ ٣، مهراڻ سوسائٽي. جي.وي.پي.ڊي. اسڪيم، اين. ايس. روڊ-١٠، جوهو، ممبئي.

چار چؤنڪ

— ٽيڪم ”آفتاب“

(۱)

دوستيءَ ۾ ڪيترا هت وقت جا بندا ڏٺم
دل اندر دولاب دوکو فريب جا ڦندا ڏٺم
راڄنيتي رمز وارا مطلبي مادي پرست
چمڪندڙ پوشاڪ ٻاهر، من اندر مندا ڏٺم.

(۲)


ملڪ ۾ اهڙيون هوائون ڪيون لڳن
بي گناهن کي سزائون ڪيون ملن
وقت جو ڦيرو ڦريو اهڙو الا
اڄ وفائن تي جفائون ڪيون ڪلن.

(۳)

ڏُکُ ڏُکُ ڪري مون پيتو هيءَ زهر زندگيءَ جو
غم درد ۾ گذاريم هر پهر زندگيءَ جو
ڪمزور آهي ڪشتي، ٻانهن ۾ ٻل نہ آهي
طوفان تيز سامهون ءِ بحر زندگيءَ جو.

(۴)

ڇا ڇا منهنجي شهر ۾ اڄ ٿي رهيو آ دوستو
خامشيءَ ۾ زهر هرڪو پي رهيو آ دوستو
شهر ۾ ماڻهو مليا جي جڻ نہ زنده لاش ها
ڪهڙي اڄ اِنسان جيون جي رهيو آ دستو.



نالو : ٽيڪم ”آفتاب“
جنم : ۱۹۳۸-٦-٦ محبت ديرو ، نوابشاهہ سنڌ
ڇپيل ڪتاب : سنڌي چار، انگريزي هڪ، اڙدُو هڪ پريس ۾
اِنعام : سرڪاري ءَ غير سرڪاري سنستائن وٽان ڪيترا انعام ءَ اعزاز مليل.
پيشو : پينشنردار
پتو : ٽي وارڊ. مڪان نمبر. ۲۵، هردارام نگر، بيراڳڙه، ڀوپال

غزل

— اِندرا ''شبنم''

جڏهن بہ تو وٽ سيڙهجي، ڪنهن ڏينهن اچان مان
هڪ هڪ پل ۾ سؤ سؤ جيون پايان مان

قدم قدم تي جڏهن تنهنجو ساٿ ملي
ڪنڊن ۾ ٻي، گُلن جيان مُسڪايان مان

اِئين بہ جيون ۾ هڪ پل نہ ملي مونکي
پريم، پيار توڙي آشا سان پرجان مان

پيار ۾ پريتم، اهڙي گهڙي بہ ايندي آ
چپ چپ سپ ڪجهہ سهان ڪُڇي ڪين سگهان مان

بس هن جي چرنن جو تو احساس رهي،
'شبنم' جڏهن بہ پنهنجو سرڙو نوايان مان.



نالو : اِندرا ''شبنم'' پوما وارا
جنم : ١٤-١١-١٩٤٧ ڪراچي سنڌ
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو : ٽيچر ۽ ليڪچرار
پتو : ٩/بي، مهربان اپارٽمينٽ، ١١٠٠، شواجي نگر، موڊل ڪالوني، پوني

جستجو

— نند ”آنند“

۱. موڙ ڪنهن تي مونکي، ملندي آهہ هوءَ اڪثر اچي،
چو الائي مسڪرائي ڏيندي آ، مون کي ڏسي.

۲. مون ڏٺو هن جي ڳلي ۾ ڪين منگل سوتر آ،
ڪين هن کي آ مليو، ساٿي اڃا ڪو دلپسند.


۳. اوچتو ئي ڪالهہ رستي تي، ملي ويئي هئي،
مسڪرائي پر ادا سان هوءَ، هلي ويئي هئي.

۴. سچ تہ جڳ سارو اميدن تي ئي جيئي ٿو سدا،
۽ تمنا دل سندي، مون ۾ي نہ تياڳي آ اڃا.

۵. هوءَ ڇڏي ٿي ڪين، عادت مسڪرائڻ جي اڃا،
۽ نہ دل پنهنجيءَ کي ۾ي ٿو، آءٌ سمجهائي سگهان.

۶. جستجوءَ ڪنهن جيءَ ۾ ، دم دم اِئين وڃي گذرندو،
آرزو منهنجي اِهائي آهي، ’آنند‘ پنهنجي دل اندر.

۷. ڪين ۾ل حاصل ٿئي هن جو، ڪڏهن حسن و جمال،
پر يار عنايت مسڪراهٽ جي اِئين ٿيندي رهي.



نالو	:	نند هندوُجا ’آنند‘
جنم	:	۵-۴-۱۹۳۸ لاڙڪاڻہ (سنڌ)
ڇپيل ڪتاب	:	پرواز، همراز، نازو انداز، زندگيءَ جو مرڪز
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	۴۰۴، نالندا پئليس، اُلهاس نگر.

هائيڪو

— جمناداس روهڙا

(۱)

دک ۾ سک ۾
چاهي بک ۾
خوش تي رهجي
هرهک رک ۾.

(۲)

سرديءَ گرميءَ
هرهک مند ۾
پانڊيئڙو تي
هلجي پنڌ ۾.

(۳)

ڪريل ڏسي
ڪنهن کي پيي دڳ ۾
ان کي اُٿارجي
هلجي مڳ ۾.

(۴)

خون هوندو آ
جنهن جي رڳ ۾
پائيندو آ
سو سک جڳ ۾.

(۵)

ويهندو ناهي
ڪوئي گند ۾
رهڻ چاهيندو آ
هرڪو سڳنڌ ۾.

(٦)


هرڪو پنهنجي
ذات پانت ۾
سوهندو آهي
چنڊ رات ۾

(۷)

ڌيان ڪري هلجي
وک وک ۾
رام جپيندو
رهجي مک ۾.

(۸)

ڪم ڪندو آ
جو پيي ياري
ملندي آ تنهنکي
دنيا ساري.



نالو : جمناداس روهڙا
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ۴- پي- ۱۴، تلونڊي، ڪوٽا (راجستان)

غزل

— ساوڻ ڪمار ”اُداسي“

يار جو نظر جو تيوَرُ، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ،
هُن تي وَهم جو ڪو اثر، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ.


مليو جنهن موڙ تي مُونسان، ڪري شڪوا ٿيو هلڪو،
مگر مُون لئہ ڀاري پهرُ، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ.

ناهي پرواھ هُن کي ڪا، منهنجي رنج يا غم جي،
اِهو هُن جو جاري قهرُ، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ.

ڪيو قربان مُون سڀ ڪجھ، سدا هو يار جي خاطر،
مگر هن جي من ۾ زهر، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ.

جُهڪايو وقت آھ مونکي، اڳيان آٿي ستمگر جي،
غمن جي بار وارو سفر، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ.

عنايت عشق جي آ جنهن، ڪيا ارمان دل جا دفن،
اُداسي هر پهر تصور، جو ڪلھ هو سو اڄ بہ آ.




نالو	:	ساوڻ ڪمار ”اُداسي“
جنم	:	١-١-١٩٤٠ لاڙڪاڻو
ڇپيل ڪتاب	:	هڪ گهڙي مونسان بہ گهار، عجب هي آيو زمانو، گل جي تمنا، ٻال سڀا.
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير
پتو	:	٢٠١، سائين مهر، سي.بلاڪ چونڪ، اُلهاس نگر-١

ٿوري عرصي بعد
فدائين هوابازن کي ڪري تيار
حملو ڪرائي، نابود ڪيائون
امريڪا جا ٻہ عالمي تجارتي مرڪز
۽ هڪ فوجي صدر مقام
هزارين اِنسان ويا مري
۽ هزارين دهڄي ٿيا لاپتا
جي الڳ الڳ ڌرمن
۽ ملڪن جا هئا ٻاشندا.
قيامت کان وڌيڪ ڦهري
چڻ هيو هو حادثو
مگر طاليبان کي اِهو فخر رهيو
تہ هو سڀ کان وڌيڪ
طاقتور ملڪ کي بہ
پنهنجي صحيح شناخت ڏيئي سگهيا
ڪين هارائي سگهيا
۽ سندن فضيحت جا باعث بڻجي سگهيا.
ليڪن ٻن هفتن بعد، طاليبان کي
پنهنجي مٿان، آسمان مان
وڏا وزني بم ڪرندا نظر آيا
هوائي جهازن مان
جن کي هو وماٽي توبن ذريعي
ڪيرائڻ ۾ قطعي قاصر هئا
بمن جي لڳاتار برسات
ڪمزور يا ناس ڪرڻ ۾
اهم ڀومڪا نڀائي.
هوڏانهن افغاني عوام
اڳ ئي
غريبي، بيماري ۽ بيڪاري کان پيڙت
پاڻ کي زنده رکڻ جي ڪشمڪش ۾ مصروُف آهي
خبر ناهہ ڪيستائين
زنده رهڻ جي همت سندن ڏيندي ساٿ
خبر نانهہ هيءَ جنونن خلاف جنگ
ڪيستائين رهندي جاري
خبر نانهہ، هيءَ عجوبا جنگ
ڪڏهن ختم بہ ٿيندي يا نہ.

آتنڪواد خلاف عالمي جنگ

— آسن واسواڻي ”مجبوُر“

پنهنجي ملڪ افغانستان
۽ پنهنجي نالي طامبيان کي لڄائيندي
هنن آسرو روتو آهه
اير ڪا، عياريءَ ۽ آتنڪ جو
اِسلام ليءِ عزت ۽ پيار پيدا ڪرڻ بجاءِ
هنن اِسلام جي سمورن اصولن جي
انحرافي ڪندي
هم مذهبين خواهه غيرمذهبين جي دل ۾
خوف جو ڪيو آهه ماحول پيدا
مذهب جو پاڻ کي ٿي اڪيلو
علمبردار ڪوٺي
سڄي عالم کي لاچار پريشان ڪري
هوُ حڪومت ڪرڻ ٿا چاهين
سڄيءَ ڌرتيءَ مٿان.
هي فاست تنظيم جو
هي نئون ۽ خطرناڪ آهه روپ.
باميان ۾، پهاڙن تي اُڪريل
گوتم جون بيگناهه پراچين مورتيون
بہ ڪين لڳيون ڪافرانن
بمن سان تن کي ڪري ٽُڪر ٽُڪر
طاليبان جنونن اِئين سمجهيو
تہ سندن مذهب جي ٿي وڏي ترقي
۽ ڪين ملي لاثاني فتح
پنهنجن رقيبم مٿان.



نالو	:	آسن واسواڻي ”مجبوُر“
جنم	:	۲۷-۲-۱۹۳۲
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٦
اِنعام	:	گجرات سنڌي اڪادميءَ ۽ اين.سي.پي.ايس. ايل. جو.
پيشو	:	تولاڻي ڪاليج آف آرٽس-سائنس آديپور مان رٽائرڊ پرنسيپال
پتو	:	ٽي. ايڇ. ايڪس. ۹۷، آديپور (ڪڇ)

غزل

— لتا ڪي. ٿلياڻي

ڪيئن نه تاريڪي وڃي ٿي ڇانئجي
مات ڪائيندي وڃي ٿي روشني
چؤطرف آهي سنالو خوفناڪ
ڪِٿ وڃي وشرام پائي زندگي
ڪِٿ رهيو آ دلربا ۾ ديد شرم؟
دشمنن وٽ وئي وڪامي دوستي!
ڪنهن نه ڪنهن وڻ جو ملي ٿو آسرو
جي پکيءَ جي ٿي پوي قسمت سٺي.
ڪنهن پڇيو ٿي لڪشميءَ جو ڏس پتو،
مون ٻڌو لڪشميءَ جي ٻدران سرسوتي.
سنڌ هئي سهڻيءَ جيان وچ سير ۾
ڇو ڪو ميهر پيو نه دريا ۾ ٽپي؟
هر عمر ڪي آزمائي پئي اچا
سنڌ جي هر شيلونتي مارئي
سنڌ جو پاڻي به هو جڻ ڪو شراب
پيئندي جنهن کي وڌي ٿي تشنگي
عشق کي شوخي حجاب آ حسن کي
پر ٻنهي ۾ آ عجب جي دلڪشي.



نالو : لتا ڪي. ٿلياڻي
جنم : ١١-١١-١٩٦٢
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٤
اِنعام :
پيشو :
پتو : ١٠٥، سائين نڪيتن اپارٽمينٽ، اُلهاس نگر - ٥

اڄ جو نيتا


— گوبندرام ريجهواڻي ”آنند“

١. دلاسن جي ڳلڙي، ڪٽي آيو نيتا،
مرڪ جو مکوٽو، هٽي آيو نيتا.

٢. ڏئي هيءَ وچي ٿو، وچن ڪوڙا ڪوڙا،
ڪري ڪين ڪم ٿو، ڪڏهن ڇوڙا موڙا،
تڏهن ٻي اَلا ڇو؟ وٽي آيو نيتا.

٣. وچن ۾ ڇوي ٿو سرڳ لاهي ايندس،
سکن سان دنيا هيءَ، سجائي مان ڏيندس،
فرشتو آ جڻ ڪو، بڻي آيو نيتا.

۴. ڇوي جو ڪري ڪين، ڇوٽي سا آهي،
کهاوت نه ڪوڙي نه ٿيندي ڪا آهي،
نه ڇوٽي آ شايد، سٽي آيو نيتا.



نالو : گوبندرام ريجهواڻي ”آنند“
جنم : ۱-۱-۱۹۴۵ جهوناڳڙه (گجرات)
ڇپيل ڪتاب : نيءَ هڪ پريس ۾
اِنعام :
پيشو : گجراتي اِسڪول ۾ ماستر
پتو : ڦوَ آسيس، ٢-٩ ڪوڙيار نگر، ڳريراج سوسائٽي جي پٺيان،
جوشيپورا، جهوناڳڙه (گجرات)

پاڻ پڏائڻ


— ڪرشن مسرور

ماڻهوءَ ۾ گندي عادت آ پاڻ پڏائڻ جي
ورلو ڪوئي لعل ليندو سچ هڏائڻ جي

١. ٻرائي اهو ڪري جو پاڻ خوبين جي کاڻ هجي
ساهس تو ڪپي رقيبن سان هٿ ملائڻ تي

٢. ٻرن ۾ جي چڱايون آهن تو ڏٺيون ناهن؟
لپاڙون ڪين هڻن پاڻ کي شناسڻ جي

٣. اِنسان کي پنهنجو اندر سوڌڻ گهرجي
مسرور ڪجهه تہ ملندو جڏهن آلوچ پائڻ جي.



نالو	:	ڪرشن مسرور
جنم	:	عمر اٽڪل ٨٢ سال
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	٣٨/اي، پلسيڪر ڪالوني، اِندور.

دهشتگردي

— گوپال ٺڪر

١. حسد دهشتگردي
همبستر عالمگيري

٢. عقليت کي
جاهلپڻو ڏاڙي

٣. بدگماني بدبختي
اپاهج آميريڪا

٤. بارود لاوا
دونها عمارتون

٥. هڪ سِر ڦِريل
جڳ بربادي

٦. اپام نردوش
اکيون اشڪبار

٧. ڪيمياڻي حملا
نئين بيحالي

٨. اُڀو ٽڳ
زمين دوز

٩. ڪليو سِر
ڪوڙن جا

١٠. اُڏايو ڏجيون
ظلمي آتنگوادن

١١. حقدار زمين
ناهن دهشتگرن

١٢. زمين بهشت
دوزخ بڻائين


١٣. نانءُ الاهه
بدنام ڪيائون

١٤. ڌرم ايمان
ڪوڙي ڍُهائي

١٥. محبت امن
وات منجهائين

١٦. ڏاڙيو تن
ڏاڍا چواڻين

١٧. نئون پيغام
نئين مشعال



نالو : گوپال حڪومتراءِ ٺڪر
جنم : ١٩٤٠ سيوهڻ سنڌ
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٣
اِنعام :
پيشو : ڪلاس ون آفيسريءَ تان رٽاير، ائٽامڪ اِنرجي (ممبئي)
پتو : ٣٠٧-اي جپيٽر چولٿون راستو، لوکنڊ والا، انڌيري، ممبئي.

طوطي جي صلاح

— پرهلاد آهوجا

سائي وڻ تي ويٺو، لال مرچ کي کائي ٿو،
سائي چادر پائي بدن تي، ڳلي ۾ ڳاڙهي لاءِ لڳائي ٿو.
ڪڏهن هوا ۾ اُڏري - اُڏري اهڙو غوط لڳائي ٿو،
ويري جي سئنا تي هنٽر- اهڙا ٻه برسائي ٿو.
ڪڏهن ٽار تي لڏي جهولي ۾، دال چڻن جي کائي ٿو
صبوح سويري لپڙا ڏيئي، سڀ جو من وندرائي ٿو،
هلي مِلي سڀ رهو پاڻ ۾ اهڙو پاٺ پڙهائي ٿو.

باندر جو تماشو (بازيگر)

”ڏس نہ،
ڪيڏي پيڙ آ........!
هيءَ مرد ۽ هيءُ ٻار آ،
تاڙيون وڄائي، ٽهڪ ڏيئي،
ڪئين نہ خوش،
خوش ٿي، ڏسن بينا تماشو.......!

اڄُ نہ
اڄُ، اڄُ، ڏس نہ،
ڪيئن باندر نچي ٿو،
هاڻي باريگر اڳيان.

چا ڏسان؟
ڇڏ چا ڏسان؟
هيءَ تہ باندر آ.......
مگر مون تہ آدمي (هر آدمي ءَ) کي
ڪنهن نہ ڪنهن چالاڪ بازيگر اڳيان
نچندو ڏٺو آ....... ٽپندو ڏٺو آ.......

نالو : پرهلاد آهوجا
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : اُڏيپور

لفظ

— گوپال ”پروانو“

مان پاڻ کي لفظن ۾ لڪائي
ڪجھ چوڻ چاهيان ٿو.
مان ريگستان جو پياسو
دور دور نهاري
ڳولهيان پيو
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ تي
پاڻي جون چار بوندون
جيڪي منهنجي خشڪ ڳلي کي
ٻه لفظ درد جا ٻولي
ٻه لفظ ڳالهائڻ جي
مُهلت ڏين
مان پاڻ کي لفظن ۾ لڪائي
پنهنجو درد ورهايان
ڪي ڪانئر ڪوڙا درٻاري
پنهنجي ديس جا
سمورا چمڪندڙ چنڊ
انڌيري جي واپاري کي
اونداهي راتين واسطي
عمر ڀرلاءِ وڪڻي ڇڏيا
پر اِهو صاف لفظن ۾ چوندس
هو ڌرتي جو پٽ ناهي
دل وارو اڃا مئو ناهي
باھ ٻري ٿي اڃا هانوَ ۾.

نالو	:	گوپال پروانو
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	۱۰۳، گولڊي، ۲۲۳-ايم، ڪاتيوالا ٽئنڪ، اِندور.

غزل

— شريچند ڏُبي ”جگري“

پنهنجي سمجهہ کان پري هي جڳ،
لٽي ويو سچ کي وقت جو ٺڳ.


مارن ڪوڙا، مرن بہ ڪوڙا،
گوليءَ تي گانڌيءَ جو حق.

ليکڪ شاعر لِکندا رهندا،
ڪونہ مليو پانڪ جو سڳ.

ماءُ جي ٻولي، ماءُ جي لولي،
سنڌي وات جو سهڻو ڏڳ.

فرض قوم جو، قرض قوم جو،
وساري ويٺين وقت کان اڳ.

ٻلي هوا جو رخ آ مٽيل،
”جگري“ پاڻ نہ ٻلا ڇڏو لڳ.




نالو	:	شريچند هوندراج ڏُبي ”جگري“
جنم	:	١٢-١٠-١٩٥٥ جهوناڳڙه
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	بلڊر
پتو	:	سِلور بي . منگهناٿ روڊ، جهوناڳڙه

غزل

— روچو ”خوابي“

حيوان ۾ شيطان ۾ ويو آدمي بدلجي،
دوزخ ۾ جڳ تہ دنيا وئي دائمي بدلجي.
۱. هڪ اِنقلاب ۾ ئي ڏانچو ويو بدلجي،
ويو ڪاسبي ڪسان ۽ ڪولي ڪمي بدلجي.
۲. تعليم ۽ تهذيب ۽ منورتي، هوا، فئشن،
پورب ۾ ويا آهن اڄ پشچمي بدلجي.
۳. نيتا سماج شيوڪ يا ساڌ، سڌارڪ جي،
رنگ روپ، ويس نان ۾ ويو ڪُڪرمي بدلجي.
۴. ايمان ڇا امين بہ آخر ويو وڪامي،
اِنصاف ۽ عدل جي وئي ساهمي بدلجي.
۵. آرام وندر گاهہ ۾ سڌريل ۽ شريفن جي،
راحت ۾ وئي رمٽي، رهہ ۽ رمي بدلجي.
٦. سنگدل سماج ڪارڻ، جوانيءَ ۾ ئي جوڳڻ ۾،
پشمي گڏي ۽ پتلي وئي ريشمي بدلجي.
۷. ماڙهو مُئو تہ لڳندو جڳ ڪين هو هئو ئي !
ماحول بہ مجلس ۾ ويو ماتمي بدلجي،
۸. ٻارهو ويو بدلجي هڪ لنچ پارٽيءَ ۾،
گپ شپ ۽ ٽهڪڙن ۾ ويئي غمي بدلجي.
۹. اڄ ڪلهہ تہ پيءُ ڇا پر سهرو بہ ٿي ويو ڏئڊي،
مميءَ ۾ وئي آهي اما - امي بدلجي.
۱۰. بازار مهانگائيءَ ۽ ديش غريبيءَ ۾،
بجيٽ کوٽ ۾ آ وئي دائمي بدلجي.
۱۱. ڪنهن گهر ۾ لاش زندهہ - جيئري ئي موت ۾ جڳ
وئي گهر جي سونهن - ديوي هڪ لڪشمي بدلجي
۱۲. مي، حسن، پيار، بلبل گل جون نہ رهيون غزلون
قصا بہ ويا ”خوابي“ اڄ طلسمي بدلجي.



نالو	:	روچو مهرچند موتياڻي ”خوابي“
جنم	:	۲-۱۲-۱۹۲٦ ڪنب ليمان ضلع نوابشاهہ
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ۲
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير اسلنٽ پوسٽ ماسٽر
پتو	:	سنت هردارام ڪليا، عيسائي محلا، اجمير.

نينهن نباهہ

— راڌاڪرشن لالواڻي ”راهي“

شڪايت ڪائي نہ تنهنجي - چني چڙائڻ جي،
آهي عادت سڄڻ اسانکي - نينهن نباهڻ جي.

۱. وفا جي موٽ بي وفائي ڏنيہ،
ڪيئہ جي قوُل - سڀ ڪچائي ڪيئہ،
ڪري قبول رکيم - مرضي نا موٽائڻ جي.

۲. اِئين تہ ناهي - تون ڪٽل آهين !
اِئين تہ ناهي - هٽ منجهيل آهين،
ٻڌان پيو ساک ٻين کان - تنهنجي وراهڻ جي.

۳. زخم ڏيئي پيو کِلين - شابس اٿئي،
اونها غيذاءُ ڏين - خواهش اٿئي.
آهيون هريل آهي فطرت بہ چوٽ کائڻ جي.

۴. وفا جي واٽ اچ وسايون وري،
قرب جا قدم کڻ - وڌايون وري
ناهي گنجائش ’راهي‘ کي - ڪنڌ ڪڍائڻ جي.

نالو	:	راڌاڪرشن لالواڻي ”راهي“
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	اُڏيپور (راج.)

غزل

— لڪشمڻ ڏُبي

جان جوکم ۾ وجھڻ جو جوش ويو جرت ويئي،
آدميءَ مان عجب جھڙي عشق جي عادت ويئي.

روبرو چاڙھو ھئو پر، خير پرپٺ ٿو چوان،
غير جي گذري وڃڻ سان، پيار جي لذت وئي.

ڳوٺواسيءَ مان نگر واسي بڻيس ليڪن الا !
نور نظرن مان ويو ۽ ھوش مان حيرت وئي.

درد تي آھي منحصر مانُ، درجو، مرتبو،
درد جن مان ويو اُنھن جي جڻ سچي برڪت وئي.

وقت آ درڪار ھرڪنھن قيمتي تخليق لئہ،
۽ اجوڪي آدميءَ جي غرق ٿي فرصت وئي.

ٿورڙو لوڏو الا، آيو ھئو ايمان ۾،
ڇا ٻڌايان، زندگيءَ مان آبرو عزت وئي.

ھا، الم ھو، اشڪ ھا، ”لڇمڻ“ اڪيلائي ھئي،
اجنبي ڪنھن جڳھ تي آ ڇڏي شھرت وئي.


نالو : لڪشمڻ ڏُبي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو :

اِنسانيت جا ڦل

— پروفيسر جي. ڪي. سيتپال

اڇو تہ هوليءَ راند ڪريون!
ڪچي رنگن سان نہ،
پاڻيءَ سان بہ نہ !
خون سان،
اِنسان ۽ اِنسانت جي خون سان،
خون جي ڳاڙهي رنگ سان
ڇو جو اِهو سَستو آهي
اِهوئي رنگ ڏاڍو پڪو ٿيندو آهي!
سيني ها ۾ ها ملائي
ڌرم پريو ويو.
هڪ چٽي پڇيو -
ڪنهنجو ڪنهنجو خون آهي؟
جواب مليو -
افغانستان جو،
آمريڪا جو،
جمون ڪشمير جو،
سنڌ جو ۽
سڀ کان وڌيڪ هندستان جو !

پر هنن سيني جو تہ
هڪڙو ئي رنگ آهي !
هوليءَ راند ڪيئن ڪنداسين؟
جُدا جُدا رنگن جي بنا
مزو ڪيئن ايندو؟
اسين هوليءَ راند نٿا ڪري سگهون!
ڌرم پرڻ وارن چيو -
اسانکي ڪهڙي خبر تہ
سڄي دنيا جي ماڻهن جي
خون جو رنگ ڳاڙهو ٿيندو آهي؟
هاڻي ڇا ڪريون؟
هڪڙي صلاح ڏني -
هلو تہ سڀ ملي ڪري
هڪ اهڙو بوٽو لڳايون
۽ اُن کي اِنهيءَ خون جون ريج ڏيئون
جنهن ۾ اڳتي هلي ڪري
مانوتا ۽ اِنسانيت جا
مٺا مٺا ڦل لڳي سگهن !




نالو : پروفيسر جي. ڪي. سيتپال
جنم : ١-١-١٩٣٧ سکر (سنڌ)
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٣
اِنعام : سوهاردڪ پرسڪار، پترڪارتا رتن، وجئہ چنهہ گورو پرسڪار، سرواشي ڪوي سميلن سنمان
پيشو : فلمون ۽ ٽي.وي. اِسڪرپٽ رائيٽر
پتو : ئي-٣٠٧/٢، اِنليڪس نگر، ياري روڊ، ورسوا، انڌيري (ويسٽ) ممبئي.

عام

— گهنشيام ”ساگر“

ماڻهوءَ اندر
هڪ ٻيو ساڳيو ماڻهو
لڪل لڪل
چهري تي هوبهو
هڪ ٻيو چهرو چنبڙيل
لڪل لڪل
ڏيکاري ٿو پنهنجو رنگ
جيڪو
عام کي نٿو اچي نظر
ٻڌجي ٿو:
عام ٿيندو آهي ڪڏهن مورک ڪڏهن لاچار
عام ٿيندو آهي ويچارو ڪڏهن
ڪڏهن وري مانسڪ بيمار
اِئين بہ ٻڌجي ٿو:
عام هوندو آهي ملتاني گهيٽلو
سڀ لاءِ ڀورو
جنهن کي ڪڏهن
ڪو سياستدان
ڪڏهن ڪوئي بادشاهه
ڪڏهن اڀنيتا
ڪڏهن وري ڪو نيتا
پائي پنهنجي پيرن ۾
هر ڪنن رستو پار ڪري
حاصل ڪندو آهي
پنهنجي منزل
چو تہ اِئين بہ ٻڌجي ٿو:
عام کي نہ هوندو آهي
پنهنجو ڪوئي مقصد
تہ ڪائي
خود پسند ڪيل منزل
عام يعني
حڪمران عوام جو
هڪ روبوٽ.



نالو : گهنشيام ”ساگر“
جنم : ١٥-١٢-١٩٣٩
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٧
اِنعام :
پيشو : آرٽ ورڪ
پتو : ڪبيرنگر (احمدآباد)

دروپديءَ کي ڏسو
ٽپ ٽپ ٽپ ڳوڙها
ماٺ ڪري نهاري ٿي
رڳو ايمنيوءَ اُترا کي
نوهہ جي ننڍ نيڻي جوانيءَ کي
هڪ ڪانسواءِ ٻئي جي دشا جو اندازو
ايڏي سور ۾ پلجي ويئي پنهنجي سڄي بي عزتي
۽ پاڻ ئي پاڻ کان پڇي ٿي ڇا هيترو ملهہ
جو مون اندازو لڳايو هو مهاڀارت لاءِ؟

هاڻي ڪنتي
ٽپ ٽپ ٽپ ڳوڙها
من ئي من ۾ روئي ٿي
پٽن کي بہ ڪن آهن
ڪرڻ بہ منهنجو پٽ آهي
مرندي مري ويو ڪجهہ نہ ڪري سگهيس
جيستائين مان هن کي پُٽ چوڻ جي همٿ ڪيان
مان نياڳي هو اياڳو هنج بنا هلي ويو
ڪاش هڪ ڏُڪُ ٿيج پيتل هجيس هان تہ جيئي هان؟

هاڻي اُترا
ٽپ ٽپ ٽپ ڳوڙها
رتو رت ٿيا سڀ سپنا
دوڏيون انکيون ڳالي سيند
گهوٽ ڏانهن نهاري ٿي پل پل
مهاڀارت جي نالي سان ڏکيس ٿو هينئو
مردن جي ايمان ۽ گرز جو هينئن سلو

داستان سوُر جي

— ڊاڪٽر ڏروُ تنوالي

منهنجي سامهون
الائي ڪنهن
هڪ ڪٿا جو
۽ سوُر جي داستان جو
ڪچو چٺو رکيو آهي
ان چٺي جي هر اکر ۾
لکيل آ سوُر جي آکاڻي
ڪڏهن ڪنهن ڪُنتيءَ ۽ دروپدي جي
تہ ڪڏهن ڪنهن مندودري ۽ تارا جي
تہ ڪڏهن ڪنهن اهليا ۽ سيتا جي
تہ ڪڏهن ڪنهن گنڌاريءَ ۽ اُترا جي

جڏهن بہ
سڄي سنسار ۾
ڪٿي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾
جنگ جو اعلان ٿيو آ
تہ اِنسانيت جو خاتمو ٿيو آ
۽ ان ۾ زالن تي ظلم ٿيا آهن



نالو	:	ڊاڪٽر ڏرو تنوالي
جنم	:	٦-١-١٩٥٢ اجمير ۾
ڇپيل ڪتاب	:	سنڌي هڪ، هندي ٻي، انگريزي ٻي
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	٢/٧٥، موراباڙي، رانچي، جهارکنڊ.

ڪوج اَڻ هوند جي

— جينت ريلواڻي

چون ٿا ڪڏهن ايمان جي هئي هستي هتي،
ڳولهيندي پر نه ڪا نشاني ملي ڪٿي،
شهر تنهنجي ۾ اگر ڪا پڇاڻ هجيس،
منهنجي نگر لاءِ ته آ اِها ڏکي هجي.

ڪنڌهر پيٽيا مون ڪيترا نه ڪٿي ڪٿي،
شال ملي ڪو سندس نشان هِتي هُتي،
دفنايو آ ڪنهن ڪيس جتي ڪٿي،
پُڪاري هرڪو پُڇي، غائب ڪٿي ڪٿي؟


پڪي شهر جي اُسماني عمارت وچ،
مُقام آ منهنجو پُرڪندڙ پتين وچ،
هستي ڪنهنجي آ آسمان گهورڻ وچ،
ساه ساه ۾ جت، جيئڻ خوف وچ !

ڏينهن ڏٺي جو ڏيئو ڪٽي پڪندي،
ڊونديندو رهيس مان ڪڻ ڪڻ ۾ لڇندي،
ملي شال ڪٿي موٽي اِهو وراستي خزانو،
هرهند ملي نوڪر پي، بدليو آ زمانو!

سوَراج ڪي آ ايمان پنهنجي تپش جو،
نه آ ڪنهنجو دم نهاري سگهڻ جو،
چون ٿا ايمان ڪئي هئي همت گهوُرڻ جي،
موت بعد ڪليل اڪين سان نهاري سگهڻ جي!

ڊڪشنري ۾ پيا نوان اکر جڙندا آهن،
جهونا زمين دوز ٿيندا رهندا آهن،
اِنتظار آ بس، ايمانداري اکر جو،
اگني سنسڪار جي منظر پسڻ جو !

يارو، هجي شايد ڪٿي اتو پتو ايمانداريءَ جو،
رهندو اِنتظار سندس مهربان امر جو،
شهر تنهنجي ۾ اگر ڪو انش به ملي سگهي،
نگر منهنجي لاءِ جي اِها عنايت ٿي سگهي!



نالو	:	جينت ريلواڻي
جنم	:	٣-٩-١٩٣٦ لاڙڪاڻو سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	سنڌي ١٤، گجراتي ٣٣، هندي ٤
اِنعام	:	
پيشو	:	نوڪري رٽاير، ليکڪ، اخبار نويس، سمپادڪ.
پتو	:	٩/٤، شاستري نگر، گرودواري پٺيان، راجڪوٽ.

تنهن کان دروپديءَ کي اُفت ماري ڇڏن هان
تہ پوءِ هيترين ڙالون تہ نہ برباد ٿين هان

هاڻي گنداري
ٽپ ٽپ ٽپ ڳوڙها
هڪ هڪ ڪري سؤ پٽ ڇٽيا
سؤ هوندي هڪ نہ بچيو
اکين هوندي بہ مُرس پٽن جي شڪل نہ ڏٺائين
زار زار لڪي روئندي رهي
پيشم جي ضد جي سزا ڀوڳيندي رهي
هڪ بہ پنهنجي کي ڪا ڳالھ مڃائي سگهي

هاڻي نپٽي سيدرا جي چوان؟
يا چوان ڪنهن امبا جي ڪٿا؟
يا چوان ورڪي ڪنهن ديوياڻيءَ جي ڪٿا؟
ڇگو ٿيو جو مادري سڙي مئي
اُرميلا جي حالت ڪنهن نہ سمجهي؟
نہ سمجهي شُمترا جي من جي پيڙا
تارا گهٽ ڪونہ زار زار رُني،
مندودريبہ تہ ڏاڍي ڏکي ٿي مئي،
بس وڌ ڇنو نہ پڙهي سگهندس.

مٺا جي ٻول ٻولين

— ايم· وي· ٻيماڻي

مٺا جي ٻول ٻوليندين،
ادل کھڙو ڪُٺي پوندين،
رڪين جي مُشڪ منهن تي تون،
ادل کھڙو لٺين پوندين.

١. جيئڻ جو فَنُ جي چاهين تون،
وهائي پيار جو ڌارا - ٢
نمين وڏڙن اڳيان جي تون،
ادل کھڙو گھٽي پوندين.

٢. دنيا جي بي مٺل مايا،
ٻُلايو پاڻ ڪان توکي،
سُڃاڻڻ لاءِ ڪرين ستسنگ
ادل کھڙو ٺٺي پوندين.

مٺا جي ٻول ٻوليندين،
ادل کھڙو ڪٺي پوندين.



نالو	:	ايم· وي· ٻيماڻي
جنم	:	١٥-٨-١٩٥٥ بانٽوا ضلع جھوناڳڙھ
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	ماستري
پتو	:	سوامي ليلاشاھ سنڌي جنرل پنچات، سنڌي اِسڪول، اونا (سوراشٽر)

ڪهڪشان

— ڊاڪٽر ارجن ''سڪايل''

(جپاني هائيڪو واريءَ صنف کي سنڌيءَ ۾ لکندي)

ڪنهن تصويرون چيو آهي تہ ڪنهن ٽسنا چيو آهي. ڪنهن ٽيڙو يا ٽپهري بہ چيو آهي. مون انهنکي تارن جي جهرمراهٽ يعني ''ڪهڪشان'' ڪري سڏيو آهي. پهرين ۽ ٽئين مصرع هم قافيہ ۽ يارهن ماترائن جي ٿيندين آهن ۽ وچين مصرح ۾ تيرهان ماترائون ٿينديون آهن. هن ڪهڪشان ۾ سنڌ جون ست سوُرميون ديدار ڪرائيندن ۽ ائين آهن ممتاز محل.

(۱)

ساري ملڪ ملير
ماندي آهي مارئي
هينئري منجهہ اُڪير.

(۲)

ڪونئرو جي هڪ رات
ڪيڏو قهر ڪري وئي
ليلا لئہ ظلمات.

(۳)

سُهڻي سُهڻا ٿانوَ
وڪڻي ٿي ميهار کي
مٿان نِمن جي ڇانوَ.

(۴)

آءُ تماچي آءُ
نوُريءَ جو ڏس نوُر
سُرهي هير هڳاءُ.

(۵)

راڻا مومل ڪاڻ
هيڪر ڏسُ تون اچي
سونهن ڪڍي سرهاڻ.

(٦)

ٻاروچل جي تان
ڦنهل اڄ آهي پري
رات بہ قهري رات.

(۷)

ٻيجل جا آلاپ
ٿي پيا راءِ ڏياچ لئہ
سورٺ جا ورلاپ.

(۸)

آهہ ڏنو آرام
تاجمحل ممتاز کي
ڪري پيئي وسرام.

نالو	:	ڊاڪٽر ارجن سِڪايل
جنم	:	عمر ۸۲ سال
ڇپيل ڪتاب	:	.
اِنعام	:	
پيشو	:	ڊاڪٽر
پتو	:	فلئٽ اي ۱۰۰، بلڊنگ نمبر ۱۰، سائين سدن، رتن نگر، ۴ بنگلو ايريا انڌيري (ويسٽ) ممبئي.

غزل

— پيتامبر جوڏاڻي

کهڙي نہ عجب جي هلچل
سرل ٿيڻ ڏاڍو مشکل

ناهي ڍاهي مالڪ تو
تڏهن بہ آهي من چنچل

راهہ نديءَ جي آ مقرر
هردم پوءِ چاجي کلکل

ويجهو ٿيان ڪيئن ڪمل جي
چوڌاري گهري دل دل

سونهن پلا اڄ ڪيئن ڏسون
چهري تي آهي آنچل

جاتي ڪاٽي زور ظلم
ناهہ خدا جي دل نرمل

صبح جڏهن اکڙيون کوليون
سورج کي گهيرو بادل

توسان ڪيئن احوالي ٿيان
تنهنجي ناهي منهنجي دل.

نالو	:	پيتامبر جوڏاڻي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	۳ سي.جي.، اِسڪيم ۷۴-سي، وجيہ نگر، اِندور.

غزل

— مکيش ٽلوڪاڻي

ڪجھ گذري، ڪجھ گذري ويندي،
تنهنجي منهنجي رهجي ايندي.


جا ڇولي تيزيءَ سان اُڀري،
ڏيري ڏيري لهندي ويندي.

ڇهري ٽي جا لالي آهي،
آخر هڪ ڏينهن رنگ مٽيندي.

منهنجي ياري توسان پيارا
سالن تائين هلندي رهندي

جا مکڙي بند ڪلي آ
نيٺ ٽڙي سهڻو گل ٿيندي

پل نه وسارين پوءِ به مڙا
”سوني“ تنهنجي ياد ئي رهندي.



نالو	:	مکيش نانڪرام ٽلوڪاڻي
جنم	:	٨-٤-١٩٧٥ بانٽوا (سوراشٽر)
ڇپيل ڪتاب	:	اخبارن ۾ ڪويتائون
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	٤١، سنڌُو ورشا سوسائٽي، آديپور (ڪڇ).

غزل

— ڪيمچند گوڪلاڻي ''ڪيمن''

١- مهڪ ماڻڻ جي　　اِجازت ٿي پوي
مُحِبَ جي اهڙي　　عِنايت ٿي پوي

٢. روز خوابنِ ۾　　اَچين دلدار تو
زندگيءَ ۾ اچ　　نزاڪت ٿي پوي

٣. مُنتظر آهيان　　تنهنجي ديدار جو
قُرب ڪر چاهي　　قيامت ٿي پوي

۴. ديوار دنيا جي　　ڍڪي سان دور ڪري
ناهي غمُ،　　بيشڪ بغاوت ٿي پوي

۵. فاصلن جا ڪر　　ڪٽي پردا پري
پوءِ پلي ڪنهن سان　　اداوت ٿي پوي


٦. بيدار جي راتيون　　ڏِسين بدحال جون
خود خوداريءَ سان　　شڪايت ٿي پوي

٧. دل سنديون آهون　　ٻه ٻڌ ويجهو اچي
غم گذاريءَ جي　　سناخت ٿي پوي

٨. پل پهر جي ئي　　ملي بخشيش جي
سُرڳ ڪان سُهڻي　　صداقت ٿي پوي

٩. سوغات ڏين جيڪر　　اِرادي عهد سان
عمر ساريءَ جي　　امانت ٿي پوي

١٠. ڪر شروع ''ڪيمن''　　وفا جو سِلسِلو
هيءَ ڪتابن ۾　　اِشاعت ٿي پوي.



نالو	:	ڪيمچند گوڪلاڻي ''ڪيمن''
جنم	:	١-١-١٩٣٩　　سانگهڙ سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	ڊاڪٽر
پتو	:	سيڪٽر ا، مڪان نمبر ٽ - ٢٩، جواهر نگر، جئپور.

ڪاش

— هريش شهدادپوري ”هرش“


اي ڪاش ! ڪوئي جيڪر منهنجو تہ هجي ها !
هرڪو پڏائي پنهنجو، پنهنجو تہ هجي ها !

جيون جي هر اُڏام ۾ پر ڦاسندا ويا،
ڪو پر چڏائڻ وارو، سنهنجو تہ هجي ها!

اهنجي لڳي هر گهري، اهنجن جي ايذائن سان،
ڪو هر هلائڻ وارو، اهنجو تہ هجي ها!

ساٿي تہ مليا ڪيئي، دم بہ دم، هرقدم،
قدم ملي قدم سان، سو ڪنهنجو تہ هجي ها !

ڏئي جان ويو ”هرش“ پرندو شمع جي خاطر،
ڪو قدر ڪرڻ وارو، تنهنجو تہ هجي ها !



نالو : هريش گيانچند شهدادپوري ”هرش“
جنم : ١-٦-١٩٦٥ اُلهاس نگر
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو : ريلوي ڊرائيور جي نوڪري
پتو : پدم پئليس، اي-١٨٧/٢٧٣، ڪرلا ڪئمپ روڊ، اُلهاس نگر ضلع ٺاڻا.

توکي نٿو وڻي

— شريمتي مينا سياڳاڻي ”شمع“

۱. مان سنڌي ساهت پڙهان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟
سيتا کان واقف ٿيان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟


۲. ٻولي ٿي پلٽي پوي، ساهت ٿو وڌندو رهي،
ڪجهه ان لاءِ خرچ ٻه سهان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟

۳. نوڙ نچوئي، وقت وڃائي، ڪلڪ ڪلا پچائن جي،
مان تن جو نه قدر ڪريان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟

۴. جيون جا ساٿي سڀئي پستڪ ثابت پي ٿيا هن،
سينگاري ڪٻٽ ۾ رکان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟

۵. نه گلا نه پرائي پچار، نه خوشامد ئي ٿي وڻي،
وقت واندي ۾ جو جيان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟

۶. شمع جي هڪ ئي آرزو، سدائين پئي رهي آ،
اڀياس ڪري لکندي رهان ٿي، توکي ڇو نٿو وڻي؟



نالو	:	شريمتي مينا هريش سياڳاڻي
جنم	:	۲۷-۲-۱۹٦۲ الهاس نگر
ڇپيل ڪتاب	:	ڪتاب هڪ، اخبارن ۾ رچنائون
اِنعام	:	
پيشو	:	پرنسيپال، جي. ايم. ساڌُو ويلا گرلس هاءِ اِسڪول ۽ جونئر ڪاليج، اُلهاس نگر
پتو	:	نندني ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، بلاڪ سي-۲٦ پرسان، اُلهاس نگر.

غزل

— پروفيسر شهدادپوري گيان ”پدم“


ساز دل جو وڄڻ لڳا،
راز دل جا کُلڻ لڳا.

پيار جي ڪنهن ڏنو به ڪجهه،
تار دل جي کڄڻ لڳا.

ساٿ ڪنهن جو اگر مليو،
خوف دل مان ڀڄڻ لڳا.

درد ڪنهن جو ڏسي ڪري،
چپر اک جا ڀڄڻ لڳا.

روئي ڏنو ”پدم“ جڏهن،
کِلڻ وارا روئڻ لڳا.



نالو	:	شهدادپوري گيان وريلداس ”پدم“
جنم	:	٨-١١-١٩٣٧ خيرپور ميرس سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	.
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽائرڊ، پرنسيپال
پتو	:	بلاڪ اي-١٨٧/٣٧٣ سامهون، پانچ دڪان چوڪ پرسان، اُلهاس نگر -٣ ضلع ٿاڻا (مهاراشٽر)

ٽرائيل


— ڪشن کوبچنداڻي ”رنجايل“

ٿي ڇو بيشرم آ، حقارت اوهان جي؟
سِکو شَرم ۽ مروت رکڻ به يارو؟

نهي ڪين ايڏي عداوت توهانجي !
ٿي ڇو بيشرم آ، حقارت اوهان جي؟

ڇو لغاري نعرا روايت توهان جي؟
سِکو وِک وفا ڏي به وڌڻ يارو !

ٿي ڇو شرم آ، حقارت اوهان جي؟
سِکو شرم ۽ مروت رکڻ به يارو.




نالو	:	ڪشن کوبچنداڻي ”رنجايل“
جنم	:	١-١-١٩٢٤ پِريا نوابشاهه
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ١٢
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير پرنسيپال
پتو	:	ايف - ١٣٧، ڪبيرنگر، احمدآباد.

هن نگر ۾

— دوارڪاداس اين. سنتاڻي

۱. ڏيئي هارڻ جي رسم آ گهڻي پراڻي،
عورت جلائي وڃي ٿي، هن نگر ۾.
۲. روُپ ڪروُپ ڪيو سماج جو، ڏائڻ ڏيتي ليتيءَ،
بڪُ ان جو ٿئي ٿي استري، هن نگر ۾.
۳. سَسُ ڪي ڪپي سون گهٽو، گهوٽ ڪي گهرجي ڪار،
ڪنوار آهه دوزخ ۾، هن نگر ۾.
۴. ساهرن ۾ نه رهي سچائي، پيڪن به منهن موڙيو،
وڃي سو وڃي ڪاڏي نينگر، هن نگر ۾.
۵. مهاتما آهن گهڻا، گرن جي ڪمي نه ڪائي،
سچ چوڻ وارو نه ڪوئي آهي، هن نگر ۾.
۶. وئشڻو ديويءَ جي پوڄا ٿئي هت گهڻي ٿي،
نگر جي ديوي نرادر آهي، هن نگر ۾.
۷. تنهائيءَ ۾ جلي جواني، ٿي ڪنوار جي،
گهوٽن لاءِ ڪليل بيئر بار آهي، هن نگر ۾.
۸. منائي خوب خوشيون، مڙس ٿو يارن سان،
تنهائي نصيب آهه نينگر کي، هن نگر ۾.
۹. پئنچايتون آهن گهڻيون، پر فڪراتن هالن جو،
ڪورٽن جا چڪر ڪاٽين ٿيون نُهرِ، هن نگر ۾.




نالو : دوارڪاداس.اين. سنتاڻي
جنم : ۱۷-۱۲-۱۹۲۸ لڙڙي حاصران ، وراهه لاڙڪاڻه
ڇپيل ڪتاب : -
اِنعام :
پيشو : وڪيل
پتو : بلاڪ ۵۸۶/۳ ۽ ۴، او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر - ۲.

غلطي نہ ڪر

— ٽيڪچند "مست"

تون نگاهن کي ملائڻ جي وري غلطي نہ ڪر،
جي مليون نظرون، هٽائڻ جي، وري غلطي نہ ڪر.
جي قدر ڄاڻن نہ ٿا، تنهنجي محبت پيار جو،
لڙڪ، تن جي لئہ، وهائڻ جي، وري غلطي نہ ڪر.
خون جا رشتا، ڏين دوکا، لٽن سک چين ٿا،
تن کي تون پنهنجو بڻائڻ جي، وري غلطي نہ ڪر.
آزمائي ڏس وفا حاصل ٿئي توکي ڪٿان،
بيوفا سان دل لڳائڻ جي، وري غلطي نہ ڪر.
ٿو ٿئي اِظهار، مشڪل سان، ڪڏهن جذبن جو هت،
دل جي، جذبن کي، دٻائڻ جي، وري غلطي نہ ڪر.
سور، تون، سيني ۾ سانديِ رک، زبان سان ڪجھہ نہ چئہ
حال دل جو تون پڌائڻ جي وري غلطي نہ ڪر.
ڇڏ وساري غم تون پنهنجا اچ، اچي ڪي ٽهڪ ڏي،
تون، خوشي پنهنجي، دٻائڻ جي، وري غلطي نہ ڪر.
مُرڪ مشڪل سان ٿي ملي، شخص هر مايوس آ،
"مست" ماڻهن کي، ستائڻ جي وري غلطي نہ ڪر.



نالو : ٽيڪچند رواڻي "مست"
جنم : ١٥-٢-١٩٣٨ چوهڙ جماڻي سنڌ
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٨
اِنعام :
پيشو : ليکڪ، جنرلسٽ
پتو : فليٽ نمبر ٣٠١، شلپا اپارٽمينٽ، سيڪشن ١٨، اُلهاس نگر.

بيت

— ڊولڻ ”راهي“


١. ٻاهر ٿي اونده، ايڏو وياڪل ڇو ٿئين؟
اکيون ٻُٽي ڏس چؤطرف، من تان پردو لاهه،
سالم جي ساڃاهه، انڌيرو روشن ٿئي!

٢. سِپ ۾ سِواتي نِکت جي، بوند بڻي موتي،
منهنجي اندر پريم جي، ڏارا تو اوتي،
جرڪي ٿي جوتي، روم روم روشن ٿيو!

٣. هجي ٻه ڪنهنکي ڏانئُہ، ضبط رکي جو پاڻ تي،
مان تہ رهيس خاموش پر، ڦريو اوچتو هانءُ،
نيڻن تنهنجو نانءُ، لڙڪن سان مُنهن تي لکيو!

٤. گُذري هاءِ جمار، پاڇن جو پيڇو ڪندي،
تو تائين منهنجي مگر، پهتي ڪانہ پُڪار،
ورهين جا ويچار، ويڙهي ويا وجود کي!

٥. منڙا ڪيسين پيو ڪندين، پاڇن جو پيڇو؟
رُڃَ پُٺيان ڀٽڪين پيو، ديوانو ٿي ڇو؟
پري ٿي وئين پاڻ کان، وڌندو ويو ويڇو،
واٽ وٺين ٻي ڇو، تنهنجو ماڳ تہ اندر!



نالو : ڊولڻ راهي
جنم : ٦-٧-١٩٤٩ اجمير
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٤
اِنعام :
پيشو : ليڪچرار، آدرش سينئر سيڪنڊري اِسڪول، اجمير
پتو : ٦، سرواڻ هائوس، شري نگر روڊ، اجمير.

ڪرم بنا

— ڪيول ”مسافر“

ڪنهن ڪيتري ڪمائي ڪئي ۽ ڪير ڇا ٿو ڪوهي،
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُتِ بہ روئي!

١. آش گهٽي پر جيون ٿورو، رهجي ويو سو ڪورو،
پياس گهٽي پر جيون اڌورو، ٿي ويو سو پورو!
بيڪار ۾ ويو سميہ گذري، سو ٿو پيڙا کي ڍوئي!
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُتِ بہ روئي!

٢. جوانيءَ ۾ جذبو جاڳيو ۽ مقصد جو پيو پايو،
پر سوارٿ آڏو آيو، حسرتن پڻ ڇار وڇايو،
سو دک نچوڙين ٿا اِئين جيئن ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي!
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُتِ بہ روئي!

٣. خواهش جو ڪنڌر ڪڙو ٿيو، منش جو ايمان وڏو ٿيو،
اهنڪار جو آواز آيو، ڪروڌ تنهنکي خوب نپايو،
سو سک ڇڏي دکن کي، اِنسان خود ٿو سوهي،
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُتِ بہ روئي!

٤. ديپڪ مان جيئن تيل رجهي، رفتہ رفتہ ٿو ٽيج گهٽي،
اِنسان جو وس نہ هلي ڦٿڪي ڦٿڪي ٿو ساه ڇڏي!
سوچي بہ ٿو اِنسانِ، پر حوس ڇڏي ٿو موهي،
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُتِ بہ روئي!

٥. جرا مرتيو اچٽي آهي، ڀلا ڪير ٿو پاڻ بچائي،
هي مايا جو چلٽو اهڙو، منش ٿو پاڻ وڃائي،
نيچ نسوارٿ جي گهاٽي ۾ ٿو پاڻ ئي پاڻ کي ڳوئي،
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُت بہ روئي!!


٦. هي آلم جو سفر آهي، قدمن جا نيشان ڇڏيندو،
ڪرم ئي پوءِ اُتي، تنهنجو منهنجو اِنصاف ڪندو!
”مسافر“ جت سنمک ٿيندا، اُت وس نہ هلندو پوءِ،
ڪرم بنا اِنسان ادا، هِت بہ روئي هُتِ بہ روئي!

نالو : ڪيول ”مسافر“
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو :

نياپا سرحد تان

— بلوُ چوئٿاڻي

وير شهيد ٿيا جنهن تي، اُن مٽيءَ کي سر لايون،
اڇن پيا نياپا سرحد تان، اسان بيخبر آهيون.
اونهاري ۾ واچوڙي سان، واري وَرندي آئي،
اچي ڇپائين هڪڙو پيرو، هل سرحد تي پائي.
ڏِس ڪيئن ريگستاني ريت ۾ پهرو ڏين ٿا وير،
ديش جي رکشا لاءِ لُڪُن ۾، ڪيئن ٿا تپن شرير.
هتي پگهر ٿي پيڙا ڏئي ٿو، پيا ٿا پاڻ لڪايون،
اڇن پيا نياپا سرحد تان، اسان بيخبر آهيون.
چوماسي جي کِوڻ ڪچي ۾ ڪارا بادل آيا،
جل سينا جي جيون جا، برسات بہ حال سٽايا.
لڪين اڇن لوڏا لهرن جا، يا سمنڊي طوفان،
هر ناممڪن، ممڪن ڪن پيا هندستاني جوان.
اسان ڪنارن تي ٿي پيا، موجن سان مستي ماڻيون،
اڇن پيا نياپا سرحد تان، اسان بيخبر آهيون.
برفيلي چوٽين تان ڪاهي، سرد هوائون آيون،
پهري تي ڊٽيل فوجين جون، ڳالهيون عجب ٻڌايون.
چاليهہ ڊگري هيٺ آ پارو، آڪسيجن گهٽ آهي،
تہ بہ فوجين ۾ ديش جي شيوا جو جذبو گهٽ ناهي.
جن قرباني ڏني وطن لاءِ، تن لاءِ سيسُ نوايون،
اڇن پيا نياپا سرحد تان، اسان بيخبر آهيون.



نالو	:	بلوُ ٽڪچند چوئٿاڻي
جنم	:	١-٩-١٩٤٧ منياٽي - نوشهرو . نوابشاهہ . سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٥
اِنعام	:	
پيشو	:	سرڪاري نوڪري
پتو	:	ٽي-٢٦، سئنڪ ڪالوني، سنت هردارام نگر، بيراڳڙهہ، ڀوپال.

٨. گل روپي لفظ ڪيئي، ٻين ٻولين سندا ڳڏيل،
بڻي گلزار گلدستو، سنڌي ڀاشا سدا ٺڙيل.

٩. وجو پرديس مُلڪ ڪوئي، سِکي ويندا اُنهن ڀاشا،
ڪرامت سڀ ٻاوَن اکري، سنڌيءَ ٻوليءَ سندي آشا.

١٠. پنجابي پارسي پشتو، مرهٽي مارواڙي آ،
اُڙيا اُڙدو انگريزي ۽، گجراتي بهاري آ.

١١. ڪڇي ڪانڙ ملايالم، توڙي تامل تيلگو آ،
اکر سڀ ڪان گهٽا آهن، سِک سنڌي سٺانگو آ.

١٢. سنڌي ساهتيه ۾ آهن، هزارين ڇاپيل پستڪ،
پريو آهي علم اِتهاس، آتم گيان ۽ منطق.

١٣. رسالو ”شاهہ“ جو تن مان، سلوڪ صاف ”ساميءَ“ جا،
شعر ”بيوَس“ ”ضيا“”گل“ جا، ”عزيز“ يار ”عاصي“ جا.

١٤. پڇن ”پهلاج“ ”ٽيئون“ جا، غزل ”بيڪس“ ۽ ”بيدل“ جا،
پڙهو ديوان ”آسوُ“ جو، ڪلام ”سچل“ ۽ ”روحل“ جا.

١٥. هلي ويئي هٿن مان سنڌ، ڇڏي سنڌ ڪي ٻہ آياسون،
مگر سنڌي وساريو نا، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پاليا سون.

١٦. اگر سنڌي لپي ويئي، ٻوليءَ جو الله واهي،
پلي ڀاشا ٻُلائي ويا، ٿيندو اِتهاس پيي راهي.

١٧. آهيو سنڌي لکو سنڌي، پڙهو سنڌي لِپي ٻولي،
نپيا اُن ۾ وري جنهن ۾، ڏني ماءُ تو لولي.

١٨. اگر ڇٽ ساهتيه ٿيندو، رهن هن قوم جو مشڪل،
اسان سڀ ”بيوطن“ ٿي پيا، رهنداسين هتي بلڪل.

سنڌي ٻولي

— مورومل چيتنداس ڏانڊا ''بيوطن''

١. اسانجي آ سنڌي ٻولي، ڪهڙي سنڌي تہ سونهاري،
وٺي آواز ويدن مان، سنسڪرت مان ٿي جاري.

٢. اسانجي هيءَ عربي سنڌي، لپي سُهڻي سٺي آهي،
اکر ٻاونجاهہ جنهن ۾، اهڙي ڀاشا اُچي آهي.

٣. علحدا روپ اکرن جا، شروع وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾،
ڪري ميلاپ موهيندڙ، نزاڪت نار واريءَ ۾.

٤. سڄو ماندارُ منڊل آ، لڪيرن نؤڪ نقطن تي،
ٻُرين ليکن جي گهٽ وڌ سان، اکر جوڙيون پن پن سي.

٥. زيرون زبرون صفا سؤڪيون، اُچارن شد بنائين ٿيون،
صفاتن کي چڙي چڙيون، صحيح تہ بہ لفظ پڙهائين ٿيون.

٦. لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ هيءَ، سنڌي سُهڻي صحيح ڏسجي،
عجب واري انوکي سا، سنسڪرت جي پنيان پسجي.

٧. عربي پارسي اُڙدو، جنهن جي موڙ ساڳي آ،
اٿن آواز ساڳيا ڪي، سڄي ڪان جوڙ ساڳي آ.

نالو	:	مورومل چيتنداس ڏانڊا ''بيوطن''
جنم	:	١٢-٧-١٩١٣ ٽنڊو فضل ضلع حيدرآباد سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٨٠
اِنعام	:	چانديءَ جا ميڊل سماجڪ ڪارين جي روپ ۾
پيشو	:	اڪائونٽنٽ راجسٿان گورنمينٽ رٽاير
پتو	:	١١/٥٤٩، مالويہ نگر، جئپور

مضمون

اِلتجا


— ڪنعيو ”ديپڪ“

١. ڪري مون اِشارو - وساري نہ ڇڏجو،
وهاري اکين ۾ - اُڻاري نہ ڪڍجو.

٢. آهيان پروسي توهانجي - تنوار آ توهانجي،
ڪري پوءِ بيگانو - ٻُلائي نہ ڇڏجو.

٣. من ۾ اُڪير ڏاڍي - جهوري لڳل آ توهانجي،
برهہ جي آگ ۾ - جلائي نہ ڇڏبو.

٤. تڙڦي رهي آ دلڙي - پاڻيءَ بنا مڇلي،
’ديپڪ‘ اُنجي لاٽ ڪي - وسائي نہ ڇڏجو.



نالو	:	شاديجا ڪنعيو ديپڪ
جنم	:	١-١-١٩٤٣ ماڙي سکر
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	سرڪاري نوڪري پوسٽ ماستر.
پتو	:	٥- ٽلاوَ روڊ، بانٽوا.



ايڪويھين صديءَ ۾ سنڌي ناول آڏو للڪارون

— ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

اِتهاس ۾ نئين سنبت صديءَ جي اِستاپنا اهم گهٽنائن ۽ مهان شخصيتين جي ياد ۾ ٿيندي آهي. اِنڪري هر سماج ۽ سنسڪرتيءَ جا پنهنجا پنهنجا سنبت ٿيندا آهن. جيئن راجا وڪرمادتيہ جي ياد ۾ وڪرم سنبت، اِسلام ڌرم جو هجري سنبت، شاڪ سنبت ۽ اسانجي هندو ڌرم موجب وقت جي ڳڻپ. ايڪويهين صدي عيسيٰ مسيح جي ياد لاءِ آهي پر جهڙيءَ طرح پرچار پرسار ٿيو، واپاري ورتي ۽ وگياپن نظر آيا، تن تہ اِهوئي ثابت ڪيو تہ عيسيٰ جا سڏانت شانتي، ديا، ڪروڻا، پريم جهڙا اِنساني ملھ واپاري ورتين هيٺان دٻجي ويندا.

اِئين اسانجي هندو ڌرم جي مڃتائن موجب سنسڪرت ڪال ڳڻنا جي خيال کان ارڙهين مارچ ١٩٩٩ تي ڪلجڳ جو پنج هزار هڪ سؤ هڪ سال شروع ٿيو. سنسڪرت ڳڻپ کي ''منونتر ڪلپ'' ۽ يگ ۾ ورهايو ويو آهي. ڪلجڳ چار لک ٻٽيھ هزار اِنساني ورهين جو ٿيندو آهي ۽ هن سال ڪلجڳ جا پنج هزار هڪ سؤ اِنساني ورهيہ گذري چڪا آهن، جڏهن ڪِ مغربي وقت جي ڳڻپ ايڪويهين صديءَ ۾ وقت جي ڳڻپ سال مهني جي حساب سان ٿيندي آهي ۽ ڀارت سرڪار بہ اِهائي وقت جي ڳڻپ مڃي آهي.

سانسڪرتڪ نظرئي کان ملينيم کا اهم گهٽنا ڪانهي. اسين جنهن درشن ۾ وشواس ڪريون ٿا، اُتي هر پل جي آخرت ۽ هڪ نئين شرعات گڏوگڏ ٿينديون آهن. اِنڪري هر پل هڪ منٽ جي ٻچاڙيءَ ۾ ملينيم جي شرعات آهي. اسين رواجي جيوَن ۾ ڏسي رهيا آهيون تہ ماڻهن جي چاڻ وڌي رهي آهي. تمام تکي رفتار سان ڊکي رهي آهي پر سنويدنائون صِفر (شونيہ) ٿينديون پيون وڃن. سنسڪرت ودوان ڪلاناٿ شاستريءَ مڃيو آهي تہ ايڪويهين صديءَ جي ادب ۾ لفظ تہ گهڻا هوندا پر سنويدنائن کان خالي هوندا. اڄ ڪاغذ جي جڳهہ ڪمپيوٽر چپس ورتي آهي. چاڻ ۾ واڌاري جي نتيجي طور نثري ادب وڌندو پر اهو بہ چاڻ وڌائيندڙ ئي هوندو.

اسانجو واسطو ساهتيہ سان آهي ۽ ساهتيہ جو واسطو ڪلپنا شڪتي ۽ سرجن سان آهي. اولهہ جي ملڪن جدا جدا تجربن مان اِهو ثابت ڪيو آهي تہ ايندڙ صديءَ ۾ ڪلپنا شڪتي اسي



نالو : ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

عهدا : ميمبر - راڄ سنڌي اڪادمي، مرڪزي ساهتہ اڪادمي.

ڇپيل ڪتاب : ڪل ٢٠، ڪهاڻيون، مضمون، آلوچنا، درسي ڪتاب.

اِنعام : اين.سي.پي.ايس.ايل. پاران / ١٥٠٠٠، راڄ.اڪادميءَ پاران ٽي دفعا.

پيشو : ليڪچرار، سنڌي گورنمينٽ ڪاليج، اجمير.

پتو : اي - ٣، نهرو نگر، اجمير. فون : ٤٤١٣٢٦.

جي چونڊ عمدن ناولن جا ترجما ڪيا ۽ پوءِ ھين به وِڪ وڌائي.

اصلوڪا ناول:

سنڌيءَ ۾ اصلوڪا ناول لکڻ جي شروعات جو شرف به مرزا قليچ بيگ کي آھي. ھن ۱۸۸۸ع ۾ دلارام ۽ ۱۸۹۰ع ۾ زينت ڇپارايا. ديوان پريتمداس لالچند امرڏنومل، پيرومل مھرچند، ڊاڪٽر گربخشاڻي، گلي سدارنگاڻي، رام پنجواڻي، نارائڻداس ڀمڀاڻي وغيره جا جدا جدا موضوعن تي لکيل ناول آيا. اھي ناول ئي پوءِ جي ناولن جو بنياد بڻيا. ڀارتيه ٻولين مان ترجمن جي زوردار لھر آئي. خاص ڪري جڳت آڏواڻيءَ جي ڪھاڻي رسالي ذريعي، مالھي ڪيرت داس طالب، جيوت چاولا وغيره.

ترجمن جو اِھو دور آزاديءَ بعد جا ڪجھ سال به زور شور سان ھليو ۽ آزاديءَ بعد جدا جدا ڌارائن جا ناول ڇپيا. جن ۾ خاص آھن- ترقي پسند ڌارا (ڪٽنبي ۽ سماجڪ مسئلا، ڪئمپن جي زندگي، شان جا آزادي مسئلا، سنڌيت جي جذبي سان واسطو رکندڙ ناول). ھنن ’ڪلا زندگيءَ لاءِ‘ ۾ عقيدو رکندي جيڪي لکيو، اُن ۾ نقادن کي ”ڪلا“ گھٽ نظر آئي، اھي پر-مقصد ناول مقبول نه ٿيا. نه به نقادن موجب ڪلا جي بلندين کي نه ڇھي سگھيا. ھن ڌارا جا اھم ليکڪ آھن- مالھي، ڪلپنا، سندري، تارا، ڪلا پرڪاش، پوپٽي، چندولعل، آنند گولاڻي، رام پنجواڻي، ھاسانند مامتورا، ھري موٽواڻي، ھرِي ھمٿاڻي، ڪرشن کٽواڻي وغيره وقتائتي اھميت وارن اِنھن ناولن ۾ سنڌيت جي جذبي وارا خاص اھميت رکن ٿا. جو ورھاڱو ڪو رواجي ڏڪو نه ھو. مالھيءَ مٿي ذڪر ڪيل سڀني موضوعن تي ناول لکيا.

جڏھن ”ڪلا زندگيءَ لاءِ“ جو ويچار حاوي ٿيو ته شخصي آزاديءَ جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪ انجي خلافت ۾ اُٿي کڙا ٿيا، خاص ڪري لعل، گنو ۽ موھن جي ترمورتي من جي ڳنڍين کي کولي، سوچ جي اندرين تھن کي ڏونڌاري، ڪي ڪلاتمڪ ناول ڏيئي سگھيا. ھين ٻولين وانگر من ڇيد وارا ناول پڻ سنڌيءَ ۾ آيا، جن ۾ پرم، شيام جئسنگھاڻي، ڪرشن کٽواڻي، موتي لعل جوتواڻي، رينا شھاڻي، تارا ميرچنداڻي، ڪلا پرڪاش، نامديو تاراچنداڻي وغيره جا لکيل نھايت سوجھ ٻوجھ سان ڪِردارن جي مانسڪ واڌ ڦتائتي نموني ڏيکارين ٿا. حياتيءَ کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪندي ٿيندڙ گھٽنائن جي تھن ۾ وڃڻ جي مانسڪ پرڪِريا ۽ منن ڪرڻ وارا ثابت ٿيا آھن.

زندگيءَ جي مُلھن تي جدت جو دٻاءُ ۽ پرڪرتي واد، يون واد، نريشور واد، ھستي واد وغيره نين ويچار ڌارائن جي اچڻ سنڌي ليکڪن تي به اثر وڌو ۽ اھڙي ارٿ ھيڻ حياتيءَ جو چِٽ تجرباتي ناولن جي روپ ۾ چِٽيو ويو، جن ۾ لعل پشپ، شيام جئسنگھاڻي، آنند کيماڻي، نارِي پدم، موھن ديپ جا نالا خاص ذڪر لائق آھن. ھن ذخيري جو ذڪر ڪرڻ اِنڪري ضروري سمجھيم، جو ايڪويھين صديءَ جي للڪارن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ناول نگار تيار رھندو. اِھو ڏسڻ لاءِ اِتھاس جي ڏاڪن تي ليئو پائڻو پوندو، اِتھاس ۾ ئي آئينده جا اُھڃاڻ لڪل آھن. ڇا ھر دور ۾ ھن ڪلا سان نڀايو آھي؟ مان ڪنھن به ڌارا جي اھميت گھٽ يا وڌ ثابت ڪرڻ نٿي چاھيان. فقط اِتھاسڪ پس منظر ذريعي وشيه کي کولڻ جي مراد اٿم. ظاھر آھي ويچارڪ ۽ فني سطح تي لکيو نه ويو آھي ته به بقول ھيرو شيوڪاڻي- ”سنڌي

سيڪڙو گھٽجي ويندي. ڄاڻ وڌندي پر انجو دائرو محدود هوندو. دوردرشن، جنهن کي ذهين طبقو 'ٻڌو ٻڪسو' چوندو آهي يا ڪمپيوٽر مان ملندڙ ڄاڻ ئي ٻار حاصل ڪندا. جديد اولهه جي ملڪن ۾ ارڙهن ورهين جو ٿيڻ تائين ٻالڪ ٣٥،٠٠٠ فاحش ۽ هنسڪ فلمون ڏسي چڪو هوندو، جيڪي سندس وهنوار جي مقرري ڪنديون. اولهه جي هن سڀيتا جو اثر ڀارت تي ۽ سياويڪ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين تي پوندو، جنهنجو عڪس ناول ۾ پسبو.

اڄ غير سلامتي ايتري قدر آهي جو پرڌان منتري، مکيه منتري ۽ ڪيترا وڌيڪ هنسا جو شڪار ٿين ٿا ته عام ماڻهن لاءِ سلامتيءَ جو ساهه کڻڻ جي سوچ ته لنولي لڳي ٿي. اهڙي دنيا ۾ اديب کي پيهر پنهنجي ڀومڪا جي تلاش ڪرڻي پوندي. هو دنيا کي بهترين ۽ اِنسانيت سان پُر چاهي ٿو. پر دنيا جي ڊوڙ ۾ شامل آهي. ڪهڙي شرط تي هُو دنيا ۾ رهي، دنيا جي شرط تي يا پنهنجي شرط تي، هر اديب لاءِ اِهو مونجهاري ڀريو سوال آهي.

منهنجي پيپر جو اڄ جو وشيه آهي

ايڪويهين صديءَ ۾ سنڌي ناول:

ناول ادب جي بيحد اثرائتي ۽ اهميت واري شاخ آهي، جو اُن ۾ ادب جي سمورين صنفن جي خوبين ۽ خوبصورتيءَ کي پاڻ ۾ سميٽڻ جي شڪتي آهي. ناول ۾ ڪهاڻي ته آهي ئي، گڏوگڏ وقت به وقت اهو ڪويتا مثل جذبات جو چوهه ۽ سنويدنا ڄاڳائي ناٽڪ سان يڪو موجودگي قائم ڪري ٿو. هن ۾ مضمون جهڙي چنتن جي گهرائي به آهي، ناٽڪ مثل گفتگو ۽ ديش ڪال جو چٽ موجود آهي، حياتيءَ سان وابسط هر ڳالهه سياسي، سماجي، وگيانڪ، اِتهاسڪ يعني هلڪي کان هلڪو ۽ اونهي کان اونهو ويچار ناول ۾ جڳهه پائي ٿو. مئرين فوڪس ناول کي جيبي ٿئيٽر (Pocket Theatre) نالو ڏنو. ناول جي محدود يا وسيع هجڻ جي ڪابه حدبندي ڪونهي. پنجاه صفحن کان هزارين صفحن تائين ٿي سگهي ٿو.

ناول ڇا آهي، اُن جا ڪهڙا عناصر آهن ۽ ڪهڙو وڌيڪ اهم آهي، ڪهاڻي، واقعا، ڪردار، ديش وقت، جاءِ، گفتگو؟ ۽ ايندڙ صديءَ ۾ انهن عناصرن ۾ ڪهڙي تبديلي ٿيندي. ڪردار اِنسانن عيوض روبوٽ، ڪمپيوٽر چپس، ٽون-مان، ٻڌو-ٻڌي ٿيندا. ماحول گهر بنگلي آفيس کي ڇڏي سائيبرڪيفي، سيوَن اِسٽار هوٽلون هنسا، اٽو پرماڻو لڙايون بيهندو. پيشڪش ۽ ڀاشا ته ٿيندي ئي تبديليءَ سان سروبار آهي. نئين شبداولي جهجهي تعداد ۾ شامل ٿيندي، گفتگو ۾ اي.ميل، موبائيل، ٽيليفون جو گهڻو واهپو ٿيندو، مقصد کي نوان آيام تلاشڻا پوندا. ان سموري وستار کان به مان پاڻ بچائيندس. ناول ادب جي ڪهڙي اُصول جي پنيرائي ڪري ٿو؟ ڪلا ڪلا لاءِ يا ڪلا زندگيءَ لاءِ؟ سنڌي ناول جو اِتهاس پس منظر ڇا آهي؟ اِن سموري اُپٽار کان پاڻ بچائيندي، مان پنهنجي پيپر جي بنيادي موضوع تي اچان، ان کان اول غير واجب نه ٿيندو، جيڪڏهن بيحد مختصر روپ ۾ سنڌي ناول جي شروعات آزاديءَ بعد جي ڀومڪا بابت ٻه لفظ چوان.

ترجمي وارا ناول:

سنه ١٨٤٣ع کان انگريزن جو راڄ شروع ٿيڻ تائين سنڌي عالمن انگريزيءَ جو اڀياس ڪندي، انگريزيءَ جو محاورو حاصل ڪري ورتو. سنه ١٩٠٧ع ۾ ساڌو نولراءِ ۽ اُڌارام ٿڌجي ڊاڪٽر جانسن جي راسي لال جو سهڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سنه ١٩١٠ع ۾ مُکي سيرومل ناگراڻيءَ ٢٨ ڀاڱن ۾ چندر ڪانتا سنتتيءَ (هندي) جو ترجمو ڪيو. ١٢-١٩١١ع ڌاري مرزا قليچ بيگ انگريزيءَ

ٻيون- چاڻ جو وسفوٽ:

يورپ ۾ ناول آڏو ايندڙ للڪار ڏانهن اِشارو ڪندي اي. ايم. فوسٽر چيو: ”ناول لاءِ خطري جو ٻيو اِمڪان چاڻ جو وسفوٽ ۽ وگيان جون کوجنائون آهن. جيتري تکي رفتار سان چاڻ جو دائرو وڌي رهيو آهي، اوتري تيزيءَ سان ناول نگار لاءِ پنهنجي مانسڪ واپارن کي بدلي سگهڻ ممڪن نه ٿي سگهندو. ڇا اِنساني سڀاءُ تبديل لائق آهي به؟ جيڪڏهن نه ته آئينده جي حياتيءَ ۾. حياتيءَ جي مڙني کيترن ۾ وڌندڙ اٿاهه چاڻ کي پڪڙي سگهڻ ناول نگار لاءِ ممڪن ٿيندو يا نه؟“ جو ناول زندگيءَ جي آرٽ- گئلري ئي ته آهي. جنهن ۾ اُن دور جا اِنسان جيئرا جاڳندا، محبتون نفرتون ڪندي، وڙهندا، بدلا وٺندا، روئيو ۽ کليو، محبوبن جا اِنتظار ۽ ملاقاتون ڪندا، حادثات ۽ واقعيات ۾ لڙهي وڃڙندا، ملندا نظر ايندا آهن. وگيان ڪيتري به ترقي ڪري، اِنساني جذبن کي دٻائي، سنويدنا کان خالي ڪري ته به سنويدنائون ڇا مرڻ جون آهن؟ هتي اِهو ڏيان طلب آهي ته عمومن سنڌي ڪٽنب ٻين پارتواسين ڪٽنبن جي ڀيٽ ۾ پوتڪ شيون اِستعمال ڪرڻ ۾ وڌيڪ تڪڙا آهن، پر سماجڪ مريادائون ٽوڙڻ جي معاملي ۾ ڊڄڻا يا سنڪوچي به آهن. اِهوئي سبب آهي جو سنڌيءَ ۾ لکيل تجرباتي ۽ من ڇيد وارا ناول، هڪ خاص طبقي جي محدود پاٺڪن جو ڌيان ڇڪائي سگهيا. جڏهن ڪِ ترقي پسند دور جا ڪِردار نگاريءَ وارا توڙي ماحول پرڌان با-مقصد لکيل ناول نه رڳو بيحد مقبول ٿيا پر تڏهن ماڻهو پئسا خرچي اِنتظار وڃان، جهجهي چاهه سان انهن کي پڙهندا هئا. مونکي ياد آهي، سٺ-ستر واري ڏهاڪي ۾ پنهنجي وديارٿي جيوَن ۾ اسين لئبررين مان اهي ڪتاب وٺي پڙهندا هئاسين ۽ واري وٽيءَ سان ورهائي کڻندا هئاسين. هر شهر ۾ انهن ناول مالائن جا ساليانا گراهڪ به هوندا هئا ته بوڪ سيلرن وٽ اهي وڪامندا به هئا. ڇوڪرين جي مائٽن لاءِ اِها پريشاني هئي ته ڇوڪريون سڄو ڏينهن ناول پڙهنديون ته گهر جا ڪم ڪڏهن سگهنديون.

تيرٿ بسنت موجب ساهتيه آهي اثر پذير دل جي آهه، جا ڪڏهن خوشي، ڪڏهن رنج سبب اندر مان ٿي نڪري، جيون ۾ جيڪو رنگ ترنگ، هرک شوک، اُجالو اونده آهي سو ساهتيه دواران عڪسجي ٿو.

ورهاڱي بعد سنڌي جاتي ٻير ڪوڙڻ ۽ ڪئمپن جي حياتيءَ جون جيڪي تڪليفون ڏٺيون، اُن سان واسطو رکندڙ ناولن جو هوند هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو وڃي ته سيني لاءِ پريرڻا دائي ٿي بڻبو. مڪاني ماڻهو جي اسانجي تڪڙي ترقيءَ تي حسد رکندا آهن، اُنهن جي دلين ۾ پريم ۽ شرڌا جاڳندي ۽ اُن منووگيانڪ سچ کي هڪ مقرر ڪندا ته جيڪو سنڌي مالي طرح ٿوروئي مضبوط ٿيڻ بعد اجهي جو سوچيندڙ آهي.

موهن ڪلپنا جو ”جلاوطني“ ناول جنهن ۾ سنڌ ديش جي اٿاهه محبت سمايل آهي. ورهاڱي جي ٽيهن ورهين بعد لکيل هن ناول ۾ ليکڪ اجنبي پِٽي ۽ جلاوطني جي سخت پيڙا جو ذڪر ڪيو آهي. ايترو شديد نموني جو سنڌ ۾ طارق اشرف اهو ڇپايو ته ڪيس ۲۲ مهنا جيل جي سزا ملي.

ٽيون- نقاد:

يورپ ۾ ناول لاءِ ٽئين خطري جو ذڪر ڪندي رئلف فاسڪ چيو آهي: ”اڄ جي نقاد کي هر هفتي ميلن تائين پکڙيل ڇپيل پنن جي سڄي ۽ ڪک ڪندڙ گپ ۾ تڙقڻ ۽ نقلي پاونائن

ناول يڪسان روپ ۾ موضوع خواهه ٽيڪنيڪ، ڀاشا خواهه عبارت جي لحاظ کان ٻين مکيه ڀارتي ٻولين جي ناول جي ڀيٽ ۾ نهايت غريب ۽ هيٺو آهي'' يا سنڌي ترقي پسند دور جا سڀ ناول ردي آهن يا لال جو چئلينج هڪ نه انيڪ ڀيرا ته سنڌيءَ جا ناول بيڪار آهن.

عالم آشڪار آهي ته ناول يورپ ۾ گهڻو اڳ جن اوچاين تي هو، اُنهن کي سنڌي ناول اڄ به ڇهي نه سگهيو آهي، جڏهن اُتي جي آلوچڪن ئي ناول آڏو ايندڙ للڪارن کي نه رڳو محسوس ڪيو، پر پائڪن کي به آگاهه ڪندو رهيو ته سپاويڪ سنڌي ناول آڏو اهي للڪارون ته آهن ئي، گڏوگڏ واڌو حالتن ۾ مخصوص سنڌي ڀاشا، ادب ۽ سقافت آڏو ايندڙ سمورا خطرا سنڌي ناول لاءِ به سينو ساهي بيٺا آهن.

يورپ ۾ ناول آڏو ايندڙ سنڪٽ کي ٽن دشائن مان ايندڙ سنڪٽ جي روپ ۾ ڏٺو ويو.

ڇپريون- پرڪاشن:

پرڪاشن جي وڌندڙ قيمتن کي ڪٽي رونالڊ هئمن چيو، ''ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ جي عادت ڏيري ڏيري گهٽجي رهي آهي. اوڌر تي يا لئبرريءَ جا ڪتاب پڙهڻ جي عادت وڌي رهي آهي. اُن سان ناول نگار جي جيوَن جو اِستر به گهٽيو آهي ته لکڻ جي اِستر تي به اثر پيو آهي.''

سنڌي ناول ٽن ڏهاڪن کان ان خطري سان مقابل آهي جو هتي شروع کان ئي پائڪن ۾ خريد ڪري پڙهڻ جي عادت نه رهي آهي. ليکڪ خود ئي پبلشر آهي، سندس به چار ڪتاب وڪامن ته وڏي ڳالهه ٿي. سرڪاري ٿوڪ خريديءَ کي ڇڏي ڪري سوَ ڏيڍ ڪاپيون سوڪڙين-پاڪڙين ۾ وڃن، اُنهن مان به خبر ناهي ڪيتريون پڙهڻ ۾ اچن. خاص ڪري صوبائي اڪاڊمين جي ڪري ڇپائيءَ جو مهانگو ٿيڻ ليکڪ لاءِ ايتري وڏي چئلينج جي روپ ۾ نه آيو آهي. هتائين انهن اِدارن جو غلط استعمال ٿيڻ ڪري غير معياري يا گهٽ معياري ناولن جو تعداد وڌيو آهي. نتيجن آڱرين تي ڳڻڻ جيترا پڙهندڙ به ناول پڙهڻ جي ڏس ۾ اُداسين ٿي ويا آهن.

گوورڌن ڀارتيءَ جو ناول ''سور جون سوَ صورتون'' ۾ هوُ خود لکي ٿو ته پبلشر جي نه ملڻ ڪري ويهه سال دستخط سچ جي روشني ڏسڻ کان سِڪندو رهيو ۽ چڱي وِد-ڪٽ ڪرڻ بعد ڇپجي سگهيو.'' اِها وِد-ڪٽ عمومن سيني ناول نگارن جي سامهون آئي هوندي. سنڌيءَ ۾ يشپال جو ''جهوٺا سچ'' ۽ مراٺي ناول ''پر ڏيان ڪير ٿو ڏئي'' مثل وڏا ناول نه ٿي ملندا.

ناول نگار پنهنجي رچنا پرڪريا جي باري ۾ مڃيندا آهن ته ناول لکندي کين هڪ ئي وقت ڪئين جنم جيئڻو پوندو آهي. هڪ جنم ۾ سوَ جنم نجي شخصيت کان ڪٽجي هڪ انماد جي نشي جي حالت ۾ ڪِردارن جو هر روپ ۾ ليکڪ خود جيئندو آهي. ان ڇٽپٽاهٽ جي دوران ڪيترا ڀيرا ڪيس لڳندو آهي ته ڀاشا ۽ لفظ ۾ ايتري طاقت آهي ئي ڪونه جو اِنساني ڀاونائن جي آويگ ڇوهه کي انجي مڪمل روپ ۾ برداشت ڪري اظهاري سگهي. ڪيترن جذبن جي اِظهار لاءِ لفظ گونگا ۽ ويچارا بڻجي پوندا آهن. يعني لفظ جي ڪاغذ جو آڪار ولن ٿا، اُهي به اڌورو اڻپورو اِظهار آهن. وري اُنجي وِد-ڪٽ ٿئي ته ڪئين ڀيرا لڳندو آهي ته بنيادي ٽت ئي ناس ٿي ويو. ڪٽڪ ناس ٿي ويئي، بهه مان ڪهڙو آنند ايندو؟

هن اهڙا چتر چٽيا آهن، جنهجو ناول جي سياويڪ اوسر سان ڪجهه واسطو ڪونه آهي.'' آنند ڪيماڻيءَ جي هڪ شخص جي واسنا لاءِ به منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي: ''ليڊيز چيٽرليز لورس'' جي ياد ڏيارينداڙ مرد زال جا نفسياتي ناتا تفصيل سان بي باڪ نوع ۾ بيان ڪيل آهن. مون آسڪر جي پاڳيه ريکا کي بدلجندي ڏٺو آهي. فلا برٽ کي لفظن سان لڳاتار لڙائي ڪندو ڏٺو آهي. مون پاڻ ان کي پاڳل ٿيندو ڏٺو آهي. جيمس جايس کي فارم پٺيان انڌو ٿيندو ڏٺو آهي. لاربکس ۽ پرائوسٽ کي هڪ اٽر مانسڪ روڳ ۾ پوهڳيندو ڏٺو آهي. هڪ خوبصورت چهري کي ڪوڙه ۾ مبتلا ڏٺو آهي. نارمل ماڻهوءَ کي وڦلندو ڏٺو آهي. منهنجي دل انهن قبرن جي تلاش ڪئي آهي جن ۾! ۽ فنڪارن کي ڪن سياسي ۽ سماجي اُصولن جي نالي ۾ دفنايو ويو آهي. ته چا ليڪ اساماجڪ وهنوار ڪري ڇڏي.

مان هت آنند گولاڻيءَ جو ''آئيني اڳيان جوني چڪ'' ٽڪڙو ڏيڻ جو لوڀ نٿي روڪي سگهان.

منهنجي طبيعت اهڙي ٿي ويئي آهي جو هترادو ڪهاڻيون لکڻ نٿو پڄي. ٻه پريمي گڏريل ۽ اينڊڙ پريم جي باري ۾ لنبا بحث ڪن، مون ۾ اهڙو صبر ڪونهي. ايتري پيڙا پيدا ڪجي، جيئن ساهت مان به پيڙا پيدا ٿئي. پيڙا مان سد ساهت پيدا ٿيندو آهي. هڪڙن ترقي پسنديءَ جو سهارو ورتو، ٻين پيڙا ساڌنا تپسيا وغيره لفظن جو سهارو ورتو. پيڙا به عجيب ۽ هترادو. چين هندستان جا هزار سولجر ماري ته پيڙا پيدا ڪونه ٿئي. جي اُن پيڙا وچان ڪا ڪهاڻي لکان ته ردي سڏجي. پيڙا حقيقت مان پيدا نه ٿي، آسمان مان ڪِري، هڪ ليکڪ جي دماغ ۾ پڌاربي. اُتان گهوڙنجي گهوڙنجي گول گول ڦري اسانجي اکين آڏو انڌارو پيدا ڪري. اها پيڙا صرف دارجلنگ ماٿيران مهابليشور پهاڙن جي وايو منڊل ۾ پيدا ٿئي. پيڙا کي نيفا ۽ لداخ جي پهاڙن ۾ وڃڻ جو حق ڪونهي.

سارانش روپ ۾ مان ليلي رچنداڻيءَ کي ڪوٽ ڪرائڻ چاهيندس، ''اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ اٽڪل چاليهارو ڪن ليکڪن لڳ ڀڳ ٻه سو ناول لکيا آهن، پر اُنهن ۾ سنڌي مڙني ڪو هڪ به ناول شاهڪار ڪوني سگهجي، سو ڪونهي.'' سنڌي ناول تي ٻين ٻولين جي بهترين ناولن سان برميچڻ ۾ اچا گهٽو ڪجهه گهرجي. (اُتم).

رام پنجواڻي-	معجزا ۽ ڪرامتون
گوبند مالهي-	شروعات ۾ مارڪسواد، ڪٿي ڪٿي رومانوادِ.
چندولعل جئسنگهاڻي-	جاسوسي چار ۾ اٽڪيل
گنو سامتاڻي-	شرت چندر جي طرز
لال پشپ-	ٻهرين فرائڊ پوءِ ڪامون ۽ ٻين هستي‌وادي ليکڪن جو اثر
پرم ابيچنداڻي-	پنرجنم ۽ آتما، پوءِ ڪجھ اڳتي
موهن ڪلپنا-	رومانواد ۽ ترقي پسنديءَ جي وچ ۾ اچ وڃ
سندري اُتمچنداڻي-	ناري سجاڳي
پوپٽي -	ناول گهٽ ڪهاڻي وڌيڪ
هري همٿاڻي-	آدرشوادِ پريم سنٻنڌ
ڪرشن کٽواڻي-	امورت پريم جو اثرائتو اِظهار
ڪلا پرڪاش-	پاوڪتا سان پريل
هري موٽواڻي-	ڪِردار نگاري
نامديو ۽ شيام-	من چيد

۽ اڻ-گهڙيل جسماني ناتن جي مونجهہ کان گهرائجي منهن موڙڻو ٿو پوي.'' يعني آلوچڪ جو اِهو نظريو ناول نگار لاءِ للڪار آهي. پر سنڌي ناول کي سنڌي جاتيءَ جي جداگانا حالتن، مخصوص مسئلن ۽ مخالف ماحول هيٺ پرکيندڙ نقاد نہ ملي سگهيا آهن. انهن مغربي تنقيد جي ماڻ ۽ ماپن جو اِستعمال ڪيو ۽ اُن ڪسوٽيءَ تي جيڪي ناول ڪامياب ويا، اُنهن کي ئي ذڪر هيٺ آندو.

ڪنهن بہ شيءِ جي حقيقي پرک واسطي اها اکين کان نہ تمام پري هجي، نہ تمام ويجهي. چاڪاڻ تہ ٻنهي حالتن ۾ فوڪس صحي نہ هجڻ ڪري رچنا جي خوبين خامين جي صحي پرک نہ ٿي سگهندي. اهڙي ڪوشش پاڻي ولوڙڻ مثل مڃجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

تجرباتي دور لاءِ بہ اِها ڳالهہ لاڳو آهي. هاڻي ان دور جي ختم ٿيڻ بعد ان جي پرک ضروري ٿي پيئي آهي. وڌيڪ وقت پيو تہ اها پرک بي مطلب، بي معنيٰ ٿي ويندي. ادبي نديءَ جو پاڻي ايترو وهي ويندو جو اُنجي بنياد جي کوج بيڪار ثابت ٿيندي. انهن ليکڪن جي رڳ رڳ ۾ روائتن لاءِ خلافت ڀريل هئي ۽ انکي آواز ڏيڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو سنڪوچ نہ ڪيو. هيڪاري اهنڪار جو کليو-کلايو اِظهار ڪيو هو. ڀاشا خواه اِظهار ۾ هڪ هڪ لفظ اِستعمال ڪرڻ لاءِ سجاڳ هئا. ڪجهہ نئون ڏيڻ جي ترشنا ۾ ترقي پسند دور جي بهترين رچنائن تي بہ سخت نقطچيني ڪرڻ سندن حق بڻجي پيو. ڀلي اياز چوي: تون ڳل تي ڪيئن ٿو لکي سگهين، جيئنس هڪ بہ ابهم بکيو آهي يا ڪيرت بي رياءُ ٿي اُن دور جي ادب جي اهميت اثرائتي نموني ثابت ڪري. پر اسانجي نقادن جي اکين تي مغربي نقاد ايترو حاوي رهيا (شايد ڌيان ڇڪائڻ ۽ پنهنجي عالميت جي مُهر لڳائڻ جو موقعو ڳولهيندي) جو اُنهن جي نالن جا ڪوڙا رٽي رٽي هنن ليکڪن توڙي پاٺڪن جي من ۾ خوفزده بڻائي ڇڏيو. سندن آتنڪ وس ڪين نقاد عيوض جلاد سمجهيو ويو. سندن خلاف ڪي چپ اِهو بہ بہ پڪا هئا تہ انهن پنهنجي رچنا شڪتيءَ سان پاٺڪ کي ايڏو متاثر نہ ڪيو آهي. اِنڪري نقاد جو ويس ڌاري آيا آهن. پر اها پڪ کليو-کلايو ظهور نہ پائي سگهي، جڏهن ڪِ سنڌي ادب کي سرجڻ جو ماحول ڀارت ۾ مليو تہ انجي پرک بہ ڀارتيہ آلوچنا جي اُصولن موجب ٿيڻ کپي، جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت ساڌارڻي ڪرڻ جي اُصول يعني لوڪپريتا يا مقبوليت ئي آهي. هتي اِهو صاف ڪريان تہ مقبوليت سان منهنجو مطلب اِهو قطئي نہ آهي تہ ناول کي بازارو بڻائي هنديءَ جي گلشن نندا، پياري لعل آوارا جي سطح تائين ڪيرائجي. ڪلا تہ ضروري آهي ئي، کهڙي بہ موضوع تي نئين نموني جي پيش ڪشي اُن کي ادب جو درجو عطا ڪري ٿي. موهن ڪلپنا وانگر جڏهن ليکڪ زهري سوچي ٿو ۽ خون ۾ قلم ٻوڙي لکي ٿو تہ سڌو پاٺڪ جي دل تي چوٽ ڪري ٿو. باقي حقيقت کان پري اوڌوري ويچارڌارا کي لفظي جامو پهرائي نواڻ جون سڻون پائڻ غلط ئي آهي. مان لعل پشپ جو آئيني اڳيان ۾ لکيل هڪ پيراگراف مثال طور ڏيڻ چاهيندس.

لعل جي اُها ديوار آسمان تائين ۾ ڪرشن ڪتواڻي لکي ٿو، ''ڪلا ۾ وشيہ اهم نہ هوندي آهي پر اُن سان ڪيئن نڀايو ويو آهي، اهوئي ڪلا جي سڦلتا اسڦلتا جو ڪارڻ بڻجندو آهي. لعل جهڙو سجاڳ ليکڪ پاڻ سنڀالي نہ سگهيو آهي. لڳي ٿو جاڻي واڻي سماج کي هڪ شاڪ ڏيڻ لاءِ

ڀارت جا ٽي مهان شير

— ڀوڀتي هيرانندائي

ننڍي هوندي مان راڻي پرتاپ سنگهه کي پوڄيندِي هيس. گر سنگت وڃبو هو تہ فتحچند گرو گوبند سنگهه جي جيون مان ڪي واقعا ٻڌائيندو هو. ماستري ڪيم (پڙهندي پاڙهيندي هسٽري پڙهي) ڇترپتي شواجيءَ جي تاجپوشيءَ تي ناٽڪ پيش ڪيم.

ٽيئي نالا اڄ بہ منهنجي دل ۾ ڌڙڪندا رهندا آهن.. تواريخ ۾ اِهو هڪ عجيب واقعو آهي. ٽيئي شير لڳ ڀڳ ساڳئي وقت ۾ ٿيا. گرو گوبندسنگهه جي پتا شري تيغ بهادر جي اورنگزيب گردن ڪاٽي. شواجي مهاراج کي بہ اورنگزيب قيد ڪيو هو. راڻي پرتاپ کي مغل بادشاه اڪبر جو يڌ ۾ مقابلو ڪرڻو پيو!

ٽيئي شير مغل بادشاهن جي سامهون پيا. ٽنهي جو مقصد ساڳيو هو پر ٽيئي هڪ ٻئي سان گڏيا ئي ڪين! ٽيئي پاڻ ۾ گڏجن ها تہ تواريخ جا ورق بدلجي وڃن ها.

ٽيئي شخص رواجي راجائن جيان ڪنهن راڄ جي حڪومت ڪندڙ نہ هئا پر ٽيئي راجائن ڪان بہ مهان هئا ۽ حاڪم سڏيا ويا! پرتاپ کي راڻا، شيواجيءَ کي ڇترپتي ۽ گرو صاحبن کي پاتشاه سڏيو ويندو هو. ٽنهي لکن دلين تي راڄ ڪيو ۽ اڄ بہ ڪن ٿا. ٽيئي وير هئا. مغل بادشاه بابر تہ هندستاني ڪين هو. بابر جي پوين ڀل ڪٽي هندستان کي اپنايو پر هندستانين يا هندن کي انهن پنهنجو ڪين سمجهيو.

پرتاپ اڪبر جي سڱ ڳنڍڻ واري ڳالهہ کي ناپسند ڪيو. هندن دواران اڪبر جا عهدا وٺڻ بہ کيس پسند نہ هو. هوُ مانسنگهہ کي چيرائيندو هو، ”تنهنجو ڦڦر اڪبر.“ رواج موجب مانسنگهہ جي اڇڻ تي هوُ ساڻس ڪين گڏيو. مانسنگهہ ويو تہ پرتاپ جي ماڻهن اُن زمين کي پوچيءَ سان صفا ڪيو.

ساڳيءَ طرح شواجيءَ کي جڏهن سندس پتا شاها جي بيجاپور جي سلطان کي سلام ڀرڻ لاءِ چيو تہ شيواجيءَ سلام ڪين ڀريو.

ٽنهي شيرن مغل سلطنت جي مخالفت ڪئي. هنن مسلمانن کي پنهنجو ساٿي بڻايو هو، منجهن مذهبي ڪٽرتا نہ هئي. همت ۽ حوصلو سندن ويرتا جو بنياد هو. ٽنهي تي ماءُ پيءُ جو اثر هو. شواجيءَ جي ماءُ جيجا ٻائي، پرتاپ جو ڏاڏو راڻا سانگا، گوبندسنگهہ جو پتا تيغ بهادر

نالو : ڀوڀتي هيرانندائي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو :

چوٿون- سنڌي نئين ٽهيءَ جون للڪارون:

اڄ ناول سامهون سڀ کان وڏيڪ للڪارون پيش ڪيون آهن نئين ٽهيءَ. جنريشن گئپ، گوڙ ۽ رفتار جي موه چار ۾ ڦاٿل ٽهيءَ کي ناول پڙهي سگهندو، اِهو ناممڪن ٿو لڳي. ٽي-وِي. يا ويڊيو ڪئسيٽ مان حاصل ٿيندڙ پڙڪائو وندر جي گهر هو هر صنف مان ڪن ٿا. اهي ناول مان آيرويد جي دوا مثل دير سان حاصل ٿيندڙ علاج نه، ائلوپئٿي علاج مثل ترت فائدي وارِي وندر چاهين ٿا. بيشڪ انجا اُگرا نتيجا هجن. اُن نئين ٽهيءَ اڳيان اڄ ناول ويچارو بڻجي پيو آهي. اِئين ته ادب جي هر صنف ويچاري آهي ته به ناول لاءِ خطرو وڌيڪ ئي آهي. ناول جيئن ته ڪلا جو روپ آهي، اُنجو مقصد وندر ڪونهي، نه ئي اهو ستيه ڪٿا جو نمونو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي ناول ايندڙ صديءَ ۾ هارايل صنف جي روپ ۾ ئي سڃاڻي سگهبو. هڪ خاص ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ بيحد نراس ڪندڙ حقيقت اِها به آهي جو نئين ٽهيءَ مان ڪوبه ناول نگار اُڀري نه سگهيو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪوِي ۽ ڪهاڻيڪار وري به ملي ويندا پر ناول نگار نه. اڄ حالت اِها آهي جو ٻولِي هٿن مان ڇڏائجي رهي آهي. اسين سنڌي آهيون، اِهو پنهنجي ٻارن کي هندي ۽ انگريزي ڀاشا رستي ٿا ٻڌايون. ان حالت ۾ اِها اُميد ٻڌرن کان ٻير گهرڻ ئي آهي ته ايندڙ صديءَ ۾ ناول جي کيتر ۾ ڪا روشنيءَ جي ڪِرڻ جهلڪي. جن ۾ ڪلاتمڪ سوجهه ٻوجهه آهي، اُهي سنڌي ڄاڻن ڪونه. جيئن وڪيل رام پنجواڻيءَ ٻڌايو ته سندس ڪڪيءَ انگريزي ناول لکيو آهي، Famous of Babri Masjid اُنجا ست ڇاپا ڇپجي

چڪا آهن. جيا جادواڻيءَ جي هندي ناول هندي جڳت جو جوڳو ڌيان ڇڪايو آهي، ”اِنڊيا ٽُڊي“ ۾ به سمالوچنا ڇپيس. اِئين معياري هندي ۽ انگريزي رسالن ۾ گهڻيون ڪارائتيون ڌيان ڇڪائيندڙ رچنائون هونديون آهن. آڪهه مان سنڌي رچناڪار آهن، پر....؟

سجهاءُ : (١) مونکي ياد آهي ڏيڍ ڏهاڪو اڳ سي. ايڇ. ڊِي. پاران اجمير ۾ ناول ورڪ شاپ ڪوٺايو ويو هو. گجرات اڪاڊميءَ به اهڙِي ڪوشش ڪئي هئي پر نتيجو شفي نه ملڻ اِهو سوال ٿو اُٿاري ته ڇا سچ پچ ڪلا جي ڏات کي ڏانءُ سيکارڻ سان به اها وڌي ويجهي نه ٿي؟ مان اِن ڏس ۾ آشاوارِي آهيان.

(٢) اِنٽرنيٽ جي وڌندڙ واهپي جو اِستعمال ڪجي، ناول جا چونڊ ٽڪر، اثرائتا جملا ڏجن. ڪٿي پڙهيم ته سندرِي ۽ اُتم جو رچناسار اِنٽرنيٽ تي. سرڪارِي ادارن کي اِن دشا ۾ ڌيان رکڻ گهرجي.

(٣) پراڻن ناولن کي ڪمپيوٽر چپس ۾ قيد ڪجي. ناول نگارن جي شخصيت ۽ فن تي ويڊيو فلمون ٺاهجن، اُنهنجا ٽائيٽلس ڀل هندي يا انگريزيءَ ۾ هجن.

(٤) سٺو ساهتيه پڙهندڙ زندگيءَ کي سمجهي، بهتر اِنسان بڻجي سگهندا، اِهو سچ محسوس ڪرائجي.

(٥) سڀ کان آخرِي پر سڀ کان اهم ڳالهه سنڌي ڀاشا جِي اهميت سوچي، اها سکڻ ۽ ڳالهائڻ جو ماحول پيدا ڪجي، ناول ته پوءِ جي ڳالهه آهي.

شري هيرانند ڪرمچند : انوکي شخصيت

— نارائڻ ڀارتي

شري هيرانند سان منهنجو پهريون لاڳاپو هو. پهرين ته مان هندستان اخبار سان، جنهنجو هو سمپادڪ هو، جو مان خاص عيوضي هيس اُلهاس نگر لاءِ. ٻيو لاڳاپو هو شخصي يعني مان ڪجهه سکڻ، ڪجهه حاصل ڪرڻ جي چاهنا رکي ساڻس پيو گڏبو هيس، ڪلاڪن جا ڪلاڪ.

هڪ دفعي ڳالهه ڪندي ٻڌايائين ته هو پوني ويل هو، دليپ ڪمار جي آشرم ۾. تڏهن مان کين ٻڌايو ته مان به شري دليپ ڪمار راءِ کي سڃاڻان. شخصي طور نه پر ادبي لحاظ کان. هيرانند مون ڏانهن نهارڻ لڳو، شايد کيس ايتري معلومات نه هئي ته دليپ ڪمار راءُ هڪ اوچي ڪوٽيءَ جو ڳايڪ هو. سڀاش چندر بوس جو هم-ڪلاسي ۽ ساٿي هو. دليپ ڪمار جو پتا به هڪ اوچ ڪوٽيءَ جو ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي دوجيند لال راءُ. ٿوري ۾ ڪيس ڊِي. ايل. راءُ ڪوٺيو ويندو هو. هوُ گرديو ٽئگور جي ناٽڪن جو ڪڙو آلوچڪ هو. سندس ڪيترائي ناٽڪ هنديءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن ۽ هندي راشٽرڀاشا جي ڪورس ۾ رکيل آهن. جنهن ڪري مون پڙهيا آهن.

دليپ ڪمار راءُ آءِ.سي.ايس. پاس ڪري انگلنڊ کان واپس اچي شروع ۾ سياست ۾ حصو ورتو. ساهتيه سان به سندس رچي هئي. شرت بابو جو دوست ٿي رهيو هو ۽ شرت بابوءَ جون ڪيترِيون ئي رچنائون بنگاليءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون هيون. سندس انگريزي لکيل هڪ مشهور ڪتاب آهي ڏهه وڏيون شخصيتون.

جڏهن مون اِهي سڀ ڳالهيون هيرانند کي ٻڌايون، تڏهن هن فقط منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي هٿ ۾ جهليو. چٽڪ منهنجي ڄاڻ جو داد اِن نموني سنيهه سان ڏيئي رهيو هجي.

دليپ ڪمار راءُ، رشي اروند گهوش جيان اِنقلابي هو. ٻنهي جيل ۾ هوندي اندر ۾ ٻڌِي (گيان) حاصل ڪيو. رشِي اروند گهوش پانڊيچري ۾ وڃي آشرم برپا ڪيو، جو اڃا آهي ۽ دليپ ڪمار راءُ سياست ڇڏي، پوني ۾ اچي آشرم برپا ڪيو، جتي هيرانند گهڻو ايندا ويندا هئا. دليپ ڪمار راءُ نه فقط ڳايڪ، وِدوان هو پر هن ڪرشن کي ڄاتو ۽ ٻين کي به اُنجو درشن ڪرايو، جيئن ڪِ هيرانند ڪرمچند کي به ۽ ڪملا هيرانند جي گهر ۾ اڃا ڪرشن مندر موجود آهي.

نالو	:	نارائڻ ڀارتي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	٥٦، ٽيون ماڙ، هيرا هائوسنگ سوسائٽي، اُلهاس نگر-٣.

سندن آدرش هئا. ڪبير ڀڳت چيو آهي تہ ”ماءُ جڻي تہ هر جن جڻي يا داتا يا سور، ناهہ تہ جنئي ٻانجهہ رهي.“

جيجا ٻائيءَ پٽ کي وير بڻايو، ”شوا اِهو قلعو مونکي کپي.“ کهڙي نہ وير نارِي هئي؟ اڄ زالون پٽ کي چون، ”منهنجي نالي جاءِ ڪر، مونکي هيرن جو هار وٺي ڏي.“ ڪيڏو نہ تفاوت آهي. ٽيئي ديش ڀڳت هئا، پر ديش سپاهي بہ هئا. ٽنهي ديش لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪيو! ٽنهي ڪيڏيون نہ ڏکيايون ڏٺيون! اسانجو شاعر چوي ٿو:

عاشق زهر پياڪ، وِهُ ڏسي وهن گهٽو.

اڄ اسانجي سمجهہ سنديڙِي ۽ تنگ آهي. شواجيءَ اڳيان هڪ مسلمان جوان ۽ سهڻي ڇوڪري پڪڙي سوکڙيءَ طور ڏنائيون تہ شواجي هن کي ماءُ چئي پيرين پيو ۽ ماڻهن کي حڪم ڪيائين تہ هن کي هنجي مائٽن وٽ سنڀال سان ڇڏي اچو! اسانجا هي وير سچا اِنسان هئا. ڪيڏي نہ دل ويڪري ۽ سمجهہ اونهي هئن!

اڄ تہ اسانجا ئي ڪاروباري کهاڙيءَ جوڳن ٻڌجي ديش کي وڍي رهي آهن! نيتا تي اڄ ٻار بہ ڇڙون پيا ڪن! ڪنهن چرچو ٻڌائي چيو تہ ”ٻار کي چاڪليٽ ڏيو، هو کائي، پر ڪو ڪم بہ نہ ڪري تہ اُهو نيتا ٿيندو. ٻار کي چاڪليٽ ڏيو، اُهو کائي پر چوي تہ مون ڪونہ کاڌو تہ اُهو منتري ٿيندو!“

ليڪن هنن ٽنهي ويرن لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا، سڪ ۽ فخر آهي اسانکي! ٽنهي جي مٽي تي موتين سان سينگاريل پڳڙي آهي. ٽيئي گهوڙن تي سوار آهن. اُهو نيلو ۽ سائو گهوڙو اُنهن لاءِ ئي پيدا ٿيو هو. شواجي ۽ گرو گوبند سنگهہ جي پڳڙِي تہ ساڳي آهي.

شواجيءَ پنهنجا پيارا متر، گوبندسنگهہ پنهنجا پيارا پُٽڙا ۽ پرتاپ سڀ ڪجهہ وڃائي رليو پڪيو ۽ ڪاڏي ڪانسواءِ رهيو! شواجيءَ پيارو متر وڃائي چيو، ”قلعا آلا پر سِنهہ گيلا.“ گوبندسنگهہ چيو، ”چار پٽ گئي تو ڪيا هئا، ٻي جيوت لک هزار.“ پرتاپ جي پٽ کي مٽي تي خون نڪتو ۽ هن نرڙ گهنجايو تہ پرتاپ ڪاوڙيس! ڇا تہ ويرتا ۽ قرباني آهي ٽنهي جي!

هندو ڌرم ۾ رهڻ ۽ جيئڻ جو نمونو آهي. جڏهن هي ٽيئي ڌرم لفظ تا ڪتب آڻين، تڏهن غلط فهميءَ ۾ ڪڏهن نہ پئجي! هنن پنهنجو فرض نباهيو.

اڪبر ننديون ننديون رياستون ڦريون. اورنگزيب زبردستي ڪئي، اورنگزيب جي نوابن گروجن کي ڏاڍو ستايو. پرتاپ ننڍن راجائن کي همٿ ڏني. هڪ شخص پنهنجي پڳ سان ڪين جهڪيو، جي پرتاپ نٿو جهڪي تہ اُنجي ڏنل پڳ ڪيئن جهڪايان؟

چيو چارڻ اٿم ڀِري مليل پرتاپ کان پڳڙي،
نہ اڪبر جي اڳيان نئڙي ڪندس گهٽ شان شاهاڻو.

گرو گوبندسنگهہ هڪ دفعي چاليهن چڙن سوڌو هڪ ڪمري ۾ هو تہ چوڌاري مغلن حملو ڪيو. گوبندسنگهہ هڪ هڪ کي ٻاهر اڪيلو لڙڻ لاءِ موڪليو! پنهنجي پٽ کي چيائين، ”اڪيلو وڃ.“ هو ٿورو ڊنو، اِنڪري ٻاڻ گهريائين. گروجن چيس، ”هاٿي دشمن جي خون سان پياس ٻجهاءِ.“

اِهو آهي ويرن جو ڌرم يعني فرض). گرو صاحبن کي يا راڻي پرتاپ کي راڄ ڪاڄ سنڀالڻ لاءِ ڪين مليو پر شواجيءَ ”اشٽ پرڌان“ بريا ڪري راڄ هلايو ۽ تمام سٺو راڄ هلايو.

مان اهڙن ويرن کي ”گڻن جي کاڻ“ مڃي وري وري سندن نالي اڳيان جهڪان ٿي.

هيرانند ڪرمچند کي، دليپ ڪمار راءِ جي روپ ۾ هڪ سهارو، هڪ لٺ ملي، جنهنجي آڌار تي هو هليو.

هن نہ دنيا ڇڏي، نہ گيڙو ڪپڙا پاتا، پر هنجو اُديش هو-

”هٽ هاج ۾،
من محبوب ڏي.“

پگت ڪنوررام پنهنجي گذر لاءِ پورهيو ڪندو هو. پگتين مان ملندڙ پئسا غريبن، گهرجائن کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هيرانند ڪرمچند کو مندر يا ٽڪاڻو ڪولي ڪونہ ويٺو هو. دنيا سان بہ منهن ڏنائين تہ محبوب سان بہ نباهيائين.

هيرانند هڪ انوکي شخصيت هو. اِهو اِن ڪري جو هن دنيوي فرض نوڪري بہ ڪئي تہ اخبار دواران خلق جي خدمت بہ ڪئي تہ منتار کي بہ من ۾ رکيو.

آخر ۾ مان هيرانند جي لکيل ڊائريءَ مان هڪ ويچار هيٺ ڏيان ٿو :

ڇهين مارچ

”دنيا مونکي ڏينهن ڏينهن وڏيڪ پولي ڏسڻ ۾ پيئي اچي. مان تہ چاهيان پيو ڪجھ مڙيو ٿئي، جيئن منهنجي لاءِ رٽائر ڪرڻ ممڪن ٿئي. صبح سانجهي ڪم، ڏينهن رات ڪم.

وقت ئي نٿو ملي، جو ڏيان ۾ وقت گذاري سگهان. الائجي ڪيئن پيو چڪر ڦري. سنگت يا ساهيڙپ بہ ڪيترين حالتن ۾ گهٽو وقت نٿي هلي. سڀ ڪجھ ڦري گهري پيو. دنيا بہ پيئي ڦري. پر ان ڦيـر گهير ۾ منهنجي ڪهڙي دلچسپي.....؟“

چوندا آهن تہ پارس لوہ کي چڪيندو آهي ڪاٺ يا ٻين ڌاتن کي نہ. تيئن درويش سنپرش اهڙن شخص کي ئي ويجهو آڻيندا آهن، جن ۾ ڪا مٽيا هوندي آهي. باقي اسان جهڙا پٿر تہ رستن تي پيا هوندا آهن ۽ آئي وئي جون پيا ٺوڪرون کائيندا آهن.

چوندا آهن تہ اِستري، پوءِ اُها پتني هجي يا ماءُ، ڌيءَ هجي يا ڀيڻ يا ڀيڻ چنتڪ، اُها ڪنهن نہ ڪنهن پرش جي پريرنا بڻجي ٿي. رشي اروند گهوش کي ماتا نالي هڪ اِستريءَ پريرنا ڏني تہ سوامي وويڪانند کي نويدتا بڻاءِ. رام ڪرشن پرمهنس کي ماتا شارڌا ديويءَ تہ شواجي مهاراج کي پنهنجي ماتا وٽان پريرنا ۽ همٿ ملي تہ دليپ ڪمار راءُ کي دادي اِندرا ديويءَ اُتساهت ڪيو. هيرانند ڪرمچند کي دادي ڪملا هروقت ساٿ ۽ سهڪار ڏنو، هر حال ۾ خوش هئي.

ورهاڱي ٽيڻ وقت، دادي ڪملا جو چاچو آچاريہ ڪرپالاڻي چوي ٿو، ڳهہ ڳهڻا زيور هجني تہ مونکي ڏي تہ مان هندستان ڪٽي وڃان، متان پاڪستان سرڪار توهان کي ڪٽڻ نہ ڏي. تڏهن دادي ڪملا چپ ٿي رهي. آچاريہ ڪرپالاڻي پڇيس ٿو تہ ڀہ چوڙيون تہ هونديءِ. انجو ٻہ جواب نہ ۾ ٿو ملي. دادي ڪملا وٽ هو زر زيور، ڳهہ ڳنو تہ فقط هيرانند (سچو هيرو) تہ باقي ٻيو ڇا گهرجي!

هيرانند پنهنجو چڱو وقت پنهنجي گهر واري ڪرشن مندر ۾ گذاريندو هو. هندستان اخبار ۾ ڪم ڪندي بہ هو چڱو وقت مندر ۾ ويٺل نظر ايندو هو. مان بہ ساڻس گڏ ان مندر ۾ ڪي گهڙيون ساڻس ويٺو آهيان.

ديدي اِندرا ديوي هيرانند لاءِ چوي ٿي؛

... مونکي سڌ ناهي تہ جڏهن پهريون ڀيرو هنجو دادا جيءَ سان مڪا ميلو ٿيو تہ سندس من تي ڪهڙو پرڀاو پيو. پر ساڻس گڏجڻ بعد اسانجي دل ۽ من تي جيڪو اثر پيو، تنهنجي ڄاڻ اٿم.

جڏهن هو (هيرانند) ۽ ڪملا جي واپس ويا تہ مون دادا جي (دليپ ڪمار راءُ) کي چيو تہ هي اُهو شخص آهي جو بنا مقصد فقط تماشي لاءِ نہ آيو آهي هن سنسار ۾، خاص ڪري جيتري قدر آتمڪ جيون جو واسطو آهي.

اڪثر ڪري جيڪي ماڻهو ايندا آهن، سي مزي ۽ تماشي لاءِ ايندا آهن. هو ايندا آهن، ڏسندا وائسندا آهن، ڳالهيون ڪندا آهن، سوال پڇندا آهن ۽ هليا ويندا آهن. هو ڪنهن اُديش سان نہ ايندا آهن.

پر جڏهن مون هيرانند کي ڏٺو تہ دادا کي چيم تہ، هي شخص تماشبين نہ آهي، پر ڪنهن اُديش سان آيو آهي ۽ ساڌنا لاءِ سندس دل، پراپتي لاءِ ملهہ چڪائڻ وارو شخص آهي. حليم هوندي بہ اڏول ۽ ڍرڍ آهي. سانتيڪو، اعليٰ، سچيار، اهڙو هو هيرانند.

ساميءَ پنهنجي ئي سلوڪ ۾ چيو آهي تہ گروءَ بنا گت ڪانهي، گرو هڪ سهارو آهي، هڪ لٺ آهي، جنهن جي آڌار تي زندگيءَ جي راهہ پوري ڪجي ٿي.

سوامي وويڪانند کي بہ گروءَ جي ڳولها هئي ۽ هن کي رام ڪرشن پرمهنس جهڙو گرو مليو. سوامي ديانند کي بہ گروءَ جي تلاش هئي جا سوامي ورجانند جي روپ ۾ ملي. شواجي مهاراج کي بہ گرو رامداس مليو.

اسيمبلي ميمبر بڻجڻ بعد اڄڪلهه جي ميمبرن وانگر هن ۾ ايمان يا اهنڪار جو نالو نشان ڪونهه هو. شري ٻمناڻيءَ کي ڪانگريس اسيمبلي پارٽيءَ جو چهبوڪ (اڳوان) ڪري چونڊيو ويو. وڏايڪ بڻجڻ بعد هن ايمانداري ۽ نشٺا سان جنتا جي خوب شيوا ڪئي ۽ پاڻ کي وڏيڪ پيارو ثابت ڪيو.

١٩٢٩ ۾ سکر ۾ منزل گاهه جا فساد ٿيا. تعصبي مولوين جي مذهبي پرچار سبب مسلمانن جي من مستي وڌيل هئي. سکر ۾ هندن جي تيرٿ اِستان ساڌ ٻيلي کي مسلمانن سعيد ٻيلو سڏي زوريءَ قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. اِن سبب هندن ۽ مسلمانن ۾ ترشي وڌي ويئي، چڪتاڻ ٿي، فساد شروع ٿي ويا.

١ نويمبر ١٩٢٩ تي رُڪ اسٽيشن تي سنڌ جي شرومڻي سنت ڪنوررام صاحب کي مسلمان خبيس پنهنجي گوليءَ جو شڪار بڻائي ماري ڇڏيو. سڄي سنڌ ۾ ماتم ڇانئجي ويو. خوني پڪڙيا ڪونهه ويا. هندن ۾ هراس ڇانئجي ويو. چوڌاري ڊپ ۽ خوف جو وايو منڊل لڳو پيو هو. اهڙي نازڪ وقت ۾ قاتلن خلاف ڪير آواز اُٿاري ڪير ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي؟؟

اُن وقت سنڌ اسيمبليءَ جو اِجلاس هلي رهيو هو. ساهسي ۽ نڊر وير هاسارام ٻمناڻيءَ دليري ۽ همت سان، نرڀيه بڻجي پنهنجن تکن ۽ چڀندڙ لفظن سان سرڪار تي سخت جلهه ڪئي. سرڪار جي بي پرواهي ۽ لاغرضي تي ٿڪار وڌي. هن پوليس جي نڪمي چال جو پردو فاش ڪندي، سنت ڪنوررام صاحب جي خون جي پردي پٺيان هڪ وڏي طاقت واري مسلم پير کي جوابدار ٺهرايو ۽ سيني جوابدارن کي هڪدم گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪئي. هن جي ههڙي کليل بي باڪ آواز اسيمبلي اندر ٿرٿلو مچائي ڇڏيو. تهلڪو مچي ويو. ماحول گنڀير ٿي ويو. هن نوجوان جي جگر ۽ همت کي سڀ اندر ئي اندر ۾ داد ڏيڻ لڳا. پر ساڳئي وقت سيني کي انديشو پئي ٿيو تہ هاڻي هن نوجوان جو خئر ڪونهي. ليڪن وير هاسارام ذرو بہ گهبرايو ڊنو ڪونہ. ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ جنتا جي بچاءَ لاءِ هن پنهنجي جان جي پرواهہ ڪانہ ڪئي. سچائي ۽ همت سان نڊر ۽ بي ڊپو بڻجي پنهنجو فرض نڀايو.

اِجلاس جي سماپتيءَ بعد ڪراچيءَ کان روهڙي پنهنجي شهر، پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿيڻ بعد ١٧ جولاءِ ١٩٤٠ تي روهڙي اسٽيشن تي لهي، سخت گرميءَ ۾ بہ پيدل پنهنجي گهر ڏانهن ويندي، وچ شهر ۾ عام رستي ۾ هڪ پل هينان لنگهندي ڏينهن ڏٺي جو، بندوق جون گوليون ٺا.. ٺا.. ٺا... ڪنديون هن نردوش، نشڪام وير پرش جي جان وٺي ويون. ان طرح هن شير بهادر سنڌي سپوت هاسارام ٻمناڻيءَ جو بليدان ٿي ويو! هو شهادت جو صرف حاصل ڪري ويو!!

ساهسي نڊر وير - شهيد هاسارام پمناڻي


— ايسرسنگهه بيدي

وير هاسارام پمناڻيءَ جو جنم سنڌ ۾ سنتن ۽ درويشن جي اِستان روهڙِي شهر ۾ ١٠ اپريل ١٨٨٩ ۾ ٿيو. نهايت نماڻو ۽ نهٺو پنهنجن آدرشن تي محڪم هلڻ وارو، تعليم يافت، گرئجوئيٽ نوجوان هو. حيدرآباد سنڌ ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهيو، منجهس اهم يا گهمنڊ جو نالو نشان ڪونہ هو. هميشهہ کاڌيءَ جي ڪڙتي پئجامي ۽ اڇي گانڌِي ٽوپيءَ جي سادي لباس ۾ نظر ايندو هو.

گانڌي جيءَ جو سچو پوئلڳ هو. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ هن ڏکو ڀرو ورتو. ١٩٢٠-٢١ جي قطع تعلقات هلچل ۾ نوڪريءَ کي ٺوڪر هڻي آزاديءَ جي هلچل ۾ ٽپي پيو. هو ڪانگريس جو سچو سپاهي مڃيو ويندو هو. ١٩٣٠ ۾ لوڻ جي ستياگره ۾ پڻ ڏکو ڀرو ۽ جيل جي ياترا ڪئي. ٻارن ۾ آزاديءَ جي پاونا ڀرڻ لاءِ هن لوڪمانيہ تلڪ نالي قومي اسڪول کوليو. ”ڌرم درشن“ نالي ماهوار پتريڪا پڻ شايع ڪيائين، جنهن ۾ ديش جي آزاديءَ لاءِ اُڀاريندڙ ۽ للڪاريندڙ ليک شايع ڪرڻ سبب ڪانئس ضمانت جي طلب ڪئي ويئي.

جنتا جي سيوا ۾ پڻ سدائين اڳرو رهندو هو. وشال دل وارو، بيدار دماغ رکندڙ، همت حوصلي وارو، پڪن پختن اُصولن تي هلڻ وارو، اُتساهي اُمنگ وارو، سردي گرميءَ ۾ پيڙتن جي خدمت ۾، شيوا ڪاريہ ۾ هڪيو تڪيو حاضر رهندو هو. فرض ادائي ۽ نشڪام شيوا ۾ پنهنجي زندگيءَ جو پل پل ارپڻ ڪري رکيو هئائين. نالي ناموس جي ڪيس ذرِي بہ تمنا ڪونہ هئي. سچي ۽ صحيح نموني پيڙتن جي شيوا ۾ هن لاثاني ڪاريہ ڪيو. هنجو ڪو ثاني ڪونہ هو.

١٩٠٧ ۾ اسيمبلي اليڪشن ۾ هن کي ڪانگريس ٽڪيٽ جو اُميدوار بڻايو ويو. هنجي سامهون مخالفتي اُميدوار پئسي ۽ طاقت وارا شخص هئا. هڪڙو هو روهڙيءَ جو ئي ميونسپل پريزيڊنٽ شري تلسيداس گجواڻي ۽ ٻيو هو روبدار راءِ بهادر چنديرام. ليڪن هن نوجوان همت ڪونہ هارِي. اڪيلي سِر پرچار لاءِ ميدان ۾ نڪرِي پيو. سندس ڳالهائڻ ۽ تقرير ۾ تاثير هو، جنهن ووٽرن تي جادوءَ جو اثر ڪيو. جنتا سندس شيوائن جي قدرشناسي ڪري وڏي گهڻائيءَ سان ڪيس چونڊي سوڀارو ڪري سڀني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.



نالو	:	ايسرسنگهه بيدي
جنم	:	١٠-٧-١٩٢٧ شهدادپور نوابشاهه
ڇپيل ڪتاب	:	شهيد هيمون ڪالاڻي، نيتاجي سڀاش ٻال دنيا، دوماري دوماري
اِنعام	:	سوتنترتا سيناني طور راجيہ سرڪار طرفان، سنڌي اڪاڊمي، ڀاڄپا، ڪانگريس، ڪاليجن اِسڪولن ۽ سنسٿائن طرفان سنمان.
پيشو	:	ريلوي سروس مان رٽاير، هاڻي سماجڪ ڪاريہ.
پتو	:	بيدي نواس، بابوُ محلا، اجمير.

سورداس تلسيداس، ميران ۽ نانڪ سان گڏ سنڌ ۾ بہ سنڌي سنت ڪاويہ رهيو ئي نہ هوندو. اِنهيءَ جو تازو مثال قاضي قادن جو ڪلام ۽ مهامتي پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻيءَ جو ١٩٧٨ ۽ ١٩٩١ ۾ ملڻ آهي. هوندي بہ سورهين صديءَ ۾ ارغونن جي حڪومت کان وٺي ١٩٤٣ تائين انگريزن جي سنڌ جي راڄ ڪرڻ جي شروعات تائين سنڌي هندو هميشه دٻيل ۽ هيسيل رهيا. (لڳي ٿو تہ اِنهيءَ عرصي ۾ سنڌي ڀڳت جو دائرو گهرن ۽ ٽڪاڻن، مندرن ۽ مڙهين جي چارديوارين تائين محدود رهيو هوندو.

سنڌي ڀڳتن ۾ مدن ڀڳت جو ذڪر سڀ کان پهرين اچي ٿو. مدن ڀڳت شاھ لطيف کان گهڻو اڳ ٦٤٦ اع ۾ ڄائو هو. مدن ڏنجي تولاڻي جو ٻيون نمبر پٽ هو. پر اِنهيءَ بابت بہ ڪا خاطر خواه ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي. باقي ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي صلاح تي غلام شاه ڪلهوڙي هڪ فرمان جاري ڪيو هو تہ هندن کي چوٽين رکڻ، ڌوتين پائڻ ۽ هولي منائڻ کان منع سان گڏوگڏ ڀڳت ۾ سرود سرنائي، دهل، ناد وڄائڻ جي بہ منع ڪيل هئي. اِنهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ ڀڳت جي ڪلا سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي وقت ۾ بہ مُروج هئي پر دٻيل روپ ۾. شايد اِهوئي سبب آهي تہ شداڻي دربار جي ٺئين گاديسر جو ذڪر بہ ڀڳت تخت لال جي نالي سان ٿيل آهي، جنهن جو جنم ١٧٨٨ع ۾ ٿيو هو. ڪلهوڙن جي حڪم جي باوجود هو بازار ۾ ڀڳت وڄهندو هو. ڀڳت تخت لال ميرپور ماٿيلي جو رهواسي هو. مان اِنهيءَ رائي تي پهتو آهيان تہ سنڌ ۾ ڀڳت جي شروعات لوڪ گيتن سان ٿي هوندي- مثلن جهنگن ۾ رات جو محفلن مچائڻ ۽ ڏينهن جو مينهن وسندي ۽ مال چاڙهيندي.

سنڌ ۾ ساميءَ جا شلوڪ بہ ٻہ ٽي ڇڙا گڏجي ڳائيندا هئا. پهرين ڪو مکيہ ڳائڪ ساميءَ جي شلوڪ جي پهرين ٽُڪ ترنم ۾ ڳائيندو هو ۽ پوءِ وري ٻيون ٻي ٽُڪ ڳائيندو هو ۽ تنهن کانپوءِ وري سڀ اُن کي دهرائيندا هئا. شايد اِهوئي ڀڳت جو ننڍو ۽ اوائلي روپ هئو، جنهن کي اڳتي هلي اسان چونڪي چوڻ لڳاسين.

اِنهن ڇڊن اُهڃاڻن مان هڪ ڳالھ صاف ۽ چِٽي ٿي بيٺي آهي تہ ڀڳت جي شروعات جو شرف وري بہ سنڌي هندن کي ئي ڏيئي سگهجي ٿو. اِها بہ حقيقت آهي تہ سنڌي مسلمان ڳائڻ ۾ تہ سنا هوندا هئا پر جيئن تہ شريعيت ۾ گيت ڳائڻ يا گنگنائڻ جي منع آهي، تنهن ڪري سنڌ ۾ بہ ڪي مسلمان جن جي آجيوڪا ئي فقيريءَ تي ٻڌل هئي، اُهي البت يڪتاري تي ڳائيندا يا گنگنائيندا هئا.

سنڌي ڀڳت جي ٻڻ بنياد ڳولهڻ لاءِ اسان کي وري بہ پنجاب جي ڀڳت ڪلا کي ڏسڻو پوندو جيڪا وري پنجاب مان ٿيندي ١٨٢٥ ڌاري بندرابن جي بازارين ۾ پهچي چون ٿا تہ بندرابن جي بازارين ۾ هندن جي ڪٿائن سان گڏوگڏ عربستان جي الف لئلا، شيرين فرهاد وغيره قصن تي ڀڳتيون ٿينديون هيون. اُترپرديش جي هاٿ رس شهر ۾ بہ پنجاب جي جمال گبرو ۽ لڪارام جي ڀڳت جو ذڪر اچي ٿو ۽ ويهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ڀڳت ۾ نغارن جي سنگت جو بہ ذڪر اچي ٿو. اِهو تواريخي ذڪر اِنهيءَ ڪري ڪرڻو ٿو پوي ڇو جو اُنهن ئي ڏينهن ۾ ڪانپور مان شري ڪرشن پهلوان ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ لڳاتار يارهن کن مهنا اچي رهيو ۽ ڀڳتيون ڪندو رهيو. شايد اِنهيءَ ڪرشن پهلوان کان متاثر ٿي سنڌي ڀڳتن بہ ڪنن ۾ ڪنڊل ۽

سنڌي ڀڳت : ماضي - حال ۽ مستقبل

— جهمون ڇڳاڻي

جهڙيءَ طرح ڇتيسگڙهه ۾ پنڊواڻي، مهاراشٽر ۾ هري ڪٿا ۽ تماشا، گجرات ۾ گربو، اُتر پرديش ۾ راس، ڪيرل ۾ ڪٿڪلي وغيره مشهور آهن، ٺيڪ اِنهن مان ملندڙ جلندڙ آهي اسانجي لوڪ ڪلا سنڌي ڀڳت.


سنڌي ڀڳت سڄي ڀارت ۽ پڻ اڄوڪيءَ سنڌ ۾ هڪ اهڙي مخصوص لوڪ ڪلا آهي، جنهن جي مقابلي ٻي ڪا لوڪ ڪلا ڀارت ۾ آهي ئي ڪونهِ.

سنڌي ڀڳت جي سڀ کان وڏي خوبي اِها آهي جو هن ۾ لوڪ ڪلا جون ٽيئي خوبيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سنڌي ڀڳت ۾ گيت آهي، سنگيت آهي ۽ پڻ نرتيه جون مُدرائون به آهن. آکاڻي ته ٿيندي ئي آهي. آکاڻي ڪٿڻ جو ڏانءُ به ڪو سنڌي ڀڳت کان سِکي. ڀڳت ۾ اِئين لڳندو آهي ڄڻڪ ڪنهن ڪليل منچ تي ڪو ناٽڪ ٿي رهيو آهي.

سنڌي ڀڳت جي پرمپرا جي شروعات ڪڏهن ٿي، اِنهيءَ جا ٺوس ثبوت ته ڪونهِ ٿا ملن پر اڄ جڏهن ايڪويهين صديءَ جي چائنٺ تي به سنڌي ڀڳت پير رکيو آهي ته ١٩٤٧ جي ورهاڱي وقت سنڌي ڀڳت جيڪي سنڌ ۾ ڀڳت وجهندا هئا، اُنهن مان احمدآباد جي ڀڳت ارجنداس جو ٻيڄڙ ڀڳت منگهنداس ئي وڃي باقي رهيو آهي. باقي سنڌ ۾ جيڪي مشهور ڀڳت هئا، اُنهن جو اولاد به اڄ ستر سالن جي اوسٿا پار ڪري چڪو آهي. اُنهن سان جيڪا ڳالهه ٻول ٿي آهي، اُنهيءَ جي آڌار تي اسين سنڌي ڀڳت جي بڻ بنياد بابت ڪنهن ٺوس نتيجي تي پهچي سگهون ٿا، پر اِنهيءَ کان اڳواٽ اچو ته ڀڳت جي اصلوڪي معنيٰ جي به اوک ڊوک ڪريون.

ڀڳت لفظ جي اکرِي معنيٰ ئي آهي ”ڀڄن ڪيرتن“. سنسڪرت ۾ اِنهيءَ لفظ جو روپ آهي ڀڪتي، (भक्ति) جنهن جو ڌاتو آهي ڀڄ (भज) يعني ڀڄن ڪرڻ، ڪيرتن ڪرڻ، پرماتما جو ڌيان ڪرڻ. ٻين لفظن ۾ اِئين چئجي ته سائينءَ کي سڏ ڪرڻ ۽ ڏک سک ۾ اُن کي مڌر آلاپ سان ريجهائڻ جو نالو ئي ڀڳت آهي.

سنڌي ڀڳت جي شروعات ڪڏهن ٿي، تنهن جو ارڙهين صديءَ کان اڳ جو ڪوبه اِتهاس نٿو ملي. اِهو ٿي نٿو سگهي ته ڀارت جي ٻين ٻولين ۾ تيرهين صديءَ کان مهاراشٽرا ۾ گيانيشور ۽ تڪارام، گجرات ۾ نرسي مهتا ۽ اُتر ڀارت ۾



نالو	:	جهمون ڇڳاڻي
جنم	:	٥-٩-١٩٤٠ حيدرآباد سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	مهامتي پراڻانات (ٻه ڀاڱا)، هڪ هيو ورهاڱو (ڪهاڻي سنگره).
اِنعام	:	سي. ايڇ.ڊي. طرفان ٥٠٠٠٠ جو پرسڪار ١٩٩٣ ۾، سنڌي اڪادمي دهلي طرفان ١٥٠٠٠ جو ساهتيه پرسڪار ١٩٩٨ ۾.
پيشو	:	ريجنل اِنسٽيٽيوٽ آف ايڊيوڪيشن مان رٽاير.
پتو	:	جي-١، رام لڇمڻ نواس، ٻيراڳڙه- ڀوپال.

ٻه چار ٻيا به ڀڳت هئا، ٽنڊي آدم وارو ڀڳت ليلارام، هنجو آواز سريلو هو. جيئوٽيڪ ڀڳت ڪنورام کان عمر ۾ پندرهن ڪن سال ننڍو هو پر خود ڪنورام کيس چوندو هو ته جي مان ڪنور آهيان ته تون ڏيڍ ڪنور آهين.

باقي ۱۹ صديءَ جي پوين ٻن ٽن ڏهاڪن ۾ جن ڀڳتن سنڌي ڀڳت جو ڳاٽ اوچو ڪيو ۽ پنهنجي مڌر آواز کي هز ماسٽر وائس ۽ ٽون ڪمپنيءَ طرفان رڪارڊ پرائي سنڌي ڀڳت کي اجر امر ڪري ڇڏيو، اُنهن ۾ ڀڳت ڪنورام، ڀڳت جاڙارام ۽ ڀڳت موٽڻ جو نه رڳو نالو ياد رهندو پر ايندڙ هزارين سالن ۾ به اُهو آواز ساڳيو ئي رهندو.

ورهاڱي بعد سنڌ جي هاڪارن ڀڳتن مان ڀڳت پرسي ۽ جاڙا رام ڪئمپن ۾ خوب ڀڳتيون ڪيون. ۱۹۴۹ ۾ اسين جڏهن راجستان جي اجمير ۽ ڪوٽا جي وچ ۾ نصيرآباد جي پرسان ديولي ڪئمپ مان لڏي بئراڳڙه (ڀوپال) ۾ آياسين ته هنن ٻنهي ڀڳتن کي خوب ڀڳتيون ڪندي ڏٺوسين.

پر سنڌي ڀڳت کي اوج تي آڻڻ وارو ڀڳت هو ڀڳت ڪنورام، جنهنجو جنم ۱۲ اپريل ۱۸۸۵ ۾ جڙ وارن ۾ ٿيو ۽ مون کي لڳي ٿو ته ۱۹۱۰ کانپوءِ سنڌي ڀڳت جو تيبج تجلي سان ڀڳت ڪنورام سان ئي آغاز ٿيو، تنهن کان اڳ اِها ڪلا ٻئي ڪنهن به روپ ۾ ٿي هجي، پر اُها گهڻ ۾ گهڻ سنڌي ڀڳت نه هئي.

هاڻي جڏهن سنڌي ڀڳت بابت ڪنهن خاطر خواه راءِ تي پهتا آهيون ته اچو ته ڏسون ته اِنهيءَ ڀڳت جنهن کي اسين سنڌي ڀڳت ٿا چئون تنهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون وصفون هيون ۽ اڄ به آهن.

سنڌ ۾ سنڌي ڀڳت جيڪا ۱۹۱۰-۲۰ جي وچ ۾ ٿيندي هئي، اُها ٿيندي هئي کُليءَ ميدان ۾. جنهن ۾ خاص ڀڳت بيهي ڀڳت ڪندو هو. جنهن کي مُهرو جهلڻ به چوندا آهن. کليل ميدان ۾ وري هڪ پيچرو ڇڏي ڏيندا هئا، جنهنجي هڪ ڇيري کان ٻئي ڇيري تائين ڀڳت اچ وڃ ڪري سگهندو هو. سندس هڪ خاص ٻولڙيو وري ڀڳت جي سُر ۾ سُر ملائي ڀڳت ٻڌندڙن کي وندرائيندو هو. اِن وچ وري پيچري ڪانسواءِ گهڻ ۾ گهڻ هڪ ٻن ڪنڊن کان وري هڪ ٻيو به ٻولڙيو بيٺو هوندو هو ۽ ڀڳت صاحب ڪنهن راجا ۽ راڻيءَ جي ڪهاڻي ڪٿي، ڪن تي هٿ رکي ڳائيندي چوندو هو ته:

رُسي دلدار ويو منهنجو.

ته ڀڳت کي سُر ۾ سُر ملائي ۽ پڻ ٻڌندڙن کي وڌيڪ وندرائڻ جي خيال کان ڦيريون ٻولڙيو وينلن اڳيان هٿ جا اِشارا ڪري چوندو هئو ته:

اڙي ڀائي ٻڌو ٿا، ڀڳت جو دلدار رُسي ويو آهي ته پريان بيٺل ٽيون ٻولڙيو وري چوندو، اڙي ڀائي ڀڳت جي دلدار کي پرچايو.

شروعاتي دور ۾ مکيه ڀڳت ۽ سندس ٻولڙين ڪانسواءِ سازيندڙن ۾ هڪ ڇٽو هوندو هئو، جيڪو ملڪو يا گهڙو وڄائيندو هو. تنهن کانپوءِ ڀڳت ۾ لوه جي ٿالهه وڄائڻ جي به شروعات ٿي ۽ گهڻو پوءِ ڀڳت ۾ ڍولڪ ۽ تنهن کانپوءِ ڏڪڙ ۽ طبلي کي به جڳهه ملي. چون ٿا ته پيرن فقيرن جي ڳوٺن ۾ ڍولڪ وڄائڻ تي به منع هوندي هئي ۽ شايد اِهوئي سبب آهي جو اهڙن پيرن ۽ فقيرن جي ڳوٺن ۾ ڀڳتيون نه ٿينديون هيون. اهڙيون ڀڳتيون وري واه جي ٻئي پر ٿينديون هيون، ڇو جو اُهي اُنهن پيرن ۽ فقيرن جي ڳوٺن جي حد-

گول پڳڙي ۽ پيشوازي پائي ڀڳت جي هاڻوڪي روپ جي شروعات ڪئي هوندي.

شداڻي دربار جي ڀڳت پرمپرا ڀڳت تخت لال (جنم ١٧٨٨) تخت لال ڪانپوءِ سندس پٽ تنسکرام (جنم ١٨١١) سنڀالي. ڀڳت تنسکرام پنهنجيءَ ڀڳت جو ورثو وري ڀڳت ڪوتارام (جنم ١٨٠١ ۽ ١٨١٠ جي وچ ۾) کي ڏنو. ڀڳت ڪوتارام کي وري ١٨٦٤ ۾ هڪ پٽ ڄائو، جنهنجو نالو هو ستارامداس. هيءُ اُهي ئي ڀڳت ستارامداس هئا جن وٽ ١٨٨٥ع ۾ جاول ٻالڪ ڪنوَر اڳتي هلي پهرين پيڇي ٿي آيو ۽ پوءِ سنڌي ڀڳت جو سرمور بڻيو.

سنڌي ڀڳت جو هڪ ٻيو سڳ ٿو ملي ڀڳت ڪنوَررام سان. ڀڳت ڪنوَررام جو جنم خيرپور رياست ۾ پائي ماڻڪرام جي گهر ۾ ١٨٩٦ع ۾ ٿيو. ڀڳت ڪنوَررام ڳاين وديا پائي ڏنراج کان پراپت ڪئي. ڀڳت ڪنوَررام دڪان به سنڀاليندو هو ته ست سنگ به ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ڇير پائي يڪتارو کڻي نچندو به هو ۽ اڳتي هلي ڀڳت ڪنوَررام جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ١٨١٣ ۾ ڀڳت ڪنوَررام جي شاديءَ ۾ ڇيڇيون به لڳايون ويئون ۽ ڪن ٻين ڀڳتن جون ڀڳتيون به ٿيون. اِنهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته ١٩ صديءَ جي شروعاتي دور ۾ سنڌ جي اُتر واري تر ۽ خيرپور ۾ ڀڳت ٿيندي هئي. ڀڳت گيانچند ڇير جامو پائي ڀڳت ڪنوَررام سان گڏ ڀڳت وجهندو هو. اڳتي هلي اِنهيءَ گيانچند کي ويڙهي نالي پٽ ڄائو، جيڪو اڳتي هلي سنت وسڻ شاهه جي نالي سان مشهور ٿيو. سنت وسڻ شاهه جو جنم ملڪ جي ورهاڱي کان نيڪ هڪ صدي پهرين ١٨٤٧ع ۾ ٿيو.

ڀڳتن جي هڪ پيڙهيءَ مان هڪ ڀڳت ستم پڻ هئا. هنن جو جنم ١٩٠٠ع ۾ سنڌ ۾ ٿيو ۽ ٧ آڪٽوبر ١٩٦٩ع ۾ لڳ ڀڳ ستر سالن جي عمر ۾ بڙوڏي ۾ ئي پرلوڪ پڌاريا. ستم ڀڳت جا پتا صاحب هئا ايسرداس ۽ ايسرداس جا پتا هئا گوالداس، جيڪي پڻ ڀڳت هئا. هاڻي ستم ڀڳت جو جنم جيڪڏهن ١٩٠٠ع ۾ ٿيو ته سندن ڏاڏي جو جنم ١٨٤٠ جي آسپاس ته واهه جو ٿيو هوندو. اِنهيءَ آڌار تي خاطريءَ سان چئي سگهون ٿا ته ١٩ صديءَ ۾ به سنڌ ۾ ڀڳت ٿيندي هئي.

ڀڳت ستارامداس (جنم ١٨٦٤) جي ڏينهن ۾ ئي ڀڳت ڊيلو ۽ ڀڳت باشو به ڪافي مشهور ٿيا جيڪي ڳڙهي ياسين جا هئا. ١٨٩٠ ۾ خيرپور ميرس ۾ ڀڳت ٿهليارام ۽ اُنهن ئي ڏينهن ۾ ڪيرٿر ايراضيءَ ۾ ڀڳت نارو به اڳتي هلي سنو نالو ڪڍيو پر ورهاڱي بعد به هو سنڌ ۾ ئي رهيا پيا ۽ اُتي ئي ١٩٦٧ ۾ گذاري ويا.

اهڙيءَ طرح ڊيلي باشي جي جوڙيءَ کان سواءِ ٻيون به ڏهه ٻارهن جوڙيون ڀڳتن جون هيون رامو گجوءَ جي جوڙي، رامو عرف رامچند گرناڻي جيڪي وري شمن گڏيءَ جا پتا هئا شمن گڏيءَ جو به اصلي نالو لعلچند هو. جيڪي ڪجهه وقت ڪتيانا شهر ۾ رهيا. هنن جي خاص خوبي هوندي هئي مٽي تي گهاگهر پاڻيءَ جي رکي ڀڳت ڪرڻ. پوءِ دهليءَ ۾ اچي رهيا ۽ ١٩٦٨ع جي آسپاس گذاري ويا. پيسو لڏڙي، نارو ٽيڪو، ڦرياسنگهه گوئند وڏي جي جوڙي. شڪارپور واري ڪشن-دواري واري جوڙي جيڪا ورهاڱي بعد اُلهاس نگريءَ ۾ اچي رهي. گوئند نندي ۽ پورن لال جي جوڙي.

سنڌ ۾ موٽڻ ڀڳت سان گڏ ڀڳت گهنشيام هو، جيڪو ورهاڱي بعد اُلهاس نگر ۾ اچي رهيو ۽ ڀڳتن ۾ چڱو ناماچار ڪڍيو.

سنگيت جي شڪشا پراپت ڪئي ۽ شايد اِهوئي سبب آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ڀڳت جي شروعات ئي شڪشا پراپت ڪئي ۽ شايد اِهوئي سبب آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ڀڳت جي شروعات ئي شاستريه ماحول سان اِجهو هن ريت ڪندا هئا:

ديا ڪرٽم، دک هرٽم، اُچرڻ، اُچرٽم نام ڪيرتنه ديال پرک بخشندهه، نانڪ لِپت نه مايا.

ستم ڀڳت لاءِ اِها چوڻي مشهور هوندي هئي ته سندس ڀڳت جو آواز ڏيڍ ڪوهه تائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اِئين هرويرو نه به هجي پر اِنهيءَ چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته سندس آواز ڪافي بلند هوندو هئو جيڪو ڪافي دور تائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو. اِئين ئي ٽنڊي آدم جي ڀڳت ليلارام ڪان سواءِ موٽڻ ڀڳت جو به آواز ڪافي بلند هوندو هئو. ستم ڀڳت لاءِ ته مشهور هوندو هئو ته سڄيءَ ڀڳت ۾ هڪ مٽڪو پاڻيءَ جو پي ويندا هئا.

ڀڳت شروع ڪندي مکيه ڀڳت ڪان پوءِ سندس خاص ٻولڙيو ڪو شلوڪ چوندو هو ۽ تنهن ڪان پوءِ هارمونيم ماسٽر ۽ ٻيا سازيندڙ ڪو شلوڪ چوندا هئا. پر هارمونيم ماسٽر جي خوبي اِها هوندي هئي جو هُو خاص ڪري ملتاني ڏوهيڙا ئي چوندو هو. اِنهيءَ جو سبب هڪ ته اِهو هوندو هئو جو اَڳ ۾ ملتان ۽ پڻ لاهور تائين سڄي علائقي کي چوندا ئي سنڌ جو علائقو هئا ۽ سنڌين کي به ڀيرين ملتاني ئي سڏيندا هئا. هارمونيم ماسٽر به باجي تي ڪا سرگم ڪڍِي ۽ چوندو هئو ته:

اکيان سڪن مُک ويکڻ ڪيتي
ميڏا من ڳليان ڪنوان سڪي.

۽ تنهن ڪان پوءِ ته وري ڀڳتن جي ڇير جي به ڇمڪار به ٿيندي هئي ۽ هوڏانهن ڍولڪي به پنهنجي ڍولڪ سان سِپني جو من موهي ڇڏيندو هئو ۽ هڪوار وري هارمونيم وارو ماسٽر مٺي سُر ۾ جهونگاريندو هئو ته:

ڪاجا ڏوڙ فراڪي والي، دم دم سانون ڇڪي در تيڏي تي آ نه سڪان، تيڏي در تي ماٿو ٽِڪي مُنهن دي گهنڊي ڪول بهاري، رِل مِل ٿيئون هِڪي.

اِنهن سازن ۾ وري ڏڪڙن جو به اِضافو ٿيو. ڀڳت ڪنوررام جو سارنگ وادڪ ڀائي ڦتوُ ۽ طبلچي سدوري جي جيترِي تعريف ڪجي، اُها گهٽ آهي. ڀڳت ڪنوررام جو سارنگيءَ وارو ڀائي ڦتوُ ته سڄيءَ سنڌ ۾ هاڪارو هئو.

پر اوچتو ئي جڏهن اجا سنڌي ڀڳت پنهنجي شباب تي پهچي رهي هئي ته هڪ ته ڀڳت ڪنوررام جي ١٩٣٩ جي شهادت سنڌي ڀڳت جو ڪرنگهو ئي ڀڃي ڇڏيو مٿان وري ١٩٤٧ جي ملڪ جي ورهاڱي ته سنڌِي ڀڳت جو سنڌُ سنڌُ ئي ڀڃي ڀوري ڇڏيو.

ورهاڱي ڪان پوءِ ڪئمپن ۾ جيڪي ڀڳت ڀڳتيون ڪندا هئا، اُنهن جي نظر به وڃي نوٽن ۾ اٽڪي ۽ شايد اِهوئي سبب آهي جو ڀڳت سرد آهه ڀريندي چيو هو ته:

قربدار ڪنور بن ڪير ميلا لڳائي
ڪير ميلا لڳائي، ڪير ڀڳتيون ڪرائي.

۽ تنهن ڪان پوءِ ته هرڪو ڀڳت اِها ڳالهه ضرور چوندو هئو. پهلاج ڪوِيءَ جو ڀڳت ڪنوررام جو وفات ڪان پوءِ ستن راتين وارو قصو ٻڌائي به ڀڳت عام جي اکين ۾ آب آڻي ڇڏيندا هئا. اِنهيءَ قصي ٻڌائڻ لاءِ ڪين گهور به جام ملندي هئي.

ڪنوررام جو وفات ڪان پوءِ ڀڳت جاڙارام به هڪ گيت هرهڪ ڀڳت ۾ ضرور ڳائيندا هئا: دواپر ۾ جيئن ڪرشن ڪنعيو نينگر نند گهر آيو هو جروارن ۾ جنم وٺي، تيئن سنت ڪنوررام ٻي آيو هو.

بنديءَ کان ٻاهر هونديون هيون. اُنهن ڏينهن ۾ ڀڳت ڪنوررام جي ڀڳت ۾ سارنگي بہ شروع ٿي. تنهن وقت جيئن تہ اڄڪلهہ جي زماني وارا لائوڊ اسپيڪر (۽ هاڻي تہ ڪارڊليس، موبائل اسپيرڪرس بہ آهن) جهڙا ساڌن ڪونہ هئا، تنهن ڪري سُلي ڀڳت لاءِ اهو لازمي هئو تہ سندس آواز بلند هجي. اڄ وقت بدليو آهي. اڄ تہ آواز جيترو سنهڙو اوترو ئي اُن کي مٺو ٿو سمجهيو وڃي، پر اُن وقت ٻين کي گڏجي چوائڻ جو رواج هئو. سازن ۾ بہ هارمونيم جو رواج گهڻو پوءِ ١٩٢٥ ڌاري پيو، جڏهن گونگين فلمن کانپوءِ ٻولتيون فلمون شروع ٿيون. اُن وقت هندي فلمن کان متاثر ٿي سنڌي ڀڳت بہ گوپيچند ميٽا ورتي. پورن ڀڳت، نامديو، سورداس، راجا هريشچندر، ڪبير، نانڪ، شاهه لطيف جي سورمن ۽ سورمين جهڙوڪ مومل راڻو، سُهڻي ميار، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ جا قصا ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا. تنهن وقت ئي يعني ١٩٢٥ جي آسپاس ڀڳت شروع ٿيڻ کان اڳوات جي زميندارن وغيره جي اوطاقن مان بہ چار صندل گڏ ڪري اُنهن مٿان گاديلا وڇائي ۽ پوءِ وري چادرن جو ڍڪ بہ لڳائڻ لڳا ۽ رنگين پنن جون جهنڊيون لڳائي ميدان کي سينگارڻ جو بہ رواج پيو. کليل ميدان ۾ بلڪل وچ ۾ ٽن چئن فوٽن جو ويڪڙو لنگهہ ڇڏي ڏيندا هئا، جيئن مکيہ ڀڳت ۽ سندس ٻولڙيو اُن لنگهہ ۾ سولائيءَ سان اچ وڃ ڪري سگهي. پوءِ وري اُنهيءَ وچ واري ڇڏيل حصي مٿان ٽالپتريون بہ وڇائڻ لڳا، جيئن ڀڳتن جي پيرن کي ايذاءُ نہ اچي، ڇو جو ڀڳت اُگهاڙي پيري ڀڳت ڪندا هئا. ڪين ڇير بہ پاتي پوندي هئي. ڇير جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ اهو بہ واضع ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ اُنهيءَ ڇير ۾ ٽي ڇڳا ٿيندا هئا ۽ هرهڪ ڇڳي ۾ وري ڏهہ داڻا هوندا هئا. سنڌ ۾ ڇير جا داڻا ڪُٽ جا ٺهندا هئا ۽ اُهي بہ خاص طور لاڙڪاڻي جا مشهور هوندا هئا. ڀڳت جيڪا پيشوازي پائيندا هئا، تنهن ۾ انڪل اٺ وال ڪپڙو لڳندو هو. ڀڳت ڳاڙهي يا پيلي شڪارپوري پڳڙي پائيندا هئا. پيشوازي خاص طور لاڙڪاڻي ۾ ٺهندي هئي.

١٩٢٥ کانپوءِ جڏهن ڀڳت ۾ هارمونيم وجڙيو ويو تہ جيڪو هارمونيم وڄائيندو هو، تنهن کي ماستر صاحب چوندا هئا. ماستر صاحب خاص طور هڪ ننڍڙيءَ ميز تي پنهنجو هارمونيم رکندا هئا. گهڻا هارمونيم ماستر تہ وچ وچ سرائڪيءَ (مُلتانيءَ) ۾ ڏوهيڙا ۽ ڪافيون ٻڌائڻ ڪري بيحد مشهور هئا.

سيني ڀڳتن ۾ جيڪا هڪ خاص ڳالهہ هوندي هئي، اُها اِها هئي تہ ٻولڙين سان گڏ ڪٿي ڪٿي وري اهڙا ٻولڙيا ڪٽندا هئا، جن کي درشڪ چوندا ئي مسخرو هئا. ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ڀڳتين ۾ چينچل مسخرو مشهور هوندو هو. اِهي سڀيئي ڀڳت شروع ڪرڻ کان پهرين ڀڳت ۾ ڪتب ايندڙ سازن اڳيان پرڻام ڪرڻ کانپوءِ مکيہ ڀڳت گرواڻيءَ مان ڪو شبد چوندو هو، ڇو جو خود گرو گرنٿ صاحب ۾ بہ چيل آهي:

نچڻ ڪُڏڻ منوا چار،

نانڪ جس من ڀو تِس من ڀاوَ.

هرهڪ ڀڳت گهڻي ڀاڱي گرواڻيءَ جي هڪ خاص شبد کي ئي دهرائيندو هئو، جيئن ٻئراڳڙه وارا ستم ڀڳت گرواڻيءَ جو هيءُ شبد چوندا هئا:

ڏنڊوت بندنا انيڪ بار، سرب ڪلا سمرٿ؛

ڏولڻ تي راکو پريو، نانڪ ديکر هاٿ.

ڀڳت ستم لاءِ نہ چوندا آهن تہ ننڍي هوندي ئي ڪجهہ وقت ممبئيءَ ۾ رهي شاستريہ

۾ ديوناگريءَ ۾ ڇپايو. تنهن کان اڳوات نومبر ١٩٩٢ ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهت سڀا وارن سنڌي ڀڳت تي ٽن ڏينهن جو سيمينار رکايو، جنهن ۾ سنڌي ڀڳت جي پڙ بنياد بابت ودوان ليکڪن پنهنجا مقالا پڙهيا ۽ اُنهن تي کُليل بحث به ٿيو ۽ ٽيئي ڏينهن اُن ڀڳتن جي ٽولين ڀڳتيون ڪري موج مچائي، جنهنجي ويڊيو فلم نيچ ناچوئڙا ممبئيءَ جي جئرام روپاڻيءَ تيار ڪئي. اُنهيءَ سيمينار مان پريرڻا پائي گجرات سنڌي ساهت اڪادميءَ وارن ورِي گوڌرا ۾ ٻن ڏينهن جو سنڌي ڀڳت تي ورڪ شاپ/سيمينار رکيو، جنهن ۾ مقالا نويسن ڀڳتن جي حاضريءَ ۾ پنهنجا پيپر پڙهيا ۽ اُنهن تي صحت مند بحث به ٿيو. گهڻو پوءِ ورِي ١٩٩٧ ۾ ڀڳت ڪنوررام جي جيون ۽ ڪارين تي ٽن ڏينهن جو اپريل ۾ هڪ سيمينار ”سپون“ مخزن جي سمپادڪ ۽ سيتا سنڌو ڀون، ممبئيءَ جي روح روان ٺاڪر چاولا صاحب آيوجت ڪرايو ۽ لڳ ڀڳ سڄي ڀارت مان ڀڳتن جي ٽولين کي گهرائي ڀڳتيون ڪرايون، جنهن ۾ گانڌيڌام جي اعليٰ تعليم يافته ۽ ڪنهن وقت گانڌيڌام ميونسپالٽيءَ جي چيئرمن ٿي رهيل شريمتي وشني ايسراڻيءَ به ڀڳتن وارو جامو پائي چير ٻڌي ڀڳت ڪئي هئي. ڀڳت ڪنوررام تي هڪ ننڍي فلم به ٺهي هئي. ڀڳت صاحب تي جيترو لکجي، اُهو گهٽ آهي.

ٻئراڳڙه واسين کي اِنهيءَ ڳالهه جو ناز آهي ته سڄيءَ دنيا ۾ سڀ کان سندر ميٽل (Metal) جي ٻارهن فوٽ اونچي ڏيڍ ٽن وزن وارِي ٽن لکن جي لاڳت وارِي مورتي، سا به ڀڳت ڪنوررام جي ڀوپال اِندور هائي-وي تي ڪنوررام چوراهي تي ٥ جون ١٩٩٥ تي اِسٿاپت ڪرائي سگهيا.

ويجهڙ ۾ احمدآباد ۾ سنت ڪنور فائونڊيشن ٺهيو آهي. هنڪي سڀ کان ڀهرين سنڌي ڀڳت کي ورِي جيئارڻ لاءِ ڪي ٺوس قدم کڻڻ گهرجن.

باقي ممبئيءَ وارن جو اِهو چوڻ ته ڀارت ۾ ڀڳت جو ناد ١٩٥٨ ۾ ڪشن دئارو جي ڀڳت سان وڳو. اِها سنڌي ڀڳت جي تواريخ سان وڏي مذاق آهي. اِنهيءَ کان گهڻو اڳ وڏين سنڌي ڪئمپن ۾ سنڌي ڀڳت جا ميلا ڄمَو تي ۽ راجاوير ۽ لعل سائينءَ جي ياد ۾ لڳندا هئا. اِها به حقيقت آهي ته گهنشي ڀڳت ورهاڱي بعد لوڪ پريتا جي معاملي ۾ سڀني ڀڳتن کي پنتي ڪري ڇڏيو. ڇوجو ممبئيءَ ۾ رهڻ ڪري هن ڀڳت جا رڪارڊ هِز ماسٽرس وائِس وارن به ڪڍيا ۽ ڪيس آڪاشواڻيءَ ۽ شايد دُوردرشن جو به سٺو سهيوگ ۽ سهڪار مليو. اڄ جڏهن ويڊيو ڪئسيٽ ۽ سي. ڊي (C.D's) جو عام رواج ٿي ويو آهي ته گهنشي جهڙا ڀڳت اسان وٽ نه آهن. (گهنشو ڀڳت ١٩٨٦ ۾ پرلوڪ پڌاريو.)

ورهاڱي کان اڳ جيڪي ڀڳت سنڌ ۾ ٿي ڀڳت ڪندا هئا، اُهي گهڻي ڀاڱي راهه رباني وٺي ويا آهن ۽ جيڪڏهن ڪي زنده به هوندا ته اُنهن جي ڪا ڄاڻ الڳ الڳ شهرن ۾ هئڻ جي ڪري نه پئجي سگهي آهي.

١٩٠٠ع ۾ سکر جي ويجهو اروڙ ڳوٺ ۾ ڀڳت جاڙارام ڄائو هو. ورهاڱي بعد ڪين ١٩٥٠ کان ١٩٥٥ تائين ٻئراڳڙه ۾ ڀڳتيون ڪندي خوب ڏٺو. سندن فرزند باشارام ڍولڪ تي سنگت ڪندا هئا. ورهاڱي بعد جاڙارام دائمي طور ڪانپور ۾ رهڻ لڳا ۽ ڀڳت ستم ڪان به سال اڳوات ١٩٦٨ جي آسپاس پرلوڪ پڌاريا.

هڪ ٻيو ڀڳت هو چينو (ڀورو نالو هو ڀڳت چينو ولد ڪڪومل ڪڪڙيجا). هيءُ ڀڳت به ورهاڱي بعد سنڌي ڪئمپن ۽ بستين ۾ ٻيو ڀڳتيون وجهندو هو. هن ڀڳت کي به سنڌين جو ناٽ پنتي

اِنهيءَ جو شايد ٽِوَن ڪمپنيءَ (Twin Company) طرفان رڪارڊ به ڀريل آهي. ڀڳت جاڙارام جا به پنجاهه کن گانا رڪارڊ ٿيل هئا. ڀڳت جاڙارام جا ٻولڙيا هوندا هئا نيڀورام، گووند وڏو ۽ ڇئنڇل مسخرو. ڇئنڇل مسخرو وري ڀڳتن وارِي ٻاڙهي پڳڙِي پائيندو هئو، جامو به پائيندو هئو، ڇير ڇمڪائيندو هئو ۽ جڏهن ڀڳت ٽُڪ پچندا هئا ته ڇئنڇل مسخرو الڳ الڳ پکين جا ۽ پسن جا آواز ڪڍِي ۽ آخر ۾ ڪوئلن تي هلندڙ ٻاڦ ڪڍڻ وارِيءَ ريل جي اِنجڻ جي ڇُڪ ڇُڪ ٻڌائي سڀني کي وندرائيندو هئو.

اُنهن ئي ڏينهن ۾ سازهي پائي ڪي سُهڻا ڇوڪرا به ڀڳت سان گڏ نچندا هئا ۽ پوءِ وري ڀڳت ٻڌندڙن مان ڪو پريان نوٽ ڏيکاري اُن لسڙات کي گهرائيندو هئو ۽ هڪ ٻئي جي ريس پنيان نوٽن ڏيڻ وارن جي چٽڪ چٽاپيٽي لڳي ويندِي هئي، پر ڀڳت ٻڌندڙن جو مزو ئي نڪري ويندو هئو. ڏيري ڏيري فِلمي ڌُنون به حاوي ٿيڻ لڳيون ۽ جيئن پهرين ڇيو اٿم ته ١٩٤٧ جي ورهاڱي ته وري ڀڳت کي ڪو ڀارِي ڌڪ هڻي ڇڏيو. آئي، لئي ۽ اجهي جي اون ۾ مبتلا سنڌين کي جيڪي دلاسا ۽ دلداريون ڀڳتن ڏنيون، اُهي سدائين ياد رهنديون. برساتين ۾ ڀڳل ٻئرڪن جي ڪويلين وارين چنل چتين مان پاڻي ٽپ ٽپ ڪري جڏهن وَهندو هئو ته اِهي سنڌي ڀڳت ئي هوندا هئا، جيڪي چوندا هئا ته:

سنڌِي سنڌ ڇڏي، آيا هند لڏي
اجا خبر نه آ، ڪٿي هلڻو آ.

۽ اسانجي ٻئراڪڙه لاءِ ته ڪنهن ڀڳت
١٩٥٠ ۽ ١٩٥٥ جي وچ ۾ چيو هو ته:

ٻئراڪڙه ڪئمپ آ، پوپالي اِسٽيٽ آ
جيڪو ايندو شرنارٿي، تنهنجو ٻيڙو پار آ.

پر لڳي ٿو ته ورهاڱي کان ترت پوءِ ڪئمپن جي اهڙِي دل ڪاندارِيندڙ حقيقت بيانيءَ کي ڪي دوست بنهه ميساري ڇڏڻ ٿا چاهين. تڏهن ته ممبئيءَ جي هڪ دوست، جيڪو سنڌِي ناٽڪن سان به وابسته رهيو آهي، تنهن اِها فتوا ئي هڪ ڀڳت ورڪ شاپ/سيمينار ۾ گوڌرا ۾ ڏيئي ڇڏِي ته ڀارت ۾ ڀڳت جو پُنرجنم ورهاڱي بعد ١١ سالن بعد ١٩٥٨ ۾ ٿيو. لڳي ٿو ته ممبئيءَ جهڙِي مهانگريءَ جي رهڻ وارن ۾ اِها مهانگرِي عادت پئجي ويئي آهي ته هو هر ڳالهه جي واهه وائي خود ئي لُٽڻ ٿا چاهين. جيڪڏهن اِهو سچ آهي ته ڀارت ۾ ١٩٤٨ کان وٺي ١٩٥٧ جي وچ ۾ ڀارت جي سنڌِي ڪئمپن ۾ ڀڳت جاڙارام، ڀڳت پرسي، شمن گڏيءَ، جيني ڀڳت، ڀڳت گوئند وڏي ۽ نندي، ڀڳت ستم جيڪي ڀڳتيون ڪيون ته اُهي ڀڳتيون نه هيون ته ڇا هيون.

اِنهن مهانگرن ۾ رهندڙن مان ڪنهن هڪ دوست سنڌين جي واعض ڀڳت ڪندڙ لاءِ به ڪي اڻ شانائتا گفتا چيا هئا ته ڀڳت راڌي ورهاڱي کانپوءِ ڪنهن ممتاز سنڌِي ڀڳت جي باندي بڻجي ويئي. پر حقيقت اِها آهي ته ٿُل جي پاسي جي رهندڙ هن سنڌِي هندو ڀڳتياڻيءَ بابت ورهاڱي کان پوءِ هوءَ ڪٿي اچي رهي ۽ ڪڏهن ۽ ڪٿي گذاري ويئي.

سنڌ ۾ جيڪي ناميارا ڀڳت هئا، اُنهن مان سڀ کان وڌيڪ ناليرو ڀڳت وري به ڀڳت ڪنور هو ۽ شايد سندس سنڌِي ساهت تي اهڙِي ڪا مهر جي نظر ٿي، جو ڀارت ۾ سڀ کان پهرين ساهت اڪاڊميءَ جو اعزاز دهليءَ جي شرِي تيرٿ وسنت کي سندس شاهڪار ”ڪنور“ تي عطا ٿيو. اِهو ساڳيو ڪتاب وري ١٩٩٥ ۾ تيرٿ وسنت جي پرلوڪ پڌارڻ بعد ڊاڪٽر موهن لال شرما ١٩٩٦

ته مان ڇا ڄاڻان دين ۽ ايمان! منهنجو دين ڀڳت آهي، منهنجو ايمان ڀڳت آهي، منهنجو مذهب منهنجو ڌرم ڀڳت آهي. هندستان ۾ اچڻ بعد اُنهيءَ ٻولڙيي کي آريه ڌرم مطابق هندو بڻايو ويو. سندس شاديِ هندو ڇوڪريءَ سان ڪرائي ويئي. ڪجهه شروع جا سال ته پرسي ڀڳت سان گڏ ڀارت جي ڪئمپن ۾ ڀڳتيون ڪندو رهيو ۽ پوءِ پرسي ڀڳت سان ئي دائمي طور اچي احمدآباد ۾ رهيو. سنگيت آچاريه پنڊت آسڪرڻ شرما جو چوڻ آهي ته سنڌيِ ڀڳتن ۾ ڀڳت ڪنوررام کان پوءِ ڀارت ۾ احمدآباد جي ڀڳت سندر ميراسيءَ جي گلي ۾ جيڪا لئڪار هئي (ٽپي جي تان جي لئڪاري) اُها هنن ٻئي ڪنهن ڀڳت ۾ ڪونه ڏٺي ۽ افسوس جو اُهو سندر ميراسي ١٩٩٦ ۾ جڏهن احمدآباد ۾ گذاري ويو ته ڪنهنکي خبر به ڪونه پيئي. ڪاش هنجا به ڪي رڪارڊ پرايل هجن ها ته اسين فخر سان چئي ۽ اُهي رڪارڊ وڄائي خود به ٻڌون ها ۽ ٻين کي به ٻڌائي فخر محسوس ڪريون ها. پر مون کي لڳي ٿو ته سندر ميراسي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ٻين سنڌيِ ڀڳتن جا ڪي ريڊيو پروگرام آڪاشواڻي احمدآباد ۽ شايد دوردرشن جي Achives ۾ هجن. اُهي هٿ ڪرڻ گهرجن احمدآباد جي سنت ڪنور فائونڊيشن کي.

اهڙا ٻيا به گهڻئي ڀڳت هوندا، جيڪي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ ۽ هند ۾ پرلوڪ پڌاريا هوندا.

چون ٿا ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ به سنڌيِ ڀڳتن جي فن ۽ شخصيت تي ڪافي ڪم ڪيو هو. الف-بي وار اُنهن ڀڳتن جا نالا ۽ سندن ڀڳت بابت به ڪجهه لکيو هو. اِهي ليک ڇاپي جي صورت ۾ يا دستخطن جي روپ ۾ به جيڪر ملي وڃن ۽ ڪو کوجنيتڪ کوج ڪري رهيل نالا به جوڙي ۽ جن ڀڳتن جا فوٽا ملي سگهن، اُهي هٿ ڪري ۽ سندن اولاد جي باري ۾ به ڪا ڄاڻ ڏئي ته سنڌيِ ڀڳت ڪلا جو هيءُ املهه خزانو ايندڙ پيڙهين لاءِ هڪ تواريخي دستاويز جو ڪم ڪري.

باقي موجوده دور ۾ مون کي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا به ڀڳت نظر نٿا اچن. هڪڙو آهي احمدآباد جو ڀڳت ارجن ڪوراڻي ۽ سندس پيچڙ ڀڳت منگهرمل. ڀاونگر جو ڀڳت پريتمداس (جنهنکي پريتو ڀڳت به چوندا آهن).

اجمير وارو ڪمل ڀڳت - جيڪو نارو ٽيڪوءَ واريءَ ٽوليءَ جي ڀڳت ناروءَ جو پوٽو آهي ۽ ڀڳت رامچند جو پٽ آهي.

اِندور وارو ڀڳت ڪوڏورام. ڪٽنيءَ وارو تجلي رام. اجمير وارو ڀڳت هاسارام، جيڪو باڳڙچيءَ جو آهي. هن جا پيچڙ آهن پرت لال ۽ ڪنعيالال. اجمير جا ٻيا ڀڳت آهن ڀڳت ڪشن لال، ڀڳت لڇمڻداس، گانڌيڌام جي وشني ايسراڻي، ناگپور جو ڀڳت گرمکداس، ڀڳت نوتنداس ۽ ڪي ٻيا هوندا.

سنڌيِ ڀڳت هاڻي پويان پساهه کڻي رهي آهي. جيڪڏهن ڪي عملي قدم نه کنياسين ته سنڌيِ سنسڪرتيءَ جو هيءُ ورثو اسانجي هٿن مان اِئين ئي کسڪي ويندو. اِنهيءَ ڳم ٿيندڙ پرمپرا کي جيئارڻ لاءِ ڪي ويچار جيڪي منهنجيءَ ذهن ۾ اُڀري بيٺا آهن، اُهي ڪجهه هن ريت آهن:

(١) سڀ کان پهرين ته جيڪي زنده ڀڳت آهن، اُنهن جي وڌ ۾ وڌ همت افزائي ڪريون، تن من ۽ ڌن سان.

(٢) سنڌي ساهت اڪادميون جيڪي دهلي، گجرات، مهاراشٽر، مڌيه پرديش، راجستان ۾

بابا گنگاناٿ ٻڙاگڙه ۾ ١٩٥٠ کان ١٩٥٥ کن تائين هر سال شِوَ جي ميلي تي ڳهرائيندا هئا. ڇيلي ڀڳت جا ٻيا جونيئر ڀڳت هئا ڀڳت موهن ۽ ڀڳت هيمن. هارمونيم تي ڀڳت ٽهلرام سنگت ڪندا هئا. (ماسٽر ٽهلرام اڄڪلهه ٻڙودا ۾ آهن.) طبلي تي ڏيپچند ڳر سنگت ڪندو هو. ڇيلو ڀڳت ۽ سندس جونيئر موهن ڀڳت چون ٿا ته گذاري ويا. ٻئي ڪڏهن پرلوڪ پڌاريا، اِهي تفصيل به نٿا ملن.

مولراج ڀڳت، جنهنکي مولڻ ڀڳت به چوندا آهن، رياست گنبٽ جو رهواسي هو. هيءُ ڀڳت چونڪي ڪندو هو ۽ شاستريه سنگيت جو سٺو ڄاڻو هو. هيءُ ڀڳت به راهه رباني وٺي اگم واريءَ دنيا ۾ وڃي مقيم ٿيو آهي.

آئل ڀڳت ٽنڊي آدم جو هئو ۽ پنهنجيءَ ٽوليءَ سان گڏ سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳوات ڀڳتيون ڪندو هئو پر ورهاڱي کان پوءِ هنجي ڪا خبر ڪونه پيئي. ٽنڊي آدم جو هڪ ٻيو ڀڳت هئو ڀڳت صوڀو. آئل ڀڳت وانگر هنجي به ڪا ڄاڻ ڪانه ملي.

ساڳي ڳالهه حيدرآباد سنڌ جي ڀڳت ايسرداس جِي آهي.

ورهاڱي کان اڳ ڪي مشهور ڀڳت سنڌ ۾ ئي گذاري ويا ۽ اُنهن جي فن ۽ شخصيت بابت به ڪا ڄاڻ نٿي ملي. اُنهن مان ڪي اهم نالا آهن ڀڳت ڪُندن، ڀڳت موٽو (نواب شاهه وارو) ڀڳت ڇيلو ڪوڪر وارو، نانڪ ۽ ماڻڪ ڪٽي. خاڪو مينگهواڙ، ڇيتن ۽ رائسنگهه. ڪي ٻيا به نالا هوندا پر اِنهن سيني ڀڳتن بابت ڪو سنڌِي بزرگ به ته اڄ ايڪويهين صديءَ جي پهرئين سال ۽ ورهاڱي جي لڳ ڀڳ چونيهن سالن بعد ڪونه ٿو سُڄهي، جيڪو اُٺويهين صديءَ جي آخرين ٻن ڏهاڪن جون ڳالهيون ٻڌائي يا ويهين صديءَ جي پهرين ٽن ڏاڪن جي سنڌِي ڀڳتن بابت ٻڌائي.

ڀڳت شمن ڳڏيءَ جو به ديهانت ١٩٨٥ جي آس پاس ٿيو. نوتن ڀڳت به خاص طور ستسنگ ڪندو هو. احمدآباد ۾ لعل جي مندر ۾ ڪٻيرنگر ۾ رهندو هو. چون ٿا ته هيءُ به گذاري ويو. مهراج ٻُلي رام ڀڳت ۽ گوئند وڏو به اجمير ۾ گذاري ويو. سنڌ جا ڀڳت نارُو ۽ ٽيڪو لاڙڪاڻي وارا به مشهور هئا. ورهاڱي کان پوءِ اجمير ۾ اچي رهيا. ناروءَ جا ٻه پٽ رام ۽ پرتاپ ڀڳت ۾ پيا ڪين ساٿ ڏيندا هئا. پرتاپ لاءِ به ڏهه سال کن اڳوات ١٩٩٠ع جي آس پاس خبر پيئي ته اجمير ۾ آهن. هاڻي هڪ خبر اجمير واسين کي ۽ ٻي خبر خاوند کي. رام هارمونيم وڄائيندو هئو.

پرسي ڀڳت جنهنجي آکهه ڏيواڻي هئي، اُنهن کي قصا ۽ ڪهاڻيون ڪٿڻ جو ڏانئن هوندو هو. قصي کي اهڙي موڙ تي آڻي بيهاريندا هئا، جو ٻئي ڏينهن ٻڌندڙ خود به خود ڀڳت ۾ ڇڪجي ايندا هئا. پرسو ڀڳت، جنهنکي ڏٽو ڀڳت به چوندا هئا، سنڌِي مسلمانن جو به ڏاڍو خيال رکندو هو. چون ٿا ته حسن ۽ حسين جو قصو اهڙِيءَ ته سوز سان ٻڌائيندو هو، جو ٻڌندڙ زارون زار روئڻ لڳندا هئا. قصو ڪٿندي چوندا هئا ته پٽ جي قبر تي ماءُ اچي بيٺي ۽ چوڻ لڳي ته پٽ اُٿ. پر پٽ ٻڌي تڏهن ته اُٿي ۽ ماءُ جي حالت ڪهڙِي ٿي هوندِي ذرا سوچيو، ذرا سمجهو.

پرسي ڀڳت جو ٻولڙيو هوندو هو سندر ميراسي. چون ٿا ته ورهاڱي وقت اِنهيءَ ميراسيءَ جيڪو سنڌِي مسلمان هو ۽ ڪو مٽ مائٽ ڪونه هئس، تنهن پرسي ڀڳت جو پيڇو نه ڇڏيو ۽ ڪيس ڇيائين

ناريِ ۽ پرش جي شڪتيءَ جو ميلاپ

— ماستر گيلارام رائچندائي


ناريِ شڪتيءَ کي نظرانداز ڪرڻ سماج جي اُنتيءَ ۾ رنڊڪ آهي. تنهن ڪري ناريِ شڪتيءَ جي وڪاس لاءِ مهلائن کي واجبي ۽ نياو پورڪ حق ملڻ گهرجن. اُنهن کي واجبي آزادي ملڻ گهرجي اُنهن جون سمسيائون دور ٿيڻ گهرجن، جيئن ناريِ بہ پرش وانگر ديش شيوا ۽ اُنتيءَ ۾ اڳريِ رهي، پرش وانگر جيوَن جي لکش ارٿ، ڌرم، ڪام ۽ موکش پراپت ڪري سگهي.

مهلائن ۾ تعليم گهٽ، ٻال وواهہ، دير سان شاديون ٿيڻ ۽ جلد ٽٽڻ، طلاق ۽ بلاتڪار وڌندڙ. ڏيتي ليتي، شادين ۽ ڪٽي ڪٽي مرتيو پوڇڻ تي موتمار خرچ، نشيدار شين واپرائڻ جو وڌندڙ واهپو. ڪن صديِ خارج ڪُريتين ۽ رسمن جو هئڻ، بي جوڙ شاديون، ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي تعليم يتا پالڻ-پوشڻ ۾ ڀيدڀاو، ڀوتڪواد جي ڊوڙ، مردن جو شڪي سڀاو، پريوارن جو ٽٽڻ ۽ ننڍو ٿيڻ، بنا لياقت جي پئنچاتين ۾ عورت کي روزويشن جي ڪري پد جو پتيءَ طرفان دراُپيوگ. هر کيتر ۾ بنا عقل ۽ سوچڻ جي نقل ڪرڻ وغيره مسئلن ديش ۾ نارين جي هيٺيِ ۽ ڪِريل هستي بڻائي ڇڏِي آهي. هاڻي پرشن کي پنهنجون ڪمزوريون دور ڪري ناريِ شڪتيءَ جي جاڳرڻ ۾ سهيوگ ڪرڻو آهي، جيئن گرهستي جيوَن خوشحال ٿي سگهي.

ناريِ ۽ پرش گاڏيءَ جي ٻن ڦيٿن وانگر آهن. جيڪڏهن هڪ ڦيٿو پنتي رهجي ويندو تہ سڀاويڪ گاڏيِ روپي پريوار ۽ سماج بہ هڪ هنڌ رڪجي وينديِ. اِستريِ ۽ پرش هڪ ٻئي جا پوروڪ آهن. هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ سان ئي ديش جي ويوستا ۽ واڌارو قائم دائم رهي سگهندو.

قدرتي طور ناريِ ۽ پرش جي بناوٽ، سڀاو وغيره ۾ تفاوت آهي. تنهنڪري ٻئي ڪجهہ ساڳيا ڪاريہ ڪري سگهندا پر سڀ نہ. تنهنڪري زالن کي سڀ ڪنهن ڪاريہ ۾ زوريءَ گهڙي پوڻ گهرجي، اِهو سماج لاءِ نيڪ ڪونهي. ناريِ ۽ پرش جا کيتر، ڪم ۽ فرض الڳ الڳ آهن.

ماستريائڻيون، ڊاڪٽريائڻيون، نرسون، ڪلارڪ يا ڪي اهڙيون ڪم ڪرڻ جون جڳهيون، جنهن ۾ شيوا ڀاو، سهانڀوتي، همدردي، پيار ۽ پنهنجائپ وغيره گهربل سنسڪارن جي ضرورت ۽ گهرج آهي ۽ پڻ جوکم کان خالي آهن. اهڙيون نوڪريون



نالو	:	گيلارام چانجي مل رائچندائي
جنم	:	١٥-١١-١٩٣٠ ٻلال -مورو - نوابشاهہ - سنڌ.
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير هيڊماستر
پتو	:	نيو - اي٢٧٦/٣٦،سنت هردارام نگر، بيرٺاڳڙهہ - ڀوپال.

آهن، اُهي پنهنجي پنهنجي پرديش ۾ سال ۾
گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڏهه ڀڳتن جون ٽوليون گهرائين.

(۳) اهڙن ڀڳتن کي اُهي اڻن والن واريون پيشوازيون تمام بهترين ڪپڙي جون، تنهن کان سواءِ سنڌ ۾ ڀڳت جيڪا شڪارپوري ٻاڙهي پڳڙي پهريندا هئا، اُها به اڪادمين طرفان ڀڳتن کي سوکڙيءَ طور ڏني وڃي. ڀڳتن کي ڪُٽِ جي ڇير جنهن ۾ ٽي ڇڳا هجن، اُها به ڏني وڃي ۽ بخمل جي ٻاڙهيءَ ٿيلهيءَ ۾ سيني کي ايتري ته روڪ رقم ڏني وڃي، جيئن سندن گهر پريوار جو گهٽ ۾ گهٽ ٻن مهنن جو خرچ نڪري سگهي.

(۴) سنڌي ڀڳت تي به زوربار آڻجي ته هو سنڌي ڀڳت ۾ رڳو سنڌي لوڪ گيت ۽ ڏوهيڙا ئي ڇون، جيئن سنڌين جي جدا ڳانا خوبي ڀارت جي ٻين ڀاشا ڀاشين تائين سُهڻي ڍنگ ۾ پيش ڪري سگهون.

(۵) وقت جي بدلجڻ سان اسين پنهنجن قصن، ڪهاڻين ۾ به ڪا تر ميم آڻي ٿا سگهون. جيئن اڄڪلهه ڇتيس ڳڙه ۾ پندواني پروگرامن ۾ تيجن ٻائي، رِتو ورما ۽ ٻيا لوڪ ڳايڪ ڪري رهيا آهن. سنڌي ڀڳت ۾ جيڪي قصا ڪهاڻيون ٻڌائيندا رهيا آهيون، اُنهن جا موضوع بدلايون.

(۶) سنڌي اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سانسڪرتڪ پروگرامن ۾ شاگردن طرفان سنڌي ڀڳت جا اِسم ضرور پيش ڪرايون.

(۷) سنڌي ڀڳت تي فلمون ڪڍي سگهون ٿا. ٽيلي فلمس ۽ ٽي-وي فلمون به ڪڍي سگهون ٿا. پر اهي فلمون اهڙيون نه هجن، جيڪي اڄڪلهه اسين شاديءَ ۽ مڱڻي تي ٿا ڪڍايون، جيڪي پنجويهه ڀيهه دفعا هلڻ ڪانپوءِ خراب ٿي ٿيون وڃن.

ڀڳت ڪنوررام تي تيرٿ وسنت جيڪو شاهڪار ڪنوَر ۱۹۵۷ ۾ ڇپايو هو. اُنهيءَ جو نئون اڊيشن ڪا سنڌي ساهت اڪادمي پاڻ تي هموار ڪري ڇپائي. اهڙيءَ طرح پروفيسر ڪنعيالعل تلريجا ۾ ۱۹۷۷ ۾ امر شهيد ڪنوررام ڪتاب ڇهه سوَ پيجن جو ڇپارايو هو. اِهو ڪم سنڌي اڪادمي دهلي ڪري سگهي ٿي. پروفيسر تلريجا ڪنوررام تي هنديءَ ۾ ڪتاب ڇپايو هو. اُهو ڪم به ڪا سنڌي اڪادمي سر انجام ڏيئي سگهي ٿي.

جهڙيءَ طرح هوٽلن مان دال کي نيڪالي ڏني ويئي آهي، ساڳيءَ حالت اڄ اسان سنڌ ڀڳت جي ٻڌائي ڇڏي آهي. ورهاڱي بعد هت هند ۾ چاول سنڌي ڀڳت ڇڻ پڙڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. ۽ ۱۹۵۰ کان اڳ سنڌ ۾ چاول به وڃن ٿا ڏينهون پوءِ پارسين وانگر ڳنجندا. هاڻي ته رڳو اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سانسڪرتڪ پروگرام ۾ اِنهيءَ ورشي جي جهلڪ پسائي سگهون ٿا.

سنڌي ڀڳت جي اهڙي نازڪ حالت ڏسي مان پنهنجو مقالو شاهه صاحب جي هن واٽيءَ سان سماپت ڪريان ٿو ته :

نه سي وڻ وڻن ۾، نه سي ڪا تاريون؛
پسي بازاريون هينئڙو منهنجو اڏو ٿيو.

ڪي) سکيا نہ ڏبي، گيان نہ سيکاربو تہ هوءَ پيڪن ۽ ساهرن ۾ خراب-خوار رهنديِ. سکيا کانسواءِ هوءَ ٻنهي گهرن ۾ نالو-ناموس نہ ڪڍي سگهنديِ. تنهن ڪري ماتا پتا نينگرين جي تعليم ۽ گهربل سکيا تي ڌيان ڏين، جو سندن فرض آهي. جنهن ۾ جاتيِ، قوم ۽ سماج جو ڀلو آهي. ڪي مرد ڌيءَ ۽ ننهن ۾ ڀيائي رکن ٿا جا ٺيڪ ڪونهي.

پراڻا رواج ۽ ريتيون-رسمون ۽ سڀ ڪجهہ نئون سٺو آهي، اِها ڌارڻا رکڻ بہ غلط آهي. پراڻي وقت انوسار صحي ۽ فائدي وارو آهي تہ هلڻ ڏجي. پر نئون نقصان ۽ خرابي ڪندڙ آهي تہ ڪڍجي. پر پراڻي ۽ نئي جي چڪر ۾ نہ ڦاسجي. نئي نقل جو ڪم بہ عقل هلائي فائدو وٺجي. جيئن ڪا ودوا، وواه نہ ڪرڻ چاهي تہ اُن کي زوريءَ شادي نہ ڪرائجي. وواه ڪري زندگي خوش گذارڻ ٿي چاهي تہ رنڊڪ نہ وجهجي. ڇوڪرين کي گهربل ڌرمي، اخلاقي ۽ ضروري ڪلائن جي سِکيا ڏيڻ بہ ضروري آهي، جيئن اهي گرهستي جيوَن مان- مريادا سان گذاري، سماج جو ٻاٽ اوچو ڪري سگهن. ڇڙواڳي نہ، پر اچت آزادي ڏيڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪجي. جيئن عورتون بہ ديش جي واڌاري ۾ ٻانهن ٻيلي ٿين. جنهن ۾ ٻنهي جو سڌارو ٿيندو. ٻارن کي سِکيا لاءِ ساڌن ميسر ڪري ڏيڻ وڏن جو ڪرتويہ آهي.

مرد پنهنجي ان اهنڪار کي ڦٽو ڪن ۽ دور ڪن تہ زالون کو سندن عقل ۽ لياقت کان گهٽ آهن. اهي بہ سماج-پريوار جي ترقيءَ لاءِ سندن جهڙو وزن رکن ٿيون. ڪن ڳالهين ۾ تہ پاڻ وڌيڪ. تنهنڪري ڀارت ورش ۾ سرسوتي جي سنسڪارن، لڪشميءَ جي ڌن ۽ درگا جي شڪتيءَ ڏيڻ جي ڪارڻ، انهن جي ماتا جي روپ ۾ پوڄا ۽ آراڌنا ڪئي ويندي آهي. ٻيءَ حالت ۾ انهن ٽنهي شڪتين، سنسڪارن، ڌن ۽ شڪتيءَ کانسواءِ جيون اڌورو آهي ۽ رهجي ويندو.

پرشن کي نشيدار شين واپرائڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. شان لاءِ مُڇ کي وڌائي شادين ۽ ٻين ڪارجن- منگلن ۾ اجايا ۽ اڻڳا خرچ ڪري جاتيءَ جي برابريءَ جي پنگتي حالتن کي ڦيري هيٺ مٿي ڪري، ڪنهن کي گهٽ-وڌ يا ننڍو-وڏو ٻڌائي پنگت جي سمانتا کي ڇيهو پهچائڻ عقلمندي ڪونهي. جيڪڏهن پيسو آهي تہ انجو سدُپيوگ ڪري سماج جي شيوا ۾ ڪم آڻجي، جنهن ۾ ئي سڀ جو ڀلو آهي. هڪ ٻئي ۾ اڻ سڌيءَ طرح فرق نہ وجهجي. جيئن ڀين جي يعني ننڍن ماڻهن جي عزت رهجي اچي. جيئن هو بہ وڌيڪ قرض وٺي ڏيکاو نہ ڪن.

مردن جو فرض آهي تہ اِستريءَ جي سٺن ويچارن ۽ ڀاونائن جو قدر ڪري انهن کي مان ڏيئي اڳتي وڌائڻ گهرجي. هڪ ٻئي سان هوس-هوڙ اجائي ڇتاپيٽي نہ ڪرڻ گهرجي، جو هڪ ٻئي کي الڳ ڪري پنهنجو سک وڃائي، دک کي دعوت ڏجي.

اسانجي ڌرمي پستڪن ۾ فقط فرض جي پالڻ جو ورڻن ڪيل آهي پر اڌڪار جو بيان نہ ملندو. جڏهن هرهڪ ناريِ ۽ پرش پنهنجا پنهنجا فرض پورا ڪندا تہ خود بہ خود ٻئي جي اڌڪار جي پورت ٿي ويندي.

ويڏيءَ وقت پنڊت زال ۽ مڙس کي پنهنجا پنهنجا فرض ٻڌائيندو آهي. جيڪڏهن ان تي ٻئي عمل ڪن تہ پوريِ گرهستيءَ ۾ آنند منگل ڇائنجي ويندو. گهر ۾ مکيا سڀاڻي سڀاجهي اِستريءَ ڪري ئي پريم، همدردي، سهانڀوتي، سهاري ۽

پلي ڪرڻ گهرجن. ڪيتن، ڪارخانن، گهرو هنرن ۾ ڪٽنب جي ڀاتين سان گڏ روزگار جو ڪم ڪرڻ گهرجي، باقي عزت وڃائڻ وارن روزگارن کان پچي پاسو ڪجي.

نارين جون ڪمزوريون- گهڻو ڪري زالون ئي ڏيتي ليتيءَ جي اوٽ ۾ زيورن، لٽن ڪپڙن ۽ سوکڙين جي گهر ڪنديون آهن. ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ ۾ پالنا جو، ننهن ۽ ڌيءَ سان وهنوار، ورتاو ۽ پيدياو به عورتون ڪن ٿيون. صدي خارج رواجن جي هلائڻ ۾ پڻ اُنهن جو به هٿ آهي. اڳ رڳو فقط نهرون ستائبيون هيون، هاڻي سسون به ان چڪر ۾ ڦاسي ويون آهن. ڪي ناريون ته ماڊلنگ جي شونق ۾ مهيم ڊريسون پائي ننگي شرير ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿيون. ڊارين مردن سان رمي ڪيڏي، ڪلبي پارٽيون ڪري، واحيات ناچ- گانن ڪرڻ کان به پرهيز ڪونه ٿيون ڪن. پريوار جي ڀاتين جي رشوت وٺڻ، نشيدار شين جي واپرائڻ ۽ ٻين اجاين ۽ خراب ڪمن ڪرڻ تي زوردار ورود نه ڪرڻ جي اڪبوت ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ ته ان آمدنيءَ کي مهلائون به واجب هئڻ ۽ سمجهڻ جي غلطي ڪن ٿيون. ڪي ته مائرون پنهنجن ٻارن جي بگڙيل عادتن کان مردن کي واقف نه ڪري هيڪارِ اُنهنجي مٿان ڍڪ پردو وجهن، جو بلڪل نيڪ ڪونهي. اُجين ۾ هڪ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ڇوڪرين ته پنهنجن سهيلين ڇاترائن کي ننگو ڪري رئنگنگ جي اوٽ ۾ گهمائي مزو ماڻيو. ڪن ڳالهين ۾ ته ناري ئي ناريءَ جي دشمن آهي. انهن ڪمزورين هئڻ ڪري اهڙيون مهلائون خلق ۾ اِستري جاتيءَ جو ڪنڌ هيٺ نٿيون ڪن؟

جن عورتن کي بنا لياقت جي رزرويشن ۾ جيڪي پئنچائتي راجنيتي پد پراپت ٿيا آهن، تن مان ڪيترين کي شرمسار ٿيڻو پيو آهي. ڪن حالتن ۾ ته انهن کي اگرا نتيجا ڀوڳڻا پيا آهن. اڪثر انهن جي پتين کي ”پتني سرپنچ“ چئي ڪري مذاق اُڏائي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته اِستريءَ جي پد جي اوٽ ۾ مرد حڪم هلائيندو آهي. اهڙا پد اڀوجهه مهلائن کي سويڪار نه ڪرڻ کپن، جنهن ۾ سندن گهٽتائي ٿئي. باقي جيڪڏهن اِندرا گانڌي، سچيتا ڪرپالاڻي، چيني سپاهيملاڻي، سشما سوراج وغيره نارين وانگر پنهنجي يوگيتا جي آڌار تي عام طرح چونڊجي راجنيتي پد حاصل ڪن ته ڪو اعتراض ڪونهي.

هاڻي ڪنواري هجي يا ڪنوارو هجي يا ننهن-سس هجي، سڀني کي پنهنجون ڪمزوريون ڪڍي، سهرو ۽ سس، ننهن کي ڌيءَ وانگر ۽ ننهن، سس ۽ سهري کي ماءُ پيءُ وانگر پيار ۽ آدر ڏيئي اُنهن جي شيوا ڪن. پريوار ۾ هڪ ٻئي سان سدڀاونا جو وهنوار ڪري گهرن کي سرڳ بڻائين. ٻيءَ حالت ۾ ناري چاهي پرش کي ڪشٽ ضرور ڀوڳڻو پوندو.

ڪي پرش نارين کي پير جي جتي سمجهي ڪري اُنهنجي بي عزتي ڪندا آهن، جيڪا سندن نالائقي ثابت ڪندي آهي. وري ڪي پرش ”ڍولڪ گنوار، شودر، پشو ۽ ناري تاڙن کي اڌڪاري“ ڪوي تلسيداس جي چوپائيءَ جي غلط معنيٰ ڪڍي مثال ڏيئي چوندا آهن ته انهن کي پيڙت ڪري به ضابطي ۾ رکجي يا انهن جي چوپائيءَ جو آڌار وٺي نندا ڪندا آهن. پر ”تاڙن“ شبد جو ارٿ آهي- ”سکيا.“ تاڙن شبد جي ارٿ پيڙت غلط آهي. تلسيداس جو چوڻ هو ته انهن پنجن کي سکيا ڏيئي سماج جي ڀلي لاءِ يوگيه ڪجي. جيڪڏهن ناري (ڪنواري نينگر

جوڳي جادو لائي ويا

— وينا شرنگي

سُنهاري سنڌ جيان راجستان جي مٽيءَ جي ذري ذري ۾ لوڪ فن، لوڪ سنگيت، لوڪ ڪهاڻيون سمايل آهن. مومل جي ماڙي جا آثار، مومل جي ماڙي، ٿر جيان وارياسي سرزمين، اُنن جا فاصلا ڏسي شاهه سائين جي سورمي سسئي جي واتان اظهاريل ڪلام ياد اچي وڃي ٿو. اُٺ ويري اُنار ويري..... راجستان جي ريگستاني علائقي مان واريءَ کي اُڏامندو ڏسي ازخود زبان تي اچيو وڃي ٿو، ٽيون ويري واءُ ٿيو جنهن لٽيا پنهون پير... اتي ٻانهپون پاتل مٽي تي دلاءِ گهاگهريون ڪنيل عورتون ٿر جي ماروئڙن جي ياد تازيون ڪري ڇڏين ٿيون.

راجستان جي هڪ واري ڪالبيليا ڏسندي مونکي سنڌ جي جوڳين جي ياد اچي وئي، ڪالبيليا نرتيه اتي جي سپيرن جو نرتيه آهي، ڪارو زريءَ کي گوٽن وارو لباس پهري نرتيه ڪندڙ سپيئرن نار جي لچڪ کي ڏسڻ وٽان هئي. جيئن نانگ جو ڦڻ ڪڍي لهرائي لهر هڻڻ وارو انداز لوڪ فن جي پريمين کي اصل موهي ڇڏي. انهن سپيرن جون پنهنجون الڳ بستيون آهن. سپيرن جي بستين جو حوالي سان ٽپڻين ۾ نانگ ڪٽي گهمڻ جوڳين جي ياد تازي ٿي وئي. منهنجي زبان تي هيءُ سٽون اچن ٿيون:
جوڳي جادو لائي ويا مونکي ڪين ٻڌائي ويا.

جوڳي ٻه طرح طرح جا ٿين. هڪڙا جوڳي رتا ڪپڙا پهري نوڳي ٻڌجي ماڻهن کي نڳين ته پيا ڏين دنيا سنساري مهاڄار کان پري ايڪانت ۾ وڃي جوڳ پچائين. هڪڙا اُهي جيڪي نانگ بلائن کي مُندبي ڇڏين. جوڳي جادو لائي ويا.... انهن جوڳين جي ئي صحبت ۾ ڀٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف اکل پنڌ هنگلاج جا طئه ڪيا. شاهه سائين سندن لباس رهڻي ڪهڻي، ڪنن ۾ پيل ڪنڊلن جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي سيرو سفر ۽ سياحت ذريعي جيڪو مطالعو ۽ مُشاهدو ڪيو سو پنهنجي بيتن ۾ قلم بند ڪيو آهي.

ويچارا وجود جي ڪنهن سان ڪن نه ڳالهه،
نانگا ٿيو نهال، لڪا پڻ لوڪ ۾. (شاهه)

ڀٽائي گهوٽ سُر رامڪليءَ ۾ جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي. جوڳين کان متاثر ٿي گيئڙوتا ڪپڙا پائي سيرو سفر تي نڪري پيا. سنڌ جو محقق جناب تاج صراحي بدر ابڙي جي ڪتاب هنگلاج ۽ لاهوت جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

نالو	:	وينا شرنگي
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	
پتو	:	سي - ٨٤، اِندر پوري، نئي دهلي - ١٢.

انوشاسن جا گڻ ۽ ويچار ملن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن پريوار جي وڏي يا مکيا وهنوار ڪشل آهي ته پڪ پورو ڪٽنب گڏن وارو ۽ سکي هوندو. طلاق به پرش ۽ اِستريءَ جي پنهنجي پنهنجي اهنڪار ۽ اجائي هوڏ ۽ پڻ غلط فهميءَ جي ڪري ٿين ٿا. جن کي پنهنجي سياٽپ سان روڪڻو آهي، نه ته پورو پريوار جيئري نرڪ بڻجي وڃي ٿو. هن ۾ ماتا پتا کي پنهنجي اولاد جو بي واجبي پکش نه کڻڻ گهرجي، جيئن ڪنهنجو آئيندو نه بگڙي.

ناري تياڳ ۽ ٻين انيڪ گڻن جي کاڻ جي ڪري پوڄا جي لائق آهي. هوءَ پڻن ۽ پريوار کي ڪارائي پوءِ پوڄن ڪري ٿي. ڪڏهن بکي به رهي ٿي. پرش هن کي گهڻا ڪشٽ ڏنا آهن، پر تنهن هوندي به ماتائون سدائين ڪلياڻ جو ڀاو رکي، پٽن کي آسيس ڪن ٿيون. ماتائون جڳت جو ادار ڪري سگهن ٿيون. اهي شرڌا جي لائق آهن. اهي پرشن کي ويرتا، دياوان وغيره گهڻا ئي سنسڪار ڏيئي منش بڻائي ٿي. ماتا جي پيرن هيٺان سرڳ آهي، جتي ناريءَ جو سنمان آهي، اُتي سک شانتيءَ جو راڄ آهي، تنهن ڪري ڀهريائين ماتا پوءِ پتا ۽ وري گرو ڀڳت بڻجڻ ۾ ئي اسانجي ڀلائي آهي.

پشچم جي سڀيتا جي ڀرڀاو انهن ملڪن ۾ ئي ڦهر ڪري چڙيو آهي ته اها سنسڪرتي اسانجو ڀلو ڇا ڪنديِ؟ آڌونڪ فئشن جي ڊوڙ ۾ ڀلتي ناريون به ڪونه آهن. اهي به ڀوتڪواد جي چڪر ۾ ڦاسجي رهيون آهن. ان کي سڀني کي ملي ڪري روڪڻو پوندو. اهو ڀارتيه سنسڪرتي جي رکشا لاءِ اهم ۽ ضروري آهي.

ڀارتيه ناريون پنهنجي تياڳ ۽ سوڀيا واري ڄاڻ سڃاڻ گم نه ڪري وڃهن، اهو ورت ديش جي نياٽين ۽ نينگرين کي بخوبي نباهڻو آهي.

ڀڳوان شري ڪرشن جي چوڻ موجب ڪرم انوسار ڦل جو سڌانت آهي. پر پرم پوجنيه ماتائون پنهنجن ٻارن کي ان سڌانت کي پاسيرو رکي ڪپاترن کي به سکي رهڻ جو ڦل ڏيڻ چاهينديون آهن. اهڙن مهان ڀارتيه ناري کي وارون! وارون!! نمسڪار.

اڄ جي وقت جي اِها تقاضا آهي ته نر ۽ ناريءَ جي شڪتيءَ جو ميلاپ ڪري ڀارت ورش جو، سنسار ۾ سک ۽ شانتيءَ جو ڌاڪو ڄمائي نالو قائم رکون.

اڏيئي...! نانگ کي ڇيلو ٻڌائي ڇڏين. اهي جوڳي ڪلهي تي جهولو وجهن، مٿي تي پڳ پهرين، پٽڪو هلڪي گيئڙو رتي رنگ جو، هٿ ۾ بين، ڪنن ۾ ڪنڊل. مونکي ياد آهي، ان طرح جا جوڳي اسان وٽ ڳوٺ ۾ ٽپڙين ۾ خطرناڪ نانگ کڻي ايندا هئا، ڪن جي ته ڳچيءَ ۾ وڏا اجگر پهريل. اڄ به اسين ڪن تواريخي ماڳن تي ويندا سين ته اسانکي نانگ پهريل جوڳي نظر ايندا. سنڌ ۾ ته جوڳين جون بستيون ئي الڳ آهن. انهن جوڳين جو دارومدار گهڻو تڻو نانگن ڦاسائڻ تي، انهن رهڻي ڪرڻي ۾ قبيلو ئي الڳ. نانگ ڦاسائڻ وارا جوڳي ڪن گهرن ۾ نانگ ڇڏي ويندا هئا، اِن طرح جا ڪئين قصا نه صرف ٻڌا، پر ڏٺا به. گهر ڌياڻيءَ کي چون مائي تنهنجي گهر ۾ نانگ آهي مايون چون، فقير اسانجي گهر ۾ نانگ وري ڪٿان آيو؟ اسانجي گهر ۾ نه ئي ٻِر، نه وري گند ڪچرو، نه وري جاءِ ڀڳل ٽٽل ته پوءِ نانگ ڪٿان ايندو؟ جوڳي چوي مائي تنهنجي گهر مان اجهو ٿو نانگ ڪڍي ڏيکاريان. بين وڄائي ته نانگ نڪري نروار ٿيو. گهر جي ڀاتين جي اصل دل دهلجي وڃي. چوندا آهن نانگ کٽ تي ڪونه چڙهندو آهي. پر هڪ واري ڳوٺ ۾ کٽ تي نظر آيو. منهنجي حالت بري، سهڻي سني ڇوڪري ڀاتي هئم، سڄي رات خوف ۾ گذاريم، ڪٿي مٿي کٽ تي ڇوڪريءَ جي سهاري نه چڙهي اچي. چوڻي آهي ته سپ نه ماري، سپ جو سراپ ماري. نانگ جو ڏنگ ايترو خطرناڪ نه ٿيندو آهي، جيترو وڇونءَ جو پر نانگ جو ايترو ڏر جو ير مان لنگهي وڃي ته هاءِ گهوڙا ! هاءِ گهوڙا !!

نانگ جي ڏنگيل ماڻهوءَ کي وقت سر علاج نه ملي ته حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا ٿا پون. چوندا آهن ته زهر کي زهر ماري. نانگ جي زهر کي جوڳي چوسي ڪڍن، جان بخشيندڙ ٻوٽي جيءُ دان ڏين. نانگن جا ڪئين قسم ٿين. اسان واسينگ نانگ جو قصو به ٻڌو به آهي ۽ ڌرمي ڪتابن ۾ پڙهيو به آهي. نانگ جي ڦوڪ هڻڻ ڪري ڪرشن ڪنعي جو رنگ سانورو ٿي ويو. شو جي ڳلي ۾ نانگ نظر ايندو. هندو نانگ پنچميءَ تي نانگ اڳيان کير ڪٽورو رکي پوڄا ڪن. هتي هندستان ۾ جوڳين جون ڪهڙيون بستيون آهن، اها ڄاڻ ته ڪانه آهي پر سنڌ لاءِ اِهو چيو وڃي ٿو ته جوڳين جو اصل ماڳ عمر ڪوٽ بيان ڪيو پيو وڃي. هونئن اهي ڳوٺن ۾ الڳ بستي ناهي رهن.

ڪافي عرصو اڳ سنڌ جي اخبار ۾ هڪ سڄڻ غلام رسول نظاماڻيءَ جي آرٽيڪل پڙهيم. اُنجي لکڻ موجب هن وقت عمر ڪوٽ ۾ جوڳين جا ٽي هزار گهر آباد آهن يعني جوڳين جي اٽڪل پنجاه هزار آبادِي ٿيندِي. جوڳين جو واسطو هندو ڌرم ساهه آهي. اهي جوڳي ڏڻ وار ريتون رسمون اسان هندن جيان اجا تائين ملهائيندا پيا اچن. هنن جوڳين ۾ وڏ نندائي واري روايت مُکي يا سوداري هلندي پئي اچي. جوڳين جو سردار ڦوٽو جوڳي بيان ڪيل هو. هڪ جوڳيءَ جي تصوير مان سنڌ جي سفر دوران سنڌالاجي ڄامشوري ۾ ڏٺي هئي بس! ڇا ٻڌايان، سندس مڇون ڏسي ڏندين آڱريون اچي ويون. راجستان جي علائقي ۾ به ان طرح جي مُڇين وري جي تصوير ڏسڻ وٽان ملي، سندس ڳول ڳول ٽٻڻيءَ جيان ويڙهيل.

جوڳين واري مضمون ۾ سنڌ جو مٿيون ليکڪ بيان ڪري ٿو ڪجهه عرصو سکر روهڙيءَ واري علائقي جي ڪاري جبل واري علائقي ۾ حد ۾ حڪومت جي ماڻهن شيش نانگ ڏٺو. عمر ڪوٽ

سالهوت جو صفر گهڻي ڀاڱي پهاڙن ماڻرين ۽ نئين وارو پنڌ آهي. نئين ۾ ٿورو گهڻو پاڻي رهي ٿو، جنهن ڪري رستي جي ٻنهي پاسن کان آبادي ۽ ساوڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جتي بسون، جيپون ۽ موٽر سائيڪلون نظر اچن ٿيون، جنهن ڪري سواريءَ ۾ گهٽ تڪليف ٿئي. ان جي مقابلي هنگلاج جو سفر وڏو صبر آزمائش ۽ استقلال جو سفر آهي. جنهن لاءِ شاه لطيف فرمائي ٿو:

بک وڏائون بگرين، اوتي پيتائون اڇ؛
سامي جهاڳي سڀ، وڃي وسن ڪي ويجهو ٿيا.
(شاه)

هنگلاج جي سفر ۾ ميلن ۾ اوهانکي نه وڻ نه ٽڻ، نه ڪرڙ نه ڪانڊيرو، نه پکي نه پکڻ، نه ماڻهو نه مرون ڏسڻ ۾ ايندو، سموري ڪائنات هڪ وڏي ويڪري رڻ پٽ وارو ڏيک ڏيندي، هيٺ مٿاهيون واري ڏوڙ، مٿي مٿان نيرو نيلو گنبذ ۽ بس: لاهوت ۽ هنگلاج سچ جي تلاش واري اهڙي ڏکي سفر جا نشان آهن، جن ڏانهن پٽائيءَ جا پيرا به نظر اچن ٿا ۽ اهو تسليم ڪندو نظر اچي ٿو ته هنگلاج واري ماڳ تي ڏيان گيان وارو سلسلو به درست آهي، ڇاڪاڻ ته بنيادي معاملو شعور حاصل ڪرڻ جو آهي. سوچ ويچار هرهنڌ ڪري سگهجي ٿو ۽ ساڳئي نتيجي (سچ) تي پهچي سگهجي ٿو. (بدر ابڙو).

راهه شريعت هلئا، تفڪو طريقئون؛
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳائون؛
ناسوت ملوڪت جبر وٽ اي انعام لڌائون؛
پس لاهوت لنگهئون، ها هوتا ٿي هلئا.
(رامڪلي)

اڄ جي جوڳين کي اگر اسين ڏسون ته اسانکي اُنهن وٽ جديد دور جي سهولتن جا سامان موجود نظر ايندا، پر ڪي تيرٿ آستان جا جوڳي انهن لوڳين کان مختلف نظر ايندا. گنگوتري، يمنوتري، ڪيدارناٿ، بدريناٿ تي ڪيترا اسان کي گيان ڌيان ۾ مگن نظر ايندا، جيڪي دين دنيا کان الڳ ٿلڳ، جتي گرمين جي مهينن مئي جون ۾ اسين اهڙن علائقن ۾ ٿر ٿر ڏڪون، اُتي اُهي جسم تي صرف لنگوٽي ۾ نظر ايندا. گنگا جي ٿڌي برفيلي پاڻيءَ ۾ ڊسمبر جي مهيني ۾ اٺر ويلي ٽٻيون لڳائيندي نظر ايندا.

جوڳين سان گڏ گهارڻ تي شاه سائين انهن جي تپسيا ۽ هڪ هڪ رات جو تمام سهڻي نموني ذڪر ڪيو آهي. سُر رامڪليءَ مان ڪجهه بيت هت پيش ڪندس. سفر جي ستين ڏينهن جو ذڪر ڪندي چون ٿا :

ستين ڏينهن، سيد چئي ڏاڍا ڏوتائون؛
اُپي الک سامهون ٻانهون ٻڌائون؛
روح پنهنجو رام سين پر ۾ پاتائون؛
ويهي ڪنهن ولات جا اُهڃ آندائون؛
ڪٽيون ڪدائون، لڪا پٽن لوڪ ۾. (شاه)

يا

جي پائنين جوڳي ٿيان ته طمع ڇڏ تمام؛
گولا جي گولن جا تن جو ٿي غلام؛
صبر جي سرواهيءَ سان ڪر ڪينيءَ کي قتلام؛
ته نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾. (شاه)

جوڳين جي ڪڏهن ڪڏهن عام ماڻهن کي به ضرورت پوي. جيڪي جوڳي جوڳ پچائڻ وارن جوڳين کان وري مختلف آهن. نانگ کي وس ڪرڻ وارا، اسين اگر نانگ کي ڏسون ته ا ساه ڇڏائجي وڃي. پر هيءُ جوڳي نانگ کي ڳچي کان جهلي جهوليءَ ۾ وجهن. نانگ کي ڊوهي وجهي مُنڊي ڇڏين. بس پيران پير جي ڊوهي

شڪار مڇيءَ جو

— نارائڻ محبوباڻي

سکر براج ٺهڻ کان اڳ، سنڌوءَ ڪناري وارن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هر سال ٻوڏون اينديون هيون. چوڌاري پاڻي ئي پاڻي. اڇ وڃ سڀ ٻيڙين تي ٿيندي هئي. ماڻهو وقت پاس ڪرڻ ۽ وندر جا وسيلا ڳولهيندا هئا.

اهڙي وقت، هڪ شغل هوندو هئو، مڇيءَ جو شڪار، جنهن جو مزو مسلمان ئي ماڻيندا هئا. هندن جو شايد اِهو خيال هوندو هو ته مڇي مارڻ مهاڻن جو ڪم آهي.

اِها ڳالهه مونکي دل سان نه لڳندي هئي. منهنجو سوچ هو ته جڏهن مڇي رڌي، پچائي، تري، ڳرڪائي ٿا وڃون ته باقي ڦاسائڻ ۾ ڪهڙو عار!


ٻارهن سالن جو هوس. مڇي پڪڙڻ جو ڏاڍو شونق هو. پر بابي جو ڊپ. اِسڪول جو هيڊماسٽر جو هو. انهن ڏينهن جا ماستر اڄ جي ماسترن وانگر نه هئا. هو پاڻ کي آدرش ۽ اُصولن جا پائبند رکندا هئا. جيڪڏهن ڪنهنکي ٻيڙي سگريٽ ڇڪڻ جي عادت هوندي هئي ته شاگردن جي سامهون نه ڇڪي، اهڙي جڳهه جتي ڪنهنجي نظر نه پوي، وڃي پنهنجي ٻاڙ مِٽائي ايندو هو.

بابو ته هيڊماسٽر هوا يعني آدرش اُصولن جو به هيڊ!

اِسڪول ۾ ته پنهنجي ساٿين سان گڏ سنڌس گهٽيون ئي ٿڦڙون کاڌيون هيم، پر گهر ۾ ٻارهن سالن ۾ صرف ٻه! يعني سراسري ڇهن سالن ۾ هڪ!!

ڇهن سالن جو ٿيو دور. تيرهن کان ارڙهن سالن تائين هلڻ وارو هو. ارڙهن سالن ۾ ته بالغ ٿي ويندس. مطلب، اَبي جي جُتيءَ ۾ پير پائيندس. اَبي جي اُصولن موجب ان وقت ته ٿڦ لڳندي ڪانه. اِنڪري ٿڦ جو ڊپ اگر هو ته هينئر هو.

مڇي مارڻ لاءِ ٻهرين ته ڪُنڍي (ڪانٽو) کپي. دوڪاندار کان ئي ونڻي پوندي. اِتفاق سان جي اُنهيءَ ڪڏهن اَبي کي ورجايو: "ماستر صاحب توهانجو پٽ ڪُنڍي وٺي ويو آهي. ڇا! مڇي ماريندو؟" معنيٰ گهر اچي پتاشري، ٿڦن جي باقي ڪوٽا پوري ڪري ڇڏيندو. اِنڪري سوچيم ته امان جي سُبڻ واري سُئي چورائي، ان کي اڳيان اڌ گول ۾ موڙي ڪُنڍي ٺاهيان. روٽي کائي سڀ وڃي آرامي ٿيا. مون امان جي سبڻ پرڻ جي ٽٻڻي ڦولهڻ شروع ڪئي. ٽي سُيون هيون. وچولي



نالو	:	نارائڻ آسومل محبوباڻي
جنم	:	١٧-٢-١٩٢٢ آراضي - سيوهڻ - دادو
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٢
اِنعام	:	راجستان سنڌي اڪادمي ۽ الگ الگ سنستائن پاران.
پيشو	:	ليکڪ
پتو	:	ديوڪا، ٢٧ - ايف - ٥، بسنت وهار، ڪوٽا - ٣٢٤٠٠٩.

جي ٽي سئوهہ جوڳين جي مدد سان ان شيش ناڳ کي پڪڙيو ويو، ان ناڳ کي پڪڙڻ جا هڪ لک روپيا ڏنا ويا.

ڪاريهر ناڳ لاءِ چيو ويندو آهي تہ اگر اُن کي ڪو ماريندو آهي تہ ڪاريهر ناڳ اُنکان وير ضرور وٺندو آهي. ڪاريهر ناڳ جي اکين ۾ اُن ماڻهوءَ جي تصوير اچي وينديِ آهي. انڪري جوڳين جو چوڻ آهي تہ ناڳ مارڻ وقت ناڳ جون اکيون چچري ڇڏجن، اگر نہ چچريون تہ نانگڻ انجي اکين ۾ مارڻ واري جي تصوير ڏسي وٺندي آهي. جوڳين جي چوڻ موجب سنڌ ۾ هن وقت جيڪي ناڳ آهن سي گهڙيال، لنڍي، گڏو، گرگ وغيره وغيره، ٻن مُنهن واريون، ٻٽ بلا يعني اڳيان پويان ان بلا کي مُنهن هوندا آهن. اُها تمام خطرناڪ ٿئي ٿي ۽ اُنجو مارڻ مشڪل ٿئي. بلا جي باري ۾ اسانجي گهر ۾ هڪ واٽيو ايندو هو وسو ٽينائي، اُهو ٻڌائيندو هو تہ بلا ماڻهوءَ کي ڦوڪ هڻي انڌو ڪري ڇڏيندي آهي. اسانکي ننڍي هوندي بلائون جون ڳالهيون ٻڌائي اصل ڏيڃاري ڇڏيندو هو يا وري چوندو هو، مہ وري گوڏا چٽي ويندي آهي، ماڻهو هلڻ ڪان هلاڪ ٿي پوندو آهي. اسين اهڙيون ڳالهيون ٻڌِي اصل پنڊ پهاڻ ٿي ويندا هئاسين. خوف وچان چوندا هئاسين تہ الهہ ڙيِا مہ گوڏا چٽي ويئي آهي پر انهن سڀني جو علاج جوڳين وٽ. جوڳين جي جوڳ پڇائڻ جو ئي اهو نتيجو ۽ ڦل آهي، جو اُهي نانگن بلائن کي اصل منڍي ڇڏين. اسين دعا ڪا گهرون تہ جوڳي شاد رهن، آباد رهن آمين!

جي ٻائين جوڳي ٿيان، سہ سڱ سڀني جو ٽوڙ؛
جي چاوا نہ چاهندا، جيءُ تنهين سان جوڙ؛
تہ تون پهچين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

(سُر رامڪلي)

زندگيءَ جا اُهي پل اجا تائين ياد آهن. اهڙي تہ خوشي ٿي، ڄڻ قارون جو خزانو مليو هوم. ان ڏينهن مون ٽي پوپريون پڪڙيون.

ڊپ کان تہ متان بابو اُٿيو هجي. اُهي ٽي ئي پوپريون وڏيءَ مڇيءَ پڪڙڻ واسطي ڳاهہ لاءِ پر ۾ وينل ساٿيءَ کي ڏيئي، ڀڄندو اچي گهر پيڙو ٿيس.

ٻئي ڏينهن سوچيم، هن تڙ تي تہ ٽي چار ساٿي ٿا اچن، اِنڪري مڇيون بہ تہ وراهجي ويندیون هونديون، اِنڪري زناني تڙ پاسي ڪنڍي وجهي وڃي ويٺس.

ڪنڍي وجهڻ شرط ٽي پوپري ڦاسي ويئي ۽ انڪل پندرهن منٽن کان پوءِ پوپي زوردار ٽٻي ماري. مون جهٽڪي سان ڪنڊي ڪڍي تہ پاءُ وزن جو پوپرو ڪنڊيءَ ۾ ڦٽڪندو ڏٺم. سئيءَ مان نهيل ڪنڊيءَ ۾ مڇيءَ کي ڦاسائي رکڻ وارو ڪانچو تہ هو ڪونہ، جو هنجي وات ۾ ڦاسي ان کي پڪڙي رکي. اِنڪري جيسين مان عجب مان اکيون ڦاڙي ان کي ڏسندو رهيس، تيسين هُو ڪنڊيءَ مان نڪري، زمين تي ناچ ٽاپ ڪندو وري نير ۾ سمائجي ويو. مان هٿ مليندو رهجي ويس.

اُن ڏينهن منهنجا پير زور هئا. انڪل ڏهن منٽن کان پوءِ پوپي وري ٽٻيون مارڻ شروع ڪيون. هن ڀيري پوري زور سان جهٽڪي ۾ اڳي کان بہ ڀيٽو پوپرو ڪنڊيءَ مان نڪري، پاڻيءَ کان ڪافي پري وڃي ڪِريو ۽ زمين تي اُڇلون ڪائڻ لڳو. مان حيرت مان نهاريندو ئي رهيس. ويجهو تہ ويس، پر همٿ نہ پئي ٿئي، جو پڪڙيانس پلا! منهنجي چيلهہ ۽ ڪلهن تائين پيو اُڇلجي!! ان کي مان ڪيئن پڪڙيان؟

قسمت سان اوڏي مهل پاڙي واري مسلمان مائي پاڻيءَ جو گهڙو ڀرڻ آئي. شڪار کي هٿن مان ويندو ڏسي، دِلو پٽ تي رکي، اک ڇنڀ ۾ پوپري کي پڪڙي ڪٽي زمين تي سٽيائين. وري ڪٽي ٻيو پيرو زمين تي سٽيائينس.

مون ڏانهن ڪاوڙ مان گهُوريندي چيائين: ''هيڏو اُٺ جيڏو ٿيو آهين! شڪار هٿن مان پيو وڃي ۽ تون وات ڦاڙي بيٺو ڏسين!! هاڻي هيءَ منهنجو ٿيو.''

مون چيو: ''مائي جنان! پوپرو ڀلي تون کڻي وڃ، پر هڪ شرط سان. پنهنجي مڙسالوءَ کي چئي مونکي هڪ ننڍو ۽ هڪ وڏو ڪانٽو، مضبوط ڏوريءَ سان ٺهرائي ڏيندينءَ؟ پئسا مان توکي شام جو ئي ڏيئي ٿو وڃان.''

ان ڏينهن باقي وقت ۾ بہ پوپريون ۽ هڪ پوپرو ٻيو بہ ڦاٿو. هاڻي مان پوپري کي ڪنڍيءَ ۾ هوندي ئي ڪٽي زمين تي سٽيندو هوس تہ ٻيجان ٿي ويندو هو. ٻن ڏينهن بعد مونکي جنان معرفت مڇي مارڻ جا بہ عمدا وَسُلا (Kits) ملي ويا.

اِسڪول مان ٽن ڏينهن جي موڪل هئي. ڪنهن ڪم سانگي بابو بہ دادوءَ هليو ويو. هاڻي مونکي مڪمل شڪاري بڻجڻ جا سڀ وسيلا ميسر هئا. بابي جي ٿُڏ جو ڊپ بہ نہ رهيو.

اهڙيءَ مڪمل آزاديءَ ۾ صبح جو ئي ٻئي ڪانٽا کڻي شڪارگاهہ تي پهچي ويس. ننڍيءَ ڪنڍيءَ سان هڪ پوپري ڦاسائي، ان جو اڌ، ڳاهہ ڪري وڏي ڪانٽي ۾ ڦاسائي، لنبي ڏور هٿ تي ويڙهي لڇو ٺاهي، زور سان پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيم. ڪانٽو انڪل ڏهہ ٻارهن فوٽ پري پاڻيءَ ۾ وڃي پيو. باقي بچيل ڏور جا ويڙها ٺاهي رکيم. چست شڪاريءَ

ليڪ لڳي. ڪڏهن ڪيسي ۾ وِڌم ۽ ٽيٽي جيئن جو تيئن رکي ڇڏيم. پوءِ وڃي لڳس ياءُ جي سائيڪل مرمت ڪرڻ جي اوزارن کي. پڪڙ ڪڍي اُن سان سُئيءَ جي اڳيان ڙِي موڙڻ شروع ڪيم. موڙڻ لاءِ جيئن زور ڏنم، سُئي ٻه ٽڪر ٿي پيئي. پهريون سوڻ ئي اُلٽو پيو. اِنڪري سُئيءَ جا ٽڪر ٻاهر اُڇلي، ڇپ هٽي سمهي پيس. مِڪر ڪري سمهيس ته سهين، پر اندر ۾ اُڏما، ته هاڻي ڇا ڪجي؟

ڏيان آيو، رڪ جي سُئي اِئين مُڙندي ڪانه. جيترين موڙيندس، اوترين ئي ڀڃنديون. گادوڙين لوهارن جي ياد آئي. ڪيئن نه گرم ڪري هر شيءِ ويندا آهن موڙيندا!

ٻئي ڏينهن منجهند جو لِڪ ڇپ ۾ پيڻ جي ٽيٽي ڦولهيم. ان ۾ ٻه وچولي سُئي ملي ويئي. پراٺو نِڪر جو ڏيئو ڳولهي، اُن ۾ تيل ۽ وَٽ وجهي، ٻاري، گهر جي پاسيرِيءَ ڪُنڊ ۾ وڃي وينس. ڏيئو ٻاري سُئيءَ کي چمٽيءَ سان پڪڙي گرم ڪيم. جڏهن ڏٺم، گرم ٿي ڳاڙهي ٿي آهي، تڏهن پڪڙ سان موڙيم ته مُڙي ويئي. ڪُنڍِي تيار ڪري، اُن جي پاڪي ۾ ڌاڳو وجهي، هڪڙِيءَ سنهيءَ لڪڙِيءَ ۾ ٻڌم. ڪنڍِيءَ کان اڌ گز جي مفاصلي تي ڪاني جو ٽڪر، پوپو ڪري اٽڪايم. هن پوپي جا ٻه ڪم آهن:

پهريون: ڪنڍِيءَ کي تلاءَ جي تر ۾ وڃڻ کان روڪي، سطح کان صرف اڌ گز (ڏيڍ فوٽ) هيٺ لٽڪائي رکندو آهي. ننڍيون مڇيون گهري پاڻيءَ ۾ نه رهنديون آهن. پاڻيءَ جي سطح تي يا ٿورو هيٺ ڪيڙا، مکيون، مڇر اٽي جون ننڍڙيون ڳوڙهيون يا اَڪا ڦلا کائينديون آهن. هر هر مٿي اچڻ، هوا مان آڪسيجن کڻڻ ۾ هنن کي گهٽي محنت نه ڪرڻي پوندِي آهي.

ٻيو هيءُ پوپو: شڪارِيءَ لاءِ سُوچڪ (Indicator) جو ڪم ڪندو آهي. جيڏِي مهل ڪا مڇي ڪنڍِيءَ ۾ لڳل ڳاهه (ڪنڍِيءَ ۾ لڳل اٽي جي ڳوڙهي يا ڪيڙو) سان ڇُر ڪندي آهي يا ڳيهندِي آهي ته پوپي جو اڳيون حصو پاڻيءَ ۾ ٻڏندو آهي. شڪارِيءَ جي تيز نظر پوپي تي رهندِي آهي. پوپي ۾ چرپر ٿيندي ئي شڪارِي لڪڙِيءَ کي مٿي ڪندو آهي ته ڪنڍِيءَ سان گڏ مڇي ٻه ٻاهر نڪري ايندِي آهي. ٿورِيءَ ٿورِيءَ دير کان پوءِ ڪنڍِيءَ کي ڪڍبو رهبو آهي، جيئن ڪنڍِيءَ سان گڏ ڳاهه چرندو رهي. چرندڙ شيءِ تي شڪار جلد ايندو آهي. اهو اُصول ٻين جانورن جي شڪار سان ٻه لاڳو آهي. چرندڙ چيز تي شڪارِي جانور ٻه جهپٽيندو آهي.

ڪنڍِي تيار ٿي ته شڪار لاءِ دل اُڇلون کائڻ لڳي. ڳاهه لاءِ دٻڪيءَ مان مانيءَ ٽڪر ڪڍِي، وات ۾ چٻاڙي ۽ هٿ سان مهٽي، اٽي جو ڳوڙهو ٺاهي پيس ٻند تي. گهر ڀرسان ئي ميدان هو، جتي گهاٽا سرنهن جا وڻ هئا. انهن جي ڇانوَ پاڻيءَ تي ٻه پوندِي هئي. ڇانولي ۾ ويهي، چٻاڙيل اٽي جي ذرِي ڪٽي ڪنڍِيءَ جي منهن تي ڳاهه ڪري لڳايم. جئن مڇيءَ جي شڪارين کان ٻڌو هوم (جي مسلمان هئا) مون ٻه: ”يا علي، تنهنجو آسرو“ چئي ڪنڍِي پاڻيءَ حوالي ڪئي. ڇئن پنجن منٽن کان پوءِ ڪنڍِي ڪڍِي پٽي ڏٺم. ٻه ٽي دفعا ته ڳاهه خبر ناهي ته نڪرِي ويو يا ڪا مڇي چالاڪي ڪري کائي ويئي. ڪجهه دير کان پوءِ پوپي جي اڳياڙِي پاڻيءَ ۾ ٽٻيون ڏيڻ لڳي. مون جهٽڪي سان لڪڙِيءَ کي مٿي ڪيو. واهه! چانديءَ جهڙِي چمڪندڙ پوپرِي (ننڍِي مڇي) پاڻ ڇڏائڻ لاءِ چٽ پٽ ڪري رهي هئي.

”هنن کي تہ تري سپک کبو. کنوارا! اُن ڏينهن مهاڻيءَ کي پئي چيئہ نہ!! اڄ گهر ويلي آيون اٿئي.“ امان کي بہ شايد ڏاڏيءَ واري ڳالھہ دل سان لڳي، اُها بہ چاھہ سان ڏسڻ لڳي.

ڏاڏيءَ چرکو پاسيرو کري چيو، ”هيءَ اسين هندو نہ کائيندا آهيون.“

مون پيو هک ان کان ٿورو لانيرو ۽ بناوت ۾ کجھہ بدليل کڍي چيو، ”امان وڏي هيءَ پيو بہ وٽ.“

ڏاڏيءَ ڏسي چيو، ”اهو چرکو کونہ پر ڪڳو آهي.“

”ڪڳو!“ منهنجي هٿ مان ڦريندي امان چيو، ”سس! هيءُ تہ هينئر ئي ٿا رڌيون.“

مان مستيءَ ۾ اچي ڳائڻ لڳس :

”آهين اللھہ جي آچار، ڪڳا ڙي متان خوش ٿين؛
ٽکر کندي سانءَ چار، ڪڳا ڙي متان خوش ٿين.“

ڏاڏيءَ دپ کڍندي چيو، نچڻ بندا ويھہ تہ ڪم جون ڳالهيون پڌايانءِ. اسين سنڌي ڪائنات جي ور وستوءَ کي مهتو ڏيندا آهيون. هيڏانهن ڏس! هيءَ موري مڇي اٿئي. گُهٽو کري کنارو وٽ ترانگهڙي پاڻيءَ ۾ ملنداءِ. ڏاڍي چلولي ٿيندي آهي. خطري وقت پڇ سان تري جي مٽي ملائي پاڻي ميرو کري ان هيڻان غائب ٿيو وڃي. ماڻهين، لولي ڳائيندي چوندي آهي:

”موري مڇڙي، کر نہ پاڻي ميرو،
ٻوئندس ڏاڳڙا، پٽ جا پوتڙا. لولي.“

مون چيو، ”وڏي امان! پيو بہ تہ لاڏو ڳائيندي آهيو.“

”گندڻ گنديءَ مان رات کتو کائي ويو. اُهو کندڻ کهڙو آهي؟“

”گندڻ تہ پٽ هنن ۾ کونهي. باقي هيءَ جيکا گول ملول پيٽ ٿلهي مڇي ڏسين ٿو، اُن کي ٿلهي مڇي چون. هن ۾ کنڊو نالي ماتر ٿئي. سواد ۾ چيلري مڇي وڌيک آهي. ان ۾ پوپريون، پوپرا ۽ هيءَ چلرن واريون مڇيون آهن. هنن ۾ کنڊو وڌيک ٿئي. پلو هن پاڻيءَ ۾ کونہ اچي. اهو سنڌو نديءَ جي سير ۾ الٽو تري. ان کي مهاڻا تنبي تي تري، وچ سير ۾ پکڙين.“

ڏاڏيءَ رات لاءِ چيلريون مڇيون کڍي باقي واپس کيون. جي مون مائيءَ جنان کي ڏنيون ۽ کچيئونءَ کي واپس پاڻيءَ ۾ پهچائي آيس.

وانگر ٻنهي ڪانئن تي نظر رکيم. ننڍي ڪانئي ۾ ٽي ٻوپريون ۽ هڪ ڏيڍ پاءُ وزن وارو ٻوپرو ڦاٿو.

اوچتو وڏي ڪانئي جي ڏور ۾ چرپر ٿي ۽ هڪدم تيزيءَ سان ويڙها وچڻ لڳا. هڪ پل جي دير پوڻ سان وڏو ڪانئو ڏور سميت غائب هجي ها ۽ مونکي خبر نہ پوي ها. ننڍي ڪانئي جي لڪڙي پير هيٺان دٻائي، وڏي ڪانئي جي ڏور ڇڪڻ شروع ڪيم. وزني محسوس ٿي. دل خوشيءَ سان اُڇلون ڪائڻ لڳي. سمجهيم ڪِلو ٻہ ڪِلو وزن وارِي مڇي تہ واهہ جو ٿيندي!

دل کي ڌڌڪو اچي ويو! جڏهن ٻن ڪِلن وارو ڪڇئون اِچي ڪناري لڳو. ڇڻ ڪنهن ڇڻن ڪلو وزن وارِي هنداڻي کي لنبائيءَ ۾ ٻہ اڌ ڪري، هڪ اڌ اڳيان اُڇلايو هجي!!

ڪڇئون پاٽيءَ ۾ هٿ پير هٽي، ڳچي هيڏانهن هوڏانهن ڏگهي ڪري ڏاڍيون ڪيل باجيون ڪندو آهي. هن جون شرارتون وٽندڙ لڳنديون آهن پر جيئن ئي خطري جو احساس ٿيندو اٿس، پنهنجا چارئي پير اندر ڪري ٻي جان پئجي رهندو آهي.

قادر منهنجي پاسي ۾ وينو هو، ٿس پس ڪري پڇيومانس، ”يار هاڻي ڇا ڪريان؟“

هٿ جي اِشاري سان ترسڻ لاءِ چيائين. پنهنجي ڪنڊِي ڇڪي ٻاهر رکي، ڪڇئونءَ کي ڪٽي پاٽيءَ ڪان پريرو سره جي وڻ هيٺان ڇانوَ ۾ رکي مونکي چيائي، ”ڪو ڪانئيءَ نڪر ڪٽي وٺ.“ وٺن جي سُڪل ٽارين جا ٽڪر هيڏانهن هوڏانهن پکڙيا پيا هئا، اُنهن مان هڪ موٽو ٽڪر ڪٽي ڏنومانس.

ڪڇئونءَ مٿان پير رکي، ڏوريءَ کي ڇڪيائين تہ ڪڇئونءَ جي ڳچي ٻاهر ڇڪجي آئي. ڪانئو سندس وات مان گهڙي پل مان ٻاهر نڪري آيو هو. ڳچيءَ تي ڪاٺي رکي دٻايائينس تہ منهن ڦاٽي ويس. مون ڏٺو ڳاهہ واري مڇي ٻہ اچا ڳلي ۾ پئي هئس. ڪنڊيءَ کي پاسيرو ڪري ڇڪي ڪڍي ورتائينس.

چيائين، ”ڏٺئہ هيئن ڪڍبو اٿئي ڪڇئونءَ جو ڪنڊ ٻاهر ۽ ڪانئيءَ سان ڪنڊ دٻائي ڪڍي ولبي آهي ڪنڊِي.“

اُن ڏينهن منجهند تائين مون ئي سيني ڪان وڏيڪ مڇيون پڪڙيون. اڌ پاءُ جي ٻوپرين ڪان وني، الڳ الڳ قسم ۽ الڳ الڳ تور جون ويندي ٻن ڪلو جي چرکي (مڇئي جو قسم) تائين شڪار منهنجي پلئہ پيو.

مان بنا پوَ جي اچ سڄو شڪار ڪڇئونءَ سميت گهر ڪٽي ويس. گهر ۾ گهڙيس. ننڍا ڀائر ۽ ڀينر تہ ڪڇئونءَ سان راند ۾ رمي ويا پر امان اچي بگڙي، چي : ”مهاڻا ! نڪر گهر کان ٻاهر!! ڏئي آ، اِهي سڀ پنهنجي مسلمان ماسيءَ کي جنهن کي روز ڏيئي ايندو آهين.“

امان وڏيءَ چيس، ”چو ڪنوار! هيئڙيون سنيون مڇيون ڏيئي اچي؟“

”ڪير ڪائيندو تلاءُ جون ڪنيون مڇيون؟“

”اڄڪلهہ تلاءُ آهي ڪٿي؟ ڇوڏار جل مئي لڳي پيئي آهي. منڇر ۽ سنڌو ملي ساڳر بڻجي پيو آهي. بازار مان وري ڪا ٻي مڇي ايندي اٿئي؟ هيڏانهن تہ آڻ پٽ! مان ڏسان ڇا ڇا آندو اٿئي؟“

مون اُتساهہ ۾ پزجي سڀ مڇيون ڏور مان ڪڍي ڪٽي ڏاڏيءَ اڳيان ڍير لڳايو.

ڏاڏيءَ، وڏين ٻوپرين کي الڳ ڪري چيو

تائين جو گهر ۾ به پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو اٿئون.

سنڌ جو گذريل اِتهاس ڏسنداسين ته سنڌ ۾ راجا ڏاهرسين جهڙا بانڪا بهادر، هيمون ڪالاڻيءَ جهڙا آزاديءَ جا پروانا؛ سنت ليلاشاهه، ساڌو واسواڻي، سنت ٽيئونرام، ڀڳت ڪنوررام جهڙا مهان درويش؛ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جهڙا صوفي شاعر؛ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، جئرامداس دولترام ۽ آچاريه ڪرپالاڻيءَ جهڙا راڄنيتي مدبر پيدا ٿيا آهن.

اڄ جي تاريخ ۾ به ڪيترا سنڌي وڏا وڏا اُديوڳپتي، فلم پروڊيوسر، فلم ڪلاڪار، سنيمائن وڏين هوٽلن جا مالڪ، ڪارخانيدار، وڏا وڏا شو-روم رکندڙ ۽ فائننسر آهن. راڄنيتي ۽ سرڪاري اوچن عهدن تي به ڪيترا سنڌي چڙهيل آهن. سنڌين جون ناميارين اِسپتالون به آهن، جن ۾ سنڌي اِسپيشلسٽ ڊاڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌي درٻارين، سنڌي آشرم ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا سنڌي سنت اڄ به موجود آهن، جن جا سنڌين کان وڌيڪ غير سنڌي شيوڪ ۽ شرڌالو آهن، جيڪي ديس وديشن جو رٽن ڪري ڌارمڪ ۽ اڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ پرچار ۽ سماج سڌار ڪري رهيا آهن.

سنڌي، ديش جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ورسيل آهن ۽ پنهنجي آبرودار زندگي بسر ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ اٽڪل ١٥٦ وديشن ۾ به سنڌي پنهنجا ڪاروبار هلائي رهيا آهن. اُتي به سنڌي ڏڻ وار ملهائين. سنڌي سنسڪرتي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ لاءِ سنڌي مندرن، سنڌي سڀائن کي وقت ڏيئي رهيا آهن ۽ مالي امداد به ڪري رهيا آهن.

ڀارت ۾ آيل هرهڪ سنڌي سوتنترتا سئناني آهي، جن پنهنجي ديش جي آزاديءَ لاءِ جان، مال ۽ ٻوليءَ تي قرباني ڏني. پنهنجي عزت ۽ عصمت بچائڻ خاطر هتي خالي هٿين هند ۾ آيا پر ڪنهن تعصبي طاقت کي پاڻ تي غالب ٿيڻ ڪونه ڏنو.

ايترين خوبين ۽ خاصيتن هوندي به اسين چو هيڻ ڀاونا جا شڪار ٿي رهيا آهيون ۽ پنهنجي سنڌي سڃاڻپ کي به لڪائڻ چاهيون ٿا. اسانکي ته پاڻ فخر سان چوڻ کپي ته اسين بهادر سوتنترتا سئناني سنڌي جاتيءَ جا شير آهيون، محنت ڪري کائيندا آهيون، اونچي ڳات رهندا آهيون پر ٻئي جي محنت جو ڪونه کائينداسين.

اسين ڏسندا آهيون ته ٻين جاتين وارا جڏهن پاڻ ۾ گڏجندا آهن ته پاڻ ۾ پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ ڳالهائيندا آهن. گجراتي، مدراسي، بينگالي، پنجابي وغيره گهر ۾ خواهه ٻاهر پاڻ ۾ پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ ڳالهائين ۽ اُنجي معرفت پنهنجي ڪا ڳجهي ڳالهه يا رهسيه وارو نياپو به هڪ ٻئي کي ڏيئي ڇڏين، پوءِ ٻيا ڀلي واٽڙن وانگر واجهائين.

پنهنجي ماتر ڀاشا ڳالهائڻ پنهنجو ڌرم آهي، پوتر فرض آهي. ڪابه جاتي تڏهن جيوت رهي سگهندي، جڏهن اُن کي پنهنجي ٻولي، ڀاشا ۽ ساهتيه هوندو. ڪم نصيبان ورهاڱي ۾ اسانکي وطن جي ٻوليءَ جي قرباني ڏيڻي پيئي، باقي ڀاشا ۽ ساهتيه اسانجي پونجي رهيا آهن. پر ڀاشا به اسين نه ڳالهائينداسين ته ڀاشا جيوت ڪيئن رهندي؟ سنڌيءَ ۾ نه ڳالهائينداسين ته سنڌي ڪيئن سکنداسين ۽ ڪيئن پڙهنداسين لکنداسين؟ نه لکنداسين پڙهنداسين ته ڪيئن ساهتيه نهندو؟ اسانجي ماتا کهڙي به هجي، ته ڇا اُن کان مُنهن موڙينداسين؟ جي نه ته ماتر ڀاشا به


سنڌي، سنڌيءَ سان، سنڌيءَ ۾ ڇو نه ڳالهائي؟

— اين. ڊي. مولچندائي

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪيترا سنڌي پاڻ ۾ به سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪونه ڳالهائين. خاص ڪري ننڍي ٽهيءَ وارا ته انگريزي، هندي يا مڪاني ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ پسند ڪندا، پر سنڌي ڳالهائڻ کان اِئين ون ٿا وڃن، جيئن ننڍو ٻار ڪڙي دوا پيئڻ کان ڪيٻائيدو آهي. ايتري قدر جو پاڻ کي سنڌي چوائڻ جي سڃاڻپ کي به لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا، پنهنجي آکهه جو نالو به بدلائي اهڙو رکڻ جي ڪوشش ڪندا، جنهنجي پڇاڙيءَ ۾ ”ڻي“ اکر نه اچي. اِها هيڻ ڀاونا ۽ لڄ ڇو؟ نه رڳو گهر کان ٻاهر پر گهر جي اندر به پتي پتني، ڀائر ڀينرون، ٻار مائٽن سان ۽ ماءُ پيءُ ٻارن سان هنديءَ ۾ يا غير سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائين. اِن سنڪوچ جو سبب ڇا؟

سوال ٿو اُٿي ته ڇا سنڌي گهٽ درجي جي جاتي آهي يا سنڌي جاتيءَ ۾ اپراڌي تتو آهن؟ يا سنڌي ٻولي اسپيه ڀاشا آهي جو پاڻ ۾ به نه ڳالهايون. پر ڏٺو وڃي ته اهڙي ڪابه گهٽتائي واري ڳالهه سنڌي جاتيءَ ۾ ڪونه آهي.

اِها عالم آشڪار ڳالهه مڃي وڃي ٿي ته سنڌي هڪ محنت ڪش قوم آهي، جنهن ديش جي آزاديءَ لاءِ جان ۽ مال جون قربانيون ڏنيون. ايتري قدر جو ديش جي ورهاڱي ۾ پنجاب ۽ بينگال پرانتن وارن کي پنجاب ۽ بينگال جا ڪجھ حصا مليا، ليڪن سنڌين کي سنڌ جو ڪوبه ٽڪر ڪونه مليو ۽ ديس جي آزاديءَ لاءِ اِن گهر جي به قرباني ڏني. بينگالي ۽ پنجابي ته ڄڻ مڪان جي هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ اچي ويٺا پر سنڌي، بنا ٺور ٺڪاڻي، بنا روزي آجيوڪا جي جستجو ۽ ڪشمڪش ۾ لڳي ويا. سنڌي جتي به رهيا، اُتي محنت ڪري مڪاني ماڻهن سان رلي ملي، اُنهن جي نفرت کي به پيار ۾ بدلي، پنهنجي پيرن تي بيهي ويا، پر ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونه ٽنگيائون، ڀيک ڪونه پنيائون. اِن خودداريءَ ۽ محنت جي گڻن کي مڪاني ماڻهو ۽ غير سنڌي به سنڌي جاتيءَ جي ساراهه ڪن ٿا ته سنڌي همت وارا، بهادر، سڀي سنسڪرتي ۽ آبرودار جاتيءَ وارا آهن. ايتري قدر جو اُهي مڪاني ماڻهو پنهنجي ٻارن کي سنڌين جي بهادري، محنت ۽ خودداريءَ جا مثال ڏيئي همٿائيندا آهن. پر اسين پاڻ کي سنڌي چوائڻ ۾ لڄ محسوس ڪري رهيا آهيون، ايتري حد



نالو	:	اين. ڊي. مولچندائي
جنم	:	٣٠-١٠-١٩٣٢ دولتپور - مورو - نوابشاهه.
ڇپيل ڪتاب	:	رهاڻ ۽ ٻين رسالن ۾ ليک، مضمون، ڪهاڻيون.
اِنعام	:	راجسٿان سنڌي اڪادميءَ طرفان ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ مليل اِنعام.
پيشو	:	ڀارت سرڪار جي سرڪاري نوڪريءَ مان رٽاير.
پتو	:	١٩/اي.ڊي-٣، هائوسنگ بورڊ ڪالوني، شاستري نگر، جئپور.

ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ کي هڪ عيب سمجهيو وڃي، گهٽتائيءَ واري ڳالهه سمجهي وڃي ۽ اُن کي اڳتي لاءِ درست ڪرايو وڃي.

(۴) اڄ جي اِستتي اِها رهي آهي، جو اسانکي ڪو سنڌ جي نالي زمين ٽڪر ملي وڃي ته ڇا سڀئي سميٽجي اُتي هلي رهنداسين، ڌنڌا ڌاڙيون نئين سر برپا ڪنداسين؟ حالتن موجب، اِهو شايد ممڪن نه ٿئي. تنهنڪري اِهو واجب ٿيندو ته اسين پنهنجي سوچ کي بدليون. اسانکي هڪ سنڌ نه، پر سنڌ جو ورات سروپ (Global Concept) ڌارڻ ڪرڻو پوندو. جتي سنڌي گهڻائيءَ ۾ رهن ۽ ڳالهائين ٿا، جتي سنڌين جون ڪالونيون آهن، اُهي سڀ اِستان اسان لاءِ سنڌ آهن ۽ اِئين هڪ نه پر هزارين سنڌ ملي ويندين. نه فقط ڀارت ۾ پر وديشن ۾ به. اُن کي ''سنڌري'' نالو ڏيون ته به هلي. اهڙيءَ طرح سنڌ جو سيمت روپ بدلجي ورات سروپ ٿي پوندو.

(۵) سڀ کان مکيه ڳالهه ته جيئن ته سنڌي ٻولي ڀارت جي سنوڌان ۾ تسليم ٿيل ٻولي آهي ته واسطيدار سنڌي سنستائون وڌ ۾ وڌ سنڌي اِسڪول کولائين، سنڌي ڪلاس هلائين، اُن لاءِ سنڌي ماستر لڳائين. اُتي اِهو به پرچار ڪيو وڃي ته وڏن ڪلاسن، ڊگري ڪورسن ۽ RAS ۽ IAS لاءِ به سنڌي ڀاشا ڪٿي سگهجي ٿي. سنڌي اڪاڊميون اُن جي پوئواري ڪن.

(٦) سنڌي ڌرم گرو به اِن ڏس ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. اُهي پنهنجن ستسنگن ۽ پرچارن ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي يڪمشتيءَ لاءِ زور ڏين ته اُهو پڪو ۽ اثردار قدم ٿيندو.

(٧) اسڪولن ۾ سنڌي ننڍيون آکاڻيون، مذاقي چٽڪلا، پهاڪا، ڪارٽون، ڪويتائون ۽ چترڪاريءَ جون چٽاڀيٽيون رکيون وڃن ۽ ٻارن کي اِنعام ڏنا وڃن ته سنڌي ڇيڇ، سنڌي رانديون ۽ سنڌي لاڏا به، سنڌي پروَن تي چٽاڀيٽين ۾ شمار ڪيا وڃن. اڄڪلهه جي روايت موجب، سنڌي گانن، غزلن ۽ ڀڄنن جي انتاڪشريءَ جي چٽاڀيٽي رکي وڃي.

اهڙو پوتر فرض آهي، اُن کان منهن نہ موڙڻو آهي.

توهانکي ٻڌي خوشي ٿيندي تہ ڪيترا غير سنڌي وديارٿي ٻولي سِکي رهيا آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ڊيکن ڪاليج پونا مان ڪي وديارٿي جئپور ۾ آيا جيڪي غير سنڌي هئا پر سنڌيءَ ۾ اسان سان ڳالهائي رهيا هئا. اُهي آسام، گجرات ۽ مهاراشٽر وغيره راجين جا رهاڪو هئا. ڪهڙي نہ خوشيءَ جي ڳالهہ چئبي! اُنهن اِهو بہ چيو تہ هو اِمتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن پنهنجن راجين ۾ وڃي ٻين کي بہ سنڌي ٻولي سيکاريندا.

اهڙيءَ طرح، ڪيترا غير سنڌي ۽ مڪاني ماڻهو پاڙن ۾ رهندي، سنڌي دڪانن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندي، سنڌي ٻولي سِکي ويا آهن ۽ سنڌي ڳالهائڻ ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا. ڪيترا غير سنڌي گائڪ آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ غزل، ڪافيون ۽ ڀڄن ڳائين ٿا. اسانجا سنڌي ڀائر جيڪي ولائتن ۾ رهن ٿا، اُهي بہ اُتي پاڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائين. پر افسوس جو اسين هِت ڀارت ۾ پنهنجي پيٽ ڄڻيلن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ نٿا ڳالهايون. سنڌي خون جي پيدائش سنڌي کير جي لالن پالن وارا بہ غير سنڌي ٻولي پاڻ ۾ ڳالهايون، اُن کان وڌيڪ ڀدو مذاق ڪهڙو ٿيندو! جي اسين سنڌي ٿي، سنڌي نہ چوائينداسين تہ ڇا چوائينداسين؟ گجراتي، مرهٽا، راجپوت يا ٻي ڪا جاتي، پر ڪهڙي آڌار تي؟ نقلي نقاب پائڻ کان اصلي چهرو وٽندڙ لڳندو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ داغ ڪونہ آهي، ڪوبہ عيب ڪونہ آهي. اِهو تہ اِئين ٿيو، جيئن ڪا سندر اِستري زبردستي ڪو ميڪ اَپ ڪري پاڻ وٽائڻ جي بي سُود ڪوشش ڪري.

جي سنڌي جاتيءَ کي جيوت رکڻو آهي تہ اڄو تہ سنڪلپ ڪريون تہ اڄ کان وٺي گهٽ ۾ گهٽ پاڻ ۾ گهر ۾ ۽ ٻاهر بہ سنڌين سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائينداسين ۽ فخر سان، اوچي ڳاٽ سان چونداسين تہ اسين سنڌي آهيون ۽ سنڌي ٿي رهنداسين.

ڪجهہ سُجهاوَ سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

(۱) جهڙيءَ طرح ڪيترا ماڻهو تيرٿ اِستان تي ويندا آهن تہ اُتي ڪنهن سٺي شيءِ يا سٺي ڳالهہ جو سنڪلپ ڪري ايندا آهن. جهڙوڪ شراب ماس نہ ورتائڻ، ڪوڙ نہ ڳالهائڻ، رشوت نہ وٺڻ، گهٽ نہ تورڻ ماپڻ وغيرهہ. اهڙيءَ طرح هر سنڌي اِهو سنڪلپ ڪري، عهد ڪري تہ هن کان پوءِ گهر ۾ خواهہ ٻاهر سنڌي سنڌيءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو.

(۲) سنڌيءَ لاءِ پرچار وياپڪ روپ سان ڪرڻو پوندو. هرهڪ سنڌي سنسٿا، سنڌي پنچات، سنڌي اڪادمي، سنڌيت جا ڏڻ وار ملهائڻ سان گڏ سنڌي سنسڪرتي، سنڌي قربانيون، سنڌي سنت ۽ سنڌي سُورويرن جون جهانڪيون ڪڍن، پوَن ۽ ٻنيچا ٺهرائين، ميڊيا جي ڀرپور مدد وٺي ساهتيہ جو ڦهلاءُ ڪن. سرڪار جي اِخلاقي ۽ مالي مدد وٺي، اِهو محسوس ڪرائين تہ سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس بہ قومي وڪاس جو مهتوپورڻ انگ آهي. سنڌي اڪادميون وقت بہ وقت سنڌي سنسٿائن کان پرگتي رپورٽون گهرائين ۽ اڳتي لاءِ وڌيڪ سُجهاوَ موڪلين.

(۳) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ هڪ آندولن جي روپ ۾، هڪ يگيہ جي روپ ۾ ڪنيو وڃي، جنهن ۾ سنڌي ڳالهائڻ ۽ سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ لاءِ هڪ جُنوُن هجي. سنڌي ٿي ڪري، غيرسنڌي

هنديءَ ۾ اِستريءَ کي چوندا ئي آهن ارڌانگني تنهنجو مطلب آهي اڌ سرير. پتني اڌ سرير آهي ته اُها به پرش جيترا ئي حق ۽ اڌڪار چاهيندي. ڀارت جي جوڙجڪ ۾ به عورت کي هڪ جهڙا حق مليل آهن، تنهن هوندي به اڄ جي سڌريل سماج ۾ اڪثر عورت کي پنهنجي زرخريد ٻانهين ڪري هلايو ٿو وڃي. ساڻس وچتر وهنوار ڪيو ٿو وڃي، جنهنجي هن ڪڏهن ڪلپنا به نه ڪئي هوندي.

ناريءَ کي ذلت واري حياتيءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ بنگال ۾ راجا رام موهن راءِ، اُتر ڀارت ۾ ديانند سرسوتي، مهاراشٽر ۾ مهرشي ڪروي ڪافي پاڻ پتوڙيو. سياسي اڳوانن به ناريءَ کي اوچو آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. تن ۾ مهاتما گانڌي ۽ جواهرلعل نهروءَ جون ڪيل ڪوششون خاص اهميت رکن ٿيون.

اڄ جي دور ۾ ناريءَ کي پنهنجو وڃايل سومان حاصل ٿي رهيو آهي. هوءَ هر کيتر ۾ اڳتي آئي آهي. سماجڪ، ڌارمڪ، راجنيتڪ، ساهتڪ توڙي ڪلاتمڪ کيتر ۾ هوءَ اڳري رهي آهي. اڄ ناري ڊاڪٽر، اِنجنير، وڪيل، جج، سائنسدان، تعليم دان، سياستدان، پوليس بالا عملدار، ڪمپني مئنيجر، ڌرم گرو ئي نه بلڪ جبل تي چڙهائي ڪرڻ جهڙن ساهسي ڪمن ۾ به هوءَ پرش سان گڏ بيٺي آهي.

سماجڪ ۽ سياسي کيترن ۾ عورتن ڏيان ڇڪائڻ جهڙا ڪارناما سر انجام ڪيا آهن. وجيه لڪشمي پنڊت، سچيتا ڪرپالاڻي، سروجني نائڊو، اِندرا گانڌي، شريمتي ڀنڊاري نائڪا (لنڪا) بينظير ڀٽو (پاڪستان) جا نالا سياسي کيتر ۾ عزت سان ورتا وڃن ٿا. پوليس ڊپارٽمينٽ جنهن جي ٽريننگ ئي ڏاڍي سخت ٿيندي آهي، نوڪريءَ ۾ هر سميه گونڊن ۽ بدمعاشن سان ڇڪري کائڻي پوندي آهي، اُن ۾ به ڪِرڻ بيديءَ جهڙي ٻڙدبار عورت پاڻ موکيو آهي.

ڌنڌي واپار ڪرڻ ۾ به عورتون پٺتي نه پيون آهن. اُديوگ کي وڌائڻ ۾، اُنجي سنڀالن ۾ هو ڪنهن ريت پرش کان پٺتي ڪونهن. شهناز حسين بيوٽي پارلر جي ڏس ۾ هڪ مشهور نالو آهي. ڪمپنيءَ جو ڪاروبار به عورتون سٺي نموني هلائي رهيون آهن. اڄڪلهه ته اِنجنيرنگ ۾ به عورتون وڃي رهيون آهن ۽ هنن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اُهي چستي ۽ شڪتيءَ ۾ پرش کان گهٽ ڪونهن. اِنهن ڪنور ڪمن ۾ به نازڪ ناريون اڳريون رهيون آهن. ڌرمي کيتر ۾ گيتا ڀارتيءَ جهڙيون ودوان اِستريون پنهنجي گيان جي ورکا سان عوام جو من موهي ڇڏيو آهي. ساهتڪ ۽ ڪلا کيتر ۾ به امرتا پريتم، مِلڪا ساراڀائي جهڙين عورتن، پنهنجي پنهنجي کيتر ۾ جوهر ڏيکاريو آهي.

آرٿڪ طور به عورت آتم نرڀر ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اڄ جي مهانگائيءَ واري زماني ۾ پتي پتني ٻئي جڏهن ڪمائين ٿا، تڏهن گهر جو گاڏو سٺي نموني هلي ٿو. اهڙيءَ طرح عورت پرش کي آرٿڪ طور به مضبوط بڻائڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ڪنواريون ڇوڪريون ڪن حالتن ۾ نوڪري ڪري پنهنجو ڏاجو تيار ڪن ٿيون. نه فقط ايترو پر جتي ڪٽنب وڏو ٻڍاپي جي ڪري رٽائر آهي يا ٻيو ڪو ڪمائيندڙ ڪونهي، اُن حالت ۾ به عورت ڪٽنب جو آڌار ڏيندڙ بڻجي، آرٿڪ طور پنهنجو پاڻ تي ڀاڙيندڙ بڻجي ٿي.

ڏسجي ته نوڪري ڪندڙ ناري هن وقت

ڇا عورت آتم نِربر آهي؟

— منوهر نهالاڻي


آتم نربر جو مطلب آهي ٻئي ڪنهنجو سهارو وٺڻ کانسواءِ پنهنجو پاڻ تي پاڙڻ. هاڻي ڏسڻو اِهو آهي تہ عورت پنهنجو پاڻ تي پاڙڻ ۾ سمرٿ آهي يا هنکي سچ پچ ڪنهنجي سهاري جي درڪار آهي. پرش پرڌان سماج ۾ ڇاڪاڻ ته عورت کي محتاج بڻايو ويو آهي. اُن نڪتي نظر کان ڏسجي تہ اوائلي دور ۾ سماجڪ وهنوار موجب عورت کي تعليم گهٽ ڏني ويندي هئي. ڇوڪريءَ جي ڀيٽ ۾ ڇوڪري جي تعليم کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي. اِئين مڃيو ويندو هو تہ ڇوڪرو پڙهي لکي ڪنهن لائقيءَ لڳندو، تنهن لاءِ تعليم نهايت ضروري آهي. پر ڇوڪريءَ کي اڳي ڪي پوءِ گهر گرهستي ئي سنڀالڻي آهي، تنهنڪري ڇوڪريءَ کي گهڻي تعليم وٺڻ جي ضرورت ڪونهي. ڇوڪريءَ کي خط-پٽ لکڻ اچي ايترو ڪافي آهي.

حقيقت ۾ ناريءَ جي ڀيٽ ۾ پرش جو اڌڪار ۽ اڳواڻي شروعات کان ئي پئي رهيا آهن. پرش ناريءَ جي ذهن ۾ اِها ڳالهہ ڀري ڇڏي تہ هوءَ ڪمزور نبل ۽ ابلا آهي. پرش کانسواءِ هنجو ڪو وجود ڪونهي. ان لاءِ ناري کي قدر جوابدار رهي. هن ۾ هينتا جي ڀاونا اچي ويئي ۽ هوءَ پرش جي سهاري جي محتاج بڻجي پيئي. پرش انجو پورو فائدو ورتو ۽ کيس بورچي خاني جي زينت بڻائي ڇڏيو.

وچولي زماني ۾ مسلمان حاڪمن جي بري نظر کان عورت کي بچائڻ لاءِ کيس گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي روڪ وڌي ويئي. سندس ڪاريہ کيتر محدود بڻجي ويو. ان ريت ناري سماجڪ ٻنڌن ۾ جڪڙيل رهي، کيس پرش جي برابريءَ وارو درجو نہ مليو.

ڳُگن جي ستايل ناريءَ آواز اُٿاريو. ذهني طور هن ۾ سجاڳي آئي. زماني جي هوا پلٽو کاڌو. عام ماڻهن جي ويچارن ۾ ڦيرو آيو. هنن محسوس ڪيو تہ اِستريءَ ۾ بہ پرش جيتري ٻڌي آهي. هن ۾ بہ قوتون آهن. جيڪڏهن عورت کي تعليم ڏني وڃي تہ هوءَ سماجڪ وهنوار ۾ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿي. ساڳئي وقت سماج سڌارڪن جي اثر هيٺ عورت پڻ تعليم حاصل ڪري، پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڏسجي تہ اِستري ۽ پرش هڪ ئي گاڏيءَ جا بہ ڦيٿا آهن. ٻئي هڪ ٻئي کانسواءِ اڌورا آهن.



نالو	:	منوهر نهالاڻي
جنم	:	٩-١-١٩٤٠ منياڻي - نوابشاهہ.
ڇپيل ڪتاب	:	وِير ٻالڪ، تون بن زندگي اڌوري، سنڌي ساهت ستارا، وچتر راجڪماري، شمع جلندي رهي، پکڙيل گل، ٻال ساهت، چورن مڻان مور.
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير ماستر
پتو	:	١٠٦-اي، سردارنگرا احمدآباد.


ڪتي آهن اُهي چهرا

— چنچل ريجهواڻي

ٽي-وي ءَ تي ايندڙ سماچارن ۾ مون پئي ڳولهيا سنڌي چهرا. ٻاجهي خان، يار محمد، غلام رسول، واحدو، جمون، منو ٻڪرار، الله بخش واڍو، يوسف موچي، وڏي ڏيڏ وارو ابراهيم، شهپرن کي وٽ ڏيندو بهادرزر خان. اِهو ته سمجهان ٿو ته سعيد حاڪم شاهه، مصري سريوالي، رمزو ڪوري وفات پائي ويا هوندا. پير بخش مون سان گڏ اسڪول ۾ پڙهندو هو. هو ته مٺڙهار مگر جڏهن ڳائيندو هو : متان ڙي دلبر دل لڳائين، پوين نه پشيمان... پوين نه پشيمان اسين آهيون منٽن جا مهمان... متان ڙي دلبر دل لڳائين، پوين نه.... واهه وڻ توري ڇڏيندو هو. آواز اهو ڄڻ نڙ پيو وڃي. مون به ته ڳايو هو : بادل بيهه بيهه بيهه هاڻ اتي بينو وَس... منهنجي مارن جو، منهنجي سانگين جو ڪو ڏجان مونکي ڏس. بادل بيهه بيهه بيهه... مگر الا ! پيو نمبر آيس. ماستر صدق جا رول ته اڃا پيا ترين کي ياد پون. ٽي-وي ءَ تي جيڪر لغارن جو ڳوٺ ڏسان. اهو سعدن جو اوطارو، اها وڏاٽن جي اوطاق جتي اسُر کان رات تائين ساهي چلم نهي رکي آ. اهو کوهه ۽ آنگن، وري ڪڏ پريان گلشاهه جو قبو جتي ڦڳڻ جي ٢٠ تاريخ کان لڳڻ وارو ميلو. واهه واهه! ڇا ته دڪان ملاڪڙا نانڪ ۽ ڪبوترن جا ناچ، سُهڻي ميهار جو سانگ ۽ محمد جا شعر ۽ ڳانا جهومي اُٿيو هو من. اڄ تائين ڪجهه ته وسريو ڪونهي.

مونکي ياد آهن اهي ڏينهن جڏهن پناهگير هندستان مان پاڪستان پهچي پئي آيا. تڏو هڙ ۾ ڪپڙا هڪ ڪڪڙ يا ٻه لعلٽين هڪ ٻه باسڻ پيو هجي. اتي جي سادن سڌن کي ڪوڙا قصا ٻڌائي پئي برغلايون ته اسين ڦرجي لٽجي آيا آهيون. ڪتي ڏاڙهيءَ وارا غاضي ٻڌائي رهيا هئا ايمان ان معصوم امن پسند سنڌي مسلمان کي جيئڻ هو پنهنجي پهچائي ڪڍڻ هندن کي. هندن کي ڪافر چوي ته هندن جي ساري ملڪيت ملي نڪلي مضلومن کي جيئڻ جنت سمجهي زندگي گهارين تعصب سان گڏامن کي مارين.

نعرا پيا لڳن ٽي-وي ءَ تي ”امريڪا ڪا يار هئه، غدار هئه غدار هئه.“ نعرائي تڪبر اللهه! اڪبر.... ڪافر ني للڪارا هئه جهاد همارا نعارا هئه.... وغيره وغيره. ڪوڄن واريون گول ٽوپيون، ملن جون ڏاڙهيون، صدريون، گلي ۾ بوڇڻ يا



نالو : چنچل ريجهواڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : ٥٦٦، گمانستا نگر، اِندور.

ٻئي جوابداري نڀائي رهي آهي. هوءَ نوڪري به ڪري ٿي ۽ گهر جي پوري جوابداري به سنڀالي ٿي. گهر جي ڪم ۾ پرش ڪيس ٿورو گهڻو هٿ وٺائي ٿو پر اِستريءَ جو برابر جو حصيدار نٿو بڻجي. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي جوابداري نڀائيندي عورت کي ڪي مشڪلاتون به اچن ٿيون. گهر ۾ پتيءَ سان ڪِل ڪِل ۽ گهڻي ٿئي ٿي. ڪي قدر مانسڪ تناو واريون حالتون پيدا ٿين ٿيون. اُهي تڏهن ٿين ٿيون، جڏهن هڪ ٻئي ۾ اوشواس اچي ٿو. هو سمجهه ۽ وويڪ کان ڪم نٿا وٺن. اهڙين گنڀير حالتن ۾ طلاق جي نوبت به اچي ٿي.

سرڪار به اِسترين کي اڳيان آڻڻ لاءِ پر زور ڪوشش ڪري رهي آهي. ڳوٺن ۾ پنچائتي راڄ ۾ عورتن کي اڳرائي ڏيئي سرپنچ بڻايو وڃي ٿو. نگرن ۾ ميونسپل ميئر پد تي عورت کي آندو وڃي ٿو. راڄيه جي مکيه منتري پد تي تاملناڊو ۾ ڪماري جئه للتا ۽ اُتر پرديش ۾ رابڙي ديوي براجمان آهن. پنچائتي چونڊن ۾ ٽيهه سيڪڙو زالن کي رزرويشن ڏني ويئي آهي ۽ هاڻي پارليامينٽ ۾ پڻ بل پاس ٿيڻ وارو آهي.

هيترو سڀ هئڻ جي باوجود مانسڪ طور هن پرشن جي ناهيل سماج ۾ اِستري آتم نرڀر بڻجي نه سگهي آهي. جيئن جا اهم فيصلا هوءَ پاڻ وٺي نٿي سگهي. ڇوڪري ننڍي آهي ته هوءَ پيءُ جي هٿ هيٺ ٿئي ٿي. شادِي ڪرڻ تي پتيءَ جي اڌين ۽ ماءُ بڻجڻ تي پنهنجي پٽ جي هٿ وس رهي ٿي. اهڙيءَ طرح هر حالت ۾ هوءَ پرش جي اڌين ٿي رهي ٿي.

نوڪري ڪندڙ عورت جي پگهار تي به پرش پنهنجو حق ٿو سمجهي. جائداد وغيره به پرش پنهنجي نالي ٿو رکي. اهڙيءَ طرح هر لحاظ کان عورت پرش جي حڪم جي محتاج آهي. ڪي ڀلي اِئين چون ته عورت آتم نرڀر آهي ۽ ڪِرڻ بيديءَ جهڙيون عورتون انجو زنده مثال آهن، پر اهي ڪيتريون؟ آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون مس آهن. ڪيتريون اهڙيون ڪلا جون پوڄارڻ ڇوڪريون شاديءَ بعد پنهنجي پتي ديون جي چوڻ تي ڪلا جي آراڌنا ڇڏي چڪيون آهن.

عورت ڪنهن به حالت ۾ آتم نرڀر نه آهي. قانوني طور ڀلي عورت کي هڪ جهڙا حق آهن پر پرش جو اهم انکي قبول نٿو ڪري ۽ جيسين پرش مان سان اها ڳالهه نه چاهي آهي، تيسين عورت جو آتم نرڀر ٿيڻ محض ڇل ڪرڻ آهي. سرڪار ۽ سماج کي اُن ڏس ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته سماج جي ترقي تڏهن ئي ٿيندي، تڏهن عورت کي پرش پنهنجو مددگار ۽ ساٿي سمجهندو. ڪويءَ ٺيڪ چيو آهي-

”تنهنجي علم ۽ عقل تي،
جڳ جي ترقيءَ جو مدار،
آنهه تون ساٿي سچو،
هادي به آهين هوشيار.“

ٻڙهانِ بندوق ڪٽي ها، ڪين ڪٽي چمڪ پيو هلين. ابا هاڻ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو آهيان. هائو ٻيلي هائو! هاڻ تون ضرور اڪ ڪارا ڪندين. الله بخش وچ ۾ وراڻيو، اها لينگ وري ڪهڙِي هينگَ ڏينديِ. شهدادپور مانِ موٽيس پئي تہ ڏٺم ڪجهہ نينگر پيا پوليس جي پٽيوالن وانگر پريڊ ڪن. جاڻ ڇيو تہ انگريز ويندو تہ واڳون هنن کي ڏئي تہ پينگ ڪن ٻچيل ملڪ. ڪوريءَ جو عقل ڪمال جو، چي: توهانکي رئيسن سان ريس چو. ٻڌو نہ اٿوَ درويش ديدار علي چوندو آهي نہ تہ هندستان ۾ ڪر پئدا ٿيندو. حڪمت دهشت ۾ ايندي پنجانوي ۾ پوندو پاٽي ڇهانوي ڇنڪار، ستانوي ۾ ست چڙي، اٺانوي هڙتال، نوانوي ۾ نر جاڳي، سوَ ۾ جئہ جئڪار. سو هاڻ سپيئي ڳوٺ جا چڱا مڙس هلو تہ هلي گور والي ڪان واڳون وٺون! دماغ خراب ٿيو ٿو ڇا لونگ ڪدين چنڊ. اٿو ڪم ڪي لڳو اڌ واٽر اڃا باقي آهي. علي مراد نہ ڪڇي تہ ڪم ڪيئن ٿئي، سو ڪڇيو. ڪلهوڙن وانگر ڪن فوس ۾ ئي ڪم لهي ويندن. قادن موچيءَ ڪوڏر ڏوئندي ڪڇيو، جيسين للو ڪٽنديِن لٽ، تيسين ڪرهو ويندو اجهامي. ڇريا ٿيا آهن گورا، جو حڪومت حرامن کي ڏئي ويندا. ڀهرين جرمن مان تہ جند ڇڏائين.

اهڙا هئا سدا سنوانا منهنجي ڳوٺ جا ٻروچ، سي ٻلا هنن وڳوڙن ۾ مظاهرن ۾ فسادن ۾ چو ٿا ڦاسن. ويچاريون زائفائون ست ڪتين، ڳج پرين، ڏاس وٽين يا سوتلي ناهين. بيشڪ پناڻن سان همدردي هوندِن. مسلمان تہ پڪا آهن نہ! سادا آهن تڏهن تہ مهاجرن، سرڪاري نوڪرين، ڏنڌن ڌاڙين، محل ماڙين تي ڪيا قبضا. وري اڙدوءَ انگريزيءَ هٽي سنڌي تهذيب کي بيدم ڪري وڌو آهي. بورڊ انگريزي اردوءَ ۾. جهبا شلوارون مڪٽيون ٽوپيون گلي ۾ پيل بوڇڻ سنڌي تہ نہ آهن.

روز ٽي-ويءَ ۾ پيو ڳولهيان سنڌي سادا، سچا سرويچ حب حِبيب مولائي المست. نظر نٿا اچن اُهي چهرا.

رومال، پنجابي شيخن واريون سلوارون، زائفابون ۽ رنگين لباس واريون مگر اجرڪ ۽ ٢٠ والن واريون سلوارون ڪٿي نه اهي خانڻ وارو پٽڪو، نه اهي مصريءَ ۽ ٻهان وارا شهپرتي وٽ. ٻورچن وارو شان ڪٿي نٿو ڏسان ڏهرا. ڏينب اختري سوڍي نه رضو موچياڻي، نه ته ٿو ڏسان سوڍي سنگهار ڪٿي اها مني ماچياڻي هيترا جلوس جلسا لڳا پيا آهن :

سروڻن جو وسڪارو آهي پوليس تي ۽ پوليس جو سٽڪو ڳوڙهن واري گئس جا گولا پيا ڦاٽن، جيپن بسين کي شاهينگ لڳائي رهيا آهن ٻاهيون. اڙدوءَ ۾ انگريزيءَ ۾ بئنر بيشڪ آهن مگر سنڌي ڪٿي- اکيون پيبيون ڳولهين اهي معصوم امن پسند اِنسان- ها بينظير ضرور ٽي- ويءَ تي تقرير ڪئي. گهر واريءَ مونکي چيو، ڏسو پيا بينظير پئي ڳالهائي!

اهي منهنجا سڳورا سنڌي ته هئا شاعق ڀِٽين ميلن ملاکڙن جا. جڏهن جيوٽيءَ ڪن تي هٿ ڏيئي ڳايو... پلو ڙي ميان!... اٺ ته آريءَ ڄام جا... پورل ڄام جا، سچڻ ڄام جا، ڊولڻ ڄام جا... واڳون وننديءَ ساڻ چونديءَ ساڻ، پيرين پونديءَ ساڻ چونديءَ ساڻ، رهي وڃ رات پنهور ۾. رڀين جي برسات پيا ڪن. ڪوهن جا ڪوه ڪهي اسوءَ جي چنڊ تي ٽنڊي آدم ۾ وڏي پڙ ۾ چندر کي ٻڌڻ ڳيرو جوانن جا ٽولا چئني پاسن کان ڪيئن نه اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ چندر جوان دلين کي دڙڪائيندو ۽ ته ڪمال جو نه. اچ ۽ ياد ٿم : دل تنهنجي منهنجي هڪ آ، ڏاڍي اسان ٻنهي کي سڪ آ... ۽ دلبر جو ڪري وينس ديدار ڪنهڙي تي... چندر نوابشاه واري سان وري لونگ مسخرو ۽ ته ڪمال ڪندو نه : مون جهڙو مڙسالو ڪونهي، رنو آهيان پر راڻو، سپيئي ٽا چاڙو زال ملي ٿم گونگي ٻوڙي، سالو مليو ٿم ڪاڻو، سپيئي ٽا چاڙو. ڀِٽ ته ۽ هئا نه هاڪارا. پاون ڀِٽ، گوبند ننڍو گوبند وڏو، شمن گڏي، جاڙو ڀِٽ، ليلو ڀِٽ، موٺڻ، وري چيتو ڪري چوٽ دلين تي. دڪايل جا ڪنجريءَ تي آزاديءَ جا نغما ٻڌِي انقلاب زنده باد جا نعرا سڄي سڄي رات هزارن جي تعداد مسلمان ٻروچ ۽ واڻين جي پيڙ. سو پي ڀِٽ جي ڪنئين ڳالهه ته مجال جي ڪو چري، ياروِيس هئا. دل کولي داد ڏيڻ وارا غريب پر دل جا شاهه ايماندار بي پرواهه محنت ڪش قول جا ڪوڏيا.

انهن کي قاضن جي قاعدن ملن جي مسنوعي فيلصوفيءَ وعظن و قادرن سو ڪو واسطو هو ئي ڪونه. تڏهن ته هنن مظاهرن نفاقي نظار نظارن ۾ نٿا نظر اچن. اِئين ته ٿي نٿو سگهي ته هنن کي پناڻن سان ڪو اتفاق ڪونهي. همدردي نه آهي ۽ ڪو اِسلام سان واسطواري هوندي ڪو عقيدو ناهي، بلڪ پڪا آهن پورا مسلمان. سچو آ سندن ايمان، پختو آهي پيرن ڏانهن سندن پيرو، تڏهن نه نٿا ڏين، نه ڪن سياستدانن جي تقريرن ڏي تعصبي ڏنوگرن جي ڏن ڪرن ڏي. ٻني ۽ وني ڪم ۾ ڪنبي.

مونکي ياد آهي، اسانجي ٻنيءَ تي ونگار وهڻ آيا هئا هاري. ٻپهرن جو انب جي وڻ هيٺان چانوَ ۾ ماني کائڻ وينا ڪنگر ڏڏ جو مکڻ جا چاٽا ٻاجهاري ٻاجهريءَ جون مانيون مٿان وري ڳڙ جو گنڍو، واهه جو سواد وري ربنو ڳالهين پيڙ، چي اڙي بشير جي ڳالهه ٻڌو. حيدرآباد ويو هو ڪندي سان گڏ فائينل پڙهڻ، پچينس ليڙپيءَ سيڻن سان پٽ مقابلو ڪرين. مصريءَ هونگلو ڪئي. جڏهن ڳوٺ موٽيو پٽي واري لٺ بندوق وانگر ننگي پيو اچي. معتبر پٽس وراڻيس، اڙي هي چاهي! اها اسانجو هٿيار آ. واه ڙي ٽالپر جا پٽ!

نظر ڪان صوفي درويش شاهه عنايت جي شروع ڪيل جنگ هڪ عام قومي جدوجهد هئي.

راڄنيتيءَ ڪانسواءِ سنڌي ساهت لاءِ به صوفي شاهه عنايت جو درجو اهميت وارو آهي. صوفي شاهه عنايت جهوڪ شريف واري جو ڪلام شاهه عبدل ڪريم بلڙيءَ واري جي ڪلام ۽ شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي وچ واري عرصي کي ڳنڍيندڙ هڪ زنجير ئي نه بلڪ هڪ ڪڙي آهي. هن درويش جي شهادت ١٧١٢ع ۾ ٿي آهي. جهوڪ شريف ۾ ميرانپور جي پرسان رهندو هو. سماج سڌارڪ ۽ روحاني رهبر هو. سندس سچو نالو شاهه عنايت الله آهي پر شاهه عنايت جي نالي سان پرسڌ آهي. نصرپور جي روزي سيدن جي ڪلنب جو ۽ قادري طريقي وارو صوفي هو. جنم ڪان سيد هو پر مذهبي تعليم ۽ پارسي ۽ عربي جو اڀياس ڪونه هوس. ڪيس صوفين جي سنگيت محفل ۽ ڪرامتن ڏسڻ ۽ ماڻڻ جو شونق هو. سڀاو جو بيباڪ هو. ڪيس شمس شاهه درويش جي سنگ ۾ ايران ۽ عراق جو سئر ڪرڻ جو شرف نصيب ٿيو هو. جتان سنڌ ۾ واپس اچڻ ڪانپوءِ حيدرآباد ڏکڻ ۽ برهمانپور به ويو هو. جتي قادري صوفي درويش سان ملاقات ٿيس. ڪيس پنهنجو مرشد ڪري روحاني فيض پرايائين ۽ سنڌ واپس اچڻ وقت مرشد ڪيس تلوار نظراني طور ڏني. اُن وقت ٺٽي جو شهر عالمن ۽ حاڪمن لاءِ ڪشش جو مرڪز هو. سنڌ کي جنگيون، ڏڪر ۽ وبا جي بيماريون ڏاج ۾ مليل هئي، جنهن ڪري سنڌي عوام ڏکيو بکيو بيمار بي اجهي ڪنگال دربدر پريشان ۽ عذابن واري زندگي ڀوڳي رهيو هو. شاهه عنايت ڪجهه عرصو ٺٽي ۾ رهيو، پوءِ ميران پور جي جهوڪ شريف ۾ اچي رهيو هو ۽ هزارن جي تعداد ۾ سندس مريد ٿيا. هيءُ صوفي درويش آزاد خيال ۽ سچ جو قائل هو، جنهنڪري اونگزيب ڪيس خوب آزاريو. مٿس اِلزام هنيو ويو ته حڪومت جي خلاف عوام کي ڀڙڪائي ٿو. ميران پور جي ميدان کي گهيرو ڪيو ويو. مريد حڪومت جي لشڪر سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويس. سنڌ جي گورنر اعظم خان ڪلهوڙي جي چرچ تي مير شهدادخان ۽ ميان محمود خان ڪلهوڙي شاهه عنايت کي دعوت ڏيئي دوکي سان قتل ڪيو. جيتوڻيڪ شاهه عنايت ڪلهوڙن جي حڪومت جو همدرد هو، پر هن جو وڌندڙ اثر ڪري ڪلهوڙن کي هن مان ڊپ هو. شاهه عنايت جي شهادت جو حادثو سنه ١٧١٢ع ۾ ١١٢٢ هجريءَ ۾ ٿيو هو.

شاهه عنايت هڪ سچو صوفي درويش ۽ ڪامل شاعر هو. فارسي زبان ۾ رچيل سندس شعر جهجهو ئي موجود هو پر جيئن ٻين سنڌي شاعرن سان ٿيو آهي، تيئن سندس سنڌي ڪلام به زماني جي لٽ هيٺ لڙجي ويو آهي. سندس شهيديءَ بابت ڏند ڪٿا آهي ته شهيد ٿيڻ وقت سندس سِر اُڏامي رستي تي ويٺل ملان ٺاروءَ کي سندس پڇيل سوال جو جواب ڏنو هو ته-

عشق ناهي راند جو ڪنس ڳيرو

”جيءَ جسي ۽ جان جي ڪري ٿو هيڪاند
سسي نيزي پاند اُڇل ته ادا ٿئين.“

شاهه عنايت ١٧ صديءَ جو ڪلاسيڪي سنڌي شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ سنڌي سنگيت جو لحظو اِستعمال ڪيل آهي. شاهه کان اڳ بيت ورلون، ڪافيون لکيون اٿائين. جهوڪ شريف سنڌ ۾ صوفين جو مرڪز هو. شاهه عبدل-ال-ملڪ سندس مرشد ۽ شاهه عبدل ڪريم بلڙيءَ وارو سندس مريد هو. شاهه عنايت عظيم صوفي تسليم


شهيد شاعر شاهہ عنايت صوفي

— مينا روپچنداڻي

وقت هميشهہ پٽي دهرايو آهي. انگريزي اصطلاح آهي ”هسٽري رپيٽس انٽسيلف“. اِها هسٽرِي تاريخ وقت تي نہ آهي. جڏهن جڏهن ڪنهنجي ڏرم پومي ۽ تي ڏاري چاهي مقامي جاگيردارن وڏيرن، دلالن، موقع پرستن سازش ڪئي آهي، تڏهن اُن پومي ۽ جا جنوني جوان ڪو گڏيل محاذ ڪڙو ڪري اِنقلاب جو اعلان ڪندا آهن. سنڌ جي سر زمين تي اهڙا واقعا ايترا تہ گهڻا آهن، جيترا سنڌ ۾ پير، فقير ۽ درويش. سنڌ جا جوان طبقاتي ۽ قومي، مالي ۽ سماجي ڦرلٽ ختم ڪرڻ لاءِ ٻاهرين چاهي اندرين دشمنن جا دل، دماغ ۽ شرير تي عذاب سهي ڪري بہ پنهنجي پومي ۽ ۾ سچائي ۽ جا بنياد پختا ڪندا آهن. سنڌ جي عوام جي دلين تي اِتهاس جون اهڙيون ڪيتريون جهانڪيون اُڪريل آهن ۽ ڪن جي رت سان اِتهاس لکيو ويو آهي.

صوفي مت جا اُصول ۽ طور طريقا سنڌين جي نس نس ۾ سمايل آهن. اڄ سنڌي ڪٿي بہ هوندا، ڪڏهن بہ سندن جيوَن مان صوفي مت جا طور طريقا پيا جهلڪا ڏيندا آهن. هو ويدانت ۽ تصوف کي گڏيل تسليم ڪري پيا ٿا جيئن. هو ٻنهين جي الگ هجڻ جو سوچي بہ نٿا سگهن. سنڌ اڄ بہ ٻرنديءَ باهہ مان گذري رهي آهي جهڙي اگ. صدين کان عام سنڌيءَ جي جيوَن جي هڪ اِتهاس آهي.

حضرت شاهہ عنايت صوفي سنڌين کي جاگيردارن جي ظلمن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۽ ڪمين ڪاسبين، ڪڙمين ۽ پوڙهتن لاءِ سک جو راڄ قائم ڪرڻ ٿي گهريو. سندس سپنو سيني سنڌين لاءِ آزاديءَ ۽ برابريءَ جي حقن لاءِ هو. دهليءَ جو مغل حاڪم اونگزيب هو تہ سنڌ ۾ هنجي عملدارن جو راڄ هو. هوُ پير هئا. پيريءَ مان ميري حاصل ڪري بہ سنڌي مريدن کي حق نہ ڏياري سگهيا. مخالفت لاءِ وٽن لشڪر ڪونہ هو. شاهہ عنايت صوفي درويش سنڌين کي حق وٺي ڏيڻ لاءِ مڙني جنگين کان نرالي جنگ، هڪ مضبوط جنگ ڇيڙي ڇڏِي. هن غريب جي دلين تي حڪومت ڪرڻ ٿي چاهي. سنڌين کي صرف حق وٺي ڏيڻ پيو چاهي. هن جنگ کي اِتهاس جي پنن ۾ جڙڻ ڪونہ ڏنو ويو آهي. اِتهاسڪارن حاڪمن جي دٻپ کان ڪٿي بہ صحيح احوال ڏيڻ جي جريت ڪونہ ڪئي آهي. راڄنيتي نقط



نالو	:	مينا روپچنداڻي
جنم	:	٦-١٠-١٩٤٠ ڪراچي - سنڌ
ڇپيل ڪتاب	:	نئين شعر جو ٻاني بيوس، ادبي تصويرون - ٢ ڀاڱا.
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير ٽيچر
پتو	:	بئرڪ ١٢٩٢، روم نمبر ٢١، او.ٽي.سيڪشن، اُلهاس نگر-٤.

وشواس جوڳو آهي، تنهن ڪانسواءِ سنڌ جي ڳوٺاڻي عوام سان لهه وچڙ رکي اٽڪل ٢٧ وڏيڪ ڪلام شاهه عنايت جا هٿ ڪيا ويا آهن، جيڪي ماڻهن کي اڃا برزبان ياد هئا.

شاهه هنن سُرن کي سرود ڪري ڪوٺيو ۽ سندس پوئلڳ شاهه لطيف سُر. سڀني صوفين شاعرن وانگر هنن پنهنجي ڪلام کي ڳايو آهي. شاهه عنايت جو ڪلام هرو ڀرو سُرن جي لئه تال تي جيتوڻيڪ نه آهي، جوته سندس سُر يا سرود هروڀرو شاستري سنگيت تي پڪا نه آهن. اِنڪري هنن درويشن جي ڪلام کي لوڪ راڳ يا راڳڻين ۾ شمار ڪيو ويو ٿو. شاهه عنايت جي ڪلام جا سرود سنڌ جي سورمين، واڻين، ڪورين ۽ آتمڪ ڪوجنا جي پانڌيڙن بابت آهن. اهڙيءَ طرح شاهه عنايت شاهه لطيف ۽ ٻين صوفي درويشن شاعرن کي رستو ڏيکاريو آهي. سنڌي لوڪ ڪٿائن جي سورمين ليلا، مارئي، مومل، نورِي، سسئي، سهڻي ۽ سورٺ جا حوالا آهن ۽ روحاني رازن جا ڳجهه سلڇ لاءِ سندن نالن جون تشبيهون ۽ مثال آهن.

قاضي قادن، شاهه عبدل ڪريم، شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل ۽ سامي سنڌ جي ڀڳتي هلچل جا سنت ۽ درويش آهن. سنڌ جي صوفين، مُلن، مولوين، ٻاون ۽ ٻانيڻ جي مخالفت ڪئي آهي. سنڌ جي اِتهاس جي هن ڪڙيءَ کي صرف ساهتڪ رنگ ۾ شمار ڪري ٿو سگهجي، باقي سڀ ڏند ڪٿائون ٿيون ليکجن، جو سنڌ جي اِتهاس سان اِنصاف ٿيل ڪونه آهي.

ڪيو ويو هو. هنجو ڪلام نج عبارت وارو ۽ سنڌ جي رسمي ڪلام جھڙو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ڳوناٺن جي روزمره جي جيوَن جي ڏکن دردن جو اِظهار آهي. سندس دل ۾ اُنهن غريبن ديهن ڏکين لاءِ پيار هو، همدردي هئي. جنهنڪري عوام ڀلي جا ڪاريہ ڪرڻ لاءِ اُتساه جاڳيس، پنهنجي غم زده مريدن جي هرطرح جي سار سنڀال لهندو هو. ٨٠ سالن جي عمر ۾ سنڌ جو عظيم ترين شاعر ثابت ٿيو هو. ساهتيہ جا شيدائي دور دور کان ساڻس ملاقات ڪرڻ ايندا هئا: شاهہ لطيف جي ساڻس محبت هئي. سندس شهادت تي شاه جي دل ڇلڪي پيئي هئي. شاهہ لطيف کي شاهہ عنايت جي وڇوڙي جو گھرو درد ٿيو ۽ ڪلام آکي ماتم ڪيو اٿائين ۽ جيڪو سُر رامڪليءَ ۾ درج آهي-

”اڄ نہ اوطاقن ۾ سي طالب تنوارين
آديسي اُٿي ويا مڙهيون مون مارين
هو جو جيئہ کي جيئارين سي لاهوتي لڏي ويا.“

ميران پور جي ميدان تي مُردين جا لاش ڏسي چيائين-

”اڄ نہ اوطاقن ۾ سي تازا پٽر ڪڪ
آديسي اُٿي ويا پٽي اُڏامي رُک
سامي کڻ سنک وڃائي واٽ ٿيا.“

شاهہ عنايت جي ڪلام جو نمونو آهي-

”اڌر نڌر اُبري ڪوجهي ڪميٽي
تنهن سان ٻاروچل ٻاجهون ڪيون
هوت ڏسي هيٺي
اگھائي شاهہ عنايت چوي
تنهنجي نڪر سان ٽيٺي
جاهيءَ ور جي وهيٺي
تنهن کي محب مليو مهبار ۾.“

سندس ڪلامن جو پهريون مجموعو ١٩٦٣ع ۾ ڇپيو هو. جيڪو نبي بخش خان بلوچ ڇپايو. اِئين تہ سندس شعرن جو رسالو ١٨٢٠ع ۾ سندس پرپوٽي ميان اُميد علي شاهہ جي همت سان ڇپيو هو، پر ٻنهي ۾ ٻوليءَ ۽ اُچارن جو فرق نمايان آني. ٻنهي جي اِشاعيت ۾ بہ ١٧٥ سالن جو فرق آهي. شاهہ عنايت جا بيت سانوڻ فقير کي ياد هئا. سانوڻ فقير جو شاهہ عنايت کان ١٠٠ سال پوءِ جو هو، پر بيت سنڌ جي عوام کي پيڙهيءَ در پيڙهي ياد هئا، جيڪي ١٨٢٠ع ۾ گڏ ڪري ڇپايا ويا. شاهہ عنايت جي رسالي واريون ڪي وايون ۽ بيت شاهہ جي رسالي ۾ پڻ آهن. ١٨٢٠ع وارو رسالو ودوانن، ساهتيڪارن ۽ کوجنيڪن کي وڌيڪ موضون ٿو محسوس ٿئي ۽ وشواس جوڳو ٿو لڳي. اُنهن کان بہ وڌيڪ ٤٧ ڪلام جيڪي اجا سنڌ جي ڳوناٺي عوام کي ياد هئا، سي ٻاڻ هٿ ڪري جوڙيا ويا آهن.

ميان شاهہ عنايت جي ڪلام ۾ ڪل ٤٦٩ بيت ۽ ٤٧ وايون آهن، يجڪي سرود جي ٢٢ سُرن ۾ ڳائي سگهبيون آهن. جيئن تہ ڪلياڻ، يمن، ڪنڀات، سريراڳ ڌناسري، رامڪلي، مارئي، ٻرياتي، چتسري، پورب، ليلا، آسا، ڪاپائتي، ڏهر، مومل، راڻو، بلاول، ديسي، سورٺ، سارنگ، توڏي، ڪاموڏ ۽ ڪاٽيارو.

جن سُرن کي شاهہ لطيف سُر سڏيو آهي، تن کي شاهہ عنايت سرود سڏيو آهي. هيءُ سُر لوڪ راڳن يا لوڪ راڳڻين ۾ شمار ڪيل آهن. وايون بہ جوڙيل آهن. نيون جوڙيل وايون ۽ بيت شاهہ لطيف جي رسالي ۾ اڳ ۾ ئي آهن.

گهري اڀياس ۽ چنڊچاڻ ڪانپوءِ ڏٺو ويو تہ ١٨٢٠ع ۽ ١٩٦٣ع وارن رسالن مان پهريون وڌيڪ

کي چڏي رگهو ويرَ جو پڇڻ ڪرَ -

تات چرن گهر مان ڪئون
راکو موهہ دلار
سيتا ديهو رام ڪنن
اهت نہ هوءِ تمهار.

سيتا کي واپس ڪرڻ ۾ توکي ڪو نقصان نہ پهچندو. ڪام جي وس ٿي سيتا کي رکيو ويٺو آهين، اِنڪام جي اثر ڪان توکي مڪتي ملندي چاڪاڻ تہ

ڪام ڪروڌ مد لوڀ سڀ نرڪ ڪي دوار

منش کي انهن ڪان ئي بچڻ کپي. سڀ پريم رگهوير وير پڄئہ وڀيشڻ جي اِها ڳالهہ راوڻ کي پسند نہ پئي آئي هُو غصي ۾ تپي لعل ٿي ويو. اهڙي وقت سندس نانو ماليوان جيڪو بہ ان سڀا ۾ ويٺو هيو سو اُٿيو ۽ راوڻ کي چيائين تہ راوڻ تنهنجو ننڍو ڀاءُ نيتي وڀوشڻ (ڄهٽو) آهي جيڪي هُو توکي چوي ٿو تنهنکي هردي ۾ رک اُن تي عمل ڪر.

تات انج تو نيتي وڀوشڻ،
سو اُرڌ رهہ جو ڪرمت وڀيشڻ.

راوڻ ماليوان جا اِهي اکر ٻڌي هڪدم گرم ٿي ويو ۽ رڙ ڪري چيائين تہ ڪوئي آهي اچو هڪدم اچي هنن ٻنهي کي سڀا مان ٻاهر ڌڪي ڪڍيو. راوڻ جا اِهي اکر ٻڌي ماليوان تہ ماٺ ڪري هليو ويو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ وڀيشڻ کي سڀا مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ لڳو. تڏهن راوڻ پاڻ پڙڪي ڪائي اُٿيو -

ترت دسائن اُنا رسائي،
ڪل توهي نڪت مرتيو تهي آئي.

اڙي بعماش تون منهنجو اَن ٿو ڪائين هن وقت تائين منهنجي مهربانيءَ سان جيئرو آهين. دشمن جو پاسو ڪٽندي توکي شرم نٿو اچي.

مم پر بس تپسنهہ پريتي،
سٺ مل جاهہ تنهن ڪهہ نيتي.

اڙي بدمعاش منهنجي نگريءَ ۾ رهي تون تپسوين سان پريم ٿو ڪرين. وڃ وڃي اُنهن سان مل اُنهن کي وڃي نيتي جو پاٺ پڙهاءِ. ايترو چئي غصي مان پاڻ اُٿي هي زوردار لت وڀيشڻ کي هڻي ڪڍيائين ڪيس چيائين تہ هليو وڃ هتان وري مون وٽ ڪڏهن بہ نہ اچجانءِ لت لڳڻ ڪانپوءِ بہ وڀيشڻ ڪيس چوي ٿو تہ تون منهنجي لاءِ پتا ڪان بہ وڌيڪ آهين ڀلي مونکي مار پر ڀلي اِهو سمجهي ڇڏ تہ تنهنجو ڀلو رام سان وير ختم ڪرڻ ۾ ئي آهي.

تم پتو سرس ڀليئي موهہ مارا،
رام ڀڄي هت هوءِ تمهارا.

پر ادا لڳي ٿو تہ تون ۽ تنهنجي هن سڀا جا ماڻهو هينئر موت جو ويجهو اچي پهتا آهن.

رام ستيہ سنڪلپ پريڀُ سڀا ڪال بس توءِ.

آءٌ تنهنجي آگيا کي اکين تي رکي رام جي سيوا ۾ وڃان ٿو، پوءِ انجو ڏوراپو مونکي نہ ڏجانءِ.

مئن رگهو وير سَرن اب جائون ديهو جن ڪور

ان وارتا ڪانپوءِ وڀيشڻ راوڻ جو سڀا کي ڇڏي اڪيلو ئي آڪاش پٿ رستي رام سان ملڻ لاءِ هليو ويو.

رامائڻ جي ٽيڪاڪارن جي راءِ ۾ وڀيشڻ ڪونہ منصوبو ڪونہ رٿيو ناگرڪن يا سئنڪن کي ڪونہ پڙڪايائون هڪ ڀڳت ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويو. لنڪا جي ڪڏهن جلائي ويئي يا راوڻ لڙائيءَ ۾ سڄي پريوار کي ماريو ويو اُن لاءِ قصوروار راوڻ پاڻ هيو. پردا راڳهن يا ڀڄائي اجڻ ڀڳوان جي نظرن ۾ مهاپينڪر پاپ آهي، اهڙي پاپيءَ کي پريو ضرور سزا ڏيندو آهي. راوڻ کي بہ ان پاپ جي سزا ملي هئي. وڀيشڻ پاڻ پنهنجي اِڇا سان لنڪا ڇڏي ڪونہ ويو هيو پر راوڻ ڪيس لَت هڻي راجيہ سڀا مان ڪڍيو ويو ۽ ڪيس حڪم ڏنو تہ شهر ڇڏي وڃ، اِنڪري وڀيشڻ هليو ويو. هن کي ڊپ لڳو تہ وڌيڪ هت رهڻ تي وڌيڪ اپمانت ٿيندس ۽ جان کي بہ خطرو آهي.

وڀيشڻ

— ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

راڪشسن جي لنڪا ۾ سيتا جو پتو ڪڍڻ لاءِ جڏهن پوَن پُٽر هنومان ويو هو تڏهن صرف رام جي نام جي جَپُ ڪرڻ وارو هڪ گهر ۾ هڪڙو ئي رام ڀڳت مليو هو ۽ هوُ هيو راوڻ جو ننڍو ڀاءُ وڀيشڻ.

وڀيشڻ جيتوڻيڪ راوڻ جو ننڍو ڀاءُ هيو. ان هوندي به ڪيس لنڪا جي شاسن ۾ توڙي سينا ۾ ڪوبه وقت راوڻ کي نيڪي جي رستي تي هلڻ جي صلاح ڏيندو هو.

ان وڀيشڻ کي ڪي راوڻ ڀڳت غدار دوکيباز وغيره چئي هن جي مانَ مريادا کي ڪلنڪ لڳائيندا آهن ڪن ته هن کي بدنام ڪرڻ لاءِ پهاڪا به تيار ڪيا آهن گهر جا ڀيدي لنڪا ڏاهي.

اچو ته هينئر ان ڳالهه تي ويچار ڪريون ته ڇا وڀيشڻ حقيقت ۾ غدار هيو؟ ڇا هن پنهنجي وڏي مربي ڀاءُ راوڻ سان دوکو ڪيو هيو؟ ڇا هن جي ڪري لنڪا کي ڏانو ويو هيو؟

آءٌ مڃي لکي چڪو آهيان ته لنڪا جي شاسن ۾ توڙي سينا ۾ هن کي ڪوبه ننڍو وڏو پد ڪونه هو. هوُ ته صرف هري ڀڳت هيو ۽ سمورو وقت راڄ جي نام جو جپ ڪندو هيو. جڏهن ڀڳوان رام جي سينا سمنڊ ٽپي لنڪا جي ٻاهر پهتي تڏهن راوڻ پنهنجي ڪي هڪ اهمَ بئنڪ صلاح مصحليت لاءِ گهرائي.

راوڻ جي ننڍي ڀاءُ هئڻ ناتي وڀيشڻ به ان سڀا ۾ ويلو هيو. راوڻ جا چاٽوڪار ۽ چمچا ته هن جي ها ۾ ها ملائي رهيا هيا ۽ ڪيس رام سان لڙائي ڪرڻ لاءِ ڀڙڪائي رهيا هيا. اُن وقت راوڻ جو نانو ماليوان به ان سڀا ۾ ويٺو هو. ان موقع تي وڀيشڻ ان سڀا ۾ ويٺو هيو. ان موقع تي وڀيشڻ ان سڀا ۾ پهتو ۽ اچڻ سان راوڻ جي چرڻن ۾ مٿو ٽيڪائين.


اوسر جان وڀيشڻ آوا - ڀراتا چرن سيس تنهن ناوا. پوءِ راوڻ کان آگيا وٺي وينتي ڪرڻ لڳو. هي منهنجا ڀاءُ جي مونکان صلاح ٿو پڇين ته آءٌ اوهان کي اِها صلاح ڏيندس ته رام سان دشمني رکڻ نيڪ ڪم نه آهي سيتا کي هٿ آڻي تو سنو ڪم نه ڪيو آهي. رام کي تون رواجي اِنسان نه سمجهه

تات رام نهين نر ڀوپالا
ڀونيشور ڪال هو ڪي ڪالا.

رام هن ڌرتي جو نه آهي هو ساري جڳت جو سوامي آهي ۽ ڪال جو به ڪال آهي، اهڙي رام کي هڪدم سيتا واپس ڪر.

ديهو ناٿ پربو ڪنهن وئديهي
ڀڄهه رام بن هيتهه سنيهي.

ادا ڀاءُ، منهنجو چوڻ مڃ ننڍي ڀاءُ جي پيار جو واسطو اٿيئي سيتا کي واپس ڪر سڀ



نالو : ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو :
پتو : سڀاش ڪالوني، توپدڙا، اجمير

نئين پيڙهيءَ جي چاهه رهندي آهي تہ تمام ٿري وقت ۾ اها وديا حاصل ڪري اِسٽيج تي اچي پروگرام ڏجي مگر هنن جا اِهي خيال ڪيس وديا حاصل ڪرڻ ڪونہ ڏيندا آهن نتيجو ميدان ۾ هارڻ ڪانسواءِ حاصل ڪجھ ڪونہ ٿيٽو آهي.

سنڌي سنگيت جي باري ۾ هاٺوڪو ماحول اهڙو ئي آهي. سنڌي سنگيت ۾ پنهنجي پرانت جي مناس ضرور آهي. هرڪنهن پرانت جي ٻوليءَ ۾ سانسڪرتڪ وراست جو اثر آهي. لوڪ سنگيت ۾ اُهي ڪي خاص گڻ آهن. جنهن جي آڌار تي سنسڪرتي هرڪنهن ٻوليءَ ۾ سمايل آهي. لوڪ گيت پيڙهي در پيڙهي هلندا رهن ٿا ۽ موقعي انوسار ڳايا وڃن ٿا.

وطن جي وڇوڙي کي اسان جي لوڪ سنگيت ۽ ڀڳت وديا تي اهڙو برو اثر پيو آهي، جنهن کي وري حاصل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي، جيڪي لوڪ گايڪ ۽ ڀڳت هئا اُهي هن دنيا کي ڇڏي لاڏاني ٿيا. ايتري قدر جو سنڌي ٻولي نئين پيڙهيءَ کان ڪنارو ڪندي پئي وڃي.

سنڌي ٻولي ۽ سنگيت جي رڪشا هن وقت شاستري سنگيت نموني اسان کي پراپت ٿي سگهندي ڇو تہ شاستري سنگيت جو آڌار گيتن کي ملڻ ڪانپوءِ ئي ڪجھ حاصل ڪري سگهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ جو سنگيت ناٽڪ تمام سٺو ذريعو ٿي سگهي ٿو ۽ وري پنهنجي مٺريءَ ٻوليءَ کي سچو آڌار ملي سگهندو.

سنگيت سرجن

— رامچند وي. موٽواڻي

سنسار جي جڙ چيتن ۾ سنگيت سمايل آهي. سنگيت کي ناد برهم ۽ اوم ڪار به ڪوليو ٿو وڃي.

ناد برهم - دل اندر ناڀ جي مٿان برهم اِسٿان ۾ پراڻ واءُ هڪ طرح جو آواز ٿئي ٿو ۽ اُهو آواز مُک مان نڪرندو آهي، اُن کي ناد ڪوليو ويندو آهي، جنهن مان سنگيت سرجن پڻ ٿيو آهي.

ناد: ناد جا ٻه قسم آهن: ١. آهت ناد ٢. اناهت ناد.

اُهو ناد جيڪو بنا ڪنهن ڇهڻ جي پيدا ٿئي اُن کي اناهت ناد چئبو آهي جيئن ته ڪن کي آڱر سان بند ڪجي ٿو گهن گهن جو آواز نڪري ٿو اُهو اناهت شبد آهي اُن ناد جو سنگيت سان ڪوبہ لاڳاپو ڪونهي.

آهت ناد: جيڪو آواز ڪنهن شيءِ جي ٽڪرائڻ سان نڪري ٿو اُن کي آهت ناد چيو ٿو وڃي ۽ انکي سنگيت شاستر مطابق سهي ليکيو ٿو وڃي.

سنگيت : سنگيت جا خاص طبڪا آهن:

ڳائڻ، وڄائڻ ۽ ناچ (گاين، وادن ۽ نرتيہ) انهن مکيہ ڀاڱن ڪانپوءِ هر ڪنهن جون الڳ الڳ شاخائون آهن، اسين هتي راڳ ۽ سنڌي سنگيت جي باري ۾ ڳالهائيندا اسين. سنگيت ۾ ڳائڻ جي وديا گروءَ وٽان ئي پراپت ٿي سگهي ٿي.

هيءَ سنگيت وديا هڪ تپسيا آهي جنهن ۾ اسانکي ٽائيم ۽ دلي خواهش کي گروءَ اڳيان سڪٽي پوي ٿي.

گرو سرگرم جي ذريعي شش کي ساڌنا جو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ اُن ۾ روچي وٺي ڪري شاگرد پنهنجيءَ وديا وڌائيندو رهندو آهي ۽ اها گرو ششيہ پرمپرا هلندي رهندي آهي.

سنگيت جي سُرن جو گيان نقل ڪرڻ سان ڪڏهن بہ پراپت ڪونہ ٿي سگهندو. اگر ڪنهن کي ايشور طرفان سُريلي ڪنٺ مليل آهي. تنهن کي اڳتي هلي اُن کي گرو تہ ڪرڻو ئي پوندو. ڇو تہ ڳ ڏوڳڏ لئہ يعني وقت تال تمام ضروري آهي. سنگيت ۾ تال پرڌان آهي. جيڪا چيز تال اندر ڪو نٿو حاصر ڪري ۽ سگهي اُن ئي سُريلي ڪنٺ ڪنهن ڪم جي ڪارگر ڪانهي تنهنڪري وديا حاصل ڪرڻ کان پهرين پورو چاهہ ۽ وقت جو ٻليدان ڪرڻو ٿو پوي.



نالو	:	رامچند وي. موٽواڻي
جنم	:	٣١-١٠-١٩٣٥ اُڏيرولعل لوڙها
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	رٽاير ريلوي آفيسر، شاستري گايڪ هندي ۽ سنڌي
پتو	:	گيت شُڌا سمن، ٣-اَ-٣، پرتاب نگر، جوڌپور

ٻيون ڪيترين ئي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري سنستائن، اِدارن سان هن صاحب جو ناتو هو.

گوبند مالهي صاحب سچ پچ هڪ شخص جي اندر هڪ اِدارو، هڪ هچل هئو. گڻن جي کاڻ هو. سادي پر سهڻي لباس ۾ هڪ سنهري ۽ ننڍڙي قد بُت واري هن شخص ۾ گهري اپياس، اونهي اوک ڊوک سُني ياداشت ۽ هڪ آدرش اِنسان جا سڀ گڻ هئڻ سبب هو. هردلعزيز بڻجي پيو. پراڻن ۽ نوَن ليکڪن وچ ۾ هڪ پُل جو ڪم ڪيائين. هن صاحب جي جيون ۽ ڪاريہ تي ساهتيڪ سيمينار ڪيا ويا. هڪ سچڻ پي.ايچ.ڊي. بہ ڪري ورتي، اکل ڀارت سيا، ساهتيہ اڪادمي، مهاراشٽر سنڌي اڪادمي، ڀارتيہ ڀاشا پريشد ۽ ٻين ڪيترن ئي سنستائن طرفان کيس اِنعام عطا ڪيا ويا. هڪ لک روپين جو مهاراشٽر گوروَ پرسڪار، لطيف اِنٽرنئشنل اوارڊ (سونو ٻلو) ايشوري ٻائي بخشاڻي اوارڊ، ورلڊ وائيڊ پبليڪشن پاران سونو ٻلو، مڌيہ پرديش اڪادميءَ طرفان خاص سنمان وغيره سان مالهي صاحب کي سنمانت ڪيو ويو.

مهاراشٽر راجيہ پٽڪسٽ بوڪ بيورو ۽ ممبي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اِسٽيڊيز فار سنڌي سان بہ هن صاحب ڪيترا سال سهيوگ ڪيو.

اهڙي يگاني اديب سان گذريل چئن سالن ڏهاڪن کان ممبئي، پوني، بڙودي، گانڌيڌام، دهلي ۽ ڊبئيءَ ۾ ملاقاتن محفلن جا وجهہ ملندا پئي رهيا. جنهن قرب ۽ پنهنجائپ سان هر ڀيري گ لمي لڳائي گڏجندو هئو سو وساري نہ سگهندس. سندس ملاقاتن جو اگر وچوروار بيان لکڻ وهندس تہ هڪ ڪتاب ٿهي پوندو.

تازو چوڏهين فيبروريءَ تي مدراس کان پوني اچڻ لاءِ اِسٽيشن تي پنهنجن عزيزن سان گڏ بيٺو هوس تہ اوچتو سنڌو سدن مدراس جي هڪ سڄڻ، ہ ڏينهن اڳ مالهي صاحب جي ديهانت جي خبر پنهنجي هڪ واقفڪار کي ٻڌائي، مان ڀرسان ئي بيٺو هوس سو اُها دکدائي خبر ٻڌندي مونکان تہ چرڪ نڪري ويو، اڳيان وڌي اُن سڄڻ کان پڇيم تہ چيائين- ”مونکي ممبئيءَ مان فون تي هڪ مائٽ اِها ڳالهہ ٻڌائي. دراصل ايندڙ چيٽي چنڊ جي ميلي تي هت کُهرائي سندس سنمان ڪرڻ جو سوچيو هوسين.“

سجدي ۾ سِرُ جهڪايم، دل مان آواز آيو.

اچ نہ اوطاقن ۾......

اڄ نه اوطاق ۾

— گوورڌن شرما ”گهايل“

جهڙيءَ طرح سيئي گُل سُهڻا ۽ سُڳنڌي نه ٿيندا آهن، سيئي پکي ڪوئل ڪنٺ جهڙا ۽ من موهڪ نه ٿيندا آهن، تهڙيءَ طرح سڀ ماڻهو به هر دل عزيز نه ٿي سگهندا آهن. ڪامريڊ گوبند مالهي به اهڙن ٿورن تمام ٿورن شخصيتن مان هڪ هئو جنهن سنڌي عوام جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ورتي.

ٺارو شاهه سنڌ ۾ زميندار شري پوهومل ڪٽر جي گهر ۾ ۲۵ آگسٽ ۱۹۲۱ع تي هڪ لاڪيڻي لال جنم ورتو. ننڍپڻ کان ولي، آزاد طبع، گهمڻ جو شونيقين ۽ ادب ڏانهن رُجهان رکندڙ گوبند مالهي اڳتي هلي هڪ ڪامياب ليکڪ انوادڪ، ايڊيٽر، ڪالمسٽ، پبلشر، سنڌيت جي هلچل جو روح روان ۽ ناٽڪ ڪار، ڪلاڪار طور پنهنجي ڀهورنگي پرتيڀا جو پريچيه ڏنو. ننڍيءَ عمر ۾ ئي شاعريءَ سان شروعات ڪيائين پر هوُ صاحب ناول سُمرات جي نالي سان مقبول ٿيو. چوونيهه اصلوڪا ناول لکيائين جي گهڻو ڪري ڀين ڀارتي ٻولين ۾ ترجمو ٿيا ۽ مالهيءَ جي مقوبليت ۾ چار چنڊ لڳا. سندس ناولن ۾ شرم ڀوني، ديسي سيڻ ڪچن، پکيئڙا، وار کان وڇڙيا آنسون، پيار جي پياس وغيره مشهور آهن. ’موز‘، ’دادا ڪامريڊ‘ ۽ ’ڌرتي ماتا‘ جو سنڌيءَ ۾ ڪامياب ترجمو ڪيائين. چاليهارو کن ڪهاڻيون لکيائين، چاليهه کن ايڪانڪيون قلمبند ڪيائين. سندس ڪهاڻين جي آڌار تي دوردشن تان هنديءَ ۾ تيار ڪري ڪيترا ڪامياب ناٽڪ پيش ڪيا ويا آهن. سوين منهيون، ”ادب ۽ اديب“ نالي سان سندس آتم ڪٿا جا پنج ڀاڱا ۽ ”سنڌيءَ ويا سنڌ گهمڻ“ عنوان سان سفرنامو سندس ادبي ذخيري ۾ شمارجن ٿا.

شروعات ڪميونسٽ ويچارڌارا واري مالهي صاحب ئي صوفي مت جي اَمِٽ ڇاپ هئي. ڪلاڪار منڊم معرفت ديس پرديس ۾ هن صاحب سنڌيت ۽ سنڌي سنگيت جي پرچار ۽ ڦهلاءَ جي لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪئي، سا سنڌي ادب جي اِتهاس ۾ امر رهندي. سنڌوءَ جي ڪناري، فلم ٻلي مالي لحاظ کان ڪامياب نه ٿي پر سنڌيت لاءِ ڏنل سنديش ۽ مالهي صاحب جي اورچائي، لگن ۽ محنت جو سهڻو مثال هئي.

شري گوبند مالهي ڪيترين ئي ساماجڪ، تهذيبي ۽ ادبي توڙي ڪلچرل سنسٿائن سان جُڙيل هئو، تن مان ڪجهه آهن سنڌي ساهتيه منڊل، اِنڊين پيپلس ٿئيٽر مهاراشٽر سنڌي ساهتيه اڪاڊمي ڪلاڪار منڊل ۽

نالو	:	گوورڌن شرما ”گهايل“
جنم	:	
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	ماستر، ڪوي ۽ جنرلسٽ
پتو	:	ا، سديڇا اپارٽمينٽ، ڊيڪن ڪاليج روڊ، ييرواڊا، پونو (مهاراشٽر)

نئون نڪاٽو

اسانجو گهر شڪارپور جي اوير واري سرحد تي صديق ماڙي نالي واري پاڙي ۾ هئو. گهر جي ٻاهران شهر جي حد واري وڏي سڙڪ هئي، جنهنجي ڀرِ پاسي اَن (ڪٽڪ) پچائڻ جون نهايون هيون جنکي "جوش" ڪري سڏبو هو. ڪٽڪ وڏن مٽن ۾ ڀري، اَگرن تي رکي، مٿان تڏن سان ڍڪي ڇڏيندا هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ اَن پيو سيڪجندو هئو، پر دونهين جو نالو نشان بہ ڪونہ نڪرندو هئو. شاهه صاحب هڪ بيت ۾ مثال ڏنو آهي: "نهائينءَ کان نينهن سِک منهنجا سپرين/ سڙي سارو ڏينهن پر ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري!

ٿورڙو اڳتي هلي رستي جي ساڄي پاسي مان ڳڙهيءَ جي سڙڪ ڦٽي ٿي نڪتي. ٽانگي وارن اُتي اِسٽئنڊ ٺاهي، ڳڙهيءَ جي ڳوٺ وڃڻ وارن مسافرن جو اِنتظار پيا ڪندا هئا.

اسانجو پٽ سان پٽ لڳل گهر ۾ رهندڙ پاڙيسري هئا هندوجا ڪٽمب. اڄ اِنهيءَ گهراڻي جو نالو ديس پرديس ۾ مشهور آهي. اِنگلنڊ جي مڙني شاهوڪارن مان هندوُجا اڻين نمبر تي سرفراز آهن.

گهر جي پٺئين پاسي شنڪر ڀڳوان جو مندر (شِوالو) هئو، جتي صبوح سانجهيءَ جي آرتيءَ جي وقت وڏن گهنڊن جا آواز ڪن تي پوندا هئا. منهنجي دادي شنڪر ڀڳوان جي اُپاسڪ هئي ۽ پوڄا مهل "شووهر، شووهر سدا اڇي داس تي تون سگهو ڪر ديا" وارو ڀڄن ڳائي ڀڳوان جي اُستتي ڪندي هئي.

جهونو ڪتاب

گهر جي ٻاهرئين آگنڌ ۾ هڪ الماري ۾ پِتا پريس گورکپور جي ڇپيل هنديءَ ۾ "ڪلياڻ" مخزن جي پرچن سان سٿي پيئي هئي. مخزن جي هرأنڪ ۾ وشنو ڀڳوان جي ڏهن اوتارن جي رنگين چتر ڏنل هئا، جنکي ڏسي مان پاڻ کي وندرائڻ لڳس. هيءُ ڪتابي ورثو مونکي پنهنجي اَمڙ کان مليو. منهنجي پيءُ وري اِمتحان ۾ مليل اِنعام ۽ اِسڪالرشپ جو موڙيءَ مان هرهڪ مشهور انگريزي شاعر (ملٽن، ڪيٽس، شيلي، بايرن، ورڊسورٿ) جي ڪل رچنائن جا ڪتاب جمع ڪري هڪ گهنڊٽيءَ واري پيٽيءَ ۾ مٿي پڇٽيءَ تي ميسر ڪيا هئا. هن پيٽيءَ جي اِها خاصيت هئي تہ ڍڪڻ کولڻ وقت منجهانس گهنڊٽي وڄڻ جو آواز نڪرندو هو.

بيڪانير مان شڪارپور اچڻ منهنجي لاءِ وڏي تبديل هئي. پهرئين هنڌ مارواڙي ٻوليءَ جو ورتاءُ هئو ۽ مان هندي اِسڪول ۾ ديوناگري لِپي سِکيو هوس. شڪارپور ۾ هرڪو سنڌي پيو ڳالهائي ۽ مونکي هندي لپيءَ تان هٽي اربي سنڌي اکر سِکڻ جي شروعات ڪرڻي پيئي. نتيجو اِهو ٿيو جو ننڍي عمر ۾ مون ٻن ٻولين هنديءَ ۽ سنڌيءَ جو علم پرايو. اڄ جا تعليم دان چوندا آهن تہ ننڍن ٻارن کي ٻولين سِکڻ جي ڏات هوندي آهي. سندن مغز خالي سليٽ وانگر هوندو آهي، سو جنهن بہ ٻوليءَ جا اکر ڪن تي پوندا اُٿن سي جلد ياد ڪيو وٺن. جئين ٻار مادري ٻولي سکي ٿو، ساڳيءَ طرح جي ٻي ڌاري ٻولي بہ اُنهيءَ وقت سيکاربي تہ ڪم آسان ٿي پوندو.

شڪارپور شهر جون يادگيريون

— هنس ڀوڄراج ڪٽوُريا

وطن جي حُب جو جزبو اِنسان جي دل ۾ خاص جاءِ والاري ٿو، پوءِ اُهو ڪهڙي بہ جاتي، مڪان يا ديش جو واسي هجي. انگريزي شاعر سُڪاٽ لکي ٿو:


Breaths there a man with soul so dead/who to himself never said. This is my own, my native Land.

مطلب اُٿس تہ اهڙو ڪو احساس مئل اِنسان ڪونہ ملندو جنهنجي دل ۾ ماترڀوميءَ لاءِ محبت نہ هجي. شاه صاحب تہ جنسي روئڻ هاب ٿو ڪري جڏهن مارئي عمر ڪوٽ جي قيد مان ملير جون يادگيريون پيئي تنواري. مونکي بہ ور ور ڪري شڪارپور شهر جون يادگيريون دل تي تري اينديون آهن. منهنجو ڪٽمب قبيلو شڪارپور جو وينل هو ۽ مونکي اڄ ڏينهن تائين پنهنجي ستن پيڙهين جا نالا بخوبي ياد آهن جن شڪارپور ۾ جنم ورتو، زندگي گذاري ۽ رباني راه ولي رهندا رهيا. تڏهن شاه صاحب مارئيءَ کان چوائي ٿو: ”سنهي سئيءَ مون مارن سين ساه.“

منهنجو ننڍپڻ راجسٿان جي بيڪانير شهر ۾ گذريو هو جتي منهنجو پتا مهاراجا گنگا سنگهہ جي رياست ۾ نوڪري ڪندو هئو. اسانجي گهر پرسان راجا صاحب جي سواريءَ لاءِ پاليل هاٿين جو واڙو هئو. مان ٻاراڻي اٻوجهائيءَ ۾ اندر گهڙي هاٿين جو دوست بڻجي ويو هوس ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي جانورن جي وچ ۾ ٻي ڊپ ڊاءَ جي صحبت حاصل ڪيم. بيڪانير ۾ سڀ مارواڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا جا مان بہ سِکي ويو هوس. منهنجو پهريون اِسڪول بيڪانير جي پراڻي ڳڙه جي پرسان هئو، جتي هندي ٻوليءَ ۾ سکيا ملندي هئي.

هڪڙي ڏينهن گهر ۾ تيز تاڙي ٻڌڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ مونکي آگاه ڪيو تہ اسين بيڪانير مان اُسهڻ وارا آهيون ۽ جلد شڪارپور لاءِ روانا ٿي ويندا سين. مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ داديءَ مونکي ٻڌايو تہ شڪارپور ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي ۽ مثال طور بہ ٿي جملا سنڌيءَ جا ٻڌايائين. مان تپرس ۽ عجب ۾ ڪائي رهيو هوس تہ اِئين ڪيئن هوندو، ڇاڪاڻ جو ان وقت مان پنجن سالن جو مس هوس.

ريل جي لنبي ياترا پوري ڪري سڀجي ڪٽمب سميت مان شڪارپور پيڙو ٿيس. اُنهيءَ وقت منهنجي شڪارپور سان پهرين ڀيٽ ٿي ۽ پيار جو ناتو جڙيو.



نالو : هنس ڀوڄراج ڪٽوُريا
جنم :
ڇپيل ڪتاب :
اِنعام :
پيشو : ماستر، ڪوي ۽ جنرلسٽ
پتو : ا، سديڇا اپارٽمينٽ، ڊيڪن ڪاليج روڊ، ييرواڊا، پونو (مهاراشٽر)

ڪيو. سڪ پل تي رهندڙ منهنجي وڏي چاچي کي ڪنهن شاهينگ بندوق جي گولي هڻي خون ڪري ڇڏيو. هُو بي گناهه اِنسان شام جي وقت دوستن سان گڏ گهوڙي گاڏيءَ ۾ گهمڻ نڪتو هئو، جڏهن ڪنهن اڻ ڄاڻ شخص مٿس حملو ڪري موت جي گهاٽ تي روانو ڪيو هئي ڏينهن تي اِها خبر اخبار جي پهرئين صفحي تي ڇپي هئي ۽ سڄي پرانت ۾ هراس جي لهر ڦهلجي ويئي.

سماج جو چٽر

اُنهيءَ زماني ۾ زالون ۽ مرد فئشن کان گهڻو پري، لشڪر جو ورديءَ وانگر هڪ سر ڪا ڪپڙا پهريندا هئا. زالون گهاٽي ڳاڙهي رنگ جو ڀڙين پڙهين وارو پرو ۽ اڇو رَئو پائي ٻاهر نڪرنديون هيون. مردن جي پوشاڪ هئي ڌوتي ۽ ڪڙتو جنهن سان خاص قسم جي شڪارپري پڳڙي پهريندا هئا. بنا ڏيکاءَ وارو سماجواد جو يگ هو.

ڪنهنجو موت ٿيندو هئو تہ رسم مطابق زالون شوڪ ڪرڻ لاءِ حدر جا ڪپڙا پهري گڏ ٿينديون هيون ۽ زور سان روئڻ جا آواز ڪري پار ڪينديون هيون. هينئر اِهو رُدالي يگ ختم ٿي چڪو آهي.

چوندا آهن تہ غم ڪانپوءِ خوشي ورندي آهي. منهنجي ڏاڏاڻي گهر ۾ هڪ ئي وقت ٽن چاچن جون شاديون طئہ ٿي ويون. اُنهن مان هڪ چاچو ڪانپور پاسي سوني چانديءَ جو زيورن جو ڌنڌو ڪندو هيو. هن پاڻ سان شاديءَ جي گهوڙيءَ کي سينگارڻ لاءِ خوبصورت ڳهڻا ۽ سنج ولي آيو هئو. شڪارپور ۾ پهريون موقعو هئو جو اهڙي سجايل گهوڙيءَ تي سوار گهوٽ جي جڃ نڪتي هئي جنهنجي شوڀا جي ساراهہ ڪيچ ڏينهن هلندي رهي.

منهنجي ڏاڏيءَ جي خوشيءَ جي حد نہ رهي، جو ڪيس ٽن پٽن جي گهوٽ ماءُ ٿيڻ جو شرف هڪ وقت تي مليو هئو جو جهڙو ڪنهن وڏي نصيب واري کي بہ ورلي ملندو آهي. هن آنند جي لهر ۾ مونکي بہ پنهنجي منپسند سوغات گهرڻ جو وجهہ ملي ويو. ميولسنگهہ جي دڪان اڌ ڪتابن جو هئو تہ اڌ درزيءَ جو، جتان مون ''ٽالسٽاءِ جون ايکويهہ آکاڻيون'' شيوارام لالا جون ترجمو ڪيل ۽ ''سنڌو'' ماهوار رسالي جو هڪ سال جو چندو ڀريو. هيءُ تحفو تہ ٻارهن بار هرمهني مون لاءِ نوان ليک، شعر ۽ ڪهاڻيون ڪڍي ايندو هئو.

علم جو پروانو

شڪارپور ۾ لکيدر وٽ ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻيءَ جو خانگي هاسپيٽل هو. گانڌي جيءَ جي سڏ تي ليلارام گورنمينٽ ميڊيڪل ڪاليج ڇڏي، نئشنل ميڊيڪل اِسڪول مان ايل.سي.پي. ايس. جي ڊپلوما ورتي هئي. پر قابليت ۾ هُو ڪنهن بہ ولايت پاس سِول سرجن کان گهٽ نہ هئو. ڊاڪٽري پرئڪٽس سان گڏ هن ايم. اي. ۽ ايل.ايل.بي. جون ڊگريون بہ حاصل ڪري ورتيون ۽ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. ليلا چنيسر جي ڪهاڻيءَ تي هن ''هڪ رات'' نالي ناٽڪ لکي سنڌي ساهت ۾ چڱو نالو ڪمايو.

هڪ دفعي ڊاڪٽر ليلارام اسانجي گهر اچي نڪتو ۽ منهنجو پتا جو سِول اِنجنيرنگ گرئجيوئيٽ هئو، اُن کان اِنجيرنگ پڙهڻ جي باري ۾ صلاح پڇڻ لڳو. ڊاڪٽر ليلارام هڪ Poly math شخصيت جو ڌڻي هئو. جنهنکي تعليم جي پن پن شاخن جي اڃاس ڪرڻ لاءِ عجيب غريب چاهہ هئو.

اِسڪولي جيون

شڪارپور ۾ سنڌي اِسڪولن کي ڪوٺيندا هئا "اوجھو" سليٽ ۽ قلم سان لکڻ پڙهڻ سکبو هئو. پر اُن سان گڏ هڪ ڪاٺ جي پٽي به هر شاگرد لاءِ ضروري هئي. پٽيءَ تي ميٽ جو ليپ لڳائي سڪڻ لاءِ رکيو هئو. اُنهيءَ تي ڪاني معنيٰ گهڙيل ڪِلڪ، ڪاري مس ۾ ٻوڙي سنڌي اکر لکڻ سِکبا هئا. اڄ اهي ڳالهيون ڪيترين نه کهنيون ۽ پراڻيون ٿيون لڳن. پنجن سالن جي عمر ۾ ٻاراڻي درجي کان وٺي هر روز پٽيءَ کي ڌوئي مٿس ميٽ لڳائي ٻئي ڏينهن جي لاءِ تيار ڪرڻ اسڪولي جيون جو ضروري نيم ۽ سنڌي سکڻ جو اٿرائتو صبق هئو.

هڪ ڪڏهن به نه وسرندڙ عورت، جنهن ۾ ٻارن جي فطرت کي پرکڻ جي عجيب پهچاڻ هئي، اُها ئي منهنجي ماءُ جي ماسي. جڏهن به سندس گهر ويندو هوس ته هوءَ سوني وانگر چمڪندڙ ٻه ٽامي جا پئسا خرچي ڏيندي هئي. اِسڪول مان موٽڻ وقت هنجو گهر رستي ۾ پوندو هئو. خرچيءَ جي لالچ ۾ مان ماءُ جي ٻڌائڻ بنا، پنهنجي سِر وڏي ماسيءَ جي گهر پيهي وڃڻ لڳس. آفرين آهي هن عورت کي جو هن پنهنجو نيم ڪونه ٽٻو ۽ بنا هِڇڪ جي هر بار سونا ٻه پئسا (ٽڪو) خرچي ڏيندي رهي.

ناناڻو گهر

شڪارپور شهر جي وچ مان لنگهندڙ رستي جو نالو هئو ڍڪ بزار. ڪاٺ جي لڪڙين سان هڪ ڍانچو سڄي بازار ۽ دڪانن کي اونهاري ۾ سخت اُس کان بچائي رکندو هئو. جتان بازار شروع ٿيندي آهي اُنهيءَ چوڙ جو نالو هئو چبوترو. اِنهيءَ جي سنڌائتي ڪنڊ تي مشهور مٺائيءَ واري هولارام نيڀنداس جو دڪان هئو. هن جي سگر جي مٺائي، پست ڪنڊي ۽ ٻڳي برفيءَ جي هاڪ چين ولايت تائين ڦهليل هئي. شڪارپور ۾ ڪو ايندڙ ويندڙ هولارام جي مٺائيءَ جي پنڊي ضرور خريد ڪري ويندو هو.

چبوتري کان ٿوري فاصلي تي مندن واري ڌرمشالا هئي. اِنهيءَ جي بلڪل سامهون نچاڻين جي حويليءَ ۾ منهنجو ناناڻو گهر هئو. منهنجي نانيءَ جو مون سان ۽ منهنجو نانيءَ سان بيحد پيار جو ناتو هئو ۽ مون زندگيءَ ۾ گهڻا خوشيءَ جا ڏينهن ناناڻي گهر ۾ گذاريا آهن.

مسزن جي ڌرمشالا ۾ گروءَ اڳيان مٿو ٽيڪڻ به منهنجو ڌرم هو. ڌرمشالا جي ڀائي صاحبن جي ماءُ ۽ منهنجي نانيءَ جي وچ ۾ تمام ويجهو رشتو ۽ پنهنجائپ جو ڀاو هجڻ ڪري ٻاهر نڪرڻ مهل منهنجو پاند صوف، ڏاڙهون ۽ ڳاڙهن ڪيلن سان ڀرجي ويندو هئو.

بي گناهه جي هتيا

منهنجا ڏاڏاڻا گهر ٻن هنڌ تي هئا. هڪڙو سڪ پل تي، جتي منهنجي پرڏاڏي وچين پٽ سان رهندي هئي. گهر هئو منگهر پٽ جي حويليءَ وٽ جتي منهنجي ڏاڏي ننڍا چاچا رهندا هئا. هن ٻئي هنڌ تي پهچڻ لاءِ لال جي پاڙي مان لنگهڻو پوندو هئو. لال شهر جا وڏي حيثيت وارا ماڻهو ڳڻيا ويندا هئا ۽ سندن پاڙي مان لنگهڻ وقت ڊپ محسوس ٿيندو هو.

انگريزي حڪمران هام هڻندا هئا ته سندن هندستان تي راڄ دوران شينهن ۽ ٻڪري هڪ گهاٽ تي پاڻي پيئندا آهن. پر اُن زماني ۾ هڪ اهڙي واردات ٿي گذري، جنهن اِن ڳالهه کي ڪوڙو ثابت

گهر جوائي

— هيملتا بجاج

گهر جوائي (جمائي) معنيٰ گهر جو نوڪر- گهر جو ڪتو ٻه ڪري چوندا آهن- وڏن جو چوڻ آهي- اهو مان نه ٿي چوان.

اڄڪلهه ڇوڪريون امير گهر جو ڇوڪرو ڳولهين ٿيون، جيئن هنن کي سڀ سک ڪپي. ڪار- بنگلو- سون- ڪپڙو- لٽو. وڏن هوٽلن ۾ کائڻ، مطلب اڄ جا جوان سڀ سک لاءِ آشا رکي ويٺا آهن. سک جي طلب ڪن ٿا. هنن کي ترپيءَ تي بهشت (سرڳ) کپي. هڪ ته مهانگائي، مٿان ڏنڊا سڀ چوپٽ ڪڏهين ڀوڪمپ ته ڪڏهين سوڪ - ٻوڏ. ڪڏهن آتنڪوادين جا حملا سڄي دنيا کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو آهي.

اڄ ناري ذاتي ڪافي اڳتي وڌي چڪي آهي هو پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن هزارن ۾ ڪمائين ٿيون. اهڙو ڪوهي خير ڪانه ڇڏيو اٿائون جنهن ۾ ناري ڪم نه ڪندي هجي. پوءِ هو پنهنجي مرضي سان ڇوڪرو ڳولهيندي. پنهنجو اسٽينڊرڊ رتبو به ڏسندي. وچولي درجي جا ماڻهو، پنهنجي ڌيءَ لاءِ سٺو ور گهر ڳولهيندا. ڏيتي ليتي به ڏيندي. پوءِ هو قرض کڻڻ يا ڀاڻ کي وڪڻڻ، پر پنهنجي پوجيشن کان مٿي گهر ۽ ڇوڪرو ڳولهيندا.

ساڳيو هي قصو ڇوڪرن لاءِ پڻ آهي. هنن کي به ٺاٺ باٺ کپي. اڄ ڪلهه جا ڇوڪرا، ڇوڪرين کان گهٽ پڙهن ٿا، هو بزنيس ۾ هوندا آهن بزنيس هلڪو هجي يا وڏو يا پيءُ جو وارث هجي يا پائيواري جو، هو ڪيئن به ڪري پنهنجي پوچيشن، شاهوڪارن کان گهٽ ڪونه رکندا آهن. اگر ڀاڻ جلدي، عيش، آرام، شاهوڪاري حاصل نه ڪري سگهندا ته امير گهر جي ڇوڪريءَ جي ڳولها ڪندا يا ڦاسائڻ جي ڪوشش ۾ هوندا. جيئن ڇوڪريءَ جي ماءُ پيءُ جي پئسي تي عيش ڪري. يا وڏ واري- ڪاري ٿلهي ڏينڊي ڇوڪري به کڻندا. مطلب گهر جوائي بڻجڻ لاءِ به تيار ٿيندا. بس هنن کي پئسو کپي. هو ڪيترو ڪِري سگهن ٿا. ڪيترا غيرت مند ٿين ٿا.

هڪ دفعو، ڪنهن کي آرام جي روٽي ملي ته بس، هو نڪما- هڏن جا ٽلا ٿي پوندا. پنهنجو ڪم ڪانه ڪندا. جي ڪندا به ته نالي ماتر. ڇو جو گهر هلائڻ جي جوابداري ته مٿن هوندي ڪانه ٻار ڇٽي ساهرن جي حوالي ڪن. ڀيا پلجن- پئسو انسان کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي.

نه اُها مان مريادا رهي آهي. هو حق سان-



نالو	:	هيملتا بجاج
جنم	:	١٨-٤- ١٩ ڪراچي
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ٧
اِنعام	:	
پيشو	:	گهرو عورت
پتو	:	آشيرواد بنگلو، شري سائين ناٿ نگر، لوناوالا

عام خلق گهڻي ڀاڱي بيماريءَ جي علاج لاءِ طبيبن وٽ ويندا هئا. مان خاطريءَ سان چئي ٿو سگهان ته ڏيپچند طبيب جي وڏڦ (سونڦ) جوارگهه ڪنگهه ۽ ٽپ لاءِ ناياب نسخو هئو. هنجو ڏنل ليپ چمڙيءَ تان ڦٽ ڦرڙيون جادوءَ وانگر ڇڏائي ڇڏيندا هئا. اڄ ڪلهه ته حالت اهڙي بڻي آهي جو اِسپتال ۽ ڊاڪٽرن جا خرچ ڀرڻ سان ٽپ وڌيو وڃي.

سير ۽ شغل

شڪارپور جي شهرواسين جي وڏي ۾ وڏو خوشيءَ جو موقعو هئو، جڏهن سنڌ واهه ۾ پاڻي ايندو هئو. هر باشندي جي دل ۾ اُتساهه جي لهر ڊوڙندي هئي. زالون ۽ مرد ٻار ٻچا سڀ سنڌ ۾ اِشنان ڪرڻ لاءِ وياڪل ٿي پوندا هئا. واهه-جي پاڻيءَ ۾ ترندڙن جي چمڙي تي خوشي ۽ پرسنتا جو عجيب درشيه ڏسڻ لاءِ ملندو هئو. اڻ تارو ٻار وري چيلهه تي ڪدوءَ جو تنبو ٻڌي هٿن پيرن سان چڙيون هڻي رانديون ڪندا هئا.

ڪيترن ايڪڙ ۾ ڦهليل شهر جو مشهور سيرگاهه هئو شاهي باغ. هتي تندرستيءَ کي سالم رکڻ جا شوقين صبوح ۽ سانجهيءَ جو پنڌ ڪرڻ ايندا هئا. هتي ناٽڪ ڪمپنيون پنڊال لڳائي کيل ڏيکارينديون هيون. سنگيت جا هانڊا لڳندا هئا ۽ سنت ڪنوررام جي ڀڳت وجهندو هو.

شڪارپور جي سڀ کان مشهور چاٽل سچاٽل جڳهه هئي لکيدر. شهر ۾ هر نئين آيل مهمان کي لکيدر تي گهمڻ وٺي ويندا هئا، جتي سندن آدر ڀاءُ ٿيندو هئو ۽ مشهور ڪلاڪارن جي تيار ڪيل طعمن سان. راڌي جي چاپ ۽ موتيءَ جي ڪلفي جيڪو ٻه کائيندو هئو سو آڱريون چڏيندو هئو. سچ پڇو ته هيءَ ٻه چٽا ڪنهن ديوتا جي ڏنل وردان جي اثر هيٺ سواد جا شهنشاهه بڻجي ويا هئا.

ويد جي واڻي

سنڌ جو شرومڻي سنت ۽ مهاپرش، جنهن ساميءَ جا سلوڪ لکيا تنهنجو نالو هئو ڀائي چئنراءِ لنڊ. هنجو جنم شڪارپور ۾ ٿيو هو ۽ هنجو گهر هاٿيدر تي هئو. چئنراءِ سنڌيءَ جو مهان ڪوي ۽ شاعر هو. جنهنجو لاڙو برهم جي شرڻ ۾ وڃي موڪش حاصل ڪرڻ جو هئو. سندس هزارين بي تعداد ۾ لکيل سلوڪن ۾ ويدن، اُپنشدن ۽ ڀڳوت گيتا جو گيان پلٽيو پيو آهي. پنهنجي گرو سوامي مينگراج لاءِ چئنراءِ جي دل ۾ نهايت گهري شرڌا هئي. اِنڪري هن پنهنجو تخلص سامي (سوامي) رکيو هئو. ساميءَ جو درجو ڀارت جي سنت تليسداس، سنت تڪارام ۽ سنت گيانيشور جي برابريءَ جو آهي. اِنهن سڀني پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ عام خلق کي ويدانت جا روحاني راز سمجهايا آهن. مثال طور ڀڳوت گيتا ۽ شري ويدوياس گياني پرش جا گڻ ٻڌائڻ لاءِ ۱۴ سلوڪ لکيا آهن. ساميءَ جو ڪمال ڏسو جو هُو اُهي سڀ رکو هڪڙي سلوڪ ۾ ٿو سمائي ڇڏي. ڪيڏي وڏيائي ڪريان سپرشن جي/سمدرسي، سيتل سدا سڀ جا سکدائي/مايا موهه ممت اندر ۾ رکن نه رائي/ سامي سدائين ڪن اُپڪار اچاه ٿي.''

پڇاڙيءَ ۾ منهنجي اِها پرارٿنا آهي ته جا ويدن جي واڻي سامي لکي ويو آهي سا اسان مان هرهڪ جي آتما کي برهم جي پرڪاش سان روشن ڪري ا

پراچين ڀارت جا ايلچيخانا

— گنگارام شرما

ڀارت ۾ سنسار جي ديشن جو پاڻ ۾ سنبنڌ تمام پراچين آهي. هت فقط موريہ راڄ کان وٺي ڏيکاريو وڃي ٿو تہ ڀارت ۾ باقي دنيا جي ان سمي کھڙا ايلچي دنيا جي حڪومتن ۾ رهيا ۽ کھڙين حڪومتن جا ايلچي (راجدوت) ڀارت جي راڄ درٻارين ۾ رهيا.

۱- سمراٽ چندرگپت موريہ جي درٻار ۾ ۳۰۲ ع.ا. (ع.ا. معنيٰ عيسوي سن کان اڳ يعني بي. سي) سيلبڪ جينٽ (سيليوڪس نڪيٽور) دواران موڪليل راجدوت مئگسٿيز آيو.

۲- سمراٽ بندوسار جي درٻار ۾ يوناني شاسڪ اَنيتوڪ ترانار (اينٽئوڪس سوٽير) وٽان موڪليل دوت ڏائميڪس ۲۸۰ ع.ا. ڌاري آيو.

۳- سمراٽ اشوڪ جي درٻار ۾ مصر (ايجپٽ) جي ڏرميہ (ٽالمي فلاڊلفس) ٻئين طرفا موڪليل راجدوت آيو.

۴- سمراٽ اشوڪ طرفان موڪليل دوت منڊل (Mission) سيريا ۽ اولھہ ايشيا جي شاسڪ انتيوڪ (اينٽئوڪس) ٻئين وٽ ۲۴۶-۲۶۱ ع.ا. موڪليو.

۵- سمراٽ اشوڪ طرفان موڪليل دوت منڊل مصر جي حاڪم ٽالمي ٻئين وٽ ع ۲۴- ۲۸۵ ع.ا. ۾ ويو.

۶- مئسيڊونيا جي شاسڪ انتڪن (اينٽگونسي گونٽس) جي درٻار ۾ سمراٽ اشوڪ طرفان ۲۳۹-۲۷۷ ع.ا. موڪليل سفارت جو نيتا مهارڪشت هو.

۷- اتر آفريڪا ۾ شاسڪ مگ (موگس ۵.۸- ۲۸۵ ع.ا.) وٽ سمراٽ اشوڪ دوارا موڪليل ايلچي منڊل ويو.

۸- سمراٽ اشوڪ دوارا موڪليل ايلچي ايپرس جي حاڪم اَلڪسندر (اليگزينڊر) وٽ ۲۷۲-۲۵۵ ع.ا. ڌاري آيو.

۹- شُنگ ونشي (ڀارت جي) آر درڪ (ڪاشي پُتر ڀاڳيدر) جي درٻار ۾ تڪشلا جي يوناني حاڪم ”انتي الڪد“ جو راجدوت پرم ڀاڳوت هيلئودر نالي شخص ۱۶۰ع.ا. ڌاري آيو.

۱۰- ڀارتي دوت منڊل انڪل ۲۱ع.ا. ۾ روم (اٽليءَ) جي سمراٽ آگسٽس جي درٻار ۾ سوکڙيون کٽي پهتو.

۱۱- چين جي انوشرُتي (ڏند ڪٿا) موجب چين سمراٽ هو-تي جي وقت (۸۹ع-۱۰۵ع) ۾ ڀاتي راجدوت چين ويا.

نالو : گنگارام شرما

جنم :

ڇپيل ڪتاب :

اِنعام :

پيشو :

پتو :

جهڳڙي سان چڪي ڪري ٻه ساهرن کان پئسو ڇڪيندا وتندا- ڇوڪري کي سهڻو ڳاهوڪو ڇوڪرو مليو، هو پاڻ خوش هن کي ته ٻڌو ڀانو مليو جيئن چوندس اُٺ ته اُٺ- ويهه ته ويهه- گهر جوائي جو ليو- هو نوڪرن وانگر پيو ڪم ڪندو، دل چوندو مال (پئسو ته ملي ٿو) هونئن مونکي گهر جوائي جي ايتري ڄاڻ ڪانه هئي. اسان سنڌين ۾ ته غيرت هوندي آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو ڇوڪرو ڪن مجبورين جي ڪري گهر جوائي لاءِ مجبور هوندو آهي. (غريبيءَ ڪري ٻه.) هاڻي شريري ۾ گهر جوائيءَ جي هلي. يونين (جمات) آهي. انهن ۾ هر ذات وارا اچي ٿا وڃن. سنڌي، مرهٽا، مدراسي، گجراتي، ڪڇي. مطلب ته هاڻي پئسي جي چڪر ۾ هرڪو آهي. ڇوڪرو هجي چاهي ڇوڪري.

اڄ ڪلهه ٽي. وي. فلم ۾ ٺاٺ باٺ ڏسي ماڻهن کي ريس ٿي پئي آهي. ڇوڪرا گهٽ پڙهي. ٻئي جي مال تي عيش ڪرڻ ٿا چاهين. هٿن ۾ ٦-٦، ٨-٨ منڊيون هجن. گلي ۾ ٻه ٻه، چارا چر هار هجن. سونو بسيلٽ هجي، پاڻ فخر سان چوندا. اسان گهر جوائي آهيون. اسان کي محنت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت. ساهرن کي ڪافي مال آهي، هو ڇا ڪندا؟ اسان مال نه کائينداسين ته ڪير کائيندو؟ شرم - حياءُ ته نڪري چڪو آهي. غيرت جو ته نالو هي نه آهي.

شاهوڪارن کي سٺا ڇوڪرا کپن، جيڪي انهن جي لاڏلي جا انگل سهن. هن جي ڏيءُ کي سکيو پالي. هو ٻه سٺن ڇوڪرن جي ڳولهڻ ۾ ڦرندا آهن يا ڪنهن غريب خانداني گهر جو ڇوڪرو ڪٺندا. ڇڻ انهن مٿان مهرباني جو ليپو ٻه هڻندا. هن کي پنهنجن پئسن مان سٺو ڌنڌو ٻه ڪرائيندا. ٻاهر (وديش) ۾ ٻه موڪلي ڏيندا. غريب خانداني ماڻهو ايهو پيا سوچيندا سٺو آهي، ڇوڪرو سٺي گهر ۾ وڃي ٿو. زندگي لهي پوندس.

جيئن چوڻي آهي ''انڊين يونڊي ۾ خوش'' هو پاڻ خوش ٿيندا آهن. فخر سان چوندا، منهنجو پٽ ته وڏي خاندان واري ڇوڪري ورتي. فارين ويو آهي، پر ايهو ڪانه سمجهندا ته پنهنجو پٽ وڪڻي عزت وڃائي آهي. پنهنجن هٿن سان پنهنجو پٽ وڃايو آهي. بس هُنن کي پئسو کپي، پئسو هي سڀ ڪجهه آهي. پُٽ ويو ته ويو هنجي زندگي ته لهي اڄ اِهو حال آهي انسان جي انسانيت جو ٻه- واهه ڀائي واهه- ڌنيه هجين اهڙن مائٽن کي- گهر جوائين کي. بي غيرت انسان کي (ڇوڪري کي پڻ) ٻڏي مرڻ کپي. زندگي ۾ صرف، پئسو هي سڀ ڪجهه ڪانهي. پنهنجي محنت ۽ عزت جا ٻه ڦلڪا ٻه سٺا. گهٽ ۾ گهٽ ڪنڌ ڪڍي ته هلي سگهندا. شاهوڪار جو گهر جوائي، هميشه ڪنڌ هيٺ ڪري هلندو، بي شانائتي زندگي کائيندو، نوڪر ٿي هلندو، هرڪو حڪم ڏيئي ڪم وٺندس. شريري ۾ سڀ گهر جوائي. ڪارن ۾ موٽر سائيڪل تي ڇاتي ٺوڪي خميص جا اڳيان ٻٽڻ کولي گهمندا آهن. هڪ گهر جوائي چوندو آهي ڏس- ڏس- هي ٻه مون وانگر ساهرن جي مال تي هلي ٿو. ٺاٺ اٿس. اسان هتي شان سان رهون ٿا. کائون ٿا- پيئون ٿا. مزي جي زندگي ڪاٽي رهيا آهيون. هنن کي شرم حياءُ ته آهي ڪين پر فخر سان چوندا آهن اسين گهر جوائي آهيون. شل نه ڪو ڇوڪرو گهر جوائي ٿئي؟!!

٣٤- چين سمراٽ جو دوت منڊل ٦٤٥ع ۾ سمراٽ هرش جي درٻار ۾ آيو.

٣٥- چين جي تنگ ونشي سمراٽ چينگ-ڪُون (٦٤٧ع-٦٥٠ع) جي درٻار ۾ ڀارتي ايلچي ويا.

٣٦- تبت جي راڄا سرونگ- سن-گنپو دوارا موڪليل ٦٣٢ع ۾ ٿوم-م- سنڀوٽ نالي شخص سنسڪرت ۽ ٻوڌ ساهتيه جو گيان پراپت ڪرڻ لاءِ ڀارت آيو.

٣٧- چين جي شاسڪ شين- ٿائو جي وقت (٦٩٠-٦٩٢ع) ۾ ڀارتي دوت منڊل چين ويو.

٣٨- چين سمراٽ طرفان ٦٤٨ع ۾ موڪليل ايلچي ''وانگ-هيئينتسي'' سمراٽ هرش وردن جو درٻار ۾ آيو.

٣٩- ڀارتي راجدوت ٧١٣ع ڌاري سمراٽ تَنگ-س سُئن- تِنگ (٧١٢ع-٧٦٢ع) جي درٻار ۾ آيو.

٤٠- اُتڪَل (ڀارت) جي ڀوماونشي راڄا ''شُڀڪَرديو'' چيني سمراٽ کي ''گندويوه'' نالي ڪرنٿ جي ڪاپي خود پنهن جي پستڪاليه مان پنهنجي راجدوت هٿان موڪلي.

٤١- سنڌ مان هڪ دوت منڊل ٧٧١ع ڌاري بغداد جي خليفي المنصور وٽ موڪليو جنهن ڀارتي نکشتر وديا جي عرب وارن کي ڄاڻ ڪرائي.

٤٢- وئديه راڄ ماڻڪيه ڀلا نالي دوت وئديه سان گڏجي سنڌ مان خليفي هارون الرشيد وٽ ويو ۽ ان جو علاج ڪري ڪيس ٺيڪ ڪيو.

٤٣- سوماترا ۽ يَوَدويپ (جاوا) جي شاسڪ شئليندر ونشي بالپُتر منگير جي راڄا ديوپال وٽ دوت موڪلي نالندا جي لاءِ پنج ڳوٺ دان ڏيڻ جو نام پتر پراپت ڪيو.

٤٤- ڏکڻ ڀارت جي پوٺو- هرٺا نالي راڄا طرفا موڪليل دوت منڊل ٩٥٤ع ۾ چين جي شاسڪ چَ٠ تِسنگ (٩٥٤ع-٩٦٠ع) وٽ ويو.

٤٥- راجيندر چوُل راڄا ١٠٣٣ع ۾ سوکڙيون ڏيئي پنهن جا دوت چين موڪليا.

٤٦- ڪُلو تنگ چول راڄا پنهنجو دوت منڊل ١٠٧٧ع ڌاري چين موڪليو.

۱۲- سِنهَل (شري لنڪا) جي شاسڪ جو موڪليل دوت ۴۱ع-۵۴ع جي وچ ڏاري روم سمراٽ ڪلوڊِئس جي درٻار ۾ ويو.

۱۳- ''مِلنُد پنهہ'' موجب چين سمراٽ هونتي جي درٻار ۾ مهاڪشروپ رُودارداها جا دوت سوڪڙيون ڪٽي سنڌ پرانت مان ويا.

۱۴- ۱۰۷ع ڏاري پارٽي راجدوت روم سمراٽ ترارن جي درٻار ۾ ويا.

۱۵- ۱۳۸ع ڏاري روم سمراٽ اينٽونِنس جي درٻار ۾ پارٽي راجدوت ويا.

۱۶- ۱۹۰ع ڏاري اليگزينڊريا جي شاسڪ طرفان موڪليل راجدوت وٽ پٽيئنٽينس نالي پارٽ ۾ آيو.

۱۷- ۳۳۶ع ڏاري پارٽي دوت منڊل قسطنطيہ جي سمراٽ ڪانٽنٽائين وٽ ويو.

۱۸- ۳۶۱ع ڏاري پارٽ، ملايا ۽ سلون مان روم سمراٽ جولين وٽ راجدوت ويا.

۱۹- چين جي سنگ ونشي جي انوسرتي گرنٿن جي آدار تي وهلوم ٿئيلوٽ ۴۲۸ع ۾ پارٽي راجدوت چين پهتو.

۲۰- ۴۷۷ع ۾ اولهہ پارٽ کان هڪ راجدوت چين سمراٽ هئو-دين-ت جو درٻار ۾ پهتو.

۲۱- ۵۰۲ع لوڪ ڪَئہ-تو (شايد گپت ٽاس) طرفان موڪليل چ-لوت نالي راجدوت چين ويو.

۲۲- ۵۰۳ع ۾ ڏکڻ پارٽ جو هڪ راجدوت چين سمراٽ هو. سيوُن-و-ت جي درٻار ۾ ويو.

۲۳- ۵۳ع ۾ مڌيہ پارٽ مان هڪ راجدوت سوڪڙيون ڪٽي چين ويو.

۲۴- ۵۰۴ع اتر ۽ ڏکڻ پارٽ کان راجدوت چين ويا.ڏکڻ پارٽ جا دوت ٻوڏي ورکش جي ٽاري ۽ گوتم ٻڌ جو ڏند ڪٽي ويا هئا.

۲۵- ۵۰۷ع ۾ ڏکڻ پارٽ کان راجدوت چين ويو.

۲۶- ۵۱۵ع ۾ ڏکڻ پارٽ کان دوت چين ويا.

۲۷- اُتري وي ونش جي چين دوارا ۵۱۸ع ڏاري سنگ-ين نالي دوت اولهہ پارٽ ۾ آيو.

۲۸- پارٽي راجدوت ۵۳۰ع ڏاڙي سوڪڙيون ڪٽي قسطنطيہ جي رومن سمراٽ جسٽِنين جي درٻار ۾ پهتا.

۲۹- پارٽي راجدوت، سمراٽ تائِت تسنگ جي درٻار ۾ ۵۴۱ع ڏاڙي ويا.

۳۰- (چين جي انوترتين موجب) ۵۷۱ع ۾ پارٽي راجدوت سوڪڙيون ڪٽي چين ويا.

۳۱- سِلون (شري لنڪا) جي هندو شاسڪ جي درٻار ۾ چين سمراٽ ۾ موڪليل دوت ۶۰۷ع ۾ آيو. موٽ ۾ سلون جي هندو راجا ۾ چين ۾ دوت موڪليا.

۳۲- چالُڪيہ سمراٽ پُلڪيشي ٻئين جي درٻار ۾ ايران جي ٽاسڪ خُسرو پرويز جو موڪليل دوت (۵۹۵-۶۲۵ع) ۾ آيو. موٽ ۾ وري ايران جي مٿئين شاسڪ وٽ پُلڪيشيءَ پنهنجو دوت موڪليو.

۳۳- مهاراجا هرش جو براهمڻ راجدوت ۶۴۵ع ۾ چين ويو.

سنڌ کي سر سبز بڻائڻ لاءِ سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ کي سکر وٽ روڪي سکر بئريج تيار ڪيو ويو. اهو پاڻي واهن وسيلي سنڌ جي غير آباد علائقن ۾ پهچايو ويو. سنڌو نديءَ مان گهاڙواه، دادو ڪئنال، قليلي، جمڙايو، ميرواه، اپرندو نارو، ڏورو نارو وغيره واه کوٽائي، انهن وسيلي پاڻي ٻنين تائين پهچايو ويو. جنهن ڪري سنڌ هڪ آباد، وسيل، سائو سبز ملڪ ٿي پيو. ائين به معلوم ٿو ٿئي ته سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ رڻني نديءَ جي نالي سان ڪنهن زماني ۾ وهندي هئي، جيڪا هاڻي للجي ويئي آهي. اکر ان جي کوٽائي ڪري ان ۾ سنڌو نديءَ جو پاڻي، جيڪو سمنڊ وڃي ٿو پوي، ان کي رڻنبي نديءَ معرفت سنڌ جي ٿرپارڪر ۽ گجرات جي ڪڇ کي ڏنو وڃي ته ٻئي ضلعا ڏکر ۽ سوڪ جي چپيٽ کان دائمي بچي وڃن.

سنڌ جي جيڪب آباد ضلعي جي ڪشمور وٽ سنڌو ندي سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي. هن نديءَ جي ڪري سنڌ ٻن حصن اوپر ۽ اولهه ۾ ورهائجي ويئي آهي. انهن ٻنهي حصن کي ڳنڍڻ لاءِ اتر ۾ روهڙيءَ وٽ روهڙيءَ واري پل يا لئسنڊائون پل ۽ ٻي ڏکڻ ۾ ڪوٽڙيءَ واري پل، هن کي گدوءَ واري پل به چيو ويندو آهي، ٻڌل آهن. هنن معرفت آمدرفت ٿيندي هئي. باقي ايراضيءَ ۾ پتڻ تان ٻيڙين ذريعي مسافري ڪرڻي پوندي هئي. پر، هاڻي ڪراچيءَ کان حيدرآباد وڃڻ لاءِ وچ سنڌ ۾ ڦليجيءَ وٽان پل تيار ڪئي ويئي آهي. هنن پلين لهڻ سان اوپر ۽ اولهه سنڌ جي وچم اچ- وڃ جي سهوليت ٿي پيئي آهي.

ريل رستي به آمدرفت جي گهڻي سهوليت آهي. هڪ ريل رستو لاهور کان روهڙي، نوابشاهه، حيدرآباد، ڪوٽڙي ڪراچيءَ تائين. ٻيو روهڙي، سکر، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ڪراچيءَ تائين. ٽيون ڪوئٽيا، جيڪب آبد، شڪارپور، حبيب ڪوٽ، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي، ڪراچي تائين. چوٿون حيدرآباد، ميرپور خاص، شادي پلي، کوکرا پار، منابائو، ٻارميڙ، جوڌپور تائين. هاڻي کوکرا پار کان منابائو تائين ريلوي لائين بند آهي. باقي ٻيون برانچ لائينون آهن.

سنڌو نديءَ جو پيٽ ايترو ويڪرو آهي جو هن کي چون ٿي ”ساگر“. هن جي وچم سکر ضلعي ۾ سکر پرسان ٿي بکر ۽ ساد ٻيلو جا ٻيٽ آهن. سنڌ جي اولهه هالار، کرطرو ڏاڙهيارو، کيرٿل ۽ پب جبل آهن. خيرپور ضلعي جي گنبذ ۽ راڻيپور جي وچم درازن ۾ سچل سرمست جي درگاه آهي. نوابشاه ۽ حيدرآباد جي وچم اُڏيرولعل آهي. هالا پراڻا جي پرسان شاه عبداللطيف جي درگاه ڀٽ شاه آهي. دادوءَ ۽ سيوهڻ جي وچم بوبڪ پرسان مشهور منڇر ڍنڍ، سيوهڻ ۾ لعل شهباز، سيوهڻ پرسان لڪيءَ ۾ ڏارر تيرٿ آهن. ڪراچيءَ جي اُتر ۾ منگهو پير، ان جي اولهه پب جبلن جي هُن پار هنگلاج ماتا، ڪراچيءَ جي ڏکڻ ۾ سمنڊ جي وچم منهوڙو آهي. هن کي بريڪ وائر آهي، جيڪو تيز هوائن کي روڪي ڪياماڙي بندر تي بيبنل جهازن جي حفاظت ڪندو آهي. سنڌو نديءَ جي اولهه ڪناري تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪريءَ پرسان جگ پرسڌ، پراچين ۽ تاريخي موئن جو دڙو آهي. سنڌ جي ڏکڻ ۾ ٿر پارڪر ضلعو ورياسو آهي. هتي کيتيءَ جو مدار برسات تي آهي. انڪري چيو ويندو آهي ته ”وسي ته ٿر، نه ته بر“. هن ضلعي ۾ مارئيءَ جو شهر ملير ۽ مومل- راڻي جي قصي سان واسطو رکندڙ عمر ڪوٽ آهي. هن شهر ۾ ئي مغل بادشاه اڪبر جو جنم ٿيو.

سنڌ جي آسودگيءَ جو ذڪر ڪرڻ لاءِ قلم ۾ طاقت ناهي. هڪ سنڌو نديءَ جو پاڻي ۽ ٻيو وري مٿان ميگهه ملهار. درتيءَ تي ساوڪ ئي ساوڪ! ائين لڳندو هو ڄڻ زمين مٿان سائو ڳلم وڇايو پيو آهي.

سنڌ ۽ سنڌ جا ڳوٺ

— تيج ”قابل“

سنڌ تان نالو ٿيو هند، سنڌوءَ مان ٿيو هندو ۽ انگريزيءَ ۾ ٿيو انڊس. ان تان ٿيو انڊيا. قديم وقت ۾ سنڌ جون حدون وسيع هيون. ڪنهن زماني ۾ هن جي حدن اندر ڪشمير، قندار، مڪران، قنوج، سورت وغيره ايراضيون اچي ٿي ويون. بلوچستان ۽ پختونستان بہ هن جائي حصا هئا. انڪري سنڌي ٻوليءَ جو انهن صوبن سان ويجهو لاڳاپو آهي.

قديم زماني ۾ سنڌ کي سپت سنڌو جي نالي سان سڏيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ ان وقت هن ملڪ مان ست نديون وهنديون هيون. آهستي آهستي بہ نديون غائب ٿي ويون ۽ ملڪ جي حدن ۾ ڦيرو آيو يعني کي ٽڪر جدا ٿي ويا. خاص ڪري اهو ڀاڱو، جنهنکي اسين پنجاب ٿا سڏيون. يعني پنجن ندين جو ملڪ.


سنڌ جي معنيٰ بہ جدا جدا چئي ٿي وڃي، ڪي سنڌ جي معنيٰ ساگر ٿا چون. ڪن جو رايو وري اهو آهي تہ سنڌ معنيٰ سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي وسيل ايراضي.

سنڌ جي قديم تهذيب جي جهلڪ موئن جي دڙي مان ٿي ملي. ودوانن جي راين موجب هيءُ سنسار جي جهوني ۾ جهوني سڀيتا آهي. پنج هزار ورهين کان بہ اڳ جي هيءَ سڀيتا سنڌين جي رهڻي - ڪهڻي، پوشاڪ، ڳاڙي، وهنوار، پوڄا، هنرن، ڌندن، ڪلا، ڪاريگري، معماري، زيورن وغيره تي روشني ٿي وجهي.

سنڌو ندي پنجاب جي اٽڪ شهر وٽان سنڌ ۾ تي داخل ٿئي ۽ سنڌ ملڪ جي بلڪل وچ مان وهي وڃي ٿي. پنهنجي پريتم عربي سمنڊ سان ٺٽي وٽ ملي. اڳ اها ڪڇ جي لکپت وٽ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ليڪن زمين جي زلزلن سبب وهڪرو ڦيرائي ٺٽي وٽ ڊيلٽا ٺاهي وڃي سمنڊ سان ملي. اتي شاهبندر ۽ ڪيٽي بندر مشهور شهر آهن. سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي سنڌ وسيل آهي.

ائين چيو وڃي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو ڏاکڻو حصو سمنڊ ۾ هئو. جڏهن سمنڊ هٽي ويو تہ اهي وارياسا پٽ وڃي ڪولن ۽ سنٿالن وسايا. اڄ بہ سنڌ جي ڏکڻ ۾ ٿر پارڪر ضلعو واريا سو آهي ۽ ڪڇ جو رڻ پٽ آهي. سنڌ جي اوڀر ۾ راجستان جو ريگستان آهي.

ائين بہ مڃتا آهي تہ دنڊ ڪارڻيہ يعني بنگال، اوڙيسا، بهار، مڌيہ پرديش، آنڌر پرديش جي ڪن حصن ۾ رهندڙ سنٿالن جي ٻوليءَ سان سنڌي ٻوليءَ جو لاڳاپو آهي. دراوڙ ٻولين سان بہ سنڌي ٻوليءَ جو ناتو آهي.



نالو : تيجومل ڀاڳچنداڻي
جنم : ١٥-٨-١٩٣٢ دادو سنڌ
ڇپيل ڪتاب : ڪل ٤٤
اِنعام :
پيشو : رٽاير پرنسيپال
پتو : ٽي.سي.ايڪس.سائوٿ ١٠١، گانڌيڌام (ڪڇ)

هندن جي شاديءَ - غميءَ ۾ پاڻمرادو اچي شامل ٿيندا هئا ۽ هندو بہ انهن جي ڪارجن ۾ خود وچي شيوائون ڏيندا هئا. اٿين قومي ايڪتا جو نظارو ڳوٺن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو هئو. لوڀ ۽ لالچ ڪان پري هئا.

ڳوٺاڻن جي پوشاڪ بہ سادي هوندي هئي. زالون چوڙيدار پائجامو يعني سوڙهي سُٿڻ، اُن مٿان پڙو ۽ چولو پائينديون هيون. چوڙيدار تي پرت پريل هوندو هئو. گهر ۾ رئو يا پوتي پائينديون هيون. ٻاهر نڪرڻ وقت چادر سان سڄي سرير کي ڍڪي صرف اکڙي کڍي هلنديون هيون. مسلم عورتون چوڙيدار مٿان گهگهو، جنهنکي اڄڪلہ گائون ٿا چئون، پائينديون هيون. مٿي تي پوتي رکنديون هيون. ڪي وري بُرقعو پائينديون هيون. ڪن جو پهراڻ سلوار بہ هئي. هندو مرد ڌوتي، ڊگهو ڪوٽ يعني شيرواني پائيندا هئا. مٿي تي پڳڙي پائيندا هئا. ڪلهي تي بوڇڻ رکندا هئا. پوءِ ٽوپي پائڻ جو رواج پيو. مٿي تي ڪڙ جي نريءَ وانگر ڊگهي ڪاري ٽوپي بہ پائيندا هئا. ڪن سلوار پهرڻ شروع ڪئي. ڪن وري عام پتلون پاتي. ليڪن حڪومتن بدلجڻ سان پوشاڪ تي اثر پوندو هئو. ڏاڙهين، مُڇن ۽ وارن جي نمونن ۾ بہ فرق پوندو هئو.

ڳوٺاڻا مهمانوازيءَ جا ڪوڏيا هئا تہ ڀڳوان آيو آهي. مهمان جي خاطرداريءَ ۾ گهر جا سڀ ڀاتي پيرن ڀر بيٺا هوندا هئا. غريب هوندي بہ ڪشاده دل هوندا هئا. مهمان اچڻ کي هو برڪت سمجهندا هئا. ان جي شيوا ۾ ڪڏهن بہ عار نہ ڪندا هئا. خاص ڪري مهمانوازي ڀر (واريا سو علائقو، ٿرپارڪر ضلعو) ۽ هڪال ڪوهستان (پهاڙي ايراضي، تعلقو ٽاٽو بولاخان، ضلعو دادو) جي مشهور هوندي هئي. جيتوڻيڪ اهي ٻئي ٿُڪر ڏُکر وارا هوندا هئا. مگر اتان جي رهواسين جي دل وڏي هوندي هئي. هنن جي دل، دماغ ۽ هٿن ۾ ڏُکر نہ پوندو هئو!

ڳوٺاڻيون زالون عاج جون ٻانهيون پائينديون هيون. ڪراين ڪان وٺي ڪلهي جي ٿورو هيٺ تائين ٻانهيون پيل هونديون هين. نٿ تہ زالن جي سهاڳ جي نشاني هوندي هئي. جهومڪ، ٽائٽ، منڊيون، نُورَ، لاڪيٽ، ٻلڙا وغيره زالن جا خاص زيور هوندا هئا. نڪڙ ٻارن کي پيرن ۾ چانديءَ جون ڪڙيون پائيندا هئا. مڙد جي هڪ زال مرڻ تي ٻي شادي ڪندو هئو تہ ان ڇوڪريءَ کي ڳچيءَ ۾ ٽُنيتڙي پاتي ويندي هئي. چنڇر ڏينهن چاول ٻار کي بہ هٿن ۾، بہ پيرن ۾ ۽ هڪ ڳچيءَ ۾ ڪل پنج ڪڙيون پاتيون وينديون هيون.

ڳوٺن جون ڪچهريون بہ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. ڳوٺاڻا ڪنهن واڻئي جي اوطاق، وڏيري يا سيد جي اوتاري تي ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. ڪٿي ڪٿي تہ وڻن جي ٿهيل ٿلهن تي ويهي روح رهاڻ ڪندا هئا. دڪانن جي مَنهَنِ هيٺان پڻ موج مچائيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ان وقت سندن وندر جو وسيلو اهوئي هئو.

اوطاق تي شام جي وقت پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري، کٽولا ٻاهر ڪيندا هئا. ڪنهن وٽ مُوڙا ۽ ڪرسيون هونديون هيون تہ اُهي ڪيندا هئا. چلم وچ تي رکي هوندي هئي. هڪ ڇوڪر چلم ۾ پاڻي وجهي، نڙ ۽ گوءِ پُسائي، ٺل ۾ تماڪ ۽ ٽانڊا وجهي، صندليءَ تي تيار رکندو هو. چلم مان ٻُڙڪو پيا ڪيندا، ڳالهيون پيا ڪندا، پروليون ڏيندا، اوپاريون - لهواريون ڪندا، بيتن، ڏوهيڙن، ڪافين جي موج مچائيندا هئا. ان ۾ اٿين مکو ٿي ويندا هئا جو ڪين سمڪ ئي نہ پوندي هئي تہ وقت ڪيترو ٿيو آهي! آڌي رات ٿيڻ تہ عام رواجي ڳالهہ هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ سڄي رات بہ گذري ويندي هئي. اهڙي طرح ڳوٺن جي زندگيءَ جو لطف ئي پنهنجو هوندو هئو.

ڳوٺن جي چوڌاري لهرائيندڙ ساوا کيت، وڻن، ٽڻن، ٻوٽن تي ٻکين جي لات، گلن تي ڀنئرن جي ڀُڻ ڀُڻ، گلن جي سُرهاڻ تن کي تراوت، من کي مؤج، روح کي راحت، دل کي دلداري ڏيئي ڇڏيندا هئا. ان هوندي به سنڌ جو ڪجهه حصو واريآسو هو، جتي صرف برسات ۾ کيتيءَ جو آڌار هئي. اهڙن هنڌن تي مينهن چڱن سالن ڪانپوءِ پير گهمائيندو هو.

سنڌ جي شهرن جو اوُج ئي نرالو هو. ليڪن ڳوٺ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سنڌ ۾ شهرن جي ڀيٽ ۾ ڳوٺن جو تعداد چئوڻو هو. ڳوٺن جي صفائي، جاين جي بيهڪ، هوادار ڀُونگا، وڻ- ٻوٽا، چئني طرفنن کان لهرائيندڙ ساوا کيت، ڳوٺن جي نزاڪت ۾ اضافو آڻيندا هئا.

شهرن کان نڪري ڳوٺن طرف وڃڻ لاءِ ڪچا زستا، گس يا پيچرا هوندا هئا. جڏهن ڳوٺ کي وجهو هو ويجهو پئبو ته ڳوٺاڻن جي مني زبان مان ڏوهيڙا، ڪافيون پيون ٻڌبيون هيون. ڪوهن مان نارن وسيلي پاڻي ڪڍڻ لاءِ هاري ڍڳن کي پيا هڪليندا هئا. ڏاندن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنگهرن جا آواز پيا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. پري کان ئي ڳوٺن جي ڀونگن جو ذرشڻ ٿيندو هو ۽ وڻن جا جُهڳا پڻ نظر ايندا هئا.

ڳوٺاڻن جو مکيه ڌندو هئو کيتي ڪرڻ ۽ چوپايو مال چارڻ. ائين ته ڳوٺن ۾ لوهارڪو، ڊکڪو، رازڪو، درزڪو، ڌندو ڪندڙ به رهندا هئا. موچي ۽ سوچي پڻ هئا ته ڌوٻي ۽ حجم به هئا. رري، بفت، سلائي، ڀرت ڀرڻ، ستارون ٽاڪڻ، ڪپڙي تي ڪاچ جو ڪم، چُرَ جو ڪم، ڪپڙو اُڻڻ، جنديءَ جو ڪم، مٽڪا ۽ گهنگيون ٺاهڻ، پينگها، غاليچا، باسڻ-برتق ٺاهڻ جا ڪم پڻ ساراه جوڳا هوندا هئا. ڪاريگر محنتي ۽ ڀڙُ هوندا هئا.

ڳوٺاڻا غريب هوندي به ڪشاده دل جا هوندا هئا. هننجي گذران جو وسيلو چوپايو مال هوندو هئو. آنديءَ نينديءَ وارا هوندا هئا. آئيون ۽ ڪائون ڏٽ ڏِهاڙي سوُمرا. مهمانن سان ونڊي وراهي کائيندا هئا. جيڪو حال حبيبان سو پيش پرينءَ جي. جيڪو گهر ۾ موجود هوندو هئن، اُهو مزمان جي اڳيان ڪاڏي لاءِ رکندا هئا. هنن جو ونڊي وراهي کائڻ، سک پائڻ ۾ وشواس هوندو هو.

ڳوٺاڻن جو کاڌو سادو پر سوادي هوندو هئو. ٻاجهريءَ ۽ جوئر جي ماني، ٻاجهريءَ ۽ جوئر جو پٽ، ڪڻڪ جو ڏارو.

ڍانگيءَ ۽ ڦوٻيءَ تي پڪل مانيون، ڪُني يا ڪُنيءَ ۾ رڌل ساڳ ۽ ڳنر، ڪنبيل ڀِهه چا ته لذيذ هوندا هئا. مکڻ جو چاٽو، وري ان مٿان مُستي پيل، لسيءَ جو وٽو، بس، اها ٿي نيرن. اوگرائي ڏني، سڄو ڏينهن آنند. مانيءَ جي تمنا ئي ٿيندي هئي. ڪي مڙد منجهند جي ماني دڪانن تي گهرائيندا هئا ته ڪي وري گهر کائڻ ايندا هئا. ماني کائي ٿورو آرام ڪندا هئا. جهلين جي هوا، ننڊ جو جهونٽو آيو، اُٿيا. ٻگڙا کائي ٿاڌل پيتائون ۽ ٿيا دڪانن ڏانهن روانا. قداور، تندرست، همت وارا هوندا هئا. ڍڍُ ۽ ٿڙا ٻاهر نڪتل نه، هلڻ ۾ ئي هلاح نه، ڏسڻ جا ڏيل، ڦيٽا ۽ ڦتل نه هوندا هئا!

ڳوٺن جا ماڻهو شانتي پسند، سادا، ڪلمک، اُدار دل ۽ همدرد هئا. ڪنهنجي گلا غيبت کان پري، ”هو چوني، تون مَ چئه واتان وارائي ويڻ“ تي عمل ڪندڙ، لالچ کان پري، وشواسي، ايماندار، مهمانواز، وچن پاليندڙ، وڏائي ۽ ڏيکر- اڊمبر کان پري، محنتي ۽ سچيار هوندا هئا.

هنن جو ڪنهن سان سڪ- پريم جو ناتو جُڙي ويو ته اُهو يا عمر نباهيندا هئا. اويل - سويل، يار- دوست، اوڙي- پاڙي لاءِ سِرُ به قربان ڪري ڇڏيندا هئا. انهن ۾ هندو- مسلم جو ڀيد نه هئو. ڳوٺن ۾ هندن جي سلامتيءَ جي جوابداري مسلم وڏيرن ۽ سيدن جي مٿان هوندي هئي. هو ائين چوندا هئا ته هندن جون ڏيئر- ڀينر اسانجون ڏيئر- ڀينر آهن.

بہ هندو پارٽي سمجهي وينديو هئي ۽ هند جو عيوضيپڻو ڪندڙ پارٽي مڃين وينديو هئي ۽ مسلم ليگ مسلمانن جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي مڃي وينديو هئي. انگريزن ان ڳالهہ کي محسوس ڪندي سنہ ١٩٤٧ ۾ ڪانگريس کي هندن جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي تسليم ڪري ڪين هندستان جي هندن جو راڄ ڏنو ۽ ٻئي طرف مسلم ليگ کي مسلمانن جو عيوضي سمجهي ڪين اِسلامي راڄ ٺاهڻ لاءِ پاڪستان جو ملڪ ڀارت مان ڪٽي ڏنو ۽ ڪانگريس ورهاڱي جي دستاويزن تي صحيح ڪري ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو تہ پوءِ هندن جو عيوضو ڪندڙ پارٽي هئي.

هاڻ ٿيل ڳالهين تي ويچار ڪري سگهجي ٿو.

(١) ملڪ جو ورهاڱي وقت اِهو آڌار ورتو ويو هو تہ سنہ ١٩٤١ جي آدمشماريءَ وقت جنهن ٽڪر ۾ هندن جو گهڻائي آهي اهو هندستان ۾ وڃي ۽ جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي اهو پاڪستان ۾ وڃي ان آڌار تي بنگال پنجاب جو ورهاڱو ٿيو ۽ مسلم گهڻائيءَ واري ايراضيءَ پاڪستان کي ڏني ويئي ۽ هندو گهڻائي واري ايراضين هندستان کي ڏني ويئي. ان ڪانسواءِ ٻين ڪن اهڙن ٽڪرن جي تڪراري فيصلو ڪرڻ لاءِ هڪ انگريز عملدار رئڊ ڪلف کي امين مقرر ڪيو ويو هو. مسلمان انجو فائدو وٺي آسام مان سلهٽ ضلع جي گهر پاڪستان سان ملائڻ جي ڪئي ۽ اهو ضلع پاڪستان ۾ ويو. پر افسوس اِهو آهي تہ ان وقت سنڌي هندو ڪانگريسي نيتائون ڪانگريس نوازنيتيءَ ڪري ٿرپارڪر ضلع جتي هندن جي گهڻائي هئي، انجي گهر هن هندستان سان ملائڻ جي نہ ڪئي. ايتري قدر جو ٿرپاڪر ضلع جو عمرڪوٽ (امرڪوٽ) ڪنهن وقت جوڌپور رياست جو حصو هو. ان وقت جوڌپور رياست جي مهاراجا طرفان ڪانگريس ڪاميٽيءَ ڏانهن پنجاهہ هزار رقم ڪليم داخلڪرائڻ لاءِ خرچ پکي جي واسطي پڻ موڪليا هئا پر افسوس جو ان وقت جي سنڌي ڪانگريس اڳوانن اک نہ پٽي ۽ سڄي سنڌ قربان ڪري آيا پوءِ جڏهن ڪين چوڌاري ڦٽ لعنت پوڻ لڳي تڏهن هوُ سڄاڳ ٿيا تہ پنڊت نهروءَ ڪين چيو تہ اڳ ۾ ڪنڏانهن ويا هئا. ان وقت سوڌو رئبڪلف پنهنجو اوارڊ ڏيئي چڪو هو ۽ ڪجهہ ٿي نہ سگهيو.

اڄ جي ٿرپارڪر ضلع هندستان مليل هجي هان تہ اِهو ٽڪرو اوپر سنڌ (East Sind) ڪري ڇئجي ها ۽ ١٩٥٦ ۾ ٻيلوار پرانتن لهڻ وقت ٻاڙميڙ، جيسليمر، سنچور، جوٽڪرو سوراٽر، ڪڇ، ڪانياواڙ جا ٽڪرا ملائي هڪ الڳ سنڌ پرانت (New Snid) جي نالي سان مبادا هڪ الڳ پرانت هجي هان پر هاڻ ان ڏس ۾ ڪجهہ ٿئي سا اُميد ڪرڻ ٿيندي ٻيرن ڪان ٻيرن جي اُميد ڪرڻ وانگر. صرف ٿرپارڪر ضلع جي گهر هندستان سان نہ ملائڻ ڪري اسان هندستان ۾ پنهنجو پرانت نہ ٺاهي سگهيا آهيون اِهو صرف اسان سنڌين جي اڳوانپڻي جي اڻاڻ ۽ لاغرضي ڪري ٿيو آهي ۽ منهنجي خيالموجب اِها اسان جي ڀهرين راجنيتي ڀُل هئي ۽ آهي.

هن وقت ڀارت سرڪار طرفان جيڪي سنمان پدم پوشڻ وغيره ڏنا ٿا وڃن سي هر پرانت جي سرڪارين جي سفارشن تي ٿين ٿا. هر پرانت پنهنجي پنهنجي پرانتن مان نالن جي شفارش هند سرڪار کي موڪلن ٿا. جتان چند چاڻ ٿي نالن جي لسٽ راشٽرپتيءَ وٽ وڃي ٿي. فرقيپرستيءَ ڪري هر پرانت وارا پنهنجن پنهنجن ماڻهن جا نالا موڪلين ٿا. اسان سنڌين جو ڪو اوهي واهي آهي ڪونہ جو انهن جا نالا لسٽ ۾ اچن. ان ڪري ڪيترا

سنڌي سماج لاءِ راڄنيتي حقن جي ضرورت

— سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي

۱۹۴۷ ۾ پاڪستان ٺهڻ وقت جڏهن اِهو محسوس ڪيو ويو تہ سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ اڻٽر آهي تہ ان وقت ڪن سنڌي دورانديشي رکندڙن سنڌين کي وري ورسائڻ ۽ هڪ هنڌ ٽائينڪو ڪرڻ جي خيال کان سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن نالي هڪ ڪمپني ٺاهي ڪڇ ۾ ڪنڊلا جي آس پاس مليل زمين تي گانڌيڌام وغيره جوڙائڻ جي رٿا ٺاهي هئي ۽ ان وقت خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ فارم ڀرايا پئي ويا ۽ شيئر منيءَ جو چوٿون حصو ورتو ويو.

سنڌ مان آيل سنڌي ان ٽڪري ۾ ان وقت روزگار جي وسيلن جي اڻاٽ ڪري اُتي پاڻ کي وسائي نہ سگهيا. روزگار جا وسيلا گهٽ هجڻ ڪري اُتي نہ وسڻ مجبوري هئي. پيٽ جو بک مٽائڻ لاءِ روٽي، اٽي لٽي لاءِ روزگار هڪ اهم مسئلو هو ٻئي ظرف جيڪي بہ سنڌي ساموندي رستي آيا پئي انهنکي ممبئي دوارڪا وغيره تي لاٿو پئي ويو ۽ انهنکي وري سرڪاري مفت راشن وغيره ڏنو پئي ويو. انهن ڪئمپن جي نزديڪ کي وڏا شهر هئا جهڙوڪ ڪلياڻ ڪئمپ جي نزديڪ ممبئي، ارلي، ڪولهاپور جي نزديڪ پونو، احمدنگر هئا جتي وڃي انهن روزگار جو وسيلو پئي ڳوليو. اِهو بہ هڪ ڪارڻ آهي جو سڀ سنڌي هڪ هنڌ ٽائينڪو ٿي نہ سگهيا ۽ سڄي هندستان ۾ پکڙجي ويا آهن. اِن ڳالهہ ڪري ڪنهن کي بہ ڏوهہ ڏجي سو نٿو لڳي. پر بهرحال اِئين ڪري چئجي تہ ان وقت جي حالتن جو سڀاويڪ نتيجو هو آهي.

اِئين ڪونهي تہ اسان کي ڪي راڄنيتي غلطيون/ڀلون نہ ٿيون آهن. ڀلون ضرور ٿيون آهن پر هن وقت انهن کي ويهي روئجي اِهو ٿيندو ڦٽل کير کي روئڻ سمان جنهن مان ڪجهہ هڙ حاصل ٿيڻو ڪونہ آهي. چوڻي آهي ڏڏي ٿڻين نہ پوندي. پر هاڻ بہ ويل ڪانہ ويئي آهي. ڪوشش ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري سگهبو. نا اُميد ٿيڻ نہ گهرجي پر هميشهہ آشاواداي ٿيڻ گهرجي.

شروع کان ڏسون تہ اسان کان ڪهڙيون ڀُلون ٿيون آهن ۽ اِهي ڀُلون ٿيون آهن اسانجي اڳوان پٽي جي اڻاٽ ۽ ڪانگريس نواز نيتي ۽ هندوُپٽي جي نفرت جي ڀاونا ڪارڻ، اسانجي ٿيل ڀُلن ۽ ان لاءِ هن وقت ڪو تدارڪ ٿي سگهي ٿو ڇا؟ ان لاءِ ڪجهہ ويچارن جو پنهنجي تڇ ٻڌيءَ آهر ذڪر ڪجي ٿو.

سنہ ۱۹۴۷ ۾ ڀارت جو ورهاڱو ڌارمڪ بنياد تي ڪيو ويو هو. ان وقت جي ڪانگريس نہ چاهيندي

نالو	:	سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي
جنم	:	۱۲-۶-۱۹۲۶ خيرپور ميرس
ڇپيل ڪتاب	:	ڪل ۲
اِنعام	:	
پيشو	:	وڪالت
پتو	:	۲۰۲، ڪنور نگر، راجامل ڪتاب والا، جئپور.

ٿا. مسلمانن جيڪي ڪروڙن جي تعداد ۾ هندستان ۾ رهن ٿا. انهن کي ٿورائيءَ واري قوم Commnuity Minority ڪري مڃيو ٿو وڃي پر اسان سنڌي جيڪي ته هندستان ۾ ڪي لک هونداسون تن کي ٿورائيءَ واري قوم Minority Commnuity نٿو مڃيو وڃي هڪ عجيب وڌنبنا آهي-

ٿورائيءَ واري قوم ۽ ٻوليدار ٿورائيءَ واي قوم يعني ته Minority Commnuity جي حقن حقوقن ۾ فرق آهي اسان کي ٻوليوار ٿورائيءَ واري قوم Lingnistic Minority Commnuity ڪري نه مڃيو ٿو وڃي جنهن ۾ صرف ٻوليءَ کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪجهه قدم آهن پر اسان کي Commnuity ڪري Protected Displaced persons Commnuity Minority وارا حق ڏنا وڃن جنهن ۾ vayion وغيره جا فائدا ملي سگهن ٿا. اِنڪري هن ڳالهه کي گنڀير تا سان سوچي اِها گهر ڪرڻ گهرجي.

ناگرڪتا ڏيڻ ۾ دِقتون

هن وقت هڪ ٻي ماجرا به پيدا ٿي آهي. ١٩٦٥ ۽ ١٩٧١ جي پاڪستان سان ٿيل جنگ ڪري ان وقت ڪيترا سنڌي حدون پار ڪري هندستان ۾ آيا آهن ۽ ان ڪانپوءِ به سنڌ ۾ سلامتيءَ جو وايومنڊل نه هجڻ ڪري ڪيترا سنڌي ويزا جي بطور پاڪستان مان آيل آهن ۽ هاڻ واپس وڃڻ نٿا چاهين ۽ اهي هندستان جي ناگرڪتا وٺڻ چاهين ٿا، پر اِن ۾ سرڪار طرفان ڪافي دقتون ڪيون ٿيون وڃن، انهنکي راشن ڪارڊ، ڊرائيونگ ليسن، مڪان وغيره خريد ڪرڻ ۾ مشڪلاتون اچن ٿيون ۽ آئي روز سي.آءِ. ڊي. وغيره جي جاچ جو خوف من ۾ ٻڌيو رهي ٿو. مٿن مائٽن وٽ اچڻ وڃڻ ۾ هڇڪ رهي ٿي. اڳوانن کي گهرجي ته هن باري ۾ سرڪار تي زور آڻي، دقتون ختم ڪرائي انهن ماڻهن کي هندستان جي ناگرڪتا ڏياري وڃي ته جيئن هو بي خوف آرام سان رهي سگهن ۽ هندستان جا ناگرڪ ٿي رهن سگهن.

سوتنترتا سيلانيءَ جون سهوليتون

اسانجي سماج ۾ ڪي اهڙا شخص به آهن جن ملڪ جي آزاديءَ ۾ ڪافي سرگرم ٻهرو ورتو ۽ اهڙا سرٽيفڪيٽ انهن وٽ آهن. ١٩٤٢ ۾ جڏهن ڀارت ڇوڙو آندولن Qiut India movement هلي رهي هئي ته ان وقت گانڌيءَ جيءِ اِها به اپيل ڪئي هئي ته جيلن کان ٻاهر رهي آندولن کي چالو رکڻ ضروري آهي. انڪري ڪيترا شخص جيلن ۾ نه ويا. لڪ ڇپ ۾ روءِ پوش رهي ظاهري طور به ٻاهران آندولن کي چالو رکندا رهيا پر اهي شخص به سوتنترتا سيلاني آهن. سرڪار سوتنترتا سيلانين جون پينشن ۽ ٻيون سهوليتون صرف انهن کي ڏنيون آهن جيڪي جيلن ۾ ويا هئا. جن ٻاهر رهي آندولن کي چالو رکيو انهنجون شيوائون به قابل داد آهن ۽ انهن به مانُ لهڻو. اِهي ٻاهر نه هجن هان ۽ جيلن ۾ هجن ها ته آندولن ٺپ ٿي وڃي هان انڪري جن آندولن کي چالو رکيو هو تن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي ۽ اهي به مبارڪ جا مقدار آهن. انهن لاءِ اِهو سجهاءُ آهي ته انهن کي ڀل پينشن نه ڏني وڃي ڇو ته هوُ سرڪار تي مالي بوجو پوندو. پر اُنهن کي سوتنترتا سيلانين جو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي ڇو ته سرڪار تي مالي بوجو پوندو. پر انهن کي سوتنترتا سيلانين جو سرٽيفڪيٽ ته ڏنو وڃي ۽ ٻيون سهوليتون جهڙوڪ بسين وغيره ۾ ڀاڙي جون سهوليتون، پراپرٽي ٽئڪس وغيره ۽ ٻيون رعايتون به ڏنيون وڃن اڳوانن کي هن ڏس ۾ پڻ جوڳو قدم کڻڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ ٻيون به ڪي گهرون آهن جن جي پورتي ٿيڻ گهرجي.

سنڌي لايقيءَ هوندي به انهن سنمان کان وانجهيل رهجي ٿا وڃن ۽ اهو ان ڳالهه جو نتيجو آهي جو اسانکي پنهنجو پرانت نه آهي.

ٻي راڄنيتي ڀل اِها ٿي آهي ته وڌان لهڻ وقت اِن وقت جيڪي سنڌي وڌان ٺاهڻ واري سنسد ۾ هئا، انهن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ٿي نه ڏنو ٿو ڏسجي ته هندستان ۾ اچي سنڌي هڪ هنڌ اچي ٿائنيڪو نه ٿي سگهيا آهن پر سڄي هندستان ۾ ٽڙي پکڙجي ويا آهن ته انهنجي راڄنيتڪ آئينده جو ڇا ٿيندو؟ وڌان لهڻ وقت انهن کي اِها ڄاڻ هئي ته اڳتي هلي ووٽن تي آڌار تي چونڊون ٿينديون. تنهن هوندي به انهن اِهو محسوس نه ڪيو ته ڇاڪاڻ ته سنڌي هڪ هنڌ نه آهن اِنڪري هو پنهنجو عيوضي چونڊي ڪين سگهندا؟ ان وقت ائنگلو انڊين وارن اِها ڳالهه محسوس ڪئي ته ڇاڪاڻ ته ڪين هڪ هنڌ به گهٽائي ڪونهي، سڄي هندستان ۾ پکڙيل آهن ته انهن زوربار آڻي پنهنجي قوم لاءِ وڌان فقره آڻايو ته هنن جي عيوضين کي لوڪ سڀا ۾ نامزد ڪيو ويندو. اِهو فقره هندستان جي وڌان ۾ آرٽيڪل ٣١١ ۾ آندل آهي جيڪو هن ريت آهي-

Article 331 Represntation of Anglo Indian Community in the House of the People "Not with standing anyting in Article 81, the President may, if he is of the opinion that the Anglo Indian Community is not adeguestely represented in the House of the people, nominate not more than two members of the community to the House of the People."

جڏهن هن فقره تي بحث ٿي رهيو هو، دک جي ڳالهه آهي ته ان وقت اسانجا سنڌي نيتا جيڪي ان وقت وڌان ٺاهڻ واري سنسد ۾ موجوده هئا تڏهن به انهن ان ڳالهه لاءِ ڌيان نه ڏنو ته ائنگلو انڊين قوم وانگر اسان به هڪ هنڌ نه آهيون، اسانجو جيڪو پنهنجي ٻل بوتي چونڊجي نه ايندو، ته هو به ان وقت ان فقره ۾ ائنگلو اِنڊين اکر سان گڏ سنڌي اکر به جوڙائين ها.

هاڻ به وقت نه ويو آهي انکي سڌاري سگهجي ٿو ۽ وڌان ۾ درستي ڪرائي ائنگلو انڊين اکرن کانپوءِ سنڌي آڻ گهرجي ۽ هڪ ٻي درستي اِها ٿيڻ گهرجي ته ائنگلو اِنڊين لاءِ ٻه ميمبر مقرر ٿيل آهن پر اسان سنڌين لاءِ آدمشماريءَ جي آڌار تي ڪو سيڪڙو مقرر ڪرڻ گهرجي. منهنجي سمجهه ۾ ان ٻي راڄنيتي ڀُل کي وڌان ۾ درستي ڪرائي سڌاري سگهجي ٿو.

ٿورائيءَ واري قوم Minority Commnuity جو حقن حقوتن بابت

اسانجي جاتي هڪ قديم جاتي آهي. مهاڀارت جو يڌ ۾ سنڌ جو راجا جئدرٿ جيڪو ڪ ڪورون جو ڀيڻو هو اِهو لڙائي ۾ اچي ٿو. راماڻ ڪال ۾ شري رام جو پٽ لوسنڌ جو راجا ٿئي ٿو ۽ انڪري سنڌي ”لوهاڻا“ سڏجڻ ۾ آيا. اهڙي قديم پراڻي آڳاٽي ۽ جهوني قوم اڄ خاتمي جي چوراهي تي اچي پهتي آهي. مڇين، پکين ۽ جانورن جي نسلن کي قائم رکڻ لاءِ سرڪاري اِسڪيمون ٺاهي ٿي، پر دنيا جي قديم سنڌي جاتيءَ کي محفوظ رکڻ لاءِ سرڪار وٽ ڪا به رٿ ڪونهي سنڌين کي جي سنڌي ڇڏڻي پيئي ته صرف انڪري جو راڄنيتڪ پارٽين ملڪ جو ورهاڱو ڪري سنڌ سڄيءَ کي پاڪستان جو حوالي ڪيو. اهڙي حالت ۾ اسان اڳوانن کي سنڌي قوم کي ”اکڙجي آيل محفوظ قوم يعني ڪ Displaced persons Commnuity ڪري ظاهر ڪرائڻ گهرجي ۽ اِهي سڀ حق حقوق ڏيارڻ لاءِ گهر ڪرڻ کپي جيڪي ڪ ٿورائيءَ وارين قوم يعني Minority Commnuity وارن کي ڏنا وڃن

ديگ تي

(ننڍيون ننڍيون آکاڻيون)

— ڪشن عالمچنداڻي

’سنڌ منهنجي امڙ‘ بابت ڇا لکان؟ لکندي اکڙين ۾ آب ٿو اچي. پر پوءِ به لکڻو آهي. وڏڙا سنڌ ۾ زور به ڏياريندا هئا ته زباني حساب به ڏسيندا هئا ته ٻارن کان ڪوڙا وغيره به پڇندا هئا.

ڏاڏيون، نانيون، ڀاڄايون، ڀينرون پينگهي ۾ وهاري ڪي لوليون ڏينديون هيون ته ڀينر جيڪي پيڪن ۾ گهمڻ اينديون هيون سي آکاڻيون ٻڌائينديون هيون.

ديگ بابت به ننڍيون ننڍيون آکاڻيون گهڙيون ٿي لهيل آهن. مان به ڪي مثال پيش ڪيان ٿو-


(۱) هڪ وڻ جي ڇنيان هڪ مسافر سمهيو پيو هو. هو پکين جي ٻولي ڄاڻندو هو. پکي هڪ ٻئي کي چئي رهيا هئا ته هن وڻ جي هيٺ هڪ وڏي ناڻي جي ديگ پوريل آهي. ڪيترا مسافر اچي آرام وٺي هلي وڃن ٿا. پر اسان جي ٻولي ته ڪو سمجهي ئي نٿو. اُهو مسافر هوشيار ٿيو ۽ محنت ڪري ناڻي جي ديگ ڪڍي وڃي گهر پهتو ۽ وڏو شاهوڪار ٿيو.

(۲) ٻه ڀائر هئا. وڏو ستسنگ ۾ ويندو هو. تمام سلي ۽ شريف هو. پر ٻيو ننڍو ڀاءُ وري اُبتڙ جوئاري شرابي وئشا ورتي رکندڙ داداگير وغيره. هي ڏاڍو عياشي هوندو هو ۽ ڏاڍو سکي هو. هن هڪ گني به سون جي لڌي.

وڏو ڀاءُ ڪڏهن ڏک ڪائي اچي ته ڪڏهن ڏنڊي ۾ نقصان ڪري. پر چنتا ۾ گذاريندو هو. هڪ ڏينهن رستي کان ڏاڍو ڏک به ڪائي آيو.

ننڍي ڀاءُ چٽربازي ڪندي چيس ته ڇڏ سنسنگ ۽ سچائي. مون وانگر حرفت باز ۽ ڦاندي باز ٿيءُ ته سُکي رهندين. هن سنسنگ ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو.

هوڏانهن سنت ۽ ستسنگين کي خيال ٿي پيو ته الائي ڇونه ٿو اچي هي سيئي گڏجي هن جي گهر آيا. وڏي ڀاءُ آءُ ڀاءُ ڪندي پنهنجي سموري ۽ ننڍي ڀاءُ جي سموري حقيقت پيش ڪئي. سنسنگي ته چُپ ٿي ويا پر سنت چيو ٻچا هڪ ڪم ڪيو. ٻئي ڀائر مون سان هلو.



نالو	:	ڪشن عالمچنداڻي
جنم	:	۱۹۵۹ خيرپور ميرس (لڳون ڳوٺ)
ڇپيل ڪتاب	:	
اِنعام	:	
پيشو	:	ماستر
پتو	:	بلاڪ نمبر ٦٦٥ روم نمبر ۱۳۲۹، اُلهاس نگر - ۳.

(١) مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته هر سال سرڪار طرفان ڏينڌڙ سنمان ۾ سنڌين جو به سنمان ٿيڻ گهرجي.

(٢) ڪرنسي نوٽن تي سنڌي انگن ۾ رقم جو اظهار هجي.

(٣) چيٽي چنڊ جو ڏينهن سڄي هندستان ۾ هند سرڪار (ڪيندريه سرڪار) طرفان عام موڪل جو ڏينهن ظاهر ڪرڻ.)

(٤) لوڪل بورڊ، اسيمبلين ، يونيورسٽين، تعليمي سنسٿائن وغيره ۾ سنڌين لاءِ جايون مقرر ڪرڻ ۽ انهن کي نامزد ڪرڻ وغيره وغيره.

پهچاڻ کي خطرو

اڄ اسان پنهنجي پهچاڻ وڃائي چڪا آهيون ته بنگالي، مرهٽي، گجراتي، مدراسي وغيره قومون ڪٿي به هوندا ته يا ته پنهنجي ويس (ڊريس) يا ته پنهنجي ٻولي وغيره ۾ پري کان پڌرا ٿي پنهنجي پهچاڻ ٻڌائي بهن ٿا. اسان سنڌي ڊريس (ويس) وغيره ۾ نه پنهنجي پهچاڻ نه رکي سگهيا آهيون پر هن وقت اسان جي پهچاڻ جي بچي آهي ته اِها آهي صرف اسان جي ٻولي پر اِن لاءِ به اسان ۾ اُداسي آهي. پاڻ ۾ پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائڻ ۾ شرم ٿا محسوس ڪيون ۽ ڪٿي به ڳڏجون ٿا ته هڪ ٻئي سان انگريزيءَ، هنديءَ يا لوڪل ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪنداسين. ان قسم جي اِسٿتي ڏاڍي دکدايڪ اِسٿتي آهي. سرڪار طرفان اسانکي ڪافي سهوليتون مليل آهن، پر اسان انجو فائدو ولون ڪونه ٿا. ڪجهه سرڪاري نواز نيتي ڪجهه ٻين جي اکين ۾ سرخرو ٿيڻ جي ڀاونا ڪري اسان جي اُداسينتا جي ڪري ڪيترا سنڌي اِسڪول بند ٿي ويا. ماسترن جون بدليون ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪيون ويون آهن. سهوليتون ملڻ جي باوجود فائدو اسان پاڻ نٿا وٺون ته پوءِ سرڪار کي ڏوهه ڇو ڏيون.

پنهنجي لاءِ نفرت پنهنجو سنمان ڪرڻ ۾ گهٽتائي محسوس ڪرڻ ۽ ٻين جي نگاهن ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ ٻين ڌارين جو سنمان ڪرڻ ۾ غرور محسوس ڪرڻ جي ڀاونا اسان کي اُن چوراهي تي آڻي ڦٽو ڪندي جو اسان بلڪل نظرانداز ٿي ويندا سون ۽ ڳولهندي به نه لڀنداسون جيڪا اسان لاءِ دکدايڪ اِسٿتي رهندي.

هاڻ به وقت ويو ڪونه آهي جو اسان کي سڄاڳ ٿي پنهنجي حقن لاءِ زوردار نموني ۾ هلچل ڪرڻ گهرجي ته اميد آهي ته وقت سٺي سڦلتا ملي ويندي، اهڙو وشواس آهي.

(٩) ميلا ورسيون پا اُتسو ٿين ٿا تہ بہ ديگيون چڙهن ٿيون. ماڻهو ڪائي خوش ٿي گهرن ڏانهن واپس وڃن ٿا.

(١٠) سنڌ ۾ ڀڳتي ڀاو ٿيندا هئا تہ وڏا وڏا ڀڳت صاحب جئن ڀڳت ڪنوررام صاحب، ڄيوني ، شمن گُڏي، چندر، ڪوي پهلاج، گووند، دوار وغيره ايندا هئا تہ ديگيون چڙهنديون هيون. هڪڙا ڪائي اُٿندا هئا تہ ٻيا اچي ڪائيندا هئا پر جاڳي ڀڳت ضرور ڏسندا هئا.

(١١) ديگ تي گيت (راڳ) سنڌيءَ ۾ نهيل آهي.

اسانجي لال ٽي ديگيون جو چڙهنديون. ديگين لا ٽي ڏمان مان اکو پائڻ ٿي وڃان. ٻيڙيءَ وارا ادا ڙي مُهاڻا لال تي ٿي وڃان، اهڙي نمونو وڏو (شبد) گيت نهيل آهي.

(١٢) دروپدي ۽ پانڊو سڀ ڪائي اُٿيا هئا. پانڊو تہ هليا ويا. دروپديءَ باسڻ ۽ ان ۾ پيل ديگڙي صاف ڪري رکي هئي تہ ايتري ۾ اچي شري ڪرشن ڀڳوان پهتو ۽ چيو تہ ٻُک لڳي آهي. دروپديءَ ڏلو تہ گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، ڪائي بہ اُٿيا آهيون. ڀڳوان وري آيو آهي سو بہ بک تي. هاڻي ڇا ڪريان منجهي پيئي. ڀڳوان سان سچ ڳالهايو ۽ سموري ڳالهہ ڪئي ڀڳوان چيس تہ اها ديگڙي تہ کڻي اچ. ديگڙيءَ جي ڪَني تي چانورن جا ٻہ ٽي داڻا ڏسڻ ۾ آيا. ڀڳوان کاڌا تہ پيٽ ڀرجي ويس ڀلا ڀڳوان نہ آهي پريم جو ٻُکيو آهي اِئين دروُ پديءَ جي بہ لاج رهجي آئي، اِئين گهڻائي مثال لڀيندا.

سيئي گڏجي اُتي آيا، جتي ننڍي ٻاءُ سوني ڳني لڌي. کوٽائي ڪئي ويئي ته اندران هڪ ديگ نڪتي پر خالي. سنت کين سمجهاڻي ڏني ته هيءُ ديگ سونين ڳنين سان ڀريل هئي. پر هي ننڍو ٻاءُ ڪسنگ ۾ وڃي سمورو ڌن وڃائي ڇڏيو. هڪ ڳني جا توکي ملي اُها اِنڪري ته تو هڪ غريب ڪٽمب کي شاديءَ ۾ سٺي مدد ڪئي. ان چڱيءَ ڪم ڪرڻ ڪري هيءُ ڳني توکي نصيب ٿي.

وري سڀ گڏجي ان جاءِ تي آيا جتي وڏي ٻاءُ ڏڪ ڪاڊو هو. اُها جاءِ (زمين) به کوٽائي وئي، ته اُن اندران ڦاسي گهر وانگر ڪجهه ڏسڻ ۾ آين. سنت چيو بابا (وڏي ٻاءُ کي) تون سٺو آهين ۽ ستسنگ ۾ روز ايندڙ آهين، گياني آهين، اِنڪري تنهنجا ڪشت ڪٽجندا ويا. هڪ ڏڪ جيڪو تو ڪاڊو سو اِنڪري تو هڪ سٺي اِنسان کي شريف ماڻهوءَ کي غصي ۾ اچي گهٽ وڌ ڳالهايو. انڪري توکي ڏڪ لڳو. ان ڏينهن کان ٻئي ڀائر ستسنگ ۾ ويندا هئا . اِئين ديگ جي آکاڻي نهي ويئي.

(٣) هڪ مممممم سيٺ هو. هڪ ودوا کان جڳهه خريد ڪئي، کوٽائي ڪندي اندران هڪ ناڻي جي ديگ نڪتي سيٺ مائيءَ کي ڏني. پر ماتا ونڻ کان اِنڪار ڪيو اِئين آنا ڪاني ڪندي اچي مکي صاحب اُتان لنگهيو. سموري حقيقت ڪندي فيصلو ڪيو ته سيٺ جي ڌيءُ ودوا مائيءَ جي سُٽي ۽ شريف پٽ سان پرڻائي وڃي ۽ موٽ ۾ هجار ديگ ڏاجي ۾ ڏني وڃي. ٻنهي ڳالهه قبول ڪئي، اِئين ديگ تي آکاڻي لهي ويئي.

(٥) سنڌ ۾ خاص رواج هوندو هو ته شادين يا شغل وغيره تي ديگيون چڙهنديون هيون. طاقت آهر تي ڏينهن ٻئنچات ٻاران ڪاڏو ملن مائٽن ۽ برادريءَ کي ڪاڏو ڪارايو ويندو هو ۽ هڪ ويلو عام ڪارايو ويندو هو. اُهي ديگيون ئي هيون. جيڪي اهڙن موقعن تي ڪم ايندڙيون هيون. اِئين آکاڻي نهي ويئي.

(٥) ڀهراڻي صاحب تي به ننڍڙي ديگڙيءَ ۾ پوڃا جو سامان ۽ ٿال ڪم پوري ٿيڻ تي درياه شاه ۾ وجهندا هئا ۽ پوءِ ديگڙي ۽ ٿالهه ۾ ٿورو پاڻي ڪٽي اچي ڇنڊو وغيره هڻندا هئا. مطلب ته ديگڙي درياه شاهه لاءِ به ڪم ۾ ايندي هئي.

(٦)هڪ اڏ پهاڪو به ديگ تي ٺهيل آهي جئن ته پيٽ اٽس جهڙي ديگ.

(٧) اجمير شهر ۾ هڪ بادشاه هو. جنهن درگاه شريف لاءِ به وڏيون شاهي ديگيون نهرايون. جن مان ميلي تي سوين هزارين ياتري پرساد طور اچي کائيندا هئا. هڪ شاهي ديگ ۾ چانور ۽ ٻيءَ ۾ ڀاڄي. پوءِ گڏي پلاءِ وانگر ٺاهي ڪم هلائبو هو. عوام پرساد طور شرڌا سان کائيندا هئا. اٽڪل ٣٠٠٠ تي هزار کن ياتري واه جو ميلي ۾ ايندا هئا ۽ ايندا آهن اڄ به پرساد طور کائيندا آهن پرمپرا قائم آهي.

اِهي ٻئي شاهي ديگيون اڄ به صدين کان سالم آهن. ماڻهو هڪڙا اچن ٿا ته وري ٻيا وڃن ٿا. پر ديگيون اُهي ئي صدين کان سالم آهن.

(٨) سنت ڄلارام آشرم گجرات ۾ آهي. اُتي روز سوين ياتري اچن ٿا ۽ ميلي ۾ هزارين اچن ٿا. اُهي ديگين جو رڌل ڪاڌو کائين ٿا پرساد طور. ڪوبه امير يا غريب ليکيو نه ويندو آهي. پرساد طور ضرور کائيندا آهن. مطلب ديگيون هر طرح انسان لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿيون ٿين.

ناٽڪ

جهڙي نيت تهڙي مُراد

— وڪرم شهاڻي

بابا : عمر سٺ سال.

ٽِنڪي : عمر ڏهه سال (بابا جي پوٽي).

وتايو : درويش.

شمن : ڪوهر وڪڻندڙ.

گوڏومل : شمن جو دوست.

ٽِنڪي : (ڪتاب مان پڙهندي) ايڪ بار ايڪ راجا ٿا اُن ڪي درباريون ني راجا ڪو اچي سي آم ڀينٽ ۾ ديني ڪا ويچار ڪيا.....

بابا : ٽِنڪي پٽ ڇا پڙهي رهي آهين.....

ٽِنڪي : بابا تيناليرام جي ڪهاڻي پڙهي رهي آهيان، هر مهني هن مئگزن ۾ تيناليرام جي ڪهاڻي ايندي آهي مونکي بيحد وڻندي آهي، اِنڪري ٻه ٽي دفعا پڙهندي آهيان.......

بابا : مونکي ٻه ته ٻڌاءِ ڀلا اِها ڪهاڻي !

ٽِنڪي : ضرور بابا ٻڌو - ”ايڪ بار ايڪ راجا ٿا...

بابا : پٽ، اِها ڪهاڻي اڳ ۾ ٻه پڙهي اٿئي نه؟

ٽِنڪي : ها بابا ......

بابا : ته پوءِ انجو سنڌيءَ ۾ ئي ترجمو ڪري ٻڌاءِ نه.

ٽِنڪي : ٺيڪ آهي بابا.... (ڪهاڻي ٻڌائڻ جي نوع ۾) هڪ دفعي هڪ راجا هوندو هئو. انبن جي مند ۾، راجا جي درٻارين، راجا کي انب سوکڙي طور ڏيڻ جو ويچار ڪيو... سڀني درٻارين سندر سندر ..... مٺا مٺا انب راجا کي سوکڙيءَ طور ڏنا. تيناليرام به راجا جو درٻاري هو. اُن به راجا کي انب سوکڙي طور ڏنا. اُن جيڪي انب راجا کي ڏنا، اُهي ڏسي سڀيئي درٻاري کلڻ لڳا.

ٽِنڪي : پر راجا کي خبر هئي ته تيناليرام سياڻو آهي. اهڙا انب آڻڻ جي پٺيان ضرور ڪوئي ڪارڻ هوندو. راجا اُن کان پڇيو ته هي ننڍڙا ننڍڙا انب ڪٽي اچڻ جو ڪارڻ ڪو خاص مقصد آهي. تيناليرام چيو، ”ها، راجن ! هي اُن وڻ جا انب آهن جيڪو منهنجي ڏاڏي پوکيو هئو.

نالو : وڪرم شهاڻي

جنم : ٢٧-٥-١٩٥٤ خيرپور ميرس سنڌ

ڇپيل ڪتاب : سنڌيءَ ۾ ٣، هنديءَ ۾ ١

اِنعام :

پيشو : نئشنلائيز بئنڪ ۾ ملازم

پتو : سي - ١٢، شانتي نگر، سهجپور بوگها، احمدآباد.

وتايو : ڪوسا ڪوسا ڪوهر ڪاوان.

شمن : ها.

وتايو : پر مون وٽ تہ هڙَ ۾ ٽَمِڙي بہ ڪونهي.

شمن : مان توکان پئسا گهريا؟

وتايو : تہ ڇا اِهي ڪوهر تون مونکي مفت ۾ کارائي رهيو آهين؟

شمن : مفت ۾ نہ محبت ۾ کارائي رهيو آهيان.

وتايو : وٽ ڳالهہ جي ڳانٺي ڪي.. مون لاءِ تہ مفت ۾ ٿيا نہ!

شمن : اِئين ئي ڪٺي سمجهہ.

وتايو : مان نہ کائيندس اِهو ڪوهر....

شمن : ڇو ڀلا ......

وتايو : امان مفت ۾ مال کائڻ جي منع ڪئي آهي. امان چوندي آهي. مفت جو مال، پيٽ ۾ نہ ٿيندو هلال ۽ پيٽ ۾ ٿي پوندي گڙ ٻڙ.....

شمن : (سوچيندي) ٺيڪ آهي. اوڌر تي کاءُ. جڏهن ٿيئہ تڏهن ڏجانءِ. وٺ کاءُ. چنتا نہ ڪر. ڏسين ڇا ٿو درويش کاءُ- کاءُ-

وتايو : کاوان؟

شمن : ها درويش...

وتايو : اوڌر تي؟

شمن : ها درويش. ڏس ڪوهرن جي خوشبوءِ تي تنهنجو وات بہ پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو آهي.

وتايو : ٺيڪ آهي اوڌر تي کانوان ٿو... امان چوندي آهي اُڌاري جي ماءُ ٿوڙي مئي آهي. امان ڪونہ پرچي پساريءَ کان اوڌر تي سيڌو پاڌو گهرائيندي آهي. مان ئي تہ ولي ايندو آهيان... ٺيڪ آهي شمن مونکي ڏي اِهو ڪوهرن جو پَنُ.

شمن : هان وٺ پريم سان کائي دُعا ڪر!
(وري هوڪو ڏئي ٿو) ڪوهر کائو..ڪوهر..
مصاليدار ڪوهر.... ڪوهر کائو ڪوهر...
موتين جهڙا ڪوهر..ڪوهر کائو ڪوهر...
ڪوسا ڪوسا ڪوهر.. ڪوهر کائو ڪوهر...
(وتائي کي) ٻيا بہ کائيندين درويش...

وتاتو : نہ نہ بس.....

شمن : هاڻي دُعا ڪر درويش.... دُعا ڪر.

وتايو : دُعا گهر رب کان شمن مونکي کهڙي طاقت!

شمن : اسان دنيادار ماڻهن جي پُڪار ڪٿي ٿي پهچي رب تائين! تو جهڙي درويشن جي سهاري رَب تائين اسانجي پڪار پهنچندي!

وتايو : وڏي ڳالهہ ڪيئہ شمن - ڏاڍو هوشيار آهين. ڀلا خوش هجين!!

شمن : خوش رهڻ جي دُعا ٿو ڪرين تہ منهنجو عرض اگهاءِ درويش...

وتايو : ابا اسان کهڙي طاقت.... تنهن هوندي بہ چئہ.... من ڪا سٽائي ٿو پوي.....

شمن : ڪوهر وڪڻڻ جي هن ڌنڌي ۾ جس ڪونهي ....

وتايو : ڇو ڀلا ......

شمن : هن ڌنڌي مان جيڪا اُپت ٿئي ٿي اُن مان گهر جو گاڏو گيهلڻ بہ ڏکيو ٿي پيو آهي. مٿان بہ نياڻيون وينيون. آهن شاديءَ لائق ....

وتايو : (ويچار ڪندي- دل سوز آواز ۾) اَچا!

هن وڻ ۾ پهريون ئي دفعو جيڪي انب آيا آهن. اُهي مان توهان جي لاءِ ڪٽي آيو آهيان، انهن انبن ۾ منهنجي وڏڙن جي آسيس سمايل آهي.'' تيناليرام جي ڳالهه ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تيناليرام کي اِنعام ڏنائين.

بابا : شاباس پٽ - ڏاڍي سٺي ڪهاڻي آهي. اسان ڪنهن لاءِ ڪجهه به ڪيون ان پنيان اسانجي ڀاونا ڪهڙي آهي اُهائي مکيه ڳالهه آهي.

ٽِنڪي : بابا هاڻي توهان ڪهاڻي ٻڌايو.

بابا : تيناليرام وانگر ئي سنڌ ۾ به وتايو فقير ٿي گذريو آهي جنهن جي زندگيءَ جي آس پاس پڻ اهڙيون ڪيتريون دلچسپ ۽ سِکياداءِڪ گهٽنائون/آکاڻيون مشهور آهن. اڄ اسين سنڌي، وقت جي هن تيز وهڪري ۾ وهندي پنهنجي تهذيب ۽ صدين کان مليل ورثو وڃائي رهيا آهيون ۽ وڃائي رهيا آهيون، پنهنجو اصلي وجود اسانجو فرض آهي ته اهو مليل ورثو اسان پنهنجي ٻارن، پنهنجي نئين پيڙهيءَ تائين پهچايون.

ٽِنڪي : ته پوءِ بابا توهان مونکي وتائي فقير جي ڪا ڪهاڻي ٻڌايو نه .....

بابا : ضرور ٻڌائيندوسانءِ پٽ. ضرور ٻڌائيندوسانءِ. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي... (سنگيت ڪهاڻيءَ جي ناٽيه انداز ۾ پيشڪش)

شمن : (هوڪو ڏيندي) ڪوهر ڪائو.... ڪوهر.... ڪوسا ڪوسا ڪوهر

مصاليدار ڪوهر.... ڪوهر ڪائو ڪوهر...
موتين جهڙا ڪوهر..ڪوهر ڪائو ڪوهر...
ڪوسا ڪوسا ڪوهر.. ڪوهر ڪائو ڪوهر...

وتايو : (پريان کان ڳائيندو اچي ٿو)
يا رب وسين ٿو تون جت ڪٿ،
ڳولڻ لاءِ توکي گهمان هت ڪٿ.

شمن : او درويش.... او وتايا درويش.....

وتايو : (پريان کان) مونکي ٿو سڏين شمن....

شمن : ها ها درويش توکي ئي ٿو سڏيان....

وتايو : (ويجهو ايندي) منهنجو نالو خبر اٿيئي وتايو آهي ......

درويش ته ناهي ابا...... حڪم ڪر ابا...

شمن : سُڌ اٿم درويش، سُڌ اٿم ته تنهنجو نالو وتايو آهي. پر تو ۾ ساڪيات سائينءَ جو واسو آهي وتايا. تنهنجي درشن سان ئي اسان دنياداريءَ وارن جا ڏک دور ٿين ٿا.

وتايو : ابا، هن غريب کي هن مسڪين کي ايڏو نه پڏاءِ، جو رب کي وساري پاڻ کان ئي پري ٿي وڃي... مان ته اُن رب جو ناچيز بندو آهيان شمن.....

شمن : درويش سچ ٿو چوين پر پيلي منهنجي ڳالهه ۾ به ڪجهه ته وزن آهي، چوندا آهن نه

'ليڪا لکي مٿان،
پر ڪرائي ڪنهنجي هٿان.'

وتايو : ڳالهه چاهي ڀائي شمن....

شمن : سڀ ڳالهيون پوءِ.... پهرين اچ، هتي ويهه. منهنجا ڪوسا ڪوهر کاءُ.

سندس پڳوان تائين آهي.... دل سان دُعا ڪري ته اڳهجي وڃي....

گوڊومل : اڇا ..... (منتظرتا سان) پوء.... پوء ڇا ٿيو.

شمن : هڪ ڏينهن منهنجي اُن تي نظر پئجي ويئي. من ۾ سوچيم آزمائي ڏسانس. ويجهو سڏي، ڪيس ڪوهر ڪارائي خوش ڪيم....اهڙو ڪو ڏس پتو ٻڌائڻ لاء چيومانس جڻ سُڪي دال روٽي ملي....

گوڊومل : دال روٽي ڇا دلبر توکي ته سيرا مالپورا ملي ويا.... پوء پوء.....

شمن : پوء ڇا اهو ئي ٿيو منهنجي محنت ۽ همت رنگ لاتو.

گوڊومل : مونکي ته ان درويش سان گڏجاء...

شمن : درويش وري ڇاجو يار ڇريٽ فقير هو... (پريان ڪان وتائي جي ڳائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو)

وتايو : يا رَب دنيا جاڪي رنگ ڏسان ٿو،
هر رنگ ۾ سُهڻا توکي پسان ٿو،
يا رَب وسين ٿو تون جت ڪٿ!
ڳولهڻ لا توکي گهمان هِت گهمان هُت!

شمن : هو ڏس، ياد ڪندي سامهون ئي پيو اچيئي ...... گهڻي مغز ماري نه ڪجانس مڇڏو ماٿو اٿيئي......

گوڊومل : سڏ ته ڪريانس نه يار.....

شمن : اڙي او مست.... او ڇريٽ.... هيڏانهن هيڏانهن ...... هاڙي ها.. توکي تو سڏيان.... وتايو آهين نه ..... هيڏانهن اچ هيڏانهن .... وتايو نالو اٿيئي نه ...

وتايو : ها... حڪم ڪيو....

شمن : مونکي سڃاڻين ٿو.....

وتايو : مان ڪونه سڃاتو سڃڻ توکي.....

شمن : مان هن نگر ۾ وڏي ۾ وڏو سيٺ آهيان شامنداس!

وتايو : هونديئن ابا - ڇئه مون ۾ ڪهڙو ڪم اٿيئي.....

شمن : تو ۾ وري ڪهڙو ڪم هوندو... سوچيم ڏسان تون مونکي سڃاڻين ٿو يا نه..... مان اُهوئي شمن ڪوهري آهيان جنهنکي تو ڪنڊ جو واپار ڪرڻ جو ڏس ڏنو.

وتايو : (خوش ٿيندي) اڇا.... اڇا.....

شمن : (رعب سان) پر اِئين نه سمجهجانء ته تنهنجي ڏس سان ايتري ترقي ڪئي اٿم..... پنڇ سال، خون پسينو وهائي هن حال تي پهتو آهيان....

وتايو : ڀلي ابا شمن ......

شمن : شمن نه سيٺ شامنداس چئه ڳالهائڻ جي به تميز ڪونه اٿيئي.

وتايو : معاف ڪجانء ابا غلطي ٿي....

شمن : ٺيڪ آهي ٺيڪ آهي اڳتي ڌيان رکجانء- ڏئه نه گوڊومل مان توکي ٻڌايومانء ڪونه.....

وتايو : ڪجهه ڪم هجيوَ ته ڇئو.... نه ته مان هلان.....

شمن : تو جيڪو ڏس ڏنو.... هان وٺ اُن جو هي آڌيلو .....

وتايو : اِهو پاڻ وٽ رکو سائين- توهانجي مون تي اوڌر آهي.

شمن : ڪهڙي اوڌر!

وتايو : ڪوهرن جا پئسا اڃان توهانکي ڏنا ناهن.....

شمن : ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. هن دفعي ڪو اڳي ڪان به اڳرو ڏس ٻڌاء مست. اُن مان اسان کي لاڀ ٿيو ته اُن جو توکي وڏيڪ اُجورو ملندو.

شمن : ها درويش... اهڙو ڪو ڏس پتو ٻڌاءِ، اهڙي ڪا روزي روزگار ٻڌاءِ. جنهن ۾ چار پئسا وڌيڪ ملن ته جئن مان ڪٽنب قبيلي جون ضرورتون پوريون ڪري سگهان.

وتايو : (پنهنجي منهن) ڏسين ٿو نه رب. هاڻي هن وتائي کي کهڙيءَ ڪَلَ ته روزي روگار ڇا ٿيندو آهي؟ هن شمن ويچاري وڏو ويساهه رکي ڪجهه پڇيو آهي. ڏسِ ڪو اهڙو ڏسُ ته هن مسڪين کي ڏسيان... جو تنهنجو ويساهه ٻلند ٿئي!

شمن : درويش ڇا سوچي رهيو آهين؟

وتايو : ابا تنهن جي باري ۾ ئي سوچي رهيو هوس!

شمن : ته ٻڌاءِ نه اهڙو ڪو ڏس....

وتايو : (ڪجهه سوچيندي) هون.... هيئن ڪر ابا. تو وٽ جيڪي ڪجهه ٻچيل سچيل ميڙي چونڊي هجيئي اُن مان ڪنڊ جو ڪاروبار ڪر.....

شمن : پر مون وٽ ته ٽڪو ئي ڪونهي....

وتايو : جيڪي باسڻ برتڻ اٿيئي، جيڪو ڳهه ڳٹو هجيئي، وڪڻ! دوستن کان، عزيزن کان اُڌاري وٺ ۽ ڪنڊ جو ڪاروبار ڪر.

شمن : پر اُن لاءِ ته وڏي موڙيءَ جي ضرورت آهي.....

وتايو : تون پهرين ننڍي پئماني تي شروع ڪر..

شمن : ست وچن درويش.... ست وچن (سنگيت)

پنجن سالن جي عرصي ۾ شمن ٿي پيو شامنداس- جيڪو پنهنجي واپاري دوست گوڏومل سان ڳالهايون ٻوليون ڪري ٿو)

شمن : گوڏومل يار ڪر خبر بازار جو ڇا حال آهي؟

گوڏومل : شامنداس ڇو ٿا ڇرچا ڪرين!

شمن : ڇرچا ٿو ڪيان؟

گوڏومل : هيو نه ته - بازار جو حال مون کان وڌيڪ ته توکي خبر آهي! سيٺ شامنداس جي اِڇا ٿئي ته بازار چڙهي، سيٺ شامنداس جي اِڇا سان بازار ڊِرڪي....

شمن : ڇوٿو ايڏو پڏائين يار.....

گوڏومل : قسمت جو کيل آهي يائي شامنداس. ڪٿي شمن ڪوهري ڪٿي سيٺ شامنداس .....

شمن : خون پسينو هڪ ڪيو آهي يائي گوڏومل..

گوڏومل : خون پسينو ته سڀيئي ٿا وهائن دوست، پر شامنداس جي پسيني جو قيمت ڏاڍي اونچي آهي (کلندي) مکيه بزار ۾ هي شاهي دڪان ڏيساور سان واپار....

شمن : (کلندي) حسد ته نٿو ڪرين نه....

گوڏومل : مان ڇو حسد ڪندس دوست.... مان ته تنهنجي قسمت جي وڏائي واکاڻ ڪري رهيو آهيان... دوست چڙهيل هوندو ته مينهن وسندي ڪم ايندو.... هن نگر جو وڏي ۾ وڏو آسامي آهين يائي..... تنهنجي دوستيءَ ڪري ته اسانجو به قدر ٿو ٿئي نگر ۾.... يار هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ آخر تنهنجي هن ڪاميابيءَ جو راز ڪهڙو آهي؟

شمن : اڙي راز وري ڪهڙو يار گوڏومل... هن نگر ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڇريٽ فقير ايندو آهي نالو اٿس وتايو. ڳڏهه تي چڙهي هڪ نگر کان ٻئي نگر ۾ پيو رلندو وتندو آهي.... ڪنهن يار دوست صلاح ڏني ته

وتايو : منهنجي ڏس توکي برباد ڪيو؟ شمن کهڙو ڏس ڏنو مان توکي؟

شمن : توئي چيو نہ درويش - بصر خريد ڪر، جيتري بہ موڙي اٿيئي لڳائي، بصر خريد ڪر.... مون اِئين ئي ڪيو سڄي نگر ڪي بصرن جو گدام ٻڌائي ڇڏيو. جيڪو جيڏانهن پيو نهاري بصرن جا ڍڳ پيو ڏسي.....

وتايو : پوءِ ڇا ٿيو.... تون برباد ڪيئن ٿئين؟

شمن : نگر ۾ اڻمندائتي برسات پيئي، بصر پُسي پَٽ ٿي ويا.... ڳريل بصرن جي بانس سبب نگر ۾ بيماري ڦهجلڻ لڳي. سڀني ماڻهن اچي مونکي گهيريو. بيل گاڏين ۾ ڳريل سڙيل بصر، نگر مان ڪڍائي جهنگ ۾ ڦٽا ڪري اڇٽا پيا. دمڙي تہ ويئي، چمڙي بہ ويئي... مان برباد ٿي ويس درويش.... تنهنجي ڏس مونکي برباد ڪري ڇڏيو....

وتايو : پهرين دفعي جڏهن اونچو آئين تڏهن چيئہ تہ مان اونچو آيس نہ ڪِ تنهنجي ڏس سان پر پنهنجي وس سان. پنهنجي خون پسيني جي محنت سان ۽ هن دفعي جڏهن ڪِريو آهين تہ چوين ٿو ڪِريس تنهنجي ڏس سان! ڪيڏانهن ويو تنهنجو وس، تنهنجي خون پسيني جي محنت. هن دفعي ڇونہ ڪم آيو توکي تنهنجو وَسُ؟ (ڪلي ٿو) ڏسين ٿو نہ ڪيڏو گمان آهي ماڻهوءَ ۾! جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو اُن ۾ ڪامياب ٿئي ٿو تہ اُن جو سهرو پنهنجي سِر تي ٿو رکي ۽ ناڪامياب ٿو ٿئي تہ ڪنهنکي نہ ڪنهنکي پنهنجي ناڪاميابيءَ جو نشانو ٿو بڻائي!

شمن : پر درويش مان تہ توهان تي وشواس رکي توهان..

وتايو : چوندا آهن تہ جهڙي نيت تهڙي مراد! پهرين دفعي جنهن نيت سان تو ڏس پڇو - توکي اهڙو ڏس مليو، تنهنجي من جي مُراد پوري ٿي! هن دفعي تو ڏس پڇيو چريٽ فقير کان- چريٽ فقير ڪهڙو ڏس ڏيندو؟ چرين جهڙو ئي ڏس ڏيندو! چريو تہ تون ٿئين جو چريٽ فقير جي ڏس تي عمل ڪيئہ! اڙي لنڪا پتي، برهم گياني راجا راوڻ جو ايمان نہ رهيو تہ تون وري.....

شمن : مطلب تہ تو مونکان پنهنجي بي عزتي جو بدلو ورتو!

وتايو : دنيا جو متوالو ماڻهو ڪڏهن بہ تت جي ڳالهہ نہ سمجهندو شمن، ڪڏهن بہ سچ کي سچ نہ سمجهندو! تو وٽ جڏهن مايا آئي تہ اُن توکي، توکان ئي دور ڪري ڇڏيو. تون پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري وئين! تو مان ڀلي ٻُري جي شناس نڪري ويئي... جيڪا دنياجي هر شيءِ کان وڏيڪ ملهائتي آهي؟ جي مونکي درويش ٿو سڏين تہ اِهو بہ سمجهہ. ڪوئي درويش ڪنهنجو ٻُرو نہ چاهيندو آهي. هرڪنهن جو خئر گُهرندو آهي. درويش جي من ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کان بدلي وٺڻ جي ڀاونا پيدا نہ ٿيندي آهي.

شمن : مونکي معاف ڪر وتايا درويش مونکي معاف ڪر. مايا جي انڌ ۾ مان پنهنجي اؤقات ڀلجي ويس....

وتايو : (پنهنجي منهن) ڏسين ٿو نہ يا رب....
ڪيڏي نيڳڙ چڙهي ويئي اٿس... سنساري
سک سيني ۾ سمائجي نہ سگهيو آ....
سينو ڦولجي ويو اٿس. ڀلي بري جي
ساڃهہ نہ رهي اٿس... ايڏو ايمان ڇگو
ناهي هن لاءِ. ڏس ڪو اهڙو ڏسُ جو هن
شامنداس شاهوڪار کي ڏسيان جئن
سندس سينو سُسي سنوَت ۾ اچي.

شمن : ڇا ٿو سوچين مست اجايو وقت نہ وڃاءِ
اسانجو ....

وتايو : (کلندي) ابا سوچيان ٿو تہ توهانجي
نصيب جو ڏَري، ڏَر ڪيئن بڻجي...

شمن : اچا گهڻي دير سوچيندي مست.

وتايو : سوچي ورتو اٿم سيٺ شامنداس.
منهنجو من ٿو چوي هن دفعي توهان
بصرن جو واپار ڪيو....

شمن : بصرن جو؟

وتايو : ها سائين بصرن جو.... ان ۾ ئي توهان
جي ڀلائي آهي.... جيڪي بہ ميڙيٰ
چونڊي اٿوَ سڀ لڳائي ڇڏيو. پريندا وڃو
بصر ئي بصر... بصر ئي بصر...

شمن : بس بس باقي سڀ خبر آهي مونکي ڇا
ڪرڻي آهي...

وتايو : هلان ابا....

شمن : ها هل....

(وتايو ڳائيندو پريان وڃي ٿو)

وتايو : پيادو ڪو يا رب ڪوئي شاهہ آهي،
تنهنجو بندو بيفڪر بيپرواهہ آهي!
يا رب وسين ٿو تون جت ڪٿ،
ڳولڻ لاءِ توکي گُمهان هٿ گهمان هِتا

(سنگيت)

شمن : (هوڪو ڏيندي) ڪوهر ڪاٿو ڪوهر
مصاليدار ڪوهر.... ڪوهر ڪاٿو ڪوهر...
موتين جهڙا ڪوهر..ڪوهر ڪاٿو ڪوهر...
ڪوسا ڪوسا ڪوهر.. ڪوهر ڪاٿو ڪوهر...
(پريان ڪان وتائي فقير جي ڳائڻ جو آواز
ٻڌڻ ۾ اچي ٿو)

وتايو : راضي رهي ٿو جو تنهنجيءَ رضا ۾،
يا رب رهي خوش سو هرڪنهن قضا ۾!
يا رب وسين ٿو تون جت ڪٿ،
ڳولهڻ لاءِ توکي گُمهان هٿ گهمان هِتا!

شمن : (زور سان سڏ ڪندي) درويش، او درويش...

وتايو : (پريان ڪان) مونکي ٿا سڏيو.....

شمن : ها ها درويش توکي ئي ٿو سڏيان....

وتايو : (ويجهو ايندي) حڪم ڪيو سيٺ
شامنداس......

شمن : (ڇهندڙ آواز ۾) سيٺ شامنداس...

وتايو : ها ها سيٺ شامنداس.... مان ڪجهہ غلط
چيو ڇا ڪا بدتميزي ڪئي ڇا؟

شمن : شايد مونکان ئي بدتميزي ٿي هوندي
درويش! پر توهان هي ڪوهر.... ڇا ٿيو
سيٺ شامنداس.... سيٺ شامنداس نہ
شمن ڇئہ....
پر بہ هي سڀ ڪيئن ٿيو....
مان برباد ٿي ويس (پرسوز آواز ۾) مان
برباد ٿي ويس درويش.....

وتايو : مان بہ تہ اُهوئي ٿو پڇان... اِهو ڪيئن
ٿيو....

شمن : (روهڻهار ڪي آواز ۾) ڳالهہ ئي نہ پڇ...
اصل ئي نہ پڇ درويش... تنهنجي ڏس
مونکي برباد ڪري ڇڏيو.....

ليلا - لئلا - لِلي

— سُندر ٻُلاڻي

(پردو کُلي ٿو - رنگبرنگي روشنيءَ جو)

پرڪاش - ٻنهي پاسن کان ماڻهن جو اچڻ وڃڻ جاري آهي. سڀ گهڻو ڪري سوٽ بوٽ پهريل آهن. تنهنجي هٿ ۾ بريف ڪيس آهي يا خريداريءَ وغيره ڪرڻ لاءِ ٿيلهيون آهن. آمدرفت ۽ ڪمپيوٽرن جا آواز. مَڌُر سنگيت. مطلب تہ ڪُلُ مِلائي، شهر جي عام رواجي ماحول کي اُپارڻو آهي.

اُڏامندڙ هوائي جهاز جو آواز پهرين هلڪو پريان کان ايندڙ، پوءِ تمام ويجهو زور سان -

هڪ زبردستي ڌماڪو، چئني پاسي ٻَچُ ٻَچان، ڪيڪُرن، منچ خالي. چئني تاسي دونهون، باه جو شُڪاع رودن رڙڪو، پٿين وغيره جي ٽُٽڻ ڪرڻ جا آواز. امبيولينس ۽ پوليس جي گاڏين جي سائرين - فائر برگيڊ جي گهنڊ جو آواز- ٻُڪ ٻوڙ جا آواز-ونگ مان ماڻهن جي ڪُرڪڻ ڪنجهڻ جا آواز.

هڪ ماڻهوءَ جو آواز: آهہ آهہ بچايو مري ويس، اڙي ڪوئي آهي.

ٻئي ماڻهوءَ جو آواز : ٽريڊ سينٽر جي عمارت سان هوائي جهاز ٽڪرايو آهي. ٻچو پنهنجي جان بچايو پٿيون ڪِري رهيون آهن.

اُنهن هيٺان دٻجي ويا تہ پوءِ ڪيس ڀڳوان ئي آهہ .:....

هڪ زنانو آواز : لفٽون بند آهن. هيترا ماڙا لهي. هيٺ ڪيئن وڃبو؟ ڪيئن وڃبو هيٺ؟

ٽيون ماڻهوءَ جو آواز : ٿوري همٿ ڪريو. ٿورو ڌيرج ڌريو. پليز.

زنانو آواز : (روئڻهارڪي) ڪيئن ڌير ڌريان. هيٺينءَ ماڙي تي ٻالڪ مندر ۾ منهنجي ٻچڙي، الاهي ڪهڙو حال هوندو هنجو؟ هي پرماتما، منهنجي جان وٺي ڇڏ، پر منهنجي گُڏيءَ جو وار بہ ونگو نہ ڪجانءِ (اوچنگارون ڏيئي روئي ٿي).

چوٿون مردانو آواز : اچو. مونکي هٿ ڏيو. گهٽيئي ماڻهو ڏاڪڻ رستي هيٺ وڃڻ جي



نالو : سُندر ڀڳوانداس ٻُلاڻي
جنم : ٢٧-٩-١٩٣٣ ڪراچي سنڌ
ڇپيل ڪتاب : ناٽڪن جو مجموعو
اِنعام : اکل ڀارتُ سطح تي، راجسٿان سنڌي اڪادميءَ طرفان
پيشو : رٽايرڊ اڪائونٽنٽ جنرل آفيس مان
پتو : ٣٠٠ هنونان نگر، ناگپور

وتايو : ياد رک شمن، هن مايا جا غلام گھڻيئي
پر مايا ڪنهن جي غلام نہ ٿيندي اڄ
هڪ وٽ سڀاڻي ٻئي وٽ......

شمن : پر منهنجو ڇا ٿيندو درويش...

وتايو : سڀ سٺائي ٿيندي رب جي رضا تي
راضي رهڻ سک...
(وتايو ڳائيندو دور وڃي پهتو)
يا رب دنيا ۾ جنهن خود کي ڄاتو،
اُن ئي اصل ۾ توکي آ پاتو.
يا رب وسين تو تون جت ڪٿ،
ڳولڻ لا توکي ڱُمهان ھٽ گهمان هِٽ!
(سنگيت)

بابا : ڪيئن لڳئہ پٽ وتائي فقير جي هيءَ
آکاڻي!

ٽِنڪي : ڏاڍي وڻي بابا ! تيناليرام وانگر هن
وتائي فقير جي کهاڻيءَ مان گهڻيئي
ڳالهيون سکڻ لاءِ مليون.
پر بابا کي اکر اهڙا سمجھہ ۾ نہ آيا...

بابا : کهڙا اکر پٽ.

ٽِنڪي : بابا کوهر ڇا ٿيندا آهن، جيڪو شمن
وڪڻندو هو....

بابا : پٽ مٽر جي داڻن وانگر ٿيندا آهن
ڪاري رنگ جا.... جيڪي رانهن يا ڇڻن
وانگر اوٻاري يعني ’بائل‘ ڪري وڪڻندا
هئا....

ٽِنڪي : بابا اسانجي اِسڪول جي ٻاهران بہ هڪ
لاريءَ واري ’بائل‘ ٿيل ڇڻا وڪڻندو
آهي... بابا ’رب‘ جو مطلب ڇا آهي.

بابا : پٽ، رب جو مطلب آهي ڀڳوان.

ٽِنڪي : بابا جئن تيناليرام جي کهاڻين جا
هنديءَ ۾ ڪارٽونن وارا ڪتاب آهن،
تئين وتائي فقير جي کهاڻين جا
سنڌيءَ ۾ ڪارٽونن سميت ڪي ڪتاب
ڪونهن؟

بابا : نہ پٽ!

ٽِنڪي : جيڪر هجن ها تہ مان اُهي پڙهان ها!
بابا هڪ ٻي بہ کهاڻي ٻڌايو نہ !

بابا : پٽ وتائي فقير جون گهڻيئي کهاڻيون
گهڻيئي ٽوٽڪا آهن.... هڪ هڪ ڪري
سڀ توکي ٻڌائيندس.

ٽِنڪي : بابا ٻي کهاڻي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ وتائي
فقير بابت ئي ٻڌايو نہ- هو ڪير هو؟
ڪٿي رهندو هو؟

بابا : سڀ ٻڌائيندوسان ءِ پٽ. هينئر مونکي
ستسنگ ۾ وڃڻو آهي نہ.... رامداس
منهنجي راهہ ڏسندو هوندو.

ٽِنڪي : ڇڱو بابا.... ٽاٽا......

بابا : پٽ اندران در بند ڪري ڇڏجانءِ
منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ .... (دروازو کلڻ
جو آواز)

ٽِنڪي : ها بابا... ٽاٽا بابا....

بابا : ستنام پٽ (دروازي بند ٿيڻ جو آواز)
سنگيت

پٺي ٿو. ڪاٻي پاسي کان شريف جو اچڻ)

عبدل : شريف، شريف ٿوري مونکي مدد ڪر، جارج جي حالت تمام نازڪ آهي. ڪيس ڊاڪٽري مدد جي سخت ضرورت آهي. (جارج کي هيٺ رکي ٿو)

شريف : مدد ۽ جارج لاءِ؟ اِهو نہ وسار عبدالله، تو هُو ڪافر آهي. مرڻ ڏيس، هُو اسانجي خدا جو بندو ڪونہ آهي. قرآن اي پاڪ ۾ صاف لکيل آهي ”رب اُل اَل اَمين“- مان پنهنجي بندن جو خدا آهيان. مسلمانن جو آهيان ۽ هيءُ مسلمان ڪونہ آهي. عيسائي آهي. ڪافر آهي. اسانجو دشمن آهي.

عبدل : هيءُ بحث جو وقت ڪونہ آهي. شريف هڪ اِنسان جو ٻئي انسان کي مدد ڪرڻ جو وقت آهي.

شريف : اِنسان! هيءُ اِنسان ڪونہ آهي. حيوان آهي، حيوان. هيءُ اسانجي دين جو ڪونہ آهي.

عبدل : جيڪڏهن اِئين هجي ها تہ الله جو فرمان هجي ها ”رب اُل اَل مسلمانن“ يعني مسلمانن جو خدا ۽ نہ ڪ ”رب اَل اُل امين“ يعني سڀني جو خدا.

شريف : هنڪي پنهنجي ڪيئي جي سزا ڀوڳڻ ڏي (ٺهڪ ڏئي ٿو) هيءُ جهان آهي جهان.

(ڪاٻي کان ٻہ ڄڻا اچن ٿا ۽ سلما کي ٻڌي وڃن ٿا گوپال، جيڪو هنن جي پٺيان پٺيان آيو آهي، اُهو ٿوري دير ترسي ٿو)

گوپال : شريف، اڄ تنهنجو اصلي روپ ڏسي رهيو آهيان. هتي ڪم ڪندي هيل تائين تو تڏهن پنهنجو اِهو چهرو نہ ڏيکاريو آهي. اڙي جهان تہ ڌرم جي ڪم لاءِ ڦيندي آهي. هيءَ دهشت گردي آهي. هيءَ مارامِاري هيءُ بيگناهن جي هتيا. اِهي ڪي ڌرم جا ڪم آهن؟ اِسلام جي سهي معنيٰ خبر نہ اٿيئي؟ اِسلام اکر جي معنيٰ آهي امن، چئن، شانتي پيس. اڙي ڇو اِنهيءَ پاڪ اکر کي ناپاڪ ڪري رهيو آهين؟

عبدل : اِهي تہ ڪن مٺي ڦريل، گمراهہ ماڻهن جا ڪم آهن. قرآن اي پاڪ ۾، هر باب جي شروعات ۾ لکيل آهي ”بسِ مِلاهي اَر رحمان، نِر رحيم“ اُهوئي سڀني جو ڀلو ڪرڻ وارو آهي، پراُپڪاري آهي، دياوان آهي، مهربان، نفرت ۽ خون خرابي جو سبق ڪيئن ٿو پڙهائي سگهي؟ هان!

شريف : تون بہ ڪافرن جي ٻولي ٻولڻ لڳو آهين عبدالله. اڙي سڄي دنيا جي ڪافرن يڪمشت ٿي، ”اِسلام“ کي دنيا جي هستيءَ تان مٽائڻ جو، نيست و نابُود ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو آهي. اِسلام کي نيچ ۽ مسلمانن کي ڪميڻو ثابت ڪرڻ جي پلان ٺاهي آهي. هُو اسانکي هميشہ هميشہ لاءِ دفن ڪرڻ لاءِ کڏا کوٽي رهيا آهن.

گوپال : اِئين ڪونہ آهي شريف ڀائي.

شريف : تون منهنجو ڀاءُ ڪونہ آهين.

ڪوشش ڪري رهيا آهن. اچو تہ اسين بہ ڪوشش ڪريون. اوشاباس، اچو ذرا سنڀالي -

(پس منظر ۾ لائوڊ اِسپيڪر تي آواز)

آواز : هلو، هلو، هلو. اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اسانجو آواز اوهان تائين پهچي رهيو آهي. ڪن دهشت گردن ورلڊ ٽريڊ سينٽر سان هوائي جهاز ٽڪرائي ٻنهي منارن کي نابود ڪري ڇڏيو آهي. عمارت ڊهي رهي آهي. هن ٽرئلي ۾ مهرباني ڪري پاڻ تي قابو رکڻ جي ڪوشش ڪريو. اسين ڄاڻون ٿا تہ ههڙين حالتن ۾ اهو تمام ڏکيو ڪم آهي. پاڻ تي ضابطو رکو ۽ من کي شانت رکو.

پنجون آواز : آه آه ڪوئي آهي جو مونکي بچائي. هيءُ لوهہ ۽ ڪانڪريٽ جي وزندار ڪام، منهنجي ٽنگن مٿان ڪري پيئي آهي. پليز (روئڻ جو آواز) مان ڄاڻان ٿو تہ منهنجون ٽنگون تہ ڇُٽيون، پر رحم ڪريو، منهنجي جان تہ بچايو.

آواز : مهرباني ڪري ٿڌي دماغ سان چوطرف نهاريو ۽ سنڀالي ٻاهر اچڻ جي ڪوشش ڪريو. اسانجي بچاءَ دَلَ جا شيوادار اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. گهبرايو نہ. بس اجهو اسين توهان تائين پهچي ويندا سين. پرماتما توهانجو ڀلو ڪري. همت رکو.

(منچ جي هڪ پاسي کان هڪ نوجوان، هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي ڪلهن تي کڻي اچي ٿو ۽ منچ جي سامهون واري حصي ۾ ڪاٻي پاسي ڪيس هيٺ رکي ٿو. پاڻ بہ زخمي آهي ۽ ڇوڪري ڪُرڪي رهي آهي. هوءَ ليڪ طرح سان ويهي نٿي سگهي ۽ اونڌي منهن جهڪي ٿي وڃي)

ڇوڪري : مهرباني گوپال. آه آه. اڄ جي تون نہ هجين ها تہ پڪ ئي پڪ منهنجو موت...

گوپال : اِهو تہ منهنجو فرض هو سلما.....

ڇوڪري : آه. ائي. الا.....

گوپال : ڏاڍو سُور اٿيئي؟ ذرا همت ڪر. مان اِجهو ٿو ڪُجهہ امداد جو بندوبست ڪريان. چڱو ٿيو جو اسين گهٽ ۾ گهٽ هيستائين پهتاسين.

ڇوڪري : (روهڻهارڪي) ڏاڍي پيڙا ٿي رهي آهي. شايد ٽنگ جي هڏي ٽُٽي پيئي آهي. ذرا سيل فون تي منهنجي امان کي تہ اطلاع ڏيئي ڇڏ.

گوپال : ڪيئن ڏيان؟ سڀ ٽيليفون سيوائون ٽُٽي چڪيون آهن. مان اِجهو ٿو اچان سلما. توکي اِسپتال پهچائڻ تمام ضروري.

ڇوڪري : جلدي اچجانءِ.

گوپال : ها - اجهو آيس

(گوپال جو ڪاٻي پاسي وڃڻ)

ڇوڪري : خُدا ها.....

(بيهوش ٿي وڃي ٿي. ساڄي پاسي کان عبدلله ۽ جارج جو اچڻ ٻئي زخمي آهن، پر جارج جي حالت تمام ڏاڍي خراب آهي. عبدلله ذري گهٽ ڪيس گهليندو ٿو اچي ۽ منچ جي وچ تي اچي ساهي

عبدل : مذهب جو دشمن ڪڏهن بہ منهنجو پاڻ نٿو ٿي سگهي ۽ ڏسجانءِ اسانجي لاءِ ڪڏ ڪوٺڻ وارا، هڪ ڏينهن اُنهيءَ ڪڏ ۾ ڪِرندا ۽ دفن ٿي ويندا (ٺهڪ ڏئي ٿو) نارائي تقدير الله هوُ اڪبر.

(هڪ ننڍو بم ڦلي ڪري ٿو، ڌماڪو دونهون ۽ شريف پڇي ٿو وڃي)

گوپال : مان ٿو تنهنجي مدد ڪريان. عبدلله تون هن پاسي کان هٽ وڃهيس.

عبدل : ٻُڌاءِ نہ تو ٻُڌوَ سپني. هاڻي هِڪ خدا جي، هن نيڪ بندي کي بہ ڪافر ڪري ٿو ڪوٺيو وڃي. ڇو جو هوُ سچي قائنات ۾ امن ٿو چاهي، جيئن هر اِنسان شانتيءَ سان رهي خوشحال رهي ۽ پنهنجي ڌرم جو، دين جو، پالن ڪري سگهي. پنهنجي رَب کي حاصل ڪري سگهي.

گوپال : سچ ٿو چئين عبدلله، پر تعصب ۽ مذهبي ڪٽرپڻو، هرڪنهن ڌرم جي گٽن کي، سُنايِن کي ڪٽي ٿو ڏسڻ چاهي؟ هرڪو ڪاري عينڪ پائي وينو آهي. هاڻي هلون . ٿوريان پريان امبيولينس بيٺي آهي ۽ مونکي وري سلما جو بہ سُڌ سماءُ وٺڻو آهي.

عبدل : اُهائي نہ جنهنکي هينئر هينئر اِسٽريچر تي کڻي ويا؟

گوپال : ها. اُهائي.

عبدل : پر تون اُنکي ڪيئن سڃاڻين؟

گوپال : اڙي پائي ديش جو ورهاڱي کان پهرين هنجو ۽ منهنجو گهر لاهور جي هڪ ئي گهٽيءَ ۾، هڪ ئي عمارت ۾ هئا. هاڻي سلما جي ماءُ ڪانسواءِ باقي سڀ بزرگ تہ ڪيي ڪاڇي ويا. باقي...

عبدل : هاڻي ڇا ٿيندو؟ شريف جهڙا ماڻهو تہ هن سُهڻي دنيا کي ختم ڪرڻ تي آماده آهن.

گوپال : بس هڪڙوئي علاج آهي، منهنجا دلبر، تو جهڙن ۽ مون جهڙن کي، يڪمشت ٿي، هن دهشت گرديءَ جي وڻ کي جَڙَ کان پٽي ڦٽو ڪرڻو پوندو. تعصب ۽ مذهبي ڪٽرپڻي کي ختم ڪرڻو پوندو. پائيچاري جي جوت کي جلائڻو پوندو، دوستيءَ جي گلابن جو گلدستو ٺاهڻو پوندو ۽ تڏهن امن چئن جي باغ ۾، گُلشن ۾، تون هوندين، مان هوندس يوُصف هوندو، جوزف هوندو، رام هوندو، رحيم هوندو، سلما هوندي، سريتا هوندي، گلابخان هوندو، گلاب سنگهہ بہ هوندو. ليلا هوندي، لئلا هوندي، للي هوندي، هيءَ ڌرتي هوندي، هيءُ آڪاش هوندو..

(ٽيئي فريز)

پس منظر ۾ اَزان اُبري ٿي گايتري منتر اُبري ٿو ۽ چرچ جي گهنڊ جي آواز تي اُبري ٿو عيسيٰ مسيح جو سنديش-

پيس بي آن دس ارٿ

پيس آل آرائونڊ.

Peace be on this Earth

Peace All Around.

(آهستي آهستي پردو ڪِري ٿو)